تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

شمارو :- ٢
جلد :- ۴

سنڌي ٻولي

اپريل- مئي- جون، ١٩٩۴ع

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد - سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

شمارو :- ٢
جلد :- ۴

سنڌي ٻولي

اپريل- مئي- جون، ١٩٩۴ع

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد - سنڌ

سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلا اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ ”آءُ ڪنڌيارو مان پيو اچان“، يا ”آءُ مورو مان پيو اچان.“ شهر جو نالو ڪنڌيارو يا مورو ٺيڪ سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي ”آءُ ڪنڌياري يا، آءُ موري مان پيو اچان“ چئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا ”ڪلڪتي جا رها هون“کي ”ڪلڪتہ جا رها هون“ لکي رهيا آهن، پر اهو بہ غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لئي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ ”جوٽيجي“ کي ”جوٽيجہ“ لکڻ، ”پُٺي“ کي ”پٺہ“ لکڻ ۽ ”ذريعي“ کي ”ذريعہ“ لکڻ بہ غلط آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

مهراڻ (٣) ١٩٧١ – سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

اداري جو تحقيقي رسالو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو هنئير ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. پهرين مرحلي ۾ ٩٣ -١٩٩١ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سڪيا، ان جي ترقي ۽ ان کي دفتري زبان بنائڻ واسطي جيڪو ڪم ٿيو آهي، سو اوهان سڀني کي معلوم آهي. هاڻي ٻئي مرحلي ۾ ٩٦ - ١٩٩٤ع ۾ اداري جي بنيادي مقصدن کي سامهون رکندي مانائتن ميمبرن جي مشوري سان نيون رٿائون جوڙيون ويون آهن ۽ اڳ منظور ٿيل رٿائن تي پڻ ڪم هلي رهيو آهي.

هن کان اڳ "سنڌي ٻوليءَ" جي سري هيٺ اداري طرفان خبرنامو شايع ٿيندو رهيو آهي. هن مرحلي تي ان کي خبرنامي سان گڏوگڏ هڪ تحقيقي رسالي جي صورت ۾ شايع ڪيو پيو وڃي. اميد ته سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ محققن کي هيءَ واڌارو وڻندو. هن ته ماهي مخزن ۾ شايع ٿيندڙ مواد ڪل ٤٨ صفحن تي مشتمل آهي، اڳتي اهي صفحا اجان به وڌايا ويندا ۽ مقالا لکڻ وارن کي مناسب معاوضو پڻ ڏنو ويندو.

هن شماري ۾ به تحقيقي مقالا ۽ هڪ ڪتابڙو شايع ڪيو پيو وڃي. مقالن مان هڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي، ٻيو مهاديوان جي هڪ اهم مقالي جو سنڌي ترجمو شامل آهي، جيڪو محترم عطامحمد ڀنڀري ڪيو آهي. اهي ٻئي مقالا- سنڌو لکت تي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ ڪارائتا ثابت ٿيندا. ان کان علاوه سيد قادرداد افغان مرحوم جو هڪ ڪتابڙو شامل ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ پرائمري استادن ۽ شاگردن لاءِ هدايتون سڪيا ۽ رهنمائي جا بنيادي اصول سمجهايل آهن.

اهڙيءَ ريت خبرنامي سان گڏوگڏ اسان سنڌي ٻوليءَ جي سڪيا ۽ سنڌو لکت بابت مواد ڏيئي رهيان آهيون. ۽ انشاء الله هر ڀيري اسان سنڌو لکت ۽ ٻين اهم عنوانن هيٺ مقالا شائع ڪندا رهنداسون.

اميد آهي ته سنڌ جا اديب، عالم ۽ دانشور اسان سان سهڪار ڪندا ۽ پنهنجا مضمون ۽ مقالا ڏياري موڪليندا ته جيئن هن مخزن کي وڌيڪ معياري بڻائي سگهجي.

امين لغاري

ايڊيٽر

EXTRAORDINARY Registered No. M-324

The Sindh Government Gazette

PUBLISHED BY AUTHORITY

KARACHI, SUNDAY, DECEMBER 23, 1990

PART IV

PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH

NOTIFICATION

Karachi, the 23rd December, 1990

No. PAS/Legis-B-5/90.—The Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) (Amendment) Bill, 1990 having been passed by the Provincial Assembly of Sindh on 19th November, 1990 and assented to by the Governor of Sindh on 4th December, 1990 is hereby published as an Act of the Legislature of Sindh.

THE SINDH (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) (AMENDMENT) ACT, 1990.

SINDH ACT NO. VIII OF 1990

(First published after having received the assent of the Governor of Sindh in the Gazette of Sindh (Extra-Ordinary) dated 23rd December, 1990).

AN

ACT

to further amend the Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972.

Preamble. WHEREAS it is expedient to further amend the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972, in the manner hereinafter appearing:

It is hereby enacted as follows:—

Short title and commencement. 1. (1) This Act may be called the Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) (Amendment) Act, 1990.

(2) It shall come into force at once.

Amendment of sections 5 and 7 of Sind Act 2 of 1972. 2. In the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) Act, 1972, in section 5, and in section 7, in sub-section (2), in clause (b), for the words "Academies and Boards" the words and comma "an Authority, Academies or Boards" shall be substituted.

Repeal of Sindh Ordinance VI of 1990. 3. The Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language (Amendment) Ordinance, 1990 is hereby repealed.

BY ORDER OF THE SPEAKER
PROVINCIAL ASSEMBLY OF SINDH

ZAKIR HUSSAIN K. MIRZA
Secretary,
Provincial Assembly of Sindh.

KARACHI: PRINTED AT THE SINDH GOVERNMENT PRESS

(1,230)—23-12-90—III.

”سنڌو تهذيب“ جي ”سنڌو لکت“ جي پاڄ

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي طور ڇاڻ جيتوڻيڪ نتيجي خيز آهي ته به اها وڏ ۾ وڏ گذريل ٻارهن تيرهن سون سالن واري عرصي جي ڪن ڳالهين ۽ اهڃاڻن تائين محدود آهي. ان کان اڳيون دور، سنڌ جو قديم تاريخي دور آهي جيڪو چوٿين صدي عيسوي کان وٺي ٻارهين صدي قبل مسيح تائين متعين ڪري سگهي ٿو. اهو دور ٻڌ ڌرم جي حاڪمن، ايراني حڪمرانن، يوناني يلغارن، ۽ وچ ايشيائي يُوچِن، هياطلن ۽ سٿين جي غلبي وارو دور آهي، اجان ان کان به اڳئين دور ۾ دراوڙي، آريائي ۽ اڻ آريائي قبيلن بابت گمان اٿن ٿا. انهن قديم تاريخي دورن ۾، ”سنڌ- جي- ٻولي“ يا ”سنڌ جي ٻولين“ بابت ڪنهن گماني راءِ قائم ڪرڻ لاءِ به وڏي علمي ڇاڻ جَي ضرورت آهي جنهن جو دائرو ڪم از ڪم سنسڪرت توڙي قديم ترڪي، داردي ۽ ايراني ٻولين تائين وسيع هجي.

قديم تاريخي دور کان اڳتي، اندازاً ڇهه سو سال قبل مسيح کان وٺي ١٨ سو سال قبل مسيح تائين، هڪ هزار سالن کان مٿي وارو ”تاريخي خال“ آهي، جنهن کي پرڻ مشڪل آهي. البت اُن کان اجان به اڳ وارو دور ”سنڌو تهذيب“ (Indus Civilization) وارو دور آهي، جنهن جو عرصو موجوده ڇاڻ موجب ٢٥ سو سال قبل مسيح کان ١٨ سو سال قبل مسيح تائين ڪٿيو ويو آهي، پر غالبا اهو اجان به وڌيڪ وڏو دور هو جيڪو ”تاريخي خال“ واري سمي تائين هلندو آيو. ”سنڌو تهذيب“ واري دور ۾ ”سنڌو لکت“ (Indus Scripts) واري ٻولي رائج هئي جنهن جا چار هزار کن ڪتبا (Inscription Texts) هن وقت تائين پاڪستان، هندوستان ۽ ٻين لاڳو ملڪن جي کن ڀاڱن جي کوٽائي مان هٿ آيا آهن،جن کي گذريل پنجاهه سٺ سالن کان وٺي سمجهڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. هن وقت خاص طرح فنلئنڊ، يارت ۽ روس جا محقق ”سنڌو لکت“ کي پڙهڻ يعني حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هن وقت تائين ڪافي ڪم ٿيو آهي، پر اهو ڇڻ اوائلي مطالعي جي حيثيت رکي ٿو. يعني ته هن وقت تائين سنڌو لکت جي سڄي ذخيري جو جملي جوڙ لڳائڻ، اصل تعويذي لکتن کي صحيح طور تي تحريري صورت ۾ نقل ڪرڻ، لکت وارين مهرن ۽ تعويذن کي هڪجهڙائي جي لحاظ سان ورڇڻ، تعويذي لکتن جي ڪم از ڪم چار سؤ اوٽيهن ترڪيبي جزن ۾ نشانين (Signs) کي نکيڙي نروار ڪرڻ ۽ صورت ۽ سٽاءِ جي لحاظ سان انهن کي ورڇڻ، ترڪيبي جزن کي هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ ۽ هر جزي کي ڳاڻيٽي ۾ سڃاڻپ جا نمبر ڏيڻ، هر هڪ مهر ۽ تعويذ ۾ سمايل لکتي توڙي صورتي جزن ڀاڱن کي (جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ڇهه ۽ وڌ ۾ وڌ ايڪيهه آهن) شمار ڪرڻ، ۽ جملي مهرن ۽ تعويذن ۾ سمايل اٿين، جزن ۽ ڀاڱن ۽ صورتن مان هر هڪ جي هڪ شماري عدد ذريعي سڃاڻپ مقرر ڪرڻ واري تحقيقي ڪشالي جي تڪميل بعد، هاڻي ڪامپيوٽر ذريعي ”سنڌو لکت“ جي وڌيڪ تفصيلي تحليل ۽ تجزيي لاءِ ميدان تيار ٿي چڪو آهي.

انهيءَ جي باوجود ”سنڌو تهذيب“ واري ٻولي کي پروڙڻ واري منزل اجان پري آهي. ”سنڌو لکت“ جو موجوده طريقي وارو مطالعو، ان ”لکت ۾ سمايل ٻولي“ کي سمجهڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ ويهن وانن مان هڪ واٽ آهي. حقيقت ۾ ڪابه ”غير معلوم لکت“ بذات خود ڪنهن ”غير معلوم ٻولي“ تائين پهچائي نٿي سگهي. مصر

جي فرعوني دور واري "لکت" جو مطالعو ان لکت واري ٻولي تائين ايستائين پهچائي نہ سگهيو جيستائين مخروطي آثارن مان "روسيٽا روهي" نہ لڌي جنهن تي ساڳي عبارت، "فرعوني لکت" سان گڏ هيٺان "يوناني لکت" ۾ پڻ اڪريل هئي. هن وقت تائين "مئن جي دڙي" جي شاهي ڪنڊرن جي ڪوٽائي فقط ٽيهن فوٽن ڪن هيٺ تائين ٿي آهي، پر تهذيبي آثار اجان بہ هيٺ ٽيهن فوٽن تائين دٻيل آهن. ٿي سگهي ٿو تہ وڌيڪ کوٽائي سان ڪا "روسيٽا روهي" مثل، "سنڌو لکت" سان گڏ ٻي ڪنهن "معلوم لکت" (مثلاً "خروشتي") واري ڪا ساڳي عبارت ملي جو هيءُ مشڪل مسئلو حل ٿئي.

"سنڌو لکت" کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ جيڪي تحقيقاتي طريقا استعمال ٿي سگهن ٿا تن کي ٻن دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪڙا اُهي جن ۾ تحقيق جو رخ بنا ڪنهن ٻئي ٻاهرين واسطي جي فقط "سنڌو لکت" جي اندروني سٽاءَ طرف ٿي هجي، ۽ ٻيا اهي طريقا جيڪي ڪن ٻين لکتن ۽ ٻولين جي واسطي سان اختيار ڪجن.

فقط "سنڌي لکت تي ڌيان ڌرڻ" واري طريقي ۾ هن وقت تائين ڪافي بنيادي ڪم ٿي چڪو آهي: يعني تہ "سنڌو لکت" جي جملي معلوم ذخيري کي ان جي سڄن سالم ڪتبن توڙي انهن جي اٽين جزن کي تحريري لکيرن جيّ شڪل ۾ اُتاريو ويو آهي، انهن کي ڳڻيو ويو آهي ۽ شماري عددن سان انهن جي سڃاڻپ قائم ڪئي وئي آهي. هن ڪان پوءِ ٻئي مرحلي تي ڪي اڳيان تجربا ڪارگر ٿي سگهن ٿا. مثال ٻين ڪن قديم لکتن جي ڪتبن جو جڏهن "شمارياتي" يا " ترڪيبي" جيڊ (statistical and structural analysis) ڪيو ويو تڏهن پڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. موجوده وقت ۾ "ڪامپيوٽر" جي مدد سان "سنڌو لکت" جي جملي ذخيري جا "سٽائي" توڙي "شمارياتي" جيڊ آسانيءَ سان حل ڪري سگهجن ٿا. مگر مشڪل مسئلو اهو آهي تہ هن قديم لکت جون اهڙيون ترڪيبي سٽائون (Structural patterns) جيڪي "ٻولي ۾ ترجمو" ٿي سگهن، سي ڪيئن متعين ڪجن. بهرحال "سنڌو لکت تي ڌيان ڌرڻ" واري ڏس ۾ ڀارت (مدراس) جي ماهر مهاديوان ١٩٧٣ - ١٩٧٧ع جي دوران ڪامپيوٽر جي ڪامياب استعمال سان "سنڌو لکت" جي ذخيري جو خاطر خواهہ مطالعو ڪيو جيڪو ١٩٧٧ع ۾ شايع ٿيو (١)، فنلئنڊ جا محقق خاص طرح ڪيمو ڪوسڪينيمي ۽ آسڪو پارپولا ١٩٨٣ع کان وٺي هن قسم جي مطالعي ۾ رڌل رهيا آهن (٢). روسي، ۽ ٻيا ماهر پڻ ڪم ڪري رهيا آهن.

ٻئي طريقي موجب، "سنڌو لکت" کي ٻين لکتن ۽ ٻولين جي واسطي سان حل ڪرڻ طرف بہ ڪن محققن ڌيان ڏنو آهي ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي رخ اختيار ڪيا ويا آهن، تن کي هيٺ مختصر طور بيان ڪري سگهجي ٿو:

(الف) هڪ رخ اهو ٿي سگهي ٿو جو "سنڌو لکت" ۽ ٻين قديم لکتن جي ڀيٽ ڪجي، ۽ مشابهہ اکري سٽائن توڙي صورتن مان ڪي نتيجا ڪڍجن. محقق هنٽر آڳاٽو هن قسم جو مطالعو ڪيو ۽ ان کي ١٩٣٤ع ۾ پنهنجي ڪتاب "سنڌي لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو" ۾ شايع ڪيو (٣).

(ب) ٻيو رخ اهو ٿي سگهي ٿو جو اڳوات اهڙو ڪو "ڀانيو" (مفروضو Hypothesis) ڪري ڀانئجي تہ "سنڌو لکت"

---

(١) ... مهاديوان. "سنڌي لکت، ڪتبا، ڀيٽ ۽ خاڪو"، دهلي ١٩٧٧.
Indus Script: Texts, Concordance and Tables, Delhi 19977.

(٢) "سنڌو لکت جي ڪتبن جو جامع متن"، هلسنڪي فنلئنڊ، ١٩٧٩ع.
Kimmo Koskenniemi and Asko Parpola: Corpus of Texts in INDUS SCRIPT, Department of Asian and African Studies, University of Helsinki, 1979.

(٣) "سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو"، لنڊن ١٩٣٤ع.
Hunter, R: The Scripts of Harappa and Mohenjodaro and its Connection with other Scripts, London, 1934.

۾ فلاڻي يا فلاڻي ٻولي سمايل ٿي سگهي ٿي. هن ڏس ۾ ولسن "هند- سميري ٻولين" جي پانيي سان "سنڌو تهذيب جي ٻولي" جي مطالعي کي سنہ ۱۹۷۴ع ۾ شايع ڪيو آهي (۱).

هن سلسلي جو ٻيو "پانيو" جيڪو هن وقت محققن وٽ وڌيڪ مقبول آهي سو هيءُ آهي تہ ٻين سڀني قديم ٻولين (منڊا، قديم هند آريائي وغيره) جي پيٽ ۾ ڪا دراوڙي ٻولي "سنڌو لکت" ۾ سمايل آهي. هيءُ "پانيو" انهي سوچ تي ٻڌل آهي تہ سنڌو وادي سان لاڳو خطي جي "بروهڪي" ٻولي ۾ دراوڙي جزا سمايل آهن ۽ انهي ڪري ٿي سگهي ٿو تہ سنڌو وادي ۾ بہ ڪنهن وقت دراوڙي ڳالهائيندڙ موجود هئا جن "مئن جي دڙي" واري "سنڌو تهذيب" کي جنم ڏنو، انهيءَ ڪري "مئن جي دڙي" واري "سنڌو لکت" پڻ ڪنهن دراوڙي ٻوليءَ جي آهي. مگر دراوڙي ٻولي بہ ڪا هڪ ڪانهي پر پنجويهہ کن آهن جن مان ڪتروخ، ملتو ۽ بروهڪي وڌيڪ اتر طرف واريون آهن. هن "پانيي" موجب انهن ٻولين مان ڪي قديم دراوڙي الفاظ ۽ فقرا چونڊي، انهن جي معنائن ۽ معنوي صورتن جي "سنڌو لکت" جي سالم ڪتبن توڙي سنڌن پاڱن سان مطابقت تلاش ڪرڻي پوندي. تازو (اخبار "دي مسلم" اسلام آباد ۷ - جنوري ۱۹۸۸ع) هندوستان جي صوبي مدراس جي هڪ محقق ڪي - ڪي رامن اعلان ڪيو آهي تہ هن "قديم دراوڙي" جي مطالعي جي آڌار تي "سنڌو لکت" کي کولڻ جي "ڪنجي" ڳولي لڌي آهي، البت هيءُ ڪرف وڏن لوهارن جو تهيل آهي سو هڪ ڪنجيءَ سان جڏهن کلي!

(ج) هن سلسلي ۾ ٽيون "پانيو" هيءُ پڻ تجويز ڪري سگهجي ٿو تہ "سنڌو لکت" کي پڙهڻ لاءِ ان جي ڪتبن ۽ پاڱن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي "پانيي" تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي جنهن جو قديم سنڌو تهذيب واري ٻولي سان لاڳاپو تصور نٿو ڪري سگهجي. پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙي تي بہ ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ جو اهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا ۽ جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي سي "قديم سنڌو ٻولي جي لکت" ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن! جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ "قديم سنڌو لکت" واري ٻولي جا بچيل آثار آهن تہ موجوده سنڌي ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ "قديم سنڌي تهذيب واري ٻولي" جا بچيل آثار ٿي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزيي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪي اهڙا عام اسم توڙي خاص نالا جيڪي هن وقت رائج آهن، سي ڪم از ڪم پوڻا تيرهن سؤ سال اڳ بہ رائج هئا جو اهي ۸ - صدي عيسوي جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب فتحنامي ۾ محفوظ آهي) ۾ لکيل صورت ۾ موجود آهن، جيتوڻيڪ اهي اڃان بہ ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا. موجوده ڄاڻ موجب "سنڌو تهذيب" جو آخري دور ۱۸ صدي قبل مسيح تائين هو، پر ممڪن آهي تہ ان کان گهڻو پوءِ تائين هلندڙ هجي ۽ قديم سنڌو لکت واري ٻولي" ان کان پوءِ بہ هلندي آئي هجي. جيڪڏهن بحيثيت ٻولي جي اها ختم ٿي وئي هجي تہ بہ ڪي الفاظ باقي بچيا هوندا جن جو "قديم سنڌي" ۾ سمايل هجڻ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

بهرحال هي بہ هڪ اهڙو "پانيو" آهي جنهن مطابق "سنڌو لکت" کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي. پر ان لاءِ ضروري آهي تہ اسان پاڻ ان ڏس ۾ وک وڌايون، يا ڪم از ڪم هن "پانيي" مطابق "قديم

---

(۴) "هند- سميري: سنڌو لکت جي مسئلي بابت نئون رخ"، آڪسفورڊ، ۱۹۷۴ع.
Wilson, S.V.K: Indo-Sumerian: A New Approach for the Problem of The Indus Script, Oxford, 1974.

سنڌو لکت" تي تحقيق ڪندڙ ماهرن لاءِ بنيادي مواد مهيا ڪريون؛ يعني تہ سنڌي لغات مان اهڙا لفظ چونڊي جدا ڪريون، جن جا اشتقاق فارسي، عربي، پالي، سنسڪرت يا تاريخي دور واري ڀي ڪنهن معلوم ٻولي مان ثابت نہ هجن. البت جيڪڏهن انهن جي اصل بابت ڪن قديم ٻولين جهڙوڪ دراوڙي، پروٽو ويدڪ، منڊا، سميري، مصري يا بابلي جو گمان هجي تہ في الحال اهي پڻ تہ تجرباتي لسٽ ۾ شامل رهن.

اهڙا لفظ چونڊي ڪڍڻ سولا نہ آهن پر هِن ڏس ۾ قدم وڌائڻ ۽ وڌيڪ ويچار ڪرڻ لاءِ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪن اهڙن گماني لفظن جي هڪ مختصر ۽ عارضي لسٽ مثال طور هيٺ ڏجي ٿي، جنهن کي وڌيڪ غور ۽ تحقيق سان واڪائي سگهجي ٿو:

قديم سنڌي ٻوليءَ جا غور طلب الفاظ:

عزازت ۽ سماج

ادو، ادا، اديون پاڻ پينرون

ميان، ميون سيد، عالم، فقير، چڱي لاءِ عزت آب وارو لفظ

گهوٽ ونو، دولهہ

نِهو ٻڻ، پُري

رڌ پچاءَ ڪاڌو

ماني هڪ ماني، سڄو ڪاڌو، دعوت

ڊِوُ ايترو ڪاڌو ڪائڻ جو وڌيڪ ڪائڻ جو چاهہ نہ ٿئي

ٽانڊو باهہ

گهر جو سامان

گهڙو دلو

رَڃُ ٿانءَ

جم ۽ جسم جا ڀاڱا

ڏِکي ماديءَ کي پيٽ ۾ ڦرهجڻُ

سٽا ڪير ڏيندڙ

ڇَرُ ويمہ وقت ڦر وارو پردو

ٽنجڻ نئين چاول ٻار کي ڪپڙي ۾ ڇڪي ويڙهڻ تہ لڄي پڇي نہ ۽ آرام ڪري

ٺونٺ ٻانهہ جو سَنڌ

ڏُونرو ٻانهہ جي مٿئين حصي جي ھڏي

ڪڙي پير جي پوئين گول تر وارو ڀاڱو

رهائش گاهہ، بستي ۽ گهر

وانڍ عارضي بستي

ٻُنيو گهر جو در

لوڙهو ڪکائين گهر جي پناهہ

ڪڙهہ ڪکائين گهر جو ٻاهريون لوڙهي وارو در

ڊنگر ڪنڊن واري وڻ جون ٽاريون، جن مان لوڙهو ڏجي

ڪِڙي سَر جي تيلين پکن، ٽوئن، ڪرڙ ڪتن سان ٺاهيل تنيڙو گهر

ڌڪ هڻڻ شڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جا هٿيار

ڏونڍڻ پٿر

مُنڪو گولائون پٿر جيڪو اڇلي هڻجي

لَکڻ سنهي لٺ

جانور ۽ مال

ڏانڊ ڍڳو

ڍڳو ڏانڊ

رڍ مادي رڍ

گهٽو نر گهٽو
ڀهون ٻڪريون
ڏاگهو اُٺ نر
ڏاچي اُٺ مادي
رَمڙ مال وارن جانورن جو ولر
ڏڻ رڍن ٻڪرين جي گهڻائي

زمين ۽ جبل

پوٺو سنئين سڌي سطح واري زمين
ڪرڙو پاڻي ماريل پڪي زمين
ڏونگر جبل

ڪيٽي

اُرلو، هُرلو پوک لاءِ هيٺيان پاڻي ڪڍي مٿي آڻڻ واري اٽڪل
ڪَڙُ هر ڏنل زمين
پنجهو هر ڪاهيل ٻج ڇٽيل زمين جنهن ۾ اجان پاڻي نہ پيو هجي
ڪپ پاڻي گڏيل آلي مٽي

معدنيات

ٻاٽ گڏيل ڌاتو جنهن مان ٽانو ٺهن
ڪُٽ گڏيل ڌاتو جنهن مان ٽانو ٺهن

واءُ مينهن

ڳڙو، ڳڙا اولو، اولا
ڪنوڻ جهڙ ۾ بجلي واري تجلي

پاڻي، مڇي ۽ مڇي وارا

ڍنڍ وڏو تلاءُ
ڪُرڙو مڇيءَ جو قسم
ڇرڪو مڇيءَ جو قسم
ڪوج مڇيءَ جو قسم
ميد، مير، مهاڻو، مڇيءَ وارو
ڳهاتو سمنڊ يا وڏي درياءَ ۾ مڇي ماريندڙ

وزن ۽ تور

ڪانو جنهن سان وڏو وزن تورجي
مڻ چاليهن سيرن جو يا پيو گهٽ وڌ وزن

ڳاڻيٽي جا عدد

ٻرک هڪ
ٻہ ٻہ

مٿيان تورا لفظ چونديا ويا آهن پر اڳاٽي وقت جا اهڙا گهڻائي لفظ هن وقت بہ سنڌي ۾ رائج آهن. اهي غور طلب آهن ڇاڪاڻ جو تي سگهي ٿو انهن مان ڪي 'سنڌو لکت' واري قديم سنڌ جي ٻولي جا هجن.

’سنڌو تهذيب‘ جي ٻولي جي لکت کي پڙهڻ لاءِ بهرحال مشڪل مسئلا سامهون آهن، پر تحقيقات لاءِ ميدان پڻ وسيع آهي.

خاص سڏ

سنڌي ٻوليءَ جو هي تحقيقي رسالو نج سنڌي ٻولي تي تحقيق لاءِ شايع ڪيو پيو وڃي. سنڌو لکت شروعاتي دور کان وٺندي هن جديد دور تائين جيڪي منزلون طئہ ڪيون آهن، انهن کي نہ صرف پرکڻ ضروري آهي پر انهن جي بنياد تي هن ’شاهوڪار ٻوليءَ کي دنيا جي جديد مواصلاتي ٻولين جي قطار ۾ بيهارڻو آهي. اهو سڀ انهيءَ وقت ممڪن ٿي سگهندو جڏهن اسان جا سڄاڻ عالم اديب ۽ سنڌي ٻولي سان دلچسپي رکندڙ هن سلسلي ۾ سهڪار ڪندا. اداري طرفان سڏ ٿو ڏجي تہ پنهنجا تحقيقي مقالا، مضمون ۽ صلاحون هن اداري ڏانهن موڪليندا.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد سنڌ

سنڌو لکت جو اڀياس

(ٻن ٻولين ۾ موجود هم معنيٰ لفظن جي روشني ۾)

اراواٿام مهاڏيوان
عطا محمد ڀنڀرو

سنڌ سڀيتا بابت صحيح ڄاڻ ملڻ کان پنجاهي سال کن پوءِ تي اهڙيون حقيقتون سامهون آيون آهن، جن وسيلي اسان کي پوري پڪ پوي ٿي ته اها دراوڙي سڀيتا هئي.

پهرين ڳالهه ته نين کوجنائن ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهه پڌري ٿي چڪي آهي ته سنڌ سڀيتا تمام گهڻي سمي تائين لڳاتار هلندي رهي آهي، ان ڪري سندس سياءَ بابت ڪهڙي به پر پڪي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. قديم آثارن جي کوٽائي جي لپي هن سڀيتا جي پکيڙ کي به پڌرو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا مرڪزن جي صورت ۾ هڪ پاسي، اوڀر ايران کان گنگا ماٿريءَ تائين، ٻئي پار کان هماليه جي اوچين چوٽين کان وٺي تاپتي Tapti نديءَ جي ڇوڙ تائين ڇائين پئي آهي، سوراشٽريه جي علائقي ۾ هن سڀيتا جا ٻه، قديم هڙاپا، ۽ هڙاپا کان پوءِ وارا ڪيترائي ماڳ موجود آهن، جن ۾ مختلف دورن جي ناتي سان هڪ لڳاتار لڙهه ۽ لاڳاپو موجود نظر اچي ٿو. حقيقت حال مان چڱي پر وسهي سگهجي ٿو ته هتي مسيح کان اڳ ٻي سهس جي وچ تائين سنڌ سڀيتا جو پورو اثر هلندو آيو، جنهن کي پراڻي دور جي ڪنجهي ۽ سڀيتا سڏجي ٿو. اهڙيءَ ريت گجرات ۾ پهچي، هيءَ سڀيتا، هن ڌرتيءَ جي پنهنجي ۽ اصلي سڀيتا بڻجي وئي. انومان اهو آهي ته سمنڊ رستي سنڌ مان لڏي ايندڙ ماڻهو پاڻ سان اها سڀيتا ڪٽي آيا هئا. اسان کي هن ڳالهه جو يقين ئي ڪونه ٿو ٿئي، ته اها مشهور ۽ معروف سڀيتا، جنهن جي اثر جو دائرو پوري کنڊ تائين وسيع هجي، ۽ دور جي ناتي سان هزارن سالن تائين پکڙي پئي هجي، سا هڪدم ئي پيدا ٿي پئي هوندي ۽ وري جڏهن ختم ٿي وئي هوندي ته پنهنجي پٺيان ڪي به پار پتا ۽ اهڃاڻ ڪونه ڇڏيا هوندائين. هن مهان سڀيتا جي سرجڻهارن، اوسارڻندڙن ۽ سنڀاليندڙن سان نيٺ ڪهڙي ويڌن ٿي جو سندن اهڙي املهه سڀيتا ناس ٿي وئي. هن قسم جي ڀڃاڻي جي وراڻي هيءَ ٿي سگهي ٿي ته ڌارين-آرين جي وڏي انگ جي يلغار ڪري ٻسندن ٻولي ۾ ڪا اهڙي وڏي ڦير گهير آئي جو انهن ماڻهن جي سڃاڻپ ختم ٿي وئي.

ٻي ڳالهه ته، قديم آثارن جي کوٽائين ۽ کوجنائن مان اسان کي اها به پڪي ڄاڻ ملي آهي ته هند- آريائي ٻولين ۾ هندو سماجي ادارن جي اوسر، دراوڙي پيڙهه کان شروع ٿي آهي. هيءَ حقيقت هاڻي پلي پت ثابت ٿي وئي آهي ته ٻي سهس مسيح کان اڳ جڏهن آريا هن ملڪ ۾ داخل ٿيا ته به، دراوڙ اڳي ئي اتي موجود هئا. هن ڳالهه جي ثابتي اها آهي ته براهوي ٻولي جيڪا دراوڙي ٻولين جي ٽبريءَ سان لاڳاپو رکي ٿي، سا اڃا به موجود آهي. هن حقيقت کان سواءِ هندن جي ڌرمي ڪتاب رگ ويد ۾ اهڙا لفظ موجود آهن، جن جو واسطو دراوڙي ٻوليءَ سان آهي. آرين اچڻ سان ئي، پين مٿان پنهنجي ٻولي مڙهي ۽ پنهنجو سماجي ڍنگ ۽ ڏيپ نافذ ڪيو. پر اهي ٿورائي ۾ هئا ان ڪري سندن نسلي سڃاڻ جلد ئي ختم ٿي وئي ۽ آريا ۽ دراوڙ پاڻ ۾ ايترو گڏجي ويا جو آرين ۽ دراوڙن جي نڃڻونڊي ۽ نکيڙي ڪرڻ اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿي وئي. انهن جون ٻوليون به رلجي هڪ ٿي ويون. هاڻي انهن ٻولين جي لفظن کي فقط زبان جي ناتي سان ئي ياد رکيو وڃي ٿو. اتر هندستان ۾ دراوڙي ڦريءَ سان لاڳاپيل ٻوليون ماڳهن ڏسڻ ۾ ئي ڪين اينديون. پر هند- آريائي ٻولين جي پيڙهه جو پٿر، دراوڙي ڪُر جي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي رکيل ضرور ڏسڻ ۾ ايندو. جن کي صوتياتي

تبديلين ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي اهڙي ورن جا اچار آهن جن سان جيڀ پنتي موڙو کائي ٿي، يعني اهي پوئتي ساهه کڻڻ وارا آواز پيدا ڪندڙ اکر آهن. جيڪي صورتيه تبديلي morphological Changes اختيار ڪندا آهن. اها صورت حال هيئن هوندي آهي ته ڪي لفظ پنهنجون صورتون بدلائيندا ڦرندا گهرندا ڏاري ٻوليءَ جي لغت ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪري وٺندا آهن. ساڳيءَ ريت اهڙا لفظ پنهنجي نحوي جوڙجڪ ۾ به هند-آريائي ۽ دراوڙي ٻولين سان هڪ جهڙائي رکندا آهن. اهو وايو منڊل تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿو،جڏهن اهي ٻئي ٻوليون ڪنهن وسيع ۽ هڪ خطي ۾ گڏ ڳالهايون وينديون هجن. هن مثال ۾ دراوڙي زبانون ڳالهائڻ وارا رعيت جي حيثيت ۾ هوندا. اهڙين حالتن ۾ نتيجا هميشه ائين ئي نڪرندا آهن.

آرين ۽ دراوڙي نسلن جي گڏجي ۽ ملي وڃڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو، دراوڙن جا سماجي ادارا ٻيهر زنده ٿي ويا، پر هڪ فرق ضرور ٿيو ته دراوڙي زبان کي سنسڪرت ٻوليءَ جو پوش پارايو ويو، ڌرم ڪيتر ۾ به دراوڙن جي ماتا ديوي Mother goddess ۽ ٻين ديوتائن کي به مڃتا ملي. وچولي دور جي هند آريائي ڌرمي پوڄا پاٺ واري لهجي جي ارتقا جي پردي ۾ اسان کي دراوڙي ٻولين جا بڻ بنياد ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اڳئين دور جا مورخ هن خيال جا هئا ته اتر هندستان جي وسيع علائقي ۾ آباد اڻ آريا ۽ دراوڙي نسل آرين جي اچڻ ڪري ڏکڻ ڏس ڏانهن هلندا ويا. انهن مان جيڪي پوئتي رهجي ويا، سي آرين جا ٻانها ۽ ٽهليا بڻجي ويا. پر هاڻي اهڙو نظريو غلط ثابت ٿيو آهي. مگر مختلف دورن ۾ لڏپلاڻ ضرور ٿي آهي. ڌارين جي يلغار هتان جي ڏيهي ماڻهن کي هٽ وس ضرور ڪيو، پر اهي انگ ۾ گهٽا هئا۽ سندن سڀيتا به سگهاري هئي، تنهن ڪري اهو ممڪن ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته ڪين تڙي اڳتي ڪڍي ڇڏيو ويو هجي يا اهي سماجي طور ڏڪجي اڇوت يا هينيون طبقو بڻجي ويا. ويدن کان پوءِ هندو ڌرم ۾ ڪنهن تبديليءَ جو امڪان ڪونه آهي. پر اها هڪ حقيقت آهي ته ڌرمي پنڊتن، راجائن، راجوتن ۽ وڏن واپارين جو طبقو اڻ - آرين نسلن منجهان جڙي نڪتو هو. حالتون به اتهن ڳالهين جو امڪان ڏيکارين ٿيون ته ڌرمي ڪتابن ۽ پراڻن ۾ لکيل قديم هندستان جون تاريخي روايتون، جنگي ڪارناما، بهادريءَ جون ڳالهيون يا لوڪ ڪهاڻيون ۽ راڳ وغيره تن سيني جو واسطو آرين کان اڳ واري دور سان آهي.

ٽين ڳالهه ته جيڪڏهن سنڌ جي لکت جي پڙهڻ واسطي صحيح سائنسي طريقو ڪتب آڻبو ۽ اکرن جي بيهڪ واري نموني تي غور ڪبو ته آخر هن نتيجي تي وڃي بيهبو ته اها هڪ علامتي Typological لکت آهي. هند- يورپي ٻولي سان سندس ڪو سڀنڌ ڪونه آهي. ان بدران هن جو ناتو رشتو ڪنهن دراوڙي ڦريءَ جي ڏيهي ٻولي سان آهي. منجهس خاص ڳالهه اسان کي اها ڏسڻ ۾ ايندي ته هن جي لفظن جون پڇاڙيون دراوڙي ٻولين جي لفظن جي پڇاڙين سان هڪ جهڙائي رکن ٿيون.

جيڪڏهن اسان اهي سڀئي نتيجا گڏي سامهون رکون ۽ هنن ڳالهين تي ويچاريون :

(الف) سنڌ سڀيتا جي پکيڙ جو علائقو ڪيترو ڪشادو ۽ ڪهڙي زماني تائين ان جي سگهه جو اثر قائم رهيو.

(ب) ويدن واري زماني کان پوءِ اتر هندستان ۾ دراوڙي بنيادن ۽ اثرن جي ڪيتري سگهه هئي.

(ت) سنڌ جي لکت ۾ دراوڙي زماني جيان علامتي Typological خوبيون آهن، جنهن مان اسان کي هيءَ ڳالهه دل سان لڳي ٿي ته منجهن ضرور ڪو سڀنڌ آهي. ٻئي نموني هيئن به چئي سگهجي ٿو ته هيءَ سڀيتا جيڪا ڪڏهن وڏي ۽ وسيع علائقي تي پکڙيل هئي، پر ختم ٿيڻ

ڪان پوءِ هن پنهنجي سجاڳپ جا ڪي پارپتا پنيان ڪونہ ڇڏيا، مگر ان جي پيڙهہ وارو پڪو ۽ بنيادي دراوڙي اثر هر باقيات جي ناتي سان ڏاڍو چٽو بيٺو آهي. جيستائين اسان جي ٻوليءَ جي ڄاڻ جو تعلق آهي ۽ هندستان جي قديم سماجي تاريخ جو واسطو آهي تہ مٿيان ٻئي نظريا مناسب ڪونہ ٿا لڳن. انهن امڪانن تي بہ بحث ڪيو ويو آهي تہ هيءَ ٻولي دراوڙي زبان سان علامتي طور ساڳيائپ رکي ٿي، پر هوبهو ان جهڙي ڪانہ آهي. هيءَ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان لنوائي ڪونہ ٿو سگهجي. نيون ڳالهيون ۽ نتيجا جيڪي اسان جي سامهون آيا آهن، جن جو مٿي نچوڙ پيش بہ ڪيو ويو آهي، تن هن خيال کي فڪري ۽ علمي بنائي ڇڏيو آهي. مليل شاهدين تي بہ جيڪڏهن ويچاربو تہ اها ڏند ڪٿا تہ هن سيپتا جا اصل سرجڻهار دراوڙ آهن تہ هيءَ صحيح ڪوجنا لاءِ ڄڻ سچي گس ڏانهن هڪ مناسب اشارو معلوم ٿيندو. اصلي حقيقت ڇا آهي؟ تنهن جو پرو اسان کي فقط تڏهن پئجي سگهندو، جڏهن اسان سنڌوءَ جي لکت پڙهڻ ۾ پوريءَ ريت سوڀارا ٿينداسون.

طريقو:

ٻہ سال اڳ جڏهن مان سنڌ جي لکت تي ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي، تہ مون پاڻ کي دراوڙي ٻوليءَ سان مشابهت رکندڙ ٻين ٻولين جهڙوڪ پراڻي تامل ٻوليءَ جي ادب ۽ لکت، ان جي علم نحو ۽ دراوڙي نالن جي علامتي شڪلين تائين محدود رکيو هو. مان اڃا تائين بہ هن نظريي جو قائل آهيان تہ جيڪڏهن اسان جو خيال آهي تہ سنڌو سيپتا جا سرجڻهار دراوڙ آهن، تہ اهو ضروري آهي تہ اسان دراوڙي ٻوليءَ سان مشابهت رکندڙ ٻين ٻولين کي ووڙيون ولوڙيون. سو اهڙي کوجنا ڪندي جيڪي ڳالهيون منهنجي سامهون آيون، تن کي مون پنهنجي مقالي ۾ پيش ڪيو، جنهن جو عنوان هو "اصلي هندستاني لکت ۾ دراوڙيءَ سان مشابهت رکندڙ لفظ" مذڪوره مقالو پهرين اپريل ١٩٧٠ع ۾، هڪ رسالي "تامل اسٽيڊيز II ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ خاص ٻن ڳالهين جي چنڊ ڇاڻ ڪئي وئي هئي. پهرين ڳالهہ تہ هن نڪتي تي وڌيڪ زور ڏنو ويو هو تہ هن سيپتا ۽ ڏکڻ هندستان جي قديم دراوڙي ثقافت جي وچ ۾ موجود زمان ۽ مڪان جي وڏي وٿيءَ کي پرڻ گهرجي. ٻيو اهم نڪتو اهو بيان ڪيو ويو هو تہ ان ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ معنيٰ ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻ گهرجي. مان انهن ٻنهي ڳالهين جي کوجنا ۾ رڌل هوس، تہ هڪ ٻي ڳالهہ منهنجي ڌيان ۾ آئي. سا اها هئي تہ ڇو نہ هند- آريائي ۽ دراوڙي زبانن ۾ مشابهت رکندڙ لفظن جو مطالعو ڪيو وڃي. علمي نقطہ نظر کان مون کي مناسب ائين لڳو تہ مان هن مسئلي کي تاريخ جي پس منظر جي ناتي سان اڳتي وڌايان، جنهن جو ذڪر مون هن مقالي جي منڍ ۾ ڪيو آهي.

ٻنهي زبانن ۾ مشابهت رکندڙ لفظن جي مطالعي جو طريقہ ڪار ٽن اهم ۽ بنيادي قياسن تي قائم ڪيو اٿم.

(١) سنڌ سيپتا جي مُهرن جو عام مطالعو: جن ۾ مُهرن جي مالڪن جا نالا لکيل آهن. امڪان آهي تہ ڊگهين لکتن ۾ انهن مالڪن جا لقب ۽ خطاب وغيره بہ درج ٿيل هوندا. منجهن ڌنڌي، شهرن جي نالن سان گڏ ٻي معلومات ضرور درج ٿيل هوندي. اهو بہ امڪان آهي تہ جيئن هيءَ سماج وسيع ايراضيءَ تي پکڙجي ويو هو، ان ڪري جيڪي مکيہ ۽ اهم نالا هئا، سي هند- آريائي ٻولين ۾ منتقل ٿي ويا هوندا، ڇاڪاڻ تہ اهڙن نالن واريون مهرون تمام گهٽيون نظر اچن ٿيون. هند- آريائي ٻولين ۾ اهڙا لفظ اڌارا ورتل Loan words آهن انهن لفظن جو مفهوم ۽ معنيٰ بہ اڌاري ورتي وئي هئي، يا ائين ڪٿي چئجي تہ انهن لفظن جو مفهوم بہ ٻہ سرو Hy brid هو.

(٢) اهو بہ امڪان آهي تہ هن سيپتا جي خاتمي ڪان پوءِ

سنڌ جي لکت جو بہ زوال آيو تہ اهم نشانيون، علامتون، خيالي لکت ۽ آواز جي علامتن وارا اکر ناس ٿيڻ کان بچي ويا هوندا ۽ هوريان هوريان ترقي ڪري گهڻن قسمن جي روايتي علامتي لکت جي صورت اختيار ڪري ويا هوندا. ڇاڪاڻ تہ اهو خيال ان ڪري قائم ڪيو ويو آهي، جو اهڙين لکتن جو انگ ججهو مليو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهڙيون علامتون تصويري هجن. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن علامتن جو واسطو ڪنهن دين ڌرم سان هجي، ڪا شاهي خاندان سان واسطو رکندڙ علامت هجي يا ڪنهن سڪي يا مُهر سان ان جو تعلق هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ اها علامت ڪنهن راجوڙي جي مرتبي، شهري جماعت يا ڪنهن قبيلي جي خاص نشاني هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ اهي ساڳيون علامتون، ساڳين ماڻهن جي نالن ۽ لقبن جي نئين طرز جي لکت سان گڏ هلنديون آيون هجن ۽ جيڪي ظاهري صورت ۽ خيالي لکت جي نقطہ نگاهہ سان تہ هڪ جهڙيون هجن، پر انهن جو مفهوم ۽ مطلب ڌار هجي.

(٣) اهڙي قسم جا نالا ۽ انهن سان لاڳاپيل علامتون هيٺين طريقي سان سڃاڻي سگهجن ٿيون:

(الف) علامت جو ٻي اصولي طور استعمال (ب) هند ـ آريائي ٻوليءَ جي صرف نحو ۾ اهڙن اوپرن لفظن جي اشتقاقي پيچ گهڙ جو ڪو اصول نہ هجڻ (پ) ڏند ڪٿائون ۽ لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائي لکت سان لاڳاپيل ڪي علامتون سمجهائڻ (ٿ) لفظن جي بگڙيل صورت مان اهڙا اهڃاڻ ملن ٿا تہ سماجي لسانيات جي هڪ کان ٻئي سلسلي تائين پهچڻ دوران، مذڪوره لفظن جي علامتي صورت ۽ معنيٰ ڪيئن بگڙجي ۽ مٽجي سٽجي ٿي.

منهنجي خيال ۾ سنڌ جي لکت کي پڙهڻ واسطي ڪتب آندل هيءُ اصول ضرور لاڀائتو ڳس گهڙيندو، ان ڏس ۾ سنڌ لکت سان مشابهت رکندڙ روايتي علامتن کي هندستان جي تاريخي روايتن سان لاڳاپيل علامتن ۽ خيالي اکرن واري لکت جي معنيٰ کي پاڻ ۾ ڀيٽائي ڏسجي. جيڪڏهن حالتون اجازت ڏين تہ انهن جي صوتياتي ملهہ Valueکي بہ نباهجي. هن ڇاڪوڙ مان اهڙو نتيجو نڪرندو، جيڪو اکرن جي پنهنجي فطري بيهڪ جي ڇنڊ ڇاڻ موجب منفرد ۽ مرڪب نشانين سان ايترو اڻ ٺهڪندڙ ڪونہ هوندو.

هن طريقي کي عملي طور ڪتب آڻڻ ان ڪري ڏکيو آهي، جو سنڌ لکت جي پڙهڻ جو مرحلو اجا ارتقائي ۽ پيچيده آهي، ان ڪري ويساهہ جوڳو معلوم ڪونہ ٿو ٿئي. امڪان آهي تہ هن لکت جون علامتون تصويري تحرير ۽ فعلي صورت واري مرحلي مان گذري رهيون هجن. ٿي سگهي ٿو تہ اها اهم ۽ ترقي يافتہ لکت ثابت ٿئي يا وري تصويري تحريري صورت کان وڌيڪ اهميت حاصل ڪري ئي نہ سگهي. اهو بہ امڪان آهي تہ وٽس ٻيا بہ ساڳيءَ معنيٰ وارا فعل بہ موجود هجن. ان ڳالهہ جو بہ امڪان آهي تہ اڌارا ورتل لفظ اوپريءَ ٻوليءَ ۾ رلي ملي هڪ ٿي ويا هجن ۽ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظن جي حيثيت اختيار ڪري ويا هجن. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جو مطلب ۽ مفهوم اصل معنيٰ کان ڦري ويو هجي ۽ فقط صوتي طور انهن لفظن سان هڪ جهڙائي رکندا هجن يا انهن اڌارن لفظن جي بدران ڪم ايندڙ پيڇي لفظن جي جاءِ تي ٿوري وقت کان پوءِ ساڳي معنيٰ وارا ٻيا لفظ اچي ويا هجن، جن ۾ صورتي، صوتي ۽ معنوي بگيڙو اچي ويو هجي. اهڙيءَ ترتيبوار تبديلي کي هيٺ خاڪو ڪڍي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

حقيقت اها آهي تہ اصلي وايو منڊل هن خاڪي ۾ ڏنل صورت حال کان وڌيڪ منجهيل ۽ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن سڀيتا جي اثر جو دائرو پوري کنڊ تائين پکڙيل هو. وقت

جي لحاظ سان بہ ٽن هزارن سالن جي وڏي عرصي ۾ ڪيترين ئي تبديليون ايئديون رهيون آهن، اهڙيءَ ريت سڄي هندستان جو سماج بہ مختلف پهلوئن ۾ ورهائجي ويو. اهي اهڙيون حقيقتون آهن جن تي ويچارڻ وقت ضرور ڌيان ڏرڻو پوندو. تنهن ڪري اسان ڪي مشابهت رکندڙ لفظن واسطي مختلف نقطہ نظر قائم ڪرڻا پوندا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ سنڌوجي لکت جي نشاني، لفظ ۽ انهن جي معنيٰ نہ فقط هند. آريائي لفظن ۽ پوئين زماني جي روايتن



هند– آريائي ٻوليءَ مان ورتل اذارا لفظ ۽ اذارو مفهوم ۽ سندن هم معنيٰ مطلب

جي هڪبچلي جي علامتن، اذارن ورتل لفظن ۽ اذارن ورتل مفهومن سان پيٽائي سگهجي پر مختلف دورن ۽ مختلف علائقن ۾ جيڪي بہ ڪجھ قسميون علامتون، اذارا ورتل لفظ ۽ اذارا ورتل مطلب ۽ مفهوم هوندا، تن کي پيٽي سمجهي سگهڻ ۾ وڏي هٿي ملندي. پر شرط اهو آهي تہ انهن سيني جو بڻ بڻياد هڪ ۽ ساڳيو هجي.

هن ننڍي ڪتب ۾ بنيادي طور مکيہ فقط بہ ٻوليون آهن، جن مان هڪ هند – آريائي ۽ ٻي دراوڙي آهي. اهي ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي تي گهڻو اثر انداز ٿينديون رهيون آهن. ان ڪري هڪ نئين صورتحال ڪي پيدا ٿيڻ ۾ وڏي هٿي ملي آهي. اسان اها حقيقت محسوس ڪئي آهي تہ هن آريائي ڦريءَ جي ٻولين جي هيٺين بنيادن ۾ دراوڙي ڪُر جي ٻولين گهڻو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تنهن ڪري هند– آريائي ٻوليون دراوڙي ٻولين جي وڌيڪ ويجهو ڏسجن ٿيون، پر اسان ڪي هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ تاريخ واري زماني ۾ سنسڪرت دراوڙي ٻولين ڪي بہ متاثر ڪيو آهي. اهڙي وايو منڊل ۾ هنن ٻن ڳالهين جو امڪان پيدا ٿي ويو هوندو تہ سنڌ سپيتا واري دور ۾ هند آريائي ٻولين دراوڙي ٻولين کان ڪيئي لفظ اذارا ورتا هوندا، جيڪي زماني گذرڻ کان پوءِ هند - آريائي ٻولين سان رلي ملي هڪ ٿي ويا هوندا. پوئين زماني ۾ جڏهن هند - آريائي ٻولين اوج ماڻي تہ اهي ساڳيا لفظ وري دراوڙي ٻولين ڏانهن واپس اچڻ لڳا. هن ڳالهہ مان اسان کي پڪ ٿئي ٿي تہ هند - آريائي ٻولين کان دراوڙي ٻولين ڏانهن واپس ايندڙ اهي دراوڙي لفظ ۽ نظريا، مُلهہ جي نقطئہ نظر کان قديم دراوڙي ٻولين جي اصل اڳين لفظن ۽ نظرين جهڙا ڪونہ رهيا هوندا. تنهن کان پوءِ وري اها ڳالهہ بہ آهي تہ هي طريقہ ڪار جيڪو اسان ڪتب آڻي رهيا آهيون، سو انهن لفظن ۽ سندن مفهومن جو ڳڀو آهي، جيڪي اتفاقي طور ناس ٿيڻ کان

بچي ويا آهن ۽ جن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۾ پڪ ڪانہ ٿي ٿئي تہ اڌارا ورتل لفظ ۽ انهن جا اڌارا ورتل مفهوم ڪهڙا آهن.

اهڙي غير يقيني صورتحال ۾ ڪم ڪرڻ جي محدود دائري هوندي بہ هيءَ، ٻن زبانن ۾ هڪ جهڙن لفظن جاچڻ پرکڻ وارو طريقو ئي صحيح آهي، جنهن وسيلي موجوده دور ۾ سنڌو لکت کي پڙهي سگهجي ٿو. مختلف روايتون پنهنجو پاڻ بہ املهہ اهڃاڻ سلينڊيون ۽ گس پڌائينديون. مان سمجهان ٿو تہ صحيح موقعي تي جيڪڏهن ڏيان ۽ گيان ڪتب آڻبو تہ ٻنهي زبانن ۾ موجود هڪ جهڙن لفظن جي آڌار تي اسان سنڌو لکت کي پڙهڻ ۾ ائين سوپارا ٿينداسين، جيئن ٻنهي زبانن جي گڏيل لکت کي پڙهي سگهڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون.

ٻنهي ٻولين ۾ گڏيل هڪ جهڙا لفظ:

پنهنجي هن مقالي جي پڇاڙي ۾ مان ڪجهہ اهڙا مثال ڏيندس تہ جيئن ٻنهي زبانن ۾ موجود گڏيل ۽ هڪ جهڙن لفظن جي آڌار تي معلوم ٿي سگهي تہ ڪهڙي طريقہ سان سڃاڻي تائين رسي سگهجي ٿو. اهڙين سيني شاهدين کي پيش ڪرڻ لاءِ مون فقط هڪ قسم جي خاص لکت ڪتب آندي آهي. مان هتي پاڻ کي مقالي جي منڍ ۾ بحث ڪيل علمي ڳالهين جي مخصوص نڪتن تائين محدود رکيو آهي ۽ خاص هڪ ماهري کي زور ڏئي ابڀار ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. جاڪاڻ تہ اهي سيئي ڳالهيون يقيني نہ پر امڪاني آهن ۽ اهي امڪان بہ وقت سارو ڦرندا گهرندا رهن ٿا. مان ٻنهي زبانن جا جيڪي لفظ گڏ ڪيا آهن، سي منجهن اندر جڙيل ۽ پيئل آهن. ان ڪري معلوم ائين ٿيندو تہ اهي ٻنهي ٻولين سان واسطو رکن ٿا. انهن ۾ خاص ڳالهہ اها آهي تہ هن اپکنڊ جي روايتن ۾ جيڪي مرڪب نشانيون، نالا، لقب ۽ خطاب وغيره آهن، سي دلچسپ ۽ هڪ ٻئي جي موافق آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪتب آندل هيءَ طريقو بلڪل صحيح آهي.

ڇڪر يا ڦيٿي جي نشاني Wheel sign

هيءَ سنڌولکت جي نشاني آهي، جنهن کي سولائيءَ سان سڃاڻي سگهجي ٿو. سندس شڪل ڦيٿي جهڙي آهي، وچ تي ڇهہ ليڪون اٿس، جيڪي ڦيٿي جا ارا پاسجي رهيا آهن. موهن جي دڙي يا هڙاپا مان مليل ٻارن جي راند گاڏين جا ڦيٿا ارن سان نہ پر نهرا آهن. هن نشانيءَ ۾ ڦيٿي ۾ هڪ جهڙائي ايتري تہ گهٽي آهي، جو جڏهن مٿس پهرين نظر پوي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ اها ڇڻ تہ ڇڪر يا ڦيٿو آهي ۽ هڪدم ان سان هڪ جهڙائي رکندڙ شين ڏانهن خيال هليو ويندو. هن اپکنڊ جي روايتن ۾ ڦيٿي يا ڇڪر کي اهميت آهي، هي نشاني ٻن جدا، پر لاڳاپيل نظرين جي علامت بہ آهي. پهرئين نظريي مطابق ڌرمي ۽ ٻئي نظريي موجب فرمانروائيءَ جي نشاني آهي. هن ڦيٿي کي وشنو يا ڪرشن جهڙن ديوتائن جي علامتي نشاني بہ چئي سگهجي ٿو. ٻڌل روايتن ۾ هيءَ ڦيٿو يا ڇڪر، ڌرما Dharma جي نشاني آهي. اهو، هن نشانيءَ بابت هڪ تجريدي نظريو آهي، ان سان گڏ هيءَ نشاني ڪنهن مهاراجا لاءِ بہ ڪتب ايندي آهي، جنهن کي، هندو ۽ جيني روايتن ۾ ڪاڪرا ورشن Cakravartin سڏيو وڃي ٿو. تنهن ڪري اها ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ ڪانہ آهي، تہ سنڌولکت ۾ جيڪو مفهوم هن لفظ کي هجي، سو اهوئي هجي جيڪو هاڻي بہ ديوتا ۽ فرمانروا لاءِ ڪتب آندو آهي.

ويدن- ۾ سج جي خيالي ڇڪر يا ڦيٿي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهو بہ هن نشانيءَ جي امڪاني اصليت جو هڪ اهڃاڻ آهي. ويدن ۾ مترا Mitra جو بہ بيان ڪيو ويو آهي، سندس خوبيون ائين بيان ڪيون ويون آهن، ڄڻ ڪو اهو وڏو فرمانروا هجي. پر اهو سج جو ديوتا آهي. ٽين ڳالهہ تہ اولهہ ايشيا جي سج جي سهيوڳي علامت بہ تحريري طور ساڳي ڏسجي ٿي جيڪا اچرج جڙي حقيقت آهي. هن

ساري شاهديءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ سيپتا جي هيءَ نشاني سج يا سج جي ديوتا جي علامت آهي. هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو ته سج ديوتا، سنڌ سيپتا وارن جو مکيه ديوتا هو ۽ ان کي خيالي طور پنهنجو فرمانروا به مڃيو ويندو هوندو. پوئين قسم جي خيال جي تائيد اولهه ايشيا ۾ ملندڙ ساڳين نشانين مان به ٿئي ٿي. پوئين دور جي دراوڙي روايتن ۾ سنڌ سيپتا جي شهرن ۾ شاهي گهراڻي جون نشانيون ۽ علامتون نظر ڪونه ٿيون اچن. هن تنهي ڪنڊ ۾ ارن واري ڦيٿي يا چڪر جي ناهڻ ڪان پوءِ ان جي شڪل صورت اتفاقي طور سج جهڙي ڏسڻ ۾ آئي. تنهن ڪري هڪدم اهڙو خيال آيو ته اها سج جي چڪر يا ڦيٿي جي علامتي نشاني آهي. پوئين دور ۾ جڏهن سج ديوتا جي پوڄا جو زور نه رهيو ته ان نشانيءَ کي رڳو چڪر يا ڦيٿو سمجهيو ويو. ان ناتي سان اڄ جن نظرين جو بنياد ان چڪر يا ڦيٿي سان لاڳاپيل هوندو تن کي اسان وشنو چڪرا Vishnun chakra ڌرما چڪرا Dharma Chakra يا چڪرا ورتين سمجهندا آهيون. هڪ اندازي طور سج جي چڪر يا ڦيٿي جي علامتي نشانيءَ جي ارتقا کي هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو.



هيءَ چنڊ ڇاڻ اسان کي ڏيکاري ٿي ته هيءَ علامت، نشانيءَ جي صوتي مُلهه (قدرن) سان لاڳاپيل ڪانه آهي، تنهن ڪري اسان هن ڳالهه کي غلط سمجهون ٿا ته دراوڙي ٻوليءَ جا چڪر يا ڦيٿي سان لاڳاپيل لفظ ٻئي درجي جي ترقي يافته سنسڪرت مان ورتل آهن. هند - آريائي ٻوليءَ جو نهايت قديم ۽ ويجهو لفظ جيڪو اصلي سج ديوتا- راجا سان هڪجهڙائي رکي ٿو، سو ويدن وارو "مترا" آهي، جنهن ۾ ٽئي خصوصيتون گڏيل آهن. پر "مترا =دوست" جو نالو انهن ٽنهي خصوصيتن سان ٺهڪي ڪونه ٿو اچي. قديم دراوڙي لفظ سج - ديوتا - راجا جيڪو امڪاني طور ويڪ /وي/وي vec/vey/ve آهي، تنهن کي صرف نحو جي گردان ۾ هيٺينءَ ريت سمجهائي سگهجي ٿو.

سج: وي آن Ve-on (o.ta) cveit، ديوتا وي (ن) ڊِ ڊِ ve (n) did ، وي (ن) ڊڊا (پا)، ve (n) did (pa)، وي - نڊ - ات (گا)، ve-nd-t (ga)، وينو (ڪُئي) venu (kui) راجا: وي - نت- آن ve-nt-an (هن لفظ جو مطلب سج ۽ ڪي ديوتائون آهن)

هن قسم جي ملندڙ نتيجن مان اڇرج جهڙيون ڳالهيون ظاهر ٿين ٿيون، هيءَ ڳالهه به ڌيان ڌرڻ جوڳي آهي ته دراوڙي ٻوليءَ جو قديم لفظ وي Ve ديوتا لاءِ ڪتب آندو ويندو هو. پر جهنگلي دراوڙي قبيلا هن ساڳي لفظ کي شيطان Denon لاءِ ڪتب آڻيندا هئا. هن ڳالهه مان پتو پوي ٿو ته دراوڙن جي علمي ٻوليءَ تي سنسڪرت ۽ برهمڻ ٻولين جو گهڻو اثر هو، اهو پڻ ڏٺو ويندو ته تامل ٻوليءَ جو قديم لفظ وي - نت - آن Ve-nt-an آهي جنهن جو هم معنيٰ لفظ چڪراورتين آهي جيڪو چڪر يا ڦيٿي جي علامتي نشان سان تعلق ڪونه ٿو رکي، پر سندس مطلب سج ۽ ديوتا آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس لاڳاپو سڌو سئون اصل لفظ سان آهي. آخري ۽ اڇرج جهڙي ڳالهه اها به آهي ته خود رگ ويد (هند - ايراني) جو لفظ به دراوڙي بڻ بڻياد سان تعلق رکي ٿو. هن نشانيءَ ۾ به ڳالهيون يعني سج ۽ چڪر يا ڦيٿي جون علامتون آهن، جن جو اشارو هيٺين ٻن جوڙين جي هڪ جهڙائي سان آهي، سندن بڻ بڻياد جو

واسطو سنڌو لکت جي ڏن ابتدائي نشانين سان آهي، جن
جي صورت حال ۽ ضابطي واريون خاصيتون هڪ جهڙيون
آهن.

سج ۽ ٻيج جو چنڊ (Crescent) 

چڪر يا ڦيٿو ۽ سنکُ (Conch)

هتي سج ۽ چنڊ لاءِ مخصوص نشانين کي هن نندي کنڊ جي سورج ونسي ۽ چندر ونسي ڪُلَ جي جاتين سان پيڙائي ڏسڻ گهرجي، جيڪي هتان جي روايتن موجب ٻه مشهور گهراڻا رهيا آهن پر هن ٻئي جوڙي پنهنجو اصلي تصويري مُلهہ (قدرن) وارو روپ قائم رکيو آهي، جيڪو الف - بي جي حرفن سان واسطو رکي ٿو. هن چڪر يا ڦيٿي ۽ سنک کي وشنو ديوتا سان نسبت ڏني وئي آهي. اهو خيال ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿو، جيڪو لفظن جي ڪنهن اتفاقي هڪ جهڙائي ڪري ٿي ويو آهي. هن مقالي ۾ وڌيڪ کوجنا ڪرڻ لاءِ گنجائش ٻہ ڪانہ آهي. هن ڏس ۾ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ مٿين ٻنهي جوڙن جي پوئين دور واري هڪ جهڙائي اُن حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿي تہ هيءَ سنڌ و لکت هڪ ارتقائي شڪل آهي، جيڪا ٻين اهڙين گڏيل نشانين کي سمجهڻ ۾ لاڀائتي ثابت ٿي سگهي ٿي.

ٻَار کڻڻ واري نشاني

سنڌ و لــــکت ۾ جيڪي انسان سان مشابهہ اکر آهن، تن منجهان اسان کي هيءَ نشاني تمام گهڻي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ هڪ ماڻهو ڏيکاريو وڃي ٿو، جنهن جي ڪلهن تي ڪانواٽي رکيل آهي ۽ انجي ٻنهي ڇيڙن وٽان ڪو بار لڙڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انگ ۾ تمام گهڻي هجڻ ڪري ۽ ان جي بيهڪ واري نشانيءَ مان ائين لڳي ٿو تہ اها جڻ اهم ذميواري جي علامت آهي. اسان کي الف - بي جي سمجهاڻيءَ موجب ڪيس ڪو پورهيت يا پاڻيارو سمجهڻ نہ گهرجي. پر ان هوندي بہ اسان هن کي امڪاني طور ديوتا يا راجا جو شيوا ڌاري ياتهليو سمجهي سگهون ٿا. هن مامري کي ڪنهن مقرر ڪيل اصول تحت حل ڪرڻ نہ گهرجي پر هن نندي کنڊ جي روايتن کي نظر ۾ رکي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ کپي. پوئين دور ۾ هن بار کڻڻ واري سان لاڳاپيل لکت جي ڪا خاص طرز نظر ۾ ڪانہ ٿي اچي. پر مان هن ڏس ۾ هي دلچسپ ”فعلي علامتون“ ڏنيون آهن، جن لاءِ پوريءَ پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ مٿين خيال سان ضرور لاڳاپيل آهن.

هن نندي کنڊ جي روايتن ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود آهن جن ۾ بار کڻڻ واري bearer کي اصطلاح طور ڪم آندو ويو آهي، هيءَ لفظ ان ماڻهوءَ لاءِ چيو ويندو آهي جيڪو ڪنهن عهدي سنڀالڻ جو بار کڻندو آهي. سنسڪرت ٻوليءَ ۾ هڪ عام لفظ ڀارتر Bhartr آهي جنهن جو مطلب آهي مالڪ، مڙس ۽ حاڪم، پر هن لفظ جو اصلي ٻڻ بُنياد ”ڀر“ Bhr آهي، جنهن جي معنيٰ ٿيندي کڻڻ to bear جنهن جو حقيقي مطلب ٿيندو اهو ماڻهو جيڪو بار کڻي. پر اصطلاحي معنيٰ ٿيندي، سنڀالڻ، حيثيت قائم رکڻ، پرورش ڪرڻ، زنده رکڻ، سهارو ڏيڻ، بار کڻڻ، پراڪرت ۾ هن جو هم معنيٰ لفظ ڀاٽا Bhatta آهي، هيءَ لفظ تعَظيم ۽ تڪريم طور ڪتب آندو ويندو آهي ۽ بادشاهن ۽ پنڊتن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. اسان کي اهڙا لفظ بہ ڏسڻ ۾ ايندا جن جو ڌاتو وهہ Vah آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بار کڻڻ، ان جو مثال ڪاريہ وهڪا Karya-vahxka يعني عهديدار آهي، ٻيا لفظ ڪانواٽيءَ yoke جي علامتي نشاني مان ورتا ويا آهن. جهڙي يوگم - ڌارا yugam-dhara ۽ ڌورم - ڌارا Dhuram -dhara آهي، پر

هي لفظ نالي طور تعظيم جي نقطئہ نگاہ کان ڪتب آندا ويندا آهن. ٻوليءَ سان لاڳاپيل شاهدين جي آڌار تي ۽ تصويري تحرير جي نقطئہ نظر کان اسان رڳو ايترو چئي سگهون ٿا تہ سنڌ سڀيتا ۾ بار کڻڻ واري جي هن نشانيءَ جو مطلب پنڊت - راجا King priest آهي ۽ پوئين دور ۾ بہ هن نشانيءَ جو مفهوم اهو ساڳيو رهيو آهي.

هن ننڍي کنڊ ۾ هڪ اها روايت بہ موجود آهي تہ لقب ۽ خطاب پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا آهن ۽ پوءِ اهي رڳو نالا بڻجي ويندا آهن، جيڪڏهن پراڻي زماني ۾ بار کڻڻ واري جي علامتي نشانيءَ سان بہ اها ڪار ٿي آهي تہ پوءِ اُن کي ان قديم دور جي پنڊت - راجائن ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻ کپي. اهڙي قسم جي دليل بازي سان سڌو سئون قديم دور جي هندستان جي "بار کڻڻ" واري گهراڻي وٽ وڃي پهچبو، جنهن کي ڀارتا Bhartas چيو ويندو هو ۽ ان لفظ جي حقيقي معنيٰ بہ بار کڻڻ وارو Bearer آهي. جيئنءَ تہ ڀارتا پنڊت - راجا هئا ۽ ويدن واري دور ۾ سنڌوءَ واري علائقي ۾ رهندا هئا، ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءُ گهراڻو سنڌ سڀيتا جي پنڊت - راجائن King-pries جي خاندان جي ڦريءَ مان هجي.

بار کڻڻ واري طرز سان لاڳاپيل شاهي نالن تي ڪوجنا ڪندي وڃي آنڌرا گهراڻي وٽ پهتس، جنهنجي نسل جا راجا پاڻ کي ساتا واهنا Sata Vahana يا سالي واهنا Sali Vahana سڏائيندا هئا. مٿين لفظن جي پڇاڙي "واهنا" مان سوِلائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ سندن لاڳاپو بار کڻڻ Bearer واري خاندان سان آهي. واهنا جي معنيٰ آهي بار کڻڻ bearing يا کڻي هلڻ Carrying آهي. لفظن جو ثانوي حصو وهانا ڪاٽي بہ اڪيلو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو آهي، مون کي تہ اهو بہ گمان ٿئي ٿو تہ هن لفظن جي اڳياڙين ساتا Sata يا سالي Sali جو سنڌ سڀيتا جي بڻ بنياد سان تعلق هجي تہ ڪٿ ناهي. گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ ايئن آيو آهي تہ سنڌ لکت ۾ بار کڻڻ واري جي تصويري تحرير جي پرسان ٿانو ۽ تير جي اٽيءَ جي نشانين مان هڪ ضرور هوندي آهي. مون کي شڪ هن ڳالهہ جو ٿئي ٿو تہ اهي ٻئي نشانيون جيڪي بار کڻڻ واري تصويري تحرير پرسان آهن سي واهنا نالي جي اڳياڙي واري حصي جي حيثيت تہ نہ ٿيون رکن! جڏهن اهڙي تحقيق ڪيم تہ اچرج جهڙي هڪ جهڙائي معلوم ٿي، جنهن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو:

مطلب	هند - آران هڪ جهڙا لفظ	تصويري ٻيهڪ	نشاني
ٻَل چاڙهڻ جو هڪ ٿانو	ساتا	ٿانو	
پٿر جي لٺ يا نيزو	ساليا	تير جي اٽي	
بار کڻڻ يا کڻي هلڻ	واهنا	بار کڻڻ وارو	
ٿانو کڻڻ وارو	ساتا واهنا	ٿانو کڻڻ وارو	
آنڌر گهراڻي جو خاص نالو	ساليا يا وانا يا سالي واهنا	نيزي + کڻڻ وارو	

چا اهو فقط لفظن جي مطابقت ۽ موافقت ڪري ٿيو آهي يا اهو ان ڪري ٿيو آهي جو سنڌو لکت جي ٽن تصويري تحيري اکرن جي ٻيهڪ سنسڪرت جي ٽن اکرن جهڙي آهي؟ چا اهو محض اتفاق آهي جو ٻنهي لکتن جا ٻہ مرڪب اکر ساڳي شڪل صورت وارا آهن؟ اسان کي هن صورتحال

۾ مطابقت ۽ موافقت جي امڪانن کي هڪدم رد ڪرڻ گهرجي ۽ سمجهڻ کپي ته اهي لفظ بلڪل هڪ جهڙا ۽ هم معنيٰ آهن ۽ انهن جي پيڙهه ۾ سنڌ سيپتا جو اثر موجود آهي. آنڌرا Andhra به دراوڙ ڦريءَ مان آهن ۽ انهن جي اصلي ڌرتي به اتر – اولهه پار آهي، جيڪا سنڌ سيپتا جي ڏاکڻي دنگ کان ويجهو ڏکڻ ڏس تي آهي، آنڌرا راجائون ته هئا، پر سنڌن دعويٰ آهي ته اهي پنڊت به هئا، يعني ايڪا برهمانا eka Brahmana هئا. سنڌن اهو به چوڻ آهي ته ويدن واري زماني ۾ سنڌن ناناڻا اتان جا هئا. اسان کي اها به پڪ آهي ته ساتا واهنا يا سالي واهنا آنڌرا دراوڙين جا اصلي نالا هئا، اسان کي اهو به يقين آهي ته سنڌو لکت ۾ ٽانوَ ۽ تير جي اڻي واري نشاني لفظن جون پڇاڙيون Suffixex آهن ۽ بار کڻڻ واري نشانيءَ کان پوءِ پڙهي سگهبيون ۽ پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. اهڙيءَ ريت اهو چڱيءَ ريت سمجهه ۾ اچي-وڃي ٿو ته سنڌو لکت جي لفظن جي بيهڪ ۾ بار کڻڻ وارو+ ٽانو ۽ بار کڻڻ وارو+ نيزو آهي ۽ هن کان سواءِ بيو ڪجهه به ڪونه آهي. امڪان اهو آهي ته آنڌرا راجائن جو نالو ٻن ٻولين جو مرڪب هجي ۽ سنسڪرت نالي پنيان تڏهن ڪين سڏيو ويو جڏهن سنڌن اصلي خانداني خطاب گهڻو وقت اڳ پنهنجي اهميت وڃائي چڪو هو. هن حقيقت جي خلاف ڪا بي وزندار ثابتي موجود ڪانه آهي. ٽانو، نيزي ۽ بار کڻڻ واري جي هڪ لڳاتار بيهڪ آهي. سنڌن اها بيهڪ سياويڪ به لڳي ٿي تنهن ڪري ٻين ٻولين پڻ هنن لفظن کي اڌارو ورتو ٿو ڀانئجي.

بار کڻڻ واري علامتي نشانين جي بڻ بنياد سان لاڳاپيل دراوڙي ٻوليءَ جا هم معنيٰ بيا لفظ به نظر ايندا جيڪي DED, 3729 ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

پورو Poru (تا) بار کڻڻ ذميواري قبول ڪرڻ .

پوران Poran (تا) بار – وزن – ڳوراڻ.

پورئيان Poraiyan (تا) سنڀالينڌڙ.

پورد Porid (ڪود Kod) ذميواري سنڀالڻ.

اسان کي پورائي ۽ پورئيان نالا چيرا Chera گهراڻي جا لقب ۽ خطاب ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻوليءَ جي پيش ڪيل مٿين شاهدين مان ثابت ٿئي ٿو ته پورائيءَ Porai وارو لقب هند-آريائي ٻوليءَ جو ثانوي درجي وارو اڌارو ورتل هم معنيٰ لفظ ڪونه آهي. تنهن ڪري اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون ته ويدن جي دور يا اتر هندستان جي جنگين واري زماني وارا ڀارتا Bharatas پُراڻ جي زماني يا دکن ۾ تاريخ جي شروعاتي دور وارا ستاوا هانا ۽ تامل واري علائقي ۾ چيرا (پورئيان) گهراڻو جيڪو تاريخ جي شروعاتي دور ۾ اتي جو حڪمران هو، تن سيني جو هڪ جدا نسل ۽ الڳ هم معنيٰ لفظ جي وهڪري سان لاڳاپو آهي، جيڪو گهڻو پوئتي وڃي "بار کڻڻ" bearer واري خيال سان ملي وڃي ٿو، جنهن جو سنڌ- دراوڙي بڻ بنياد سان واسطو آهي.

هن سيني ماڻهن جو اصل ۽ بڻ بنياد آخر وڃي هڪڙو بيهي ٿو، جيڪا نهايت اچرج جهڙي ڳالهه آهي، اهڙي پڪي ثابتي اسان کي سنڌن لقب ساتا Sata مان ملي ٿي، جنهنجي، مٿي بيان ڪيل "ٽانو" jar جي علامتي نشاني آهي. هن هم معنيٰ لفظ لاءِ قديم دور جي عالمن جو به رايو آهي ته هي دراوڙي ٻولي وٽان اڌارو ورتل آهي، جيڪو سنسڪرت ٻولي ۾ داخل ٿي ويو آهي. ان ڪري هي هڪ فطري ڳالهه آهي جو هيءَ لفظ ساتا (پراڪرت ساتا) جي لفظ سان گڏ مِس ٿي ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته "هڪ سو" يا ان کان وڌيڪ. هن حقيقت مان اسان ڪوروَن جو "هڪ سو" جو روايتي تعداد به چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا. ڏند ڪٿا موجب سنڌن جنم هڪ ٽانوَ ۾ ٿيو هو. ساتا جو لقب ڪوروَن کي مٿيئن حقيقت سان ڳنڍي ٿو ڄڻ جو واسطو به ڀارتا ڦريءَ سان آهي. ٻئي پاسي کان هو آنڌرا ۽ چيرا خاندانن سان به لاڳاپيل آهن. سمجهه ۾ اچي ٿو ته جن جا شخصي لقب آتان Atan آهن، سي به ڄڻ ساتا Cata سان تعلق رکن ٿا، جنهن جي ٽارونءَ مان نڪرندڙ آواز کي ڇڏي ڏنو ويو آهي. اهڙي ريت بار کڻڻ bearerجي نالي وارو گهراڻو ۽ ٽانو ۾ چاول خاندان پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ٿا، جنهن مان اسانکي پڪ ٿئي ٿي ته

مٿي بيان ڪيل سيٺي گهراڻا سنڌو سيپتا جي پنڊت – راجا جي قريءَ منجهان ٿي آهن. هن ننڍي کنڊ جي روايتن ۾ ڏند ڪٿائن ۾ ”ٽانو“ سان لاڳاپيل نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن جو واسطو ڌرمي گهراڻن جهڙوڪ واسشٽا Vasishtha، آگستيا Agastya ۽ درونا Drona سان آهي، سي حڪمران خاندان سان به واسطو رکن ٿا، جنهن جو مثال ڪورو، آنڌرا ۽ تامل ويلير Velir آهن. هن حقيقت مان اسان کي پڪي ثابتي ملي ٿي ته سنڌ سيپتا جي سياسي نظام ۾ مذهبي راڄ قائم هو.



ساتا جي اصطلاح کي سڃاتو ويو آهي ته اهو پوئين دور جي ”ٽانو“ Jar جي علامتي نشانيءَ سان ڪنهن ناتي ڳنڍيل آهي، جنهن وسيلي اسان هڪ ٻيو هم معنيٰ لفظ لهي ورتو آهي. اهو لفظ به هن حقيقت جي تائيد ڪري ٿو ته آنڌرا خاندان سنڌ سيپتا جي هڪ علامتي نشانيءَ کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ سيپتا جي الف – بي ۾ اکرن جي هڪ جوڙي اهڙي نظر ايندي،جن مان معلوم ٿيندو ته اها سگهن واري هڪ شخصيت آهي. اهڙي قسم جي اکرن جو انگ به ججهو آهي. تصويري تحرير مان ائين معلوم ٿيندو ته اهو جنگي جونجهار يا ڪو اڳواڻ آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل ”ٽانو“ جي پٺيان لفظ جي پڇاڙيءَ طور ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي اسان کي بار ڪٺڻ ۽ ٽانو واري مرڪب جيان ڏسڻ ۾ ايندو ته ڇڻ ته هيءَ مرڪب پنهنجي اصلي اهميت ۽ صوتي ملهه (قدرن) کي وڃائي ڇڏيو آهي ۽ نشانيون قبيلي جي روايتي علامت طور محفوظ رهجي ويون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو علامتن جو نمونو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ به محفوظ رهجي ويو. هن نڪتي کي ڌيان ۾ رکي هڪ اندازي طور پوئين دور جي علامتي نشانين تائين پهچي سگهون ٿا. هن لاءِ هم معنيٰ لفظن جو ججهو انگ موجود آهي. اهڙو مثال هيٺ بيان ڪيو ويو آهي:

اهڙي ريت اسان کي ساتا ڪارنا Sata Karna (جيڪو بدلجي ساتا ڪرنين Sata - Karnin بڻجي ويو) جو لفظ ملي ويو آهي جيڪو سنڌو لکت جي ”ٽانو“ ۽ جنگ جوڌي جي تصويري تحرير جي مرڪب جي هم معنيٰ آهي. مٿين حقيقت جي ثابتي ٻي لکيل شاهدي ساتا ڪانٽا Sata kantha مان به ملي ٿي، جيڪو آنڌرا حڪمران گهراڻي جو نالو آهي، ٻي ڳالهه اها به ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته آنڌرا گهراڻي جي راجائن جي نالن ۾ ڪمڀا Kumbha جو لفظ ڳنڍيل آهي، جيڪو ”ٽانو“ لفظ جي هم معنيٰ ٻيو لفظ آهي. اهڙي ريت اسان سنڌن نالن ۾ ڪرنا Karna جا لفظ به ڏسون ٿا. ڏند ڪٿا جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ڪُمڀا ڪرنا يا فقط ڪَرنا جا نالا ملن ٿا، جن جي اصليت ۽ اشتقاقن جو پتوئي ڪونه ٿو پوي.

ٻين زمانن ۾ موجود هم معنيٰ لفظ جن جو ذڪر مان هن مقالي ۾ ڪيو آهي، يا اهڙا ٻيا لفظ جن کي جاڪوڙي هڪ جائتو ڪيو اٿم، تن مان پتو پوي ٿو ته سنڌو لکت جي لفظن جو هڪ اچرج جهڙو اتوٽ سلسلو موجود آهي، جيڪو هن ننڍي کنڊ جي تاريخي روايتن سان ڳنڍيو پيو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو سنڌولکت جو روسيٽا Rosetto stone آهي. اهڙا لفظ ڇڻ ٻن دراوڙي دورن جي وچ ۾ موجود زبان ۽ مڪان واري وٿيءَ کي پورڻ جا جتن ڪن ٿا ۽ سنڌ ۽ لکت جي علامتي نشانين کي وڏيڪ ويساهه جوڳو بنائي ڇڏن ٿا.

استادن لاءِ هدايتون

مغربي تعليمي ماهرن ٻارن کي تعليم ڏيڻ جا جي اصول قائم ڪيا آهن تن مان ڪي هي آهن:

الف: ٻارن کي ڏٺل حقيقت کان اڻ ڏٺل ڏانهن وٺي وڃڻ.

ب : ٻارن کي ڄاتل حقيقت کان اڻ ڄاتل ڏانهن وٺي وڃڻ.

ث: ٻارن کي سکيل حقيقت کان اڻ سکيل ڏانهن وٺي وڃڻ.

ح: ٻارن کي ٻڌايل حقيقت کان اڻ ٻڌايل ڏانهن وٺي وڃڻ.

ن: ٻارن کي سَوليءَ حقيقت کان اوليءَ ڏانهن وٺي وڃڻ.

٢. ٻارن لاءِ نئين سبق کي گهٽو وندرائيندڙ ڪجي.

٣. ٻارن جا سبق سکڻ ۾ وڌ ۾ وڌ جيترا عضوا ڪم آڻي سگهجن، اوترو بهتر آهي ته جيئن ته اک، ڪن، زبان هٿ، دماغ ۽ دل.

٤. سبق هلندي لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ سيکارجي.

٥. تعليم وندرائيندڙ ٿئي تنهن لاءِ جنسي شيون، انهن جا ماڊل، تصويرون موجود رکجن.

٦. سيکارڻ واري حرف سان تعلق رکندڙ شيون موجود هجن ۽ انهن جا نالا ٻارن کي ياد هجن.

٧. تعليم جو شروعاتي مرحلو لفظن جي آوازن ڪرائڻ ۽ ڌار ڌار آوازن مان لفظن ٺهرائڻ جو هُجي.

٨. لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ سيکارڻ لاءِ ڪڪِڙيون، پٿريون، واري، مِٽي، سليٽ، پٽي، بورڊ، قلم، چاڪ وغيره موجود رکجن، هوا ۾ ٻارن جو هٿ اکرن موجب هلارائجي.

٩. سيکاريل اکر لاءِ ٻار اک سان ڏسي، ڪن سان ٻڌي، زبان سان چئي، ان جي صورت ڌيان ۾ رکي، هٿ هلائي اهو بورڊ، پٽيءَ، سليٽ، مٽي ۽ واريءَ وغيره تي لکي. ڪڪڙين، مٽڪن، پٿرين، ڇنگهن، تارن وغيره سان ان جي شڪل ٺاهين. ان جا اندا ڪلکي قلم سان پرين.

١٠. قلم جي نوڪ ٿوري ڪاٻي هٿ پاسي مٽي ڪٽيل هجي.

١١. قلم، ٽن آگرين (وچينءَ ڏسٽيءَ ۽ آڱوٺي) سان پختو جهلڻ گهرجي، ۽ اهو سڄي انڊي تي هلائجي.

١٢. پهريان ئي ڪلاس کي قلم جهلڻ سيکارجي.

١٣. منڊ ۾ مَسُ کان سواءِ خالي قلم انڊي تي هِلائجي. ڪوشش ڪجي ته قلم انڊي کان ٽڙي نه وڃي.

١٤. قلم هلائڻ وقت هٿُ، سليٽ، پٽيءَ خواهہ بورڊ تي چڱيءَ طرح وهارجي.

١٥. تڪڙي هٿ هلائڻ ڪري اکر خراب ٿيندا، تنهن ڪري هٿ آهستي آهستي هلائجي.

١٦. قلم فقط جهلڻ وارين ٽن آگرين جي چورڻ سان هلائجي.

١٧. شروع ئي شروع ۾ نمبر وار هيٺين نشانين جا انڊا پرائجن.

. ـ ش پ ٿ ا / د، ب ف ع ر ئ ى

ﻫ س ں ~ ح ر ر ر ، ﻫ ﻫ سه له ، د ک حه //

١٨.انڊا، آليءَ ميساريل پٽيءَ تي ڪلڪ قلم سان پائي ڏجن.

١٩. هڪ دفعو پاتل انڊا وڏ ۾ وڏ جيترا ڏينهن هلي سگهن، اوترا ڏيهنَ هلائجن. ان ڪري وقت بچندو ۽ تڪليف گهٽ ٿيندي.

ٻاڳو پهريون

زباني استعمال

استاد کي هي عمل اول (منڍ) ۾ ڪرائڻ کپي، هن عمل جا ٻه ڀاڱا آهن:

(١) لفظن جا آواز (پڊ) ڪرائڻ (٢) آواز (پڊ) گڏي لفظ ٺهرائڻ.

پهريان ٿي ٻن پڊن وارو اکر لفظ وٺي ان جا زباني آواز ڪري ڏيکارجن، مثلاً اکِ، مکِ، چکِ، لَڌ آڌِ، اُٺُ، اَٺ، آب، راڳ، ساڳ، ٻاڳ وغيره.

٢. ٽن پڊن (اچارن) وارن لفظن جا آواز ڪرائڻ، مثلاً: اَگُرَ اَگُرِ، ادب، اَکرُ وَکرُ برف، حَرفَ، بَڪري، ٻَروچ، پگهر، پَشمَ ...... وغيره.

اهڙيءَ ريت چئن پڊن وارا حرف .... وغيره وغيره.

ٻاڳو ٻيو

آوازن مان لفظ ٺهرائڻ

مثلاً : اکِ جا آواز ڌار ڌار :اَ - کِ ٻڌائي، اهي گڏي اکِ چَوايو. اهڙيءَ ريت ٻيا ٻن آوازن وارا لفظ ٺاهڻ مثلاً :
اَ- ٽو گڏي ٻڌايو ڇا ٿيو، اهڙيءَ طرح لَ - ٽو، ڪَ-ٽو، مَ-ٽو، س- ٽو

هيٺين جا ڌار ڌار آواز ڪري، ڪلاس کان گڏائي لفظ ٺهرايو.

پِٽَ، پيٽ، پولو، پالو، ٽِرَ، ٽُچَ، تارو، ٽَرُ ٽوٽ، ٽيٽ، ٽيٽو، ٽاڪو، ٽيڪو، ٽيلهه، ٽيلهو، ٽالهه، گسُ، گُلُ، گابو گوهو، ڦيڦو، ٽيٽو،

ڳوٺ، ڳَٽو، ٽن آوازن وارا لفظ، اَکرُ اَکرُ آسرو، آسودو، اِيسرُ اُڏوهي، بيسَڻ، پاسَڻ، ٻوٽاڙي ...... وغيره.

اهڙيءَ ريت چئن آوازن وارا لفظ ..... وغيره.

زباني استعمال ٻاڱو ٻيو (هلندڙ)

هن لاءِ غني وارا آواز ڪم آڻجن:

انب، ڏنب، سنگ، رنگ، ڍنگ، ڍُنگ، ٽَنگَ، ٽُنگَ، انگور، باندر، سانگهڙ، ٻنگلو، باندر، ماندو، ميندرو، مونجهارو، ونڊر، وينجهار، ننگ، نانگ، جهانگي، سانگي وغيره.

ياڳو ٻيو

اصولي سڄهاڻي (حرفن جا جزا سيکارڻ)

"اعرابون سيکارڻ"

نشاني	اعراب ڏيڻ جي جاءِ	اعراب جو نالو
ـَ	اکر مٿان	زَبرَ
ـِ	اکر هيٺان	زيرِ
ـُ	اکر مٿان	پيشُ
ـٓ	اکر مٿان	مَدَ
ـْ	اکر مٿان	جَزم
ـّ	اکر مٿان	شَد يا تشديد.

هي جو لکيو ويو آهي، سو سڀ ڪجهہ استادن لاءِ آهي، ڪلاس کي فقط عملي ڪم ڪرائڻ ۽ اعرابن جا نالا ٻڌائڻا آهن.

هدايتون

ـَ هڪ نشاني آهي، اها بورڊ تي ڪيو، ڪلاس کان بورڊ، پٽيءَ، سليٽ، واريءَ ۽ هوا ۾ خواه هٿ جي ترىءَ تي ڪرايو. آخر ۾ ٻڌايو تہ هن جو نالو زَبر آهي ۽ حرفن جي مٿان ڏبي آهي.

آخر ۾ ڪلاس کان هيٺين موجب سوال پڇو:

١. ـَ نشانيءَ جو نالو ٻڌايو؟

٢. ـَ سليٽ........ وغيره تي لکو.

٣. ـَ ڪٿي ڏبي آهي (حرف تي)؟

اهڙيءَ ريت ـِ ، ـُ ، ـٓ ، ـّ ۽ جزم بہ سمجهايو.

"سبق پهريون"

نقطا، ٻڙيون يا ٽپڪا

هڪ نقطو •

ٻہ نقطا : ‥

ٻہ نقطا اُڀا. :

ٽي نقطا سنوان (سڌا) يا سبتا ∴

ٽي نقطا اُبتا: ∵

چار نقطا: ∷

استعمالي سوال

١. ٻن نقطن مان هڪ ڍاهيم، ٻڌايو تہ باقي ڪيترا بچا؟

٢. ٽن نقطن مان هڪ ڍاهيم، ٻڌايو تہ باقي ڪيترا بچا؟ .... وغيره.

سبق ٻيو

ليڪون

اڀي ليڪ: |

سمهيل ليڪ —

پاسيري ليڪ /

ٻٽي پاسيري ليڪ //

سوال

١. ڏهہ اڀيون ليڪون بورڊ تي ڪڍو؟

٢. سمهيل ليڪ ڏيکاريو؟

٣. ہہ پاسيريون ليڪون يا ٻٽي پاسيري ليڪ ڏيکاريو؟

۴.ہہ پاسيريون ليڪون بورڊ، پٽيءَ، واري، ڌرتي ۽ هٿ تي ڪڍو؟

سبق ٽيون

گولائيءَ واريون ليڪون

١. گولائيءَ واري سبتي ننڍي ليڪ: ر

٢. گولائي واري ابتي ننڍي ليڪ:)

٣. گولائي واريون ابتيون ہَہ ليڪون (ننڍي ۽ وڏي):

۴. ڊگهي گولائيءَ واري ابتي ليڪ:

۵. ننڍو سبتو اڌ گول: ں

٦. گولائيءَ واريون ہہ ليڪون هڪ ابتي ہي سبتي:

٧. گولائيءَ واري وڏي ليڪ: ر

٨. گولائيءَ واري اونڌي ننڍي ليڪ:

٩. وڏو سبتو اڌ گول: ں

١٠. ڊگهو گول: ـص

سوال

الف : گولائيءَ واري سبتي ليڪ ڏيکاريو؟ ب : گولائيءَ واري سبتي ليڪ ڪڍو؟

ج : گولائي واري ابتي ليڪ ڏيکاريو؟ د : گولائيءَ واري اَبتي ليڪ ڪڍو؟

ھ : گولائيءَ واري وڏي ليڪ ڏيکاريو؟ و : گولائي واري وڏي ليڪ ڪڍو؟

ز : ڊگهي، گولائيءَ واري ابتي ليڪ ڏيکاريو؟ ح : ڊگهي گولائي واري وڏي ليڪ ڪڍو؟

سبق چوٿون

گڏيل ليڪون

١. گولائيءَ واري ننڍي اُڀتي، ننڍي ۽ سمهيل ۽ گولائي واري ننڍي سبتي ليڪ ـــ

٢. گولائيءَ واري ننڍي اُڀتي، ننڍي ۽ سمهيل ۽ گولائي واري ننڍي گڏيل ليڪ ب

٣. گول، سمهيلءِ گولائي واري ننڍي گڏيل ليڪ و

٤.. گول، سمهيلءِ گولائي واري ننڍي گڏيل ليڪ ف

٥. گولائيءَ واري ابتي (اونڌي) پاسيري ۽ گولائي واريون سبتيون ليڪون ر

٦. گولائيءَ واري ابتي (اونڌي) پاسيري ۽ گولائي واريون سبتيون ليڪون گڏيل ر

٧. ٻہ ننڍيا سڌا اڌ گول س

٨. ٻہ ننڍيا سڌا اڌ گول هڪ وڏو س

٩. ٻہ ننڍيا سڌا اڌ گول گڏيل س

١٠. گولائيءَ واري ابتي ڏگهي ليڪ ۽ وڏو ابتو اڌ گول گڏيل ح

١١. هڪ ننڍو ابتو ۽ هڪ وڏو ابتو اڌ گول گڏيل ع

١٢. هڪ سبتي گولائيءَ واري ننڍي ۽ هڪ پاسيري ليڪ گڏيل د، ر، م

١٣. هڪ سبتو ڏگهو گول ۽ هڪ وڏو سبتو اڌ گول ص ن ص

١٤. هڪ سبتو ڏگهو گول ۽ هڪ وڏو سبتو اڀي ليڪ گڏيل ط ـ ط

سوال

الف : گولائيءَ واري سبتي ننڍي ليڪ ڏيکاريو؟ ب: گولائي واري سبتي ننڍي ليڪ ڪيڏو؟

= گولائيءَ واري سبتي ننڍي ليڪ مٽڪن سان ناهيو. ب: گولائي واري سبتي ننڍي ليڪ چنگهن سان ناهيو.

= گولائيءَ واري سبتي ننڍي ليڪ چنگهن مان ناهيو.

= گولائيءَ واري ابتي ڏگهي ليڪ واريءَ تي لکو؟ ب: گولائي واري ابتي ڏگهي ننڍي ليڪ تارن مان ناهيو؟

گولائي واري ابتي ڏگهي ليڪ مٽيءَ واري سيٽ مان لهو؟

نوٽ نمبر ١: مٿين ليڪن مان هرهڪ ڌار ڌار شين تي ڏهاڪو دفعا لکايو.سڪيل ڪم روزانہ ٻہ دفعا لکايو.

نوٽ نمبر ٢: سڀ ڪنهن نئين سبق لاءِ بورڊ، رنگين چاڪ، پنا، پينسلون، سليٽون، پٽيون، مٽي، واري، ڳوهيل مٽي، مٽڪا، تيليون، چنگهون، سنهيون ۽ مڙندڙ تارون، سبق سان واسطيدار حرفن جا سيٽ (هر هڪ ويهارو داڻن جو سيٽ هجي) موجود رکو، اهي پاڻن تي لڳل هجن يا مٽيءَ، ميٽ ۽ پيپر پلپ جا ٺهيل هجن)

نوٽ نمبر ٣:مثلاً مٽي ۽ ميٽ ۾ تنبيل ڪپ وجهي اهڙيءَ ريت ملائجي جيئن ڪپهہ سموري ملي وڃي، ان مان ٺاهيل ليڪو، حرف ۽ ماڊل مضبوط ٿيندا، پيپر پلپ استعمال ڪجي تہ ان ۾ ٿوري ڪونئر ملائجي.

نوٽ نمبر ٤: واسطيدار حرفن سمجهائڻ لاءِ اهڙا لفظ چونڊجن: جن ۾ واسطيدار حرف جا آواز موجود هجن.مثلاً اڪ سيکارڻ لاءِ، اڪ، انبُ (جنسي يا ماڊل) آڪَ جي ٽاري اگر وغيره موجود رکجن، انهن مان هر هڪ ڌار ڌار ڏيکاري،

اهي سجاڳائجن پوءِ انهنجا آواز ڪرائي ڪلاس کي ٻڌائجي تہ ان مان آءُ "آ" جو آواز لڪان ٿو، اهو آواز هر هڪ شيءِ مان ڪڍائي هڪ ٻئي هيٺان بورڊ تي لکجي، ان کان پوءِ اهو آواز ڪلاس کان ڌار ڌار شين تي لکائجي ۽ ڌار ڌار سيني شين مان نهرائجي. مثلاً اک، اڪُ، اگر ورتل آهن ان لاءِ بورڊ تي لکو:

اک جا ٻہ آواز آهن آ، آ ٢، ڪِ، بعد آ، بورڊ تي لکو ۽ ڪلاس کان مٿئين وانگر لکايو.

اڪُ جا ٻہ آواز آهن آ، آ .. ٢، ڪُ، بعد آ بورڊ تي لکو ۽ ڪلاس کان مٿئين وانگر لکايو.

اگرَ جا ٽي آواز آهن آ، ٢، گ، ٣ رُ بعد آ بورڊ تي لکو ۽ ڪلاس کان مٿئين وانگر لکايو وغيره.

ڪجھہ استعمال کان پوءِ آ جي زير ڊاهي ڇڏيو، باقيءَ لاءِ ٻڌايو تہ هي "الف" آهي، اهو بورڊ تي لکو ۽ ڪلاس کان ڌار ڌار شين تي لکايو ۽ چونڊايو ۽ جنسي شين مان نهرايو. لکڻ ۽ چوڻ جو گهڻو استعمال ڪرايو.

نوٽ نمبر ٥: سڪيل تان اڻ سڪيل جي اصول موجب اکر دفعن ۾ ورهائجن، مثلاً "ب" سيکارڻ کان پعد پ ... وغيره ٿ تائين، ف ۽ ق، گ .... وغيره .... وغيره دفعن موجب سيکارڻ ۽ سکڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

هن مان هي فائدا ٿيندا:

١. ڪلاسَ ٿوري سمجهاڻيءَ سان سبق سمجهي ويندو.

٢. ڪلاس کي حرفن جو فرق دماغ ۾ ويهي ويندو.

٣. ڪلاس کي نئين حرف لکڻ ۾ تڪليف نہ ٿيندي.

٤. وقت بچندو.

٥. ٻارن جي حافظي تي بار نہ ٿيندو، .... وغيره وغيره.

اهڙيءَ ريت پهرئين درجي جي استاد کي لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ سيکارڻ سان تڪليف وٺي قوم جي نئين نسل کي ترقيءَ ڏانهن گامزن ڪرڻ گهرجي. استاد جو اهو مکيہ فرض آهي.

ٻاڳو ٽيون

الف، بي، سيکارڻ

سبق پهريون

"الف سيکارڻ"

واسطيدار (شيءِ) جي تصوير	لفظ	ان جا آواز	واسطيدار آواز	واسطيدار حرف
	اک	١. آ ٢. ڪِ	آ	ا
	اڪُ	١. آ ٢. ڪُ	آ	ا
	اگرُ	١. آ ٢. گَ ٣. رُ	آ	ا
	انب	١. آن ٢. بُ	آ	ا

سبق ڇهون

"ب کان ٿ تائين آکر سيکارڻ"

واسطيدار (شيءِ) جي تصوير	لفظ	ان جا آواز	واسطيدار آواز	واسطيدار حرف
	بَدَڪ	١. بَ ٢. دَ، ٣. ڪ	بَ	ب
	بَصَرُ	١. ،ب ٢. صَ، ٣. رُ	بَ	ب
	بَٽَڻُ	١. بَ ٢. ٽَ ٣. ڻُ	بَ	ب
	ٻڪري	١. ٻَ ٢. ڪِ ٣. رِي	ٻَ	ٻ
	ٻگهُ	١. ٻَ ٢. گهُ	ٻَ	ٻ
	پٿرُ	١. پَ ٢. ٿَ ٣. رُ	پَ	پ
	پَنُ	١. پَ ٢. نُ	پَ	پ
	ڀَتُ	١. ڀَ ٢. تُ	ڀَ	ڀ
	ڀَٿُ	١. ڀَ ٢. ٿُ	ڀَ	ڀ
	تَسِري	١. تَ٢.سِ ٣. رِي	تَ	ت
	ٽئو	١. ٽَ ٢. ئو	ٽَ	ٽ
	ٺَڪُرُ	١. ٺَ ٢. ڪُ ٣. رُ	ٺَ	ٺ
	ٺَٽ	١. ٺَ ٢. ٽُ	ٺَ	ٺ
	ٽَنگَ	١. ٽَ ٢.گ	ٽَ	ٽ
	ٽَلِي	١. ٽَ، ٢. لِي	ٽَ	ٽ
	ٿَڦَ	١. ٿَ ٢. ڦ	ٿَ	ٿ
	ٿَڄُ	١. ٿَ ٢. ڄُ	ٿَ	ٿ

سبق ٽيون

(ف کان ک) تائين اکر



فَرِحي	١. فَ ٢. رَ. ٣.حِي	فَ	ف
فقِيرُ	١. فَ ٢. قي ٣. رُ	فَ	ف
قُرُ	١. قَ ٢. رُ	قَ	ق
گڏھُ	١. گَ ٢. ڏَ. ٣. ھُ	گَ	گ
گَسُ	١. گَ، ٢. سُ	گَ	گ
ڳَرُ	١. ڳَ ٢. رُ	ڳَ	ڳ
ڳَلُ	١. ڳَ ٢. لُ	ڳَ	ڳ
سِنگَ	١. سِنَ ٢. گَ	سِ	س
مُگَ	١. مُ ٢. گَ	مُ	م
کَلَ	١. کَ ٢. لَ	کَ	ک
کَٽَ	١. کَ ٢. ٽَ.	کَ	کَ

سبق چوٿون

”د کان ڍ تائين“



دَرُ	١. دَ ٢. رُ	دَ	د
دَٻو	١. دَ ٢. ٻو	دَ	د
ڏرو	١. ڏَ ٢. رو	ڏَ	ڏ
ذُوالفقار	١. ذُ و ٢. آلَ ٢. فِ، قارُ	ذُ	ذ
ڌَڪُ	١. ڌَ ٢. ڪُ	ڌَ	ڌ

	ڏَڻُ	١. ڏَ ٢. ڻُ	ڏَ	ڏ
	ڏڪُ	١. ڏُ ٢. ڪُ	ڏُ	ڏ
	ڏڪَرُ	١. ڏُ ٢. ڪَ ٣. رُ	ڏُ	ڏ
	ڊڪَڻُ	١. ڊَ ٢. ڪَ ٣. ڻُ	ڊَ	ڊ
	ڊاکَ	١. ڊا ٢. کَ	ڊ	ڊ
	ڍِڳو	١. ڍِ ٢. ڳو	ڍَ	ڍ
	ڍَلُ	١. ڍَ ٢. لُ	ڍَ	ڍ

سبق پنجون

	عَطرُ	١. عَ ٢. طُ ٣. رُ	عَ	ع
	غفارُ	غَ، فاَ ۽ رُ.	غَ	غ
	غدارُ	غ، دَا ۽ رُ.	غَ	غ
	حَجَمُ	حَ، جَ ۽ مُ.	حَ	ح
	حَبشِي	حَ، بِ ۽ شي.	حَ	ح
	جَتُ	جَ ۽ تُ.	جَ	ج
	جَمالُ	جَ، ما ۽ لُ.	جَ	ج
	ڄَٽُ	ڄَ ۽ ٽُ.	ڄ	ڄ
	ڄِيَ	ڄِ ۽ يَ	ڄ	ڄ
	مُڃَ	مُ ۽ ڃَ.	ڃَ	ڃ



سُجَ	سُ ءِ جَ.	جَ	ج
چَتُون	چَ ءِ تون.	چَ	چ
چَپَرَ	چَ، پَ ءِ رَ	چَ	چ
ڇَتِي	ڇَ ءِ تِي.	ڇَ	ڇ
ڇَجُ	ڇَ ءِ جُ.	ڇَ	ڇ
خَچَرُ	خَ، چَ ءِ رُ	خَ	خ
خَرُ	خَ ءِ رُ	خَ	خَ

سبق چهون

”ر کان مز تائين“



رَبڙُ	رَ، بَ ءِ ڙُ.	رَ	ر
رَتُ	رَ ءِ تُ.	رَ	ر
زَبَرَ	زَ بَ، رَ.	زَ	ز
زَنِ	زَ ءِ نِ.	زَ	ز
ڪَبڙُ	ڪَ، بَ ءِ ڙُ.	ڙَ	ڙ
لَغڙُ	لَ، غَ ءِ ڙُ.	ڙُ	ڙ
ڪَنُ	ڪَ، نُ.	ڪَ	ڪ
ڪَبرِ	ڪَ، بَ ءِ رِ.	ڪَ	ڪ
نَلُ	نَ ءِ لُ..	نَ	ن
نَڪُ	نَ ءِ ڪُ.	نَ	ن

	وَڻُ	وَ ۽ ڻُ	وَ	و
	وَڇِ	وَ ۽ ڇِ	وَ	و
	لَڪُڻُ	لَ، ڪُ ۽ ڻُ	لَ	ل
	لَٺِ	ل ۽ ٺِ	لَ	ل
	مَڇَرُ	مَ، ڇَ ۽ رُ	مَ	مَ
	مَکِ	مَ ۽ کِ	مَ	مَ

سبق ستون
س کان ظ تائين

	سَٻَرُ	سَ، ٻَ ۽ رُ	سَ	س
	سَٿَرَ	سَ، ٿَ ۽ رَ	سَ	س
	شَجَرُ	شَ، جَ ۽ رُ	شَ	ش
	شَڪَرَ	شَ، ڪَ ۽ رَ	شَ	ش
	قَلَمُ	قَ، لَ ۽ مُ	قَ	ق
	قَبَرَ	قَ، بَ ۽ رَ	قَ	ق
	صَنْدُوق	ص ن، دُو ۽ ق	صَ	ص
	صَندِلي	صَ ن، دَ ۽ لي	صَ	ض
	قَرَضُ	قَ، رَ ۽ ضُ	ق	ق
	مَرَضُ	مَ، رَ ۽ ضُ	مِ	م
	طوطو	ط و ۽ ط و	ط	ط

	طبيبُ	طَ بي ۽ بُ	طَ	ط
	ظُلمُ	ظُ لُ ۽ مُ	ظُ	ظ
	ظفرُ	ظَ فَ ۽ رُ	ظ	ظ

سبق اٺون

	هَٿُ	هَ ۽ ٿُ	هَ	ه
	هَرُ	هَ ۽ رُ	هَ	ه
	جَهلَ	جَھ ۽ لَ	جَھ	جھ
	جِهرڪي	جِهر ۽ ڪي	جِھ	جھ
	گهرُ	گھَ ۽ رُ	گھ	گھ
	گهَٽو	گھ ۽ ٽو	گھ	گھ
	يَڪو	يَ ۽ ڪو	يَ	ي
يَدُ ۽ هٿُ ـ	يَدُ	يَ ۽ دُ	يَ	ي

ڀاڱو چوٿون

متحرڪ

سبق پهريون

(ـَ) زبَرَ

ڪلاس کي اعرابون منڊ ۾ ئي سمجهايل آهن، هتي نقطي جو عملي ڪم سيکارڻو آهي.

جيئن ته آ .... وغيره

ان جي سيکارڻ لاءِ الف جي سيکارڻ وقت جيئن آ سيکاريو ويو آهي. تيئن ڪلاس کي آپَدَ وارا لفظ ٻڌائي يا پڇي

(ا) لکو ۽ ڪلاس ۾ چوايو اَلفُ زَبَرَ اَ. اهڙيءَ ريت زَبَرَ جي تختي پوري ڪرايو.

اَ بَ ٻَ ڀَ تَ ٿَ ٽَ ٺَ ثَ پَ جَ ڄَ جهَ ڃَ چَ ڇَ حَ خَ دَ ڌَ ڏَ ڊَ ڍَ ذَ رَ ڙَ زَ ژَ سَ شَ صَ ضَ طَ ظَ عَ غَ فَ ڦَ قَ ڪَ کَ گَ ڳَ گهَ ڱَ لَ مَ نَ ڻَ وَ هَ ءَ يَ

سبقُ ٻيو

(ـِـ) جي تختي

اِ بِ ٻِ ڀِ تِ ٿِ ٽِ ٺِ ثِ پِ جِ ڄِ جهِ ڃِ چِ ڇِ حِ خِ دِ ڌِ ڏِ ڊِ ڍِ ذِ رِ ڙِ زِ ژِ سِ شِ صِ ضِ طِ ظِ عِ غِ فِ ڦِ قِ ڪِ کِ گِ ڳِ گهِ ڱِ لِ مِ نِ ڻِ وِ هِ ءِ يِ.

سبق ٽيون

پيش جي تختي

اُ بُ ٻُ ڀُ تُ ٿُ ٽُ ٺُ ثُ پُ جُ ڄُ جهُ ڃُ چُ ڇُ حُ خُ دُ ڌُ ڏُ ڊُ ڍُ ذُ رُ ڙُ زُ ژُ سُ شُ صُ ضُ طُ ظُ عُ غُ فُ ڦُ قُ ڪُ کُ گُ ڳُ گهُ ڱُ لُ مُ نُ ڻُ وُ هُ ءُ يُ

سبق چوٿون

(ـٰـ) يا حرف پنيان الف ساڪن جي تختي

آ (اٰا) بَ (بَا) ٻَا ڀَا تَا ٿَا ٽَا ٺَا ثَا پَا جَا ڄَا جهَا ڃَا چَا ڇَا حَا خَا دَا ڌَا ڏَا ڊَا ڍَا ذَا رَا ڙَا زَا ژَا سَا شَا صَا ضَا طَا ظَا عَا غَا فَا ڦَا قَا ڪَا کَا گَا ڳَا گهَا ڱَا لَا مَا نَا ڻَا وَا هَا ءَا يَا

سبق پنجون

استعمال لاءِ لفظ

جَ، تَ ۰(جَتَ) بَ، گهَـ (بَگهَـ) پَ، ڪَ (پَڪَ) چَ، پَ (چَپَ) چِ، لَ (چَلَ) جَ، جَ (جَجَ) مَ، تَ (مَتَ) لَ، سَ، (لَسَ) گَ، سَ (گَسَ) جهَ، لَ (جهَلَ) پَ، لَ (پَلَ) بَ، صَ، رَ (بَصَرَ) لَ غَ، ڙَ (لَغَڙَ) پَ، ڪَ، ڙَ (پَڪَڙَ) وَ، ڪَ، ڙَ (وَڪَڙَ)دَ، گِ، ڙَ (دَگِڙَ) وَ، لَ، رَ (وَلَرَ) نَ، ظَ، رَ (نَظَرَ) حَ، شَ، رَ (حَشَرَ) بَ، گهَ، ڙُ (بَگهَڙُ) چَ، بَ، رَ (چَبَرَ) وَ، ٽِ (وَٽِ) لَ، ٽِ (لَٽِ) لَ، ٺِ (لَٺِ) بَ،سِ (بَسِ) پِ، ٽَ، رَ (پِٽَرَ) پَ، ٽَ، رَ (پَٽَرَ) پَ، ٽَ، ر (پَٽَرِ) چِ، لِ، ڙَ (چِلِڙَ) چِ، ٽَ، رَ (چِٽَرَ) اَمَ مَ، ڙِ (اَمَڙِ) ڪَ، بَ، رِ (ڪَبَرِ) گَ، دَ، ڙَ (گَدَڙَ)، اُ، نَ (اُنَ) سُ، ٽَ (سُٽَ) پَ، ٽُ (پَٽُ) چَ، گهُ (چگهُ) رُ، لُ (رُلُ).

پُ، چُ ۰(پُچُ) رُ، سُ (رُسُ) ڪُ، لُ (ڪُلُ) اَبَ (اَبَ) لُ، بَ (لُبَ) ٿُ، بُ (ٿُبُ) قُ، لُ (قُلُ) تَ، ڪُ (تَڪُ)

١نوٽ الف، ب جا ڏار ڏار حرف، يا ٽن ٽڪرين تي ڪلاس ڪان چوندائڻ لاءِ رکيل هجن.

٢نوٽ الف - بي جي سڄي تختي پاڻي تي لکيل پڻ ڪلاس ۾ موجود هجي.

٣نوٽ "متحرڪ حرف" نه چوڪرن کي پڙهائڻو ۽ نه چوائڻو آهي، لفظ فقط ماستر صاحب لاءِ آهن.

نَ، ڪُ (نَڪُ) حَ،ق (حق) ڌَ، ڌڪُ (ڌَڪُ) اُ، ب، هَ، رَ (اُبهَرَ) وَ، لِ رُ (وَلِرُ) س، گهَ، ڙ (سُگهڙ) ڪُ، ڪُ، ڙَ (ڪُڪڙَ) اُ، نَ، ڙ (اُنڙ)، چ، پ، ڙُ (چِپڙ) ڏُ، ڪَ، ڙُ (ڏُڪَڙُ)

اُٺ وَٺُ، اڪ پَتِ، دَرُ ڏِس، وِڪَ ڪَڻُ، مَنَرَ جَتِ، ٽُڪَ اُڇلِ، دَرُ پَتِ، هَٿُ جهَلِ، نَڪُ اُگهُ، قَلمُ گهڙِ، ڪا،ڪا (ڪاڪا) با،با (بابا) آ، دا (آدا) يَا، پُ (پاپُ) با، غُ (باغ) دَا، غُ (داغ) زَا، غُ (زَاغُ) چَا، ڪُ (چاڪُ) يَا، ڳُ (ياڳُ) گا، با (گابا) با، زُ (بازُ) خَ،را، بُ (خَرابُ) گُ، لا، بُ (گُلابُ) سَا، هَ، ڙُ (سَاهَڙُ) وَا، هَ، ڙُ (وَاهَڙُ)

آءُ! ڪُڪڙُ ڪهُ، بابا! قَلمُ وَٺُ، ڪاڪا جهرڪُ ڦاساءِ.

ابا! ساڳُ پَٽِ، دادَا! وَڻُ وَڍِ، چاچا ٻَڪَرُ ڪاهِ، وادا! دَرُ ناهه، رازا! پِٽِ ڪَڍُ، ماما! نَ مارِ، سُگهَڙَ زَالَ! گهر صاف رک، اَمڙ ڏُڌُ پِيَارِ، سَس! سَوڙِ ڪَڻُ، مِنا! پِترَ نَ هَڻُ، اَدَا! ڪَپُ ڪَڻُ ڪِلڪَ ڪُهَڙِ.

سبق ڇهون

ياءِ معروف جي آوازن جي تختي

اِيْ بِيْ ٻِيْ ڀِيْ پِيْ تِيْ ٿِيْ ٽِيْ ٺِيْ ثِيْ پِيْ فِيْ ڦِيْ ڪِيْ ڳِيْ گِيْ ڪِيْ ڀِيْ دِيْ ڌِيْ ڏِيْ ڊِيْ ڍِيْ ذِيْ حِيْ جِيْ ڄِيْ جِيْ ڇِيْ چِيْ خِيْ عِيْ غِيْ رِيْ ڙِيْ زِيْ مِيْ نِيْ لِيْ سِيْ شِيْ وِيْ ڦِيْ صِيْ ضِيْ ٽِيْ طِيْ ظِيْ هِيْ جهِيْ گهِيْ ڪِيْ ئِيْ.

لفظ

ايٽ پَٽولهُ، بِيٺَ ڪَاءُ، اَدَا! ڏُڌُ پيءُ، بابا! ماني ڪَاءُ، نوازَ! ڏهي وَٺي آءُ، وَسَڻَ! کِيرُ ڏهي وَٺُ، نانا جي ٻَڪِري هَلِيْ وَئِي، دادي! ٻِلي کير کائي وَئِي، ادي! تو ڪَڙُ کاڌِي؟ ٻَڪِري ڇيلي ڄَڻي.

سبق ستون

ياءِ مجهول جا آواز (ياڱو پهريون)

ايْ، بيْ ٻيْ ڀيْ پيْ تيْ ٺيْ ٿيْ ثيْ، ٽيْ فيْ ڦيْ ڪيْ ڳيْ گيْ ڪيْ ڀيْ ديْ ڌيْ ڏيْ ڊيْ ڍيْ ذيْ حيْ جيْ ڄيْ چيْ ڇيْ خيْ عيْ غيْ ريْ زيْ ڙيْ ميْ نيْ ليْ سيْ شيْ ويْ ڦيْ صيْ ضيْ ٽيْ طيْ ظيْ هيْ جهيْ گهيْ ڪيْ ئيْ.

لفظ

ايڪو ٻيلُ بيڪَ کيتَ تاڙي،

کيتَ تي پکِيْ ويٺَا آهِنِ. ٻارَا! تاڙِي وَڄاءِ، نبيا! نِيسارُوَٽِ وَڃي ٻيهُ، لئِيْ جي ڪاني وَڍِيْ وَڃُ، اُٺَ تي بارُ ڪٽِيْ هَلُ ٻيلي جي وَٽِ وٽِ گهٽي گپَ آهي، ڊِگِيْ کِيْ ڪُلهيْ تي ڦَٽُ آهي، ڪُتيْ جيْ ٻُتَ تيْ وَارَ آهِنْ، هِنَ ٻئي ڪُتيْ کي مَارِ، وَڏَا! ڪاٺُ ڇِيريْ دَرُ ناهِه.

ياءِ مجهول جا آواز ياڱو ٻيو

اَيْ بَيْ ٻَيْ ڀَيْ پَيْ تَيْ ٿَيْ ٺَيْ ثَيْ ٽَيْ فَيْ ڦَيْ ڪَيْ ڳَيْ گَيْ ڪَيْ ڀَيْ دَيْ ڌَيْ ڏَيْ ڊَيْ ڍَيْ ذَيْ حَيْ جَيْ ڄَيْ جَيْ چَيْ

ڇيْ خيْ عيْ غيْ ڙيْ رَيْ زيْ ڙَيْ مَيْ نَيْ لَيْ سَيْ وَيْ قيْ صَيْ ضَيْ شَيْ طَيْ ظَيْ هَيْ جهيْ گهيْ ڪَيْ ٿَيْ.

لفظ

اَيْٽُ بيْٽَ سَيْرُ

ڏِيکا ! ايْٽُ ڪاهِن تا، ٻارَ بيْٽَ ٻالَ کيڏَن تا، مُسافِرَ سير لاءِ آيا آهِن، رَئيس! گهڙي ڪِٿي وَڃُ، احمد شي تي ڪاڏي، بَازارِ وَٽِ جادي وَارِي ٻَڪِرِي بِيٺي آهي.

سبق اٺون

واءُ معروف وارا آواز

اُوڇو، ٻُوٽُ، ٻُوٽُ ...... وغيره لفظن پيش ڪرڻ سان هن تختيءَ جي شروعات ڪري تختي پوري ڪرايو.

اُوْ ٻُوْ، ٻُوْ پُوْ ڀُوْ تُوْ ٿُوْ ٽُوْ ٺُوْ ٿُوْ فُوْ ڦُوْ ڪُوْ ڳُوْ گُــوْ کُوْ يُوْ دُوْ ڏُوْ ڊُوْ ڍُوْ ڌُوْ حُوْ جُوْ ڄُوْ جُوْ ڃُوْ چُوْ ڇُوْ خُوْ عُوْ غُوْ رُوْ زُوْ ڙُوْ مُوْ نُوْ لُوْ سُوْ شُوْ وُوْ قُوْ صُوْ ضُوْ ٿُوْ طُوْ ظُوْ هُوْ جهُوْ گهُوْ ڪُوْ ٿُوْ.

لفظ

ٻُوٽُ پاءِ، ٻُوٽُ صافُ ڪَرِ، ٻَابُو ٻَاهِر ٻَارِ، پُٽَ ٻَکُوْ وَڻُ نه وَڍِ.

بابا! ٻُوٽُ پَارَاءِ، اَدَا خُدُوْ! خطُ لِکُ، رَامَا! رُلُ نَه، کُلُوْ! گُلَ نه چِڻُ، هَرُوْ! هَرُ ڪاهِ، وَلُوْ! وَاڻُ وَٽِ.

سبق نائون

واءُ مجهول جا آواز (ياڱو پهريون)

اوڇَڻُ، ٻوڇَڻُ، ڏڀوْ .... وغيره لفظن پيش ڪرڻ سان هيءُ تختي شروع ڪريو.

اوْ ٻوْ ٻوْ پوْ ڀوْ توْ ٿوْ ٽوْ ٺوْ ٿوْ فوْ ڦوْ ڪوْ ڳوْ گوْ کوْ يوْ دوْ ڏوْ ڊوْ ڍوْ ڌوْ حوْ جوْ ڄوْ جوْ ڃوْ چوْ ڇوْ خوْ عوْ غوْ روْ زوْ ڙوْ موْ نوْ لوْ سوْ شوْ ووْ قوْ صوْ ضوْ ٿوْ طوْ ظوْ هوْ جهوْ گهوْ ڪوْ ٿوْ.

لفظ

اوْسِتَا! پِٽِ اوْسَارِ، ڏَادَا! ٻوڇڻ کَڻُ، تَڏِ لاءِ اوڇڻ نَهراءِ، ڏڀوْ دَرَ وَٽِ رَکُ، پوْلوْ! مکڻُ کاءَ، مَنوْ مَتوْ ڏوتوْ، فَخرِ ڦالُوڏوْ ڪاڏوْ، موْرَ! مزا نَه ڪاءَ، بابا! ڦـڙڪوْ ورتم، اَڏيْ! روْٽ پچاءِ، بابلا پَٽَ ڪائوْ.

سبق ڏهون

واءُ مجهول جا آواز (ياڱو ٻيو)

اَوْڪوْ، دَوْنُ، سَوْڪو ...... وغيره لفظ پيش ڪري هيءَ تختي شروع ڪريو.

اَوْ بَوْ ٻَوْ پَوْ ڀَوْ تَوْ ٿَوْ ٽَوْ ٺَوْ ٿَوْ فَوْ ڦَوْ ڪَوْ ڳَوْ گَوْ کَوْ يَوْ دَوْ ڏَوْ ڊَوْ ڍَوْ ڌَوْ حَوْ جَوْ ڄَوْ جَوْ ڃَوْ چَوْ ڇَوْ خَوْ عَوْ غَوْ رَوْ زَوْ ڙَوْ مَوْ نَوْ لَوْ سَوْ شَوْ وَوْ قَوْ صَوْ ضَوْ ٿَوْ طَوْ ظَوْ هَوْ جهوْ گهوْ ڪَوْ ٿَوْ.

حَجَمَ! هَوْرَ ڪَڍُ، اوْڪو سَبَقُ نه ڏِيْ، سبق سَوْلُوْ آهي.

ڏوڙ جو شهرُ ڏِسُ، وَڻَ وڏا ٿيا آهِن، ڪَوثَرِ! ڪپاهه نہ وِڃاءِ، ٻاڌل! ڀَوُ نہ ڪَرِ، اَڃايو شوقُ ذوقُ نہ ڪر، ڏولڻ!
تون ڏوڪيو؟ نوڪَرَا! پڪوڙا وَٺُ.

سبق يارهون

الف ساڪن مع غنہ جا آواز

آنڌي، ٻانڌِي ٻانڌِيُ جهڙن آوازن سان هن سبق جي شروعات ڪريو:

اآن (آن) ٻان ٻان ڀان يان تان ٿان ٽان ٺان ٿان ڦان ڦان ڪان ڳان ڱان ڪان يان ڏان ڌان ڏان ڏان ڊان حان جان ڄان
ڃان چان ڇان خان عان غان ران زان ڙان مان نان لان سان شان وان ڦان صان ضان ٽان طان ظان هان جهان گهان ڪان ٿان.

هِيءَ ڪُڪَڙَ جو آنڊو آهي، مُلو ٻانگ ٿو ڏِئي، ادا! سانجهي ٿِي آهي، ٻاپِي! ڏُڌَ وارو ٻاندو ٻچِيُ پيو، وانهه منجهه مهاڻِ ٻانڌو وِڌو آهي، ٻڪِريءَ ڪان ڪِيرَ ڄا پانڌا تہ ڪَيُ، ڄانءَ ڪيُ واندَ ڪانهي، گُلابُ شامَ رانڌِ ڪندو، هِيءُ ٻڪِرين جِي ڇانگَ آهي، ٻابا لانڍِيءَ تيُ مِهمان آيا آهن، دِلِ مانڌِيءَ تي ٿئي. هِيءُ ٻُنڍِيءَ ڪانڍِيءَ آهي.

.سبق ٻارهون

(زبر)ـَـ جا غنہ سان آواز

اَنبُ، بَندُ، پَنڌُ جهڙن لفظن سان هن جي شروعات ڪريو.

اَن بَن ٻَن پَن ڀَن تَن ٿَن

آبا! گندُ نہ ڪَرِ، ڇوڪَرِا! اَنبُ وَٺُ، ڏاتُو! پاڻِيءَ بَندُ، چاچا! بَندوق ڪَڻُ، ڏهاڙِيءَ تورو پنڌُ ڪرِ، ڪُرمِيءَ بَندُ بَنڌِيءَ
تو، اَنڊو قَقيرُ لٺ تو ڪَٽي، انجيرُ، دَوا وَانگرُ ڪَمِ تو اَچي، آبا! انگُورُ وَنِي ڏيو.

سبق تيرهون

(زير)ـِـ جا غنہ وارا آواز

اِنڊَ، بِنڊَ، پِنڊَ، پِنڊ جهڙن لفظن سان هن سبق جي شروعات ڪريو.

اِن بِن پِن .... وغيره.

لفظ

ڇوڪَرَا! اِندَ ڪَڻُ، ٻلال جِيُ بِنڊَبَنڊُ، ٻائي! ڪَتَلَ جو پِنڊو ڏيُ، حليم! هِي پِنڊا تہ ڪولِ، ادا! ڦِنڊو نہ هَڻُ، سِيءُ
آهيُ، گِنڊِيءُ پاءِ، ڳِلِيءَ کيُ ڊِنگهَرُ هَڻُ، ٽِلِين جو ڇِنگهو گابيءَ کيُ پاراءِ، ڏِنگو ٻارُ ڪَنهِن کي نہ وَڻندو آهي، ريڊِئيءَ اَڄُ
رِنڊِي ڪَلامُ ٻُڌايا. اَسان کيُ سِنڌي ڪِتاب ڏيُ، آبو نِنڊَ پيو آهي.

سبق چوڏهون

پيش (ـُـ) جا غنہ وارا آواز

اُنڊَ، بُنڊُ، بُنڊِيءُ جهڙن لفظن سان هيءَ تختي شروع ڪري پوري ڪريو.

اُن بُن ٻُن پُن .... وغيره.

لفظ

بابا! ٻُنڊي وَڏي ڏيو. ڏاڏا! ڇيلِيءَ جيءَ مُنڊيءَ وڏي آڇو. دُڪاندار! سُنڊ ڏيءِ. آڏا! ٻُنڊو ڏئي پاڻيءَ ٻَند ڪَر. لُنڊو ڪُتو گَنڊَهه ڪيءَ ڇڪ تو پاڻيءِ. ڊڪَن، دَرَ ڪيءَ ڪُنڊو تو وِجهيءِ. ڏُنڊَ تيءَ ٻوهَرُ اُڇلبو آهي. آبا! اَنُ گُنڍيءَ اَنڊَرِ وِجُهه. آبا! هيءَ سُنڊ تہ پرجي. تُنڊو فقيرُ خيراتُ تو گهُريءِ.

سبق پندرهون

واوَ معروف جا غني وارا آواز

اوُنڊَهہ ۽ ٻُونڊَ جهڙن لفظن سان هن سبق جي شروعات ڪري تختي پوري ڪرايو.

اوُن ٻُون ٻُون پُون پُون .... وغيره.

لفظ

اَدا مَٽُ اُونڊو ڪَر. ٻاڻُو ٻُونڊَ تيءَ ٻويءِ. هيءَ ڪِرڙ جيءَ ٻُونگر آهيءِ. ٻِلِيءَ جيءَ ٻچَن ڪيءَ پُونگرا ڇَڻبوا آهيءِ. غَريبَ جيءَ پُونگِيءَ ڏهيءِ پيئِيءِ. ٻاهہ دُونهُوں ٿيءَ ڪَريءِ. عَلِيءَ مَٽيءَ مَنجهہ جُوں اَٽيئِيءِ. ٻابيءِ، اَڄُ لُونگيءِ وَرتيءِ آهيءِ. ٻاڻُو ڏُونگهيءِ تو ڪاٽيءِ. پُٽَ، ڪُونجو پاڻيءَ جو پَريءِ ڏيءِ. بابا! ڪُونڊو ڏوئي ٿاڏَل تو گهوتيان. چاچا، هُو ڏُونڊو لَٺو ڪريءِ پيو آهيءِ.

سبق سورهون

واءِ مجهول غني واريءَ جا آواز (پاڳو پهريون)

ٽاٺوُن، پَنجوُن ۽ اهڙا ٻيا مثال وٺي هيءَ تختي شروع ڪري پوري ڪرايو.

اوُن ٻوُن ٻوُن پوُن .... وغيره

پَهريُون چوڪَرُ هيڏانهن اَچي. سَتُون اُٿيءَ ٻيهيءِ. اَٺُون ڪِتابُ ڏيو. پَنجُون نمبر بورڊَ تيءَ لِکيءِ. وِيهوُن سَبَقُ ڪَڍو.

ب: واءِ مجهول جا غني وارا آواز (هلندڙ پاڳو پيو)

بورڊ تي لکو اَون ٻَون .... وغيره چوڪرن کان اهڙي نموني تختي ختم ڪرايو.

سبق سترهون

ياءِ معروف غُني واريءَ جا آواز"

اِينگهَہ، پِينگَ، تِوهِينَ، اهڙن لفظن سان هيءَ تختي شروع ڪري ختم ڪريو.

اَوهِين ڪَڏهِين تا اَچو. ڇَٻِين پيو تہ اَٿون شڪارپور وينڊس.

گَجرُون تو پوڪِين يا ڳوگَرُون، تو تہ ڪَمِر مَنجهہ اَجائيءِ اِينگهہ ڪَئيءِ آهي.

ڊِوَرَنِ پوڪَ پِيلِيءَ پِينگَ ڪري ڇڏي.

(ياءِ مجهول مع غنہ وارا آواز)

ڏِينهُن، اِينڊين.......... وغيره مثالن سان هيءَ سبق شروع ڪري ختم ڪريو.

نئِيُنِ اَڄُ آيو آهيُ، مُونَ کيِ ڏِنِيُوءَ ڏنگيو آهي،
اِيئَنڊيِن تہ هَلِيو تہ تہ نہ ـ آدا! پوکَ کٽي کائيندين، پيئندين، موج ڪندين.

سبق ارڙهون

ءِ، ءُ ءِ ۾ جا آواز

دور جي سوالن اِ، بِ ، ...... اُ بُ بُ ...... وغيره تان هي سبق شروع ڪيو.
ڪلاس کي ٻڌايو تہ ٻئي نموني جي ـِ (زير) سڪون ٿا.
بورڊ تي لکوپ.
ان جو نالو ۽ آواز ٻڌايو، (هن جو نالو آهي (اُ يي زير) سندس آواز آهي اَي (اِ)
هن جي پڙهڻ (پڙهَڻ) ۽ لکڻ جو استعمال ڪرايو.
پر جي اهي ـٍ (ٻہ اُيون زيرون) گڏ ڏبيون تہ انهن جو آواز ٿيندو اَيِن ...... وغيره،
وڌيڪ ڪلاس کي ٻڌايو تہ اهي ٻہ زيرون اسين (ء) ۽ (م) هينئان ڏيندا آهيون تہ اهي آيِن (ءِ) مين (۾) جي آوازن ۾ پڙندا (پڙهندا) آهيون.
ان کان پوءِ ساڳيءَ ريت ڳـ ٻہ سيکاريو ۽ ان جو آواز ٻڌايو الف ٻہ پيش اُون اهڙيءَ ريت هي سبق ختم ڪري هينيان جملا پڙايو (پڙهايو).
عَلِيُ ۽ وَلِيُ ٻہ ڀائر آهِن، اَحْمَدُ ۽ مُحَمَّدُ دوَستَ آهِن، پيٽيءَ ۾ ڪپڙا پيا آهِن، صَفِيُ الله ۽ نَجِيُ الله گَڏ رَهَندا آهن، آءُ ۽ تون حَيْدَرآبَاد ٿا هَلُون.

سبق اوڻيهون

انبُ جو وڻ

اَدا! مُونَ بَازَار مَان هِي اَنبُ وَرِتو آهيُ.
اَنبُ ڏَاڍو مِٺو آهيُ.
بَازَارِ ۾ ڪيِ سَاوَا اَنبَ هُئا، ڪيِ پِيلا.
اَسَان کيِ چَيَائُون تہ پيلا اَنبَ پَڪل هُوندا آهِن.
مُون پَڪلُ اَنبُ پَسَند ڪيو.
اَدا! ٻُڌايو تہ اَنبَ ڪيئَن پيدا ٿيندا آهِن.
اَبا! اَنبَ جو وَڻُ ٻهريَان ٿِيُ تَنيِڙا سَنهڙا گُل ڪَندو آهيُ، اُنهن کيِ ٻُور چَئبو آهيُ.
ٻُورَ مَان ننڍيُون سَاوُيُون اَنبڙيُون ٿينديُون آهِن.
اُهيِ وَڌِيُ وَڏيُون ٿينديُون آهن، تہ اُنهَن کي اَنبُ چَوندا آهِن.
اَنبَ پَنيِ مَنَن ۾ پَالِ وِجهَندَا آهن تہ اُنيِ پَچِيُ پِيلا ٿِيُ پَوندَا آهِن.

آبا! صُبُحاڻي ٻاغ ۾ وڃي توکي ۽ ٽٻن کي اُهو سڀ ڪُجھ ڏيکاريندس.

سبق ويهون

ٻلڙي (بيتُ)

ڏس هيءَ مُنهنجي ٻلڙي — جنهن سان آتم دلڙي
رات، رهي تي خبر دار — ڪئا ماري تي بيشمار
نانگ ٻلائون ڪري ناس — ڪين ڪري ڪو تن تي قياس
ڪُتا ٻه ڪن تا ڏاڍو زيان — ڪاڏو ڪپڙو ڪن نقصان
ڪڏون جائين ۾ تا ڪوڙين — جت ڪت پنهنجا گهر جوڙين
ڏسي ٻليءَ کي ڀڄيو وڃن — ٻرن ۾ پنهنجي وڃيو لڪن
واهه! هيءَ مُنهنجي ٻلڙي — مور نه ٿيئي سا ڏلڙي

سبق ايڪيهون

رنگ

گلابُ ڳاڙهو (ڳاڙهو) سائو

دادا، اسين ٻاغ ۾ ويا هئاسين، اُتي ڪيترا انبن ۽ ڪيلن جا وڻ ڏٺاسين.
آدا! وڻن جا پن ساوا هئا، طوطي جا کنڀ به ساوا ٿيندا آهن.
ادا! ٻاغ ۾ ڪيترائي ٻوٽا گلن جا هئا، اُنهن ۾ ڪي ڳاڙا (ڳاڙها) هئا، ڪي پيلا، ڪي نيلا ڪي اڇا.
ٻابا! گلاب جا گل ڳاڙا (ڳاڙها) ٿيندا آهن نه؟ هان، ٻابا! اسان جا ڪي ڪپڙا به ڳاڙا (ڳاڙها) ٿيندا آهن، نه ؟
آبا! ها. ڪپڙا ڳاڙا (ڳاڙها) به ٿيندا آهن.
ٻابا! طوطي جي چهنب به ڳاڙي(ڳاڙهي) ٿيندي آهي نه ؟
ها پُٽ!
ٻابا! مون ڪي ڪپڙا پيلي رنگ جا به ڏٺا آهن،
پُٽ! ها ڪپڙا پيلا به ٿيندا آهن.
ٻابا! آسمان جو رنگ به نيلو آهي نه ؟
پُٽ! ها، اُهو به نيلو آهي.
ٻابا! اڇي رنگ جا گل ڪهڙا هئا؟
آبا! موتيو ۽ ڪي رتن جوت جا گل اڇا ٿيندا آهن.
ٻابا! منهنجي شلوار جو رنگ به ته اڇو آهي.
پُٽ ! ها، ڪي ڪپڙا به اڇي رنگ جا ٿيندا آهن.
ٻابا! کير به ته اڇو ٿيندو آهي نه ؟

ها پُٽَ ! کِيرُ، ڏُڌُ، ڏهي اِهيٰ اَڇيٰ رَنگَ جا آهِنِ.

سَبَقُ ٻاويهون

کِيرُ

آءٌ رات جو کيرُ پيندو آهيان.
اسانجيٰ ميٺهِن جو کِيرُ ڏاڍو مِٺو آهي.
ادا! جانورن کي سُٺو کاڌو ڏِبو آهيٰ تہ هُو مِٺو کِيرُ ڏيندا آهِنِ.
اسان جيٰ ميٺهِن ڏِينهَن جو جهنگ ۾ چَرَنديٰ آهي.
ٻائُوٰ! توهان وٽ ميٺهِن آهيٰ ؟
ادا نہ. اسان وٽ ڳئُون آهي.
ڳئُون جو کِيرُ ٻہ مِٺو ۽ هَلڪو ٿِيندو آهي.
سِنڌيٰ ماڻهُن جي گهَرَ ۾ ميٺهون ۽ ڳئُون نہ هُونديُون آهِن، ڪَنِ وٽِ ڳئُون، ڪَنِ وٽِ ميٺهُون ۽ ڪَنِ وٽِ ٻَڪريُون هُونديُون آهِن. ٻَڪريُون ٻہ کِيرُ ڏِينديُون آهن.

سَبَقُ ٽيويهون

کير (بيتُ)

جو کِيرُ پِيئيٰ سو وِيرُ ٿيئيٰ
ڏَنْدَ زوَرَ وَٽَنِ سُٺا سُونهَنا لَڳَنِ،
وَٺيٰ زور بَدنُ لڳ چُسْتُ ٿين،
اَکِيُنِ جوتِ وَڌيٰ ڏاڍِيٰ سُونهَن ٿئيٰ
کِيرُ صَفا سُٺو آهيٰ ڏاڍو مِٺو،
ٻارو اَچو پِيئُون پِريٰ کِير وِٽِيُون،
ڏيٰ کِيرُ اَمان پِيٰ پَڙهڻ وَڃان.

سَبَقُ چوويهون

ڪُتو



اسان جو ڪُتو ڏاڍو سُٺو آهي.
رَنگُ اَڇو اٿس،
اسِين اُن کي موتِي سَڏِيندا آهِيون.
آءٌ سَڏُ ڪَندو آهيانس، تہ ڊوڙي اِيندو آهي، پُڇُ لوڏِيندو پيرَنِ ۾ اَچِيٰ ڪِرَندو آهي.
اسان جو ۽ عَلِيءَ جِنِ جو ڪُتو رانديُون ڪَندا آهِن.
ڪُتيٰ کيٰ کِيرُ ڏُڌُ، مکڻُ، مانِي گوشتُ ۽ مَڇِيٰ کارائيندا آهِيون.
اسان جو ڪُتو اسان جيٰ گهَرَ تي پهَرو ڏِيندو آهي.
چورَ ڪُتيٰ کان ڊِڃَندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي معزز ميمبرن کي مبارڪون

سنڌ جي وزيراعليٰ عاليجناب سيد عبدالله شاهه صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نئين گورننگ باڊي لاءِ هيٺين صاحبن کي ايندڙ ٽن سالن لاءِ ميمبر مقرر ڪيو آهي، اداري جي آئين موجب گورننگ باڊي جا پنج سرڪاري مستقل ميمبر آهن، جڏهن ته ڏهه ميمبر عالمن ۽ اديبن مان چونڊيا ويندا آهن.

ايندڙ ٽن سالن لاءِ چونڊيل ميمبر:

١. عاليجناب سيد علي مير شاهه

٢. عاليجناب ڊاڪٽر ايم - اي قاضي

٣. عاليجناب ڊاڪٽر تنوير عباسي

٤. عاليجناب ڊاڪٽر شفقت حسين شاهه چاموٽ

٥. عاليجناب علي مرتضيٰ ڌاريجو

٦. عاليجناب ڊاڪٽر فرمان فتح پوري

٧. عاليجناب ايس حميد اي هارون

٨. عاليجناب غازي صلاح الدين

٩. عاليجناب احمد عليٰ خان

١٠. سيڪريٽري - ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ

١١. سيڪريٽري - خزانو، حڪومت سنڌ

١٢. سيڪريٽري - تعليم کاتو، حڪومت سنڌ

١٣. چيئرمين- سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

١٤. سينئر ميمبر- بورڊ آف روينيو، حڪومت سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ بي عملي طرفان معزز ميمبر صاحبن کي سندن مقرري تي دلي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

اداري جي گورننگ باڊي جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي گورننگ باڊي جي پنجين گڏجاڻي اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق جي صدارت هيٺ تاريخ ١٦، جولاءِ ١٩٩٤ع تي سنڌ آرڪائيوز، ڪراچي ۾ ٿي گذري. گڏجاڻي جي ڪارروائي قرآن پاڪ جي تلاوت سان شروع ٿي. ان کان پوءِ اداري جي چيئرمين معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي، سڀني جا ٿورا مڃيا. ايجنڊا تي بحث ڪرڻ کا اڳ اداري جي معزز ميمبر مشهور دانشور ڊاڪٽر تنوير عباسي ٻه ٺهراءَ پيش ڪيا، جن جي سڀني ميمبرن تائيد ڪئي. اهي ٺهراء هن ريت آهن:

١. سنڌي لئنگويج اٿارٽي جو گورننگ بورڊ، هن اٿارٽي جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خدمتن تي کين خراج تحسين پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب انتهائي محنت ۽ عرق ريزي سان هن اداري کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. بورڊ اميد رکي ٿو ته ڊاڪٽر صاحب جي متعين ڪيل راهن تي ڪم ڪندي اٿارٽي پنهنجا مقصد حاصل ڪندي.

٢. سنڌي لئنگيويج اٿارٽي جو گورننگ بورڊ حڪومت سنڌ طرفان ڊاڪٽر نواز علي شوق کي ان جو چيئرمين نامزد ڪرڻ واري فيصلي جو خيرمقدم ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي تعليمي ۽ تحقيقي تجربي جي پيش نظر بورڊ هن نامزدگي کي هڪ بروقت ۽ مفيد فيصلو ٿو سمجهي.

ان کان پوءِ اسم وار هرهڪ اسم تي بحث مباحثو ٿيو. معزز ميمبرن هن اداري جي ترقي لاءِ سهڻيون صلاحون ڏنيون ۽ ايندڙ ٽن سالن جي عملي پروگرام جي منظوري ڏني. هن هيٺ انهيءَ پروگرام جو خاڪو پيش ڪجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سکيا

- ابلاغي ذريعن جي عملي کي صحيح سنڌيءَ جي سکيا ڏيڻ جو پروگرام.
- سنڌي ٻوليءَ جي سکيا بابت پرائمري استادن سان گڏجاڻيون.
- ٻي مادري زبان وارن لاءِ سولي سنڌي ۾ سکيا جي ڪتابن ۽ ٻئي مواد جي تياري ۽ اشاعت.
- ملڪي سطح تي ٻوليءَ جي سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ.
- موجوده سنڌي الف - بي جي صحيح سٽا.
- سنڌي صورتخطي کي معياري روپ ڏيڻ.

سنڌي ٻوليءَ جو فروغ

- سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت بنيادي ڪتابن جي تياري.
- سنڌي ٻوليءَ کي جديد مواصلاتي ٻولي بڻائڻ.
- ٻين ٻولين جي معياري ڪتابن جا سنڌي ترجما شايع ڪرائڻ.
- سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو اڀياس.
- پکين، مڇين، وڻن، ولين، گاهن ۽ ٻوٽن جو مطالعو.
- جنس وار ۽ ڌنڌي وار لغات جو مطالعو.
- سنڌي چوڻين ۽ پهاڪن (Proverbs & Idioms) جي لغت.
- سنڌي ٻوليءَ جي معياري ڪتابن تي انعام.
- سنڌي ٻولي انسائيڪلوپيڊيا.
- ٻارڙن لاءِ عام فهم ٻولي ۾ دلچسپ ڪتابڙن جي اشاعت.

سنڌي ٻوليءَ جو استعمال

- سنڌي ٻوليءَ جو دفتري استعمال: سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جا قاعدا، قانون، فارم وغيره، سنڌي ۾ تيار ڪرڻ.
- دفتري اصطلاحن جي لغات.
- سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي سهڪار سان درسي ڪتابن جي سُوڌ سنوار.
- سنڌي - انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري تيار ڪرڻ.
- سنڌي ٻولي (خبرنامي) کي تحقيقي رسالي ۾ تبديل ڪرڻ.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري
جا ڪتاب پڙهو ۽ پنهنجي مطالعي کي سگهارو بڻايو.

اچو تہ سنڌي سکون

غير مادري زبان وارن لاءِ سنڌي سيکارڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي. ان لاءِ هڪ ڌار ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. سنڌي سيکارڻ جا ڪلاس ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاهه ۽ سکر کان علاوه ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ شروع ڪيا ويندا. اميد تہ هيءُ پروگرام قومي ايڪي ۽ ڀائيچاري جي فضا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. انشاء الله آگسٽ واري مهيني ۾ ڪراچيَ کان سنڌي سيکارڻ واري پروگرام جي شروعات ڪئي ويندي.

هلو تہ هلون ڪورئين، نازڪ جنين جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا.

○

وڳر ڪئو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهٽو

سنڌو لکت بابت ڪتابن جي ڇپائي

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت سنڌ جي عالمن چڱي تحقيق ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ ڀيرومل مهرچند، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، سراج الحق ميمڻ ۽ ڪن ٻين عالمن جا ڪتاب شائع ٿي چڪا آهن، جيڪا نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.

هن ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اداري پاران انگريزي زبان ۾ شايع ٿيل ڪن اهم ڪتابن جي ترجمي جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. اهو ڪم هڪ رٿا هيٺ عطا محمد ڀنڀري جي حوالي ڪيو ويو آهي. جنهن ٽن مشهور ڪتابن جو ترجمو مڪمل ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي اديب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي وفات تي تعزيتي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي اديب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي اوچتي وفات تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين جي صدارت ۾ اداري جي ملازمن جي هڪ تعزيتي گڏجاڻي ٿي. هن گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي جي اوچتي موت کي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو وڏو نقصان ڪوٺيو ويو. آخر ۾ مرحوم ٻوهيي جي روح کي ثواب پهچائڻ خاطر دعا گهري وئي.

سنڌي ۾ سائنسي ڪتابن جي واڌاري لاءِ سڌ

هن وقت تائين سنڌ ۾ ذوق رکندڙ پڙهيل طبقي جو رخ خاص طرح ادب، شاعري، افسانې ۽ صحافت طرف رهيو آهي. جنهن ڪري انهن ۾ سنڌي تحرير، تاليف ۽ تصنيف وارو سرمايو بہ ايڏو وڏيو ۽ وسيع ٿيو آهي جو ٻين پاڪستاني ٻولين ۾ ان جو مثال نٿو ملي. هن وقت سائنسي علمن، توڙي سائنس سان لاڳو پيشن جهڙوڪ انجنيري، طب، زراعت وغيره ۾، سنڌي چاٽيندڙ ولايت جي وڏين وڏين يونيورسٽين مان ڊگريون حاصل ڪيون آهن، ٻئي طرف ايڏين وڏين يونيورسٽين مان ايڏيون وڏيون ڊگريون سنڌي اديبن يا صحافين کي حاصل ڪونہ آهن. خوش قسمتي سان سنڌيونيورسٽيءَ جي مختلف سائنسي علمن جي شعبن ۾ گهڻا اهڙا استاد بہ موجود آهن، جن ولايت جي وڏين يونيورسٽين مان ڊاڪٽريءَ جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۽ ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽي، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، يا لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۽ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڻ اعليٰ ڊگرين وارا سنڌي استاد موجود آهن. انهن کان سواءِ يونيورسٽين توڙي سنڌ جي ڊگري ڪاليجن ۾ سوين نوجوان سائنسي علمن ۾ M.Sc جون ڊگريون ۽ هاءِ اسڪول ۾ B.Sc جون ڊگريون رکندڙ موجود آهن.

هڪ اهو خيال تہ سائنسي علم بابت انگريزي ۾ ئي لکي سگهجي ٿو سو درست ناهي، پيو تہ سائنسي علمن بابت سنڌي ۾ تاليف ۽ تصنيف جو ذوق انهي ڪري پيدا نہ ٿيو آهي جو پڙهندڙن ۾ سائنسي علمي ڪتابن پڙهڻ جو ذوق نہ وڌيو آهي، تيون تہ ڪمائي جي لحاظ سان پڻ تعليمي درسگاهن کان ٻاهر سائنسي ڪتابن جي خريداري ايتري نہ وڌي آهي جو سنڌي ۾ سائنسي ڪتابن جي وڪري مان فائدو حاصل ٿئي، سائنسي ڪتابن ۾ خاڪن ۽ شڪلين هئڻ سببان انهن جي ڇپائي پڻ مهانگي آهي ۽ اجان وڌيڪ تہ سائنسي موضوع بابت ڪو سنڌي ۾ ڪتاب لکي تہ ان کي ڇپائي ڪيرا!

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۰ سنڌي ۾ سائنسي ڪتابن جي واڌاري واري رٿا هيٺ انهن مسئلن تي سوچي فيصلو ڪيو ويو آهي تہ، هر ممڪن اهڙي تدبير اختيار ڪئي وڃي، جيئن سائنسي موضوعن تي ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائي ۾ خاطر خواهہ ترقي ٿي سگهي. هر مؤلف ۽ مصنف پنهنجي ذوق ۽ لياقت موجب ڪنهن بہ موضوع تي لکي سگهي ٿو. (۱) مکيہ سائنسي علمن مان ڪنهن بہ هڪ علم کي سمجهڻ خاطر ڏيڍ سؤ کان ٻن سون صفحن تائين بنيادي ڪتاب لکي سگهجي ٿو، جيئن تہ علم ڪيميا (ڪيمسٽري) علم حيوان (زولاجي)، علم نجوم (ايسٽرانامي) وغيره، (۲) ڪنهن بہ سائنسي علم جي ننڍن موضوعن تي مختصر ڪتاب لکي سگهجن ٿا، جيئن تہ نظام شمسي، معدنيات وغيره اهڙا ٻيا بہ سوين موضوع آهن جن مان ڪنهن بہ هڪ تي پنجاهہ کان هڪ سؤ صفحن تائين ننڍا ڪتابڙا تيار ڪري سگهجن ٿا. (۳) اسڪول جي سطح تي شاگردن ۾ سائنسي مطالعي جي چاهہ جاڳائڻ لاءِ مختلف شين ۽ مشاهدن تي اجان بہ سولا ۽ ننڍڙا ڪتابڙا ويهن کان پنجاهہ صفحن تائين لکجن تہ جيئن ٻاراڻي سطح تي مفيد ثابت ٿين. موضوعن جا مثال : ڪامپيوٽر، ٽيليويزن، فوٽو گرافي، وايو منڊل، خلائي سائنس، وڻ ٽڻ ۽ ايٽمي توانائي وغيره. هر لائق لکندڙ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي پنهنجي ارادي کان آگاهہ ڪري تہ هو ڪهڙي سائنسي موضوع تي لکڻ چاهي ٿو تہ جيئن سندس صلاح

سان ڪتاب جي تياري ۽ ڇپائيءَ جا سڀ فيصلا اڳواٽ ڪري سگهجن. جيڪڏهن ڪنهن صاحب اڳ ۾ ئي ڪو ڪتاب لکيو آهي ته به اداري کي اطلاع ڏئي ته جيئن ڇپائي لاءِ انتظام ڪري سگهجي.

اميد ته سنڌي سائنسدان ۽ هر سطح جا استاد جيڪي سائنسي علم پڙهائين ٿا، سي هن مهم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا، جيئن علم ادب سان گڏوگڏ سائنسي علمن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري سگهجي.

ٻارڙن لاءِ ننڍڙن سولن ڪتابڙن جي تياري

سنڌي ۾ بنيادي ٻاراڻي مواد جي ڪافي کوٽ آهي، ڪن لکندڙن ان طرف توجهه ڏنو آهي، پر جيترو ۽ جهڙو ٻارڙن لاءِ لکڻ گهربو هو، لکجي نه سگهيو آهي. ڪنهن به معاشري جي ترقي ۾ ٻارڙن جي وڏي اهميت آهي، هو مستقبل جا وارث آهن، ان لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن کي مستقبل جي عملي زندگيءَ لاءِ تيار ڪجي. ننڍي عمر جي ٻارڙن ۾ قدرتي طور جستجو وارو مادو گهڻو هوندو آهي ۽ اهي پرپاسي جي شين متعلق علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اهو ضروري آهي ته ٻارن جي ذهني سطح کي جانچي پوءِ لکڻ گهرجي. ٻارڙن متعلق لکڻ هڪ خاص ڏانءُ آهي، ان کان سواءِ، لکڻ جو اصل مقصد حاصل ڪري نه سگهبو. جيئن ته ٻار جو تجربو محدود ٿئي ٿو ۽ هو زندگيءَ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کان اڻواقف هوندا آهن، انهيءَ ڪري ڪين ماحول جي ڄاڻ ڏيڻي پوي ٿي، ان لاءِ هر تعليمي ۽ تربيتي نظام جا پنهنجا طور طريقا آهن،جيڪڏهن ٻارڙن کي سندن ذهني سطح مطابق زباني طور سنا ۽ وڻندڙ بيت يا، ڪهاڻيون ٻڌائجن ته ٻار اهي سولائيءَ سان ياد ڪري وٺندا آهن. اهڙي دلچسپ مواد ۾ زندگي گذارڻ جي مفهوم سان گڏ ضروري آهي ته ڪين ٻوليءَ جي سولن ۽ سهڻن فقرن ذريعي ٻوليءَ جي به تربيت ڏجي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ رٿا ”ٻارڙن لاءِ سولا، ننڍڙا ڪتابڙا تيار ڪرڻ“ آهي، شروع ۾ ننڍڙين ڪهاڻين، ٻاراڻن گيتن، سائنسي ڄاڻ، پکين، جانورن ۽ ميون وغيره جي موضوعن تي وڻندڙ معلوماتي ڪتابڙا شايع ڪيا ويندا. اهڙا ڪتابڙا تصنيف ڪرڻ لاءِ سيني سڄاڻ لکندڙن کي سڏ آهي ته هو هن رٿا ۾ عملي طور شامل ٿين، هر معياري ڪتابڙو جيڪو شايع ڪرڻ جي لائق هوندو ان لاءِ اداري طرفان منظور ٿيل قاعدي موجب مناسب معاوضو پڻ ڏنو ويندو.

ڪتابن جي خريداري بابت عام اطلاع

اداري جا ڪتاب اداري جي مرڪزي آفيس مان خريد ڪندڙن کي هيٺين طرح رعايتون ڏنيون وينديون:

(١) استادن ۽ شاگردن کي ٢٠ % سيڪڙو خاص ڇوٽ ڏني ويندي.

(٢) ملڪ اندر سرڪاري ڪتب خانن ۽ ادارن کي ١٥ % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي.

(٣) ڪتب فروشن يا ٻين اهڙن خريدارن کي ٣٣ % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي، جيڪي هڪ جلد جون گهٽ ۾ گهٽ ١٠ ڪاپيون بروقت خريد ڪندا.

(٤) ڏهن هزارن جا ڪتاب خريد ڪرڻ تي ٥٠ % سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.

(٥) ڪنهن به اداري طرفان گهڻن ڪتابن گهرائڻ تي ڪتاب بئنڪ ٻلٽي ذريعي موڪليا ويندا، پر جيڪڏهن ڪتابن جو ملهه گهڻو نه هوندو ته، وي- پي ذريعي موڪليا ويندا ۽ وي- پي خرچ خريدار کي ڀرڻو پوندو.

ڪتاب هيٺين پتي تي خريد ڪري سگهجن ٿا:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ

اداري جا نوان ڇپجي آيل ڪتاب

١. شاهه جو رسالو، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٩٨٥. قيمت: ١٠٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٥٠ روپيا اخباري ڪاغذ.
شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه سنڌي ٻوليءَ جو لاثاني شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ اهڙي ته مسا رڪيل آهي جو نه صرف اسان سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن کي ان تي ناز آهي پر دنيا جي اعليٰ ۽ وسيع نظر عالمن ۽ محققن به شاهه جي ڪلام کي "حقيقت جو ڪلام" ڪوٺيو آهيو. شاهه سائين جا هوندن ته ڪيترائي رسالا هن وقت به تيار تي رهيا آهن ۽ اڳ به تيار ٿيا، پر شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو رسالو وڏي تحقيق ۽ پيٽ ڪان پوءِ مرزا صاحب مرتب ڪري تيار ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪاڪي ڀيرومل ماهوار سنڌو جون ١٩٣٨ع ۾ لکيو آهي ته "سنه ١٩٠٠ ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو ته مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ بمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط رسالن سان ڀيٽيو..... مرزا صاحب کي انهي ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ ٽيرهن ورهيه لڳي ويا" ٽيرهن ورهين جي لاڳيتي محنت سان تيار ٿيل مرزا صاحب جو رسالو هن وقت ناياب هو، سواءِ ڪجهه لائبررين جي اهو عام دستياب نه هو. ان لاءِ هن اداري طرفان وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهه جي هدايتن تي عمل ڪندي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" پاران هن رسالي کي تمام سستي اگهه تي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي، جنهن سان نه صرف عام پڙهندڙ لاڀ پرائيندا، پر هن مهانگي دور ۾ شاگرد به هن سستي ۽ سهڻي ڇاپي کي خريد ڪري سگهندا.

٢. لغات لطيفي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ٣٨٠، قيمت: ٤٠ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ٢٠ روپيا اخباري ڪاغذ.
شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌي زبان، ادب ۽ سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي سا سون ۾ مڙهائڻ جهڙي آهي، مرزا صاحب هوندن ته هر موضوع تي ڪتاب لکيا، پر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح، ڪلام، پيغام ۽ لغات تي جيڪو ڪم ڪيو، سو پڻ مثالي آهي. مرزا صاحب پهريون عالم آهي، جنهن شاهه سائين جي رسالي جي هر هڪ شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي ۽ ان جو نالو لغات لطيفي رکيائين. لغات لطيفي جا به ايڊيشن اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا، پر هينئر اهو ڪتاب اڻ لڀ ٿي ويو آهي، "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان جڏهن شاهه جي رسالي جي ڇپائي لاءِ سنڀاها ڪيا ويا ته، اهو پڻ ضروري سمجهيو ويو ته مرزا صاحب جي تيار ڪيل" لغات لطيفي" پڻ شايع ڪئي وڃي، اهوئي سبب آهي جو هيءَ لغات ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

٣. سنڌ لئنڊ رونيو قانون ١٩٦٧ع، سنڌي ترجمو، صفحا١٥٢، قيمت :٦٠ روپيا. سنڌي ٻوليءَ جو سرڪاري توڙي نيم سرڪاري آفيسن ۾ استعمال هن اداري جو هڪ بنيادي مقصد آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين مرحلي تي "سنڌ لئنڊ رونيو ايڪٽ ١٩٦٧ع" جو سنڌي ترجمو ڇپائي شايع ڪرايو ويو آهي. هي هڪ اهڙو قانوني دستاويز آهي، جيڪو سڄي سنڌ جي رونيو آفيسن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ان ڪري سواءِ ڪاتيدارن لاءِ پڻ ڪارگر آهي، ان اهميت کي محسوس ڪندي هي ايڪٽ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان شايع ڪرايو ويو آهي.

٤. ٿر جي ٻولي: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم، صفحا ١٤٤، قيمت :٤٠ روپيا. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جيئن جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي، تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ ٿيندي ۽ هر ڀاڱي جي ٻولي لکت ۾ محفوظ ٿيندي، جنهن سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو. هن اداري طرفان اهڙي ٻولين کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ جامع رٿا عمل هيٺ آهي، جنهن جا چار ڪتاب اڳ ڇپجي چڪا آهن. "ٿر جي ٻولي" هن سلسلي جو پنجون ڪتاب آهي. هي ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڊاٽڪي، پارڪري، سوڍڪي ۽ ٿري محاوري کي سهيڙڻ سان گڏ ان طرف جا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح وغيره پڻ ڏنا ويا آهن. هي ڪتاب محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ هدايت پريم گڏجي لکيو آهي.

٥. ماڃر ، ڪڇالي ۽ ڪاري جي ٻولي: حافظ حبيب سنڌي، صفحا ٢١٦، قيمت :٥٠ روپيا. هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي وسيع مطالعي واري رٿا هيٺ لکيو ويو آهي، جنهن موجب سنڌ جي مختلف ڀاڱن جي ٻولي کي محفوظ ڪيو ويو آهي. ماڃر ۽ ڪڇالو سنڌ جو ساحلي خطو آهي، جنهن جو محاورو پڻ الڳ ۽ نرالو آهي. مصنف ان لهجي کي هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي.

٦. ٻوٽن جي واڌ ويجهه: مصنف حاجي اسلام الدين مجيداڻو، صفحا ٤٨، قيمت: ٢٥ روپيا. سائنسي موضوع تي لکڻ، وقت جي ضرورتن مان هڪ اهم ضرورت آهي ۽ هن اداري جي بنيادي مقصدن مان هڪ آهي. ته جيئن سائنسي ڄاڻ وڌ ۾ وڌ مادري زبان سنڌي ۾ شايع ڪجي. هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ۾ زراعت سان لاڳو موضوع کي بحث هيٺ آندو ويو آهي. ٻوٽا ڪيئن ٿا وڌن، وڌن ۾ قلمن جو عمل ڪئين ٿو ٿئي، ان جا طريقا ڪهڙا آهن؟ اهي سڀ ڳالهيون چٽيون ڪري هن ڪتاب ۾ سمجهايون ويون آهن.

سڀني طرفان موڪليل خط

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ـ دهلي يونيورسٽي، دهلي انڊيا
خوش هجو:

دوستن جي معرفت اوهان جي اٿارٽي جا ڪجھ خبرناما مليا، جن جي پڙهڻ سان ڄاڻ پئي تہ اداري طرفان چڱا ۽ اهم ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. تحقيقي جي رٿائن ۾ ٻنهي ملڪن جي (سنڌي) عالمن وچ ۾ جيڪڏهن رابطو قائم رکيو ويو تہ سڀني کي فيض رسندو. اميد تہ اٿارٽي جي رٿائن مان وقت بہ وقت واقف ڪندا رهندا.

گنگارام سمراٽ ـ سئجپور بوگها، احمد آباد۔ انڊيا

توهان هتان جي لسانيات تي ڪتاب جي لسٽ گهري آهي، هتي لس ٻيلي جي سفر نامي کي ئي لسانيات سمجهيو ويندو آهي. مان ۵۰۰ کن سنڌي لفظن جو بنياد ۽ اشتقاق لکڻ جي ڪوشش ڪري سگهندس، جو هڪ سو کن صفحن تي مشتمل ٿيندو. لغات تي ڪم کهڙو ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي مون کي لکي موڪليندا، ويچار ڪندس. هڪ عام فهم رسالو سنڌي ۾ اهڙو نڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ پني جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪا علمي چيز سمايل هجي، سٺيون ڪهاڻيون، سٺا مضمون، ڪوجنا وارا، هدايتون، چرچا، صحت جا نقطا، سٺن شاعرن جا نظم مطلب تہ هر قسم جو مواد ان ۾ هجي ۽ بلڪل لاڳت طور ان جو ساليانو چندو خواهہ ريزڪي قيمت رکڻ گهرجي جا ذهن روبين کان هرگز مٿي نہ هئڻ گهرجي.

قطب الدين سومرو، پنجو ديرو ـ لاڙڪاڻو
السلام عليڪم:

اڪثر سنڌي پنهنجن ٻارن کي انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهائڻ ٿا، جتي سنڌن اولاد انگريزي تہ سکي وڃي ٿو پر سنڌي کان بلڪل ڪورا رهن ٿا، صرف ڳالهائڻ ڄاڻين، باقي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ سنڌي ٻولي کون اڇين، ان لاءِ ڪم از ڪم سنڌي محلن ۾ انگريزي ميڊيم ۾ سنڌي مضمون ضرور پڙهايو وڃي. جيئن اهي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي چڱي ريت سڃاڻي سگهن.

پرو فيسر برڪت ابڙو ڪريمي، نصرپور حيدرآباد
السلام عليڪم:

قديم سنڌ پنهنجي حدن ۾ ڪشمير کان ڪاٺياواڙ ۽ قندار کان راجستان آهي، هن ريت ان سموري ايراضي ۾ جيڪي بہ مقامي ٻوليون قديم دور کان ڳالهائجن ٿيون، اهي سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا ليکجڻ گهرجن ۽ انهن مڙني لساني لهجن جي الف ـ بي واري تختي بہ سنڌي واري هئڻ گهرجي.

مصطفيٰ هاشماڻي ـ ڪراچي سنڌ
السلام عليڪم:

اسان جي خوشيءَ جو ڪارڻ اهو آهي تہ "سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ" کي هڪ قابل، لائق ۽ سنڌ دوست اڳواڻ مليو آهي، جيڪو اداري ۾ تحقيقي جدت سان گڏ ٻين بہ انيڪ پهلوئن جي اوسر لاءِ جاکوڙ ڪندو، دعاگو آهيان تہ سنڌي زبان کي وڌيڪ پختو ڪندا ۽ سوارينداُ.

محترم نجمه ملڪ – مين پرائمري اسڪول روهڙي
السلام عليڪم:

اوهان "سنڌي ٻولي" خبرنامي کي تحقيقي رسالي ۾ بدليو آهي خوشيءَ جهڙي ڳالھ آهي. توهان لکڻ جو سڏ ڏنو آهي، ضرور لکندس اها منهنجي لاءِ خوش نصيبي آهي تہ مان پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڪجھ ڪري سگهان. مان درس ۽ تدريس جي پيشي سان وابسطہ آهيان، پرائمري تعليم بابت چڱي طرح لکي سگهبو.

پرائمري استادن لاءِ ٻه اکر

مؤثر تدريس لاءِ معلم ۾ هميشه همدردي ۽ شفقت جو انداز نمايان هجڻ گهرجي. ۽ نونهالن سان سدائين نرمي ۽ پيار سان پيش اچي. تانجو معصوم ٻارڙا بي خوف ۽ بي خطر ٿي اسڪول ۾ اچن ۽ پنهنجي پڙهائيءَ ۾ دلچسپي وٺن. پاڻ تي ڪو به بار يا ڏکيائي محسوس نه ڪن. اسلامي تعليمات جو پڻ اهوئي مزاج رهيو. تدريس جي ان خصوصيت لاءِ واضح ۽ صاف مثال، اسان جي آقاءِ نامدار سيدنا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جو آهي. جو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن بيحد شفيق استاد هئا ۽ تعليم ڏيڻ ۾ بيحد نرمي اختيار فرمائيندا هئا.

استاد کي اسڪول ۾ سدائين صاف سنڌي ٻولي استعمال ڪرڻ گهرجي. ته جيئن ٻارڙا اها ٻولي وري وري ٻڌڻ سان صحيح لفظ ۽ جملا سکي وڃن.

روزانو ٻارن کي مزاحيه، اخلاقي، اسلامي ۽ تاريخي آکاڻيون ٻڌائجن ته جيئن ٻارن ۾ اسڪول اچڻ ۽ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي.

سنڌي ٻولي کي مؤثر بنائڻ لاءِ نصاب جي ڪتابن ۾ پڻ ڪل يوڳ وارا سبق ۽ آکاڻيون زياده مقدار ۾ ڏيڻ گهرجن. ٻارڙا اهڙي قسم جا سبق يا بيت بيحد ذوق وشوق سان پڙهندا آهن. نه صرف پڙهندا آهن، ليڪن اهي سبق بر زبان ياد به جلدي ڪري وٺندا آهن. ان لاءِ ڪورس جي ڪتابن ۾ انهي قسم جا سبق زياده هئڻ گهرجن انهي سان گڏ رنگين تصويرون پڻ ڏجن، ته جيئن اهي ڪتاب ٻارڙن لاءِ وڻندڙ بڻجن.

جيئن پهرين ڪلاس جي ڪتاب ۾ اٺون سبق "ٻين جي مدد ڪرڻ" آکاڻيءَ جي صورت ۾ آهي، ڏٺو ويو ته اهو سبق ٻار دلچسپيءَ سان پڙهن ٿا. ڪمزور ۽ گهٽ ذهن وارو شاگرد هوندو ته به اهو سبق ياد پڪائي ويندو. ان مان صاف ظاهر آهي ته ٻار آکاڻين وارا سبق وڌيڪ پسند ڪن ٿا ۽ اهڙا سبق شوق سان پڙهندا آهن.

ابتدائي ڪلاسن ۾ ٻارڙن کي هجي (جوڙ) پڙهائڻ وارو طريقو مزيد مؤثر ثابت ٿيو آهي، جنهن سان ٻارڙا لفظن کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهن ٿا. ان ڪري پهرين ۽ ٻئي ڪلاس جي ڪتابن ۾ اعرابون ڏنيون وڃن ته جيئن ٻارن کي جوڙ ڪرڻ سان هر لفظ آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي، ۽ پڙهڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿئي.

سبق ٻڌڻ وقت استاد کي گهرجي ته پهريائين ذهين شاگردن جو سبق ٻڌي بعد ۾ نمبروار جيسين گهٽ ذهن وارو هجي انهن کي پڙهائيندو رهي. ائين ڪرڻ سان، گهٽ ذهن وارن ٻارن جو سبق بار بار ٻڌڻ ڪري بلڪل پڪو ٿي ويندو.

استاد جڏهن به ڪجهه لکي ته اکر صاف ۽ سٺا لکي، ۽ ٻارن کي لکائڻ جي مشق زياده ڪرائجي، روزانو سبق گهران لکي اچڻ جي تاڪيد ڪجي، هر وقت ٻارن کي تنگ نه ڪجي ته اهي پنج - ڇهه صفحا لکي اچن. ليڪن ٿورو ئي لکن پر اکر سٺا ۽ صاف !!

- عبدالقيوم جکراڻي
هيڊ ماستر گورنمينٽ پرائيمري مسجد اسڪول
گاجي خان ٿيٻو - ٤/٨ محمد پور اوڊو
تعلقو ڳڙهي خيرو. ضلعو جيڪب آباد -

تاريخ - 15 اپريل 1993ع

سنڌي ٻولي

"سنڌيءَ کي زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو، حضرت شاهه لطيف جو ڪلام 'سنڌيءَ' ۾ آهي. شاهه جي ڪلام کي زنده رکڻ لاءِ سنڌيءَ کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي. اسان وٽ شاهه جي ڪلام کانسواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهه لطيف کي ڇڏي ڏنوسون، ۽ اها اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي ....

"...... مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر 'گوئٽي' کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان. حالانڪ باقي سڀ علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ به موجود آهن ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه هئي...

"... عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن به ٻيءَ زبان ۾ ان جو ترجمو ايڏو اونهو، جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، پر هن ڪوشش ۾ سراسر ناڪام ويو. ڇاڪاڻ جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي. انهيءَ ڪري، جهڙيءَ طرح قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي...

"... 'سنڌي زبان' هڪ موسيقيءَ واري (Musical Language) زبان آهي، ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر، جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

"ٻوليون چند سالن ۾ نه، پر هزارن سالن ۾ تهذيبون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي: گرامر پوءِ ٿي ٿو، ٻولي پهريائين ٿي ٿي. گرامر رڳو هڪ به صديون اڳ جي پيداوار آهي. ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشوونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي، اهي ٻوليون اٿين گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وٺندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجود انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس جرمن ٻوليءَ وانگر، سُر ـ تال تي اپرڻ نه ڏنائون".

علامه آءِ. آءِ. قاضي

(روزانه "عبرت" جي نمائندي کي انٽرويو. ٢٢ ـ آڪٽوبر، ١٩٦٧)

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ٣
جلد - ۴

سنڌي ٻولي

جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر ١٩٩۴ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ٣
جلد - ۴

سنڌي ٻولي

جولاءِ - آگسٽ - سيپٽمبر ۱۹۹۴ع



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت واحد معياري مخزن

ٽه ماهي

سنڌي ٻولي

جلد 4 - شمارو (3) جولاءِ، آگسٽ، سيپٽمبر 1994ع

نگران:

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" -چيئرمين

چيف ايڊيٽر :

الهه بخش شاهه بخاري -سيڪريٽري

ايڊيٽر :

امين لغاري (اشاعتي نگران)

ٻانهن ٻيلي :

فيض محمد سڪندري پتافي
محمد ابراهيم ڪنير

ڪمپوزنگ :

سخاوت علي جتوئي

پتو:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم -
نيشنل هاءِ وي حيدرآباد سنڌ
فون : -650167 -652457

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

قيمت : 10 روپيا

سهڪار جي ضرورت

مخزن جي صورت ۾ "سنڌي ٻولي" جو هي ٻيو شمارو آهي هن کان اڳ واري شماري جي پڙهندڙن طرفان تمام سٺي موٽ ملي آهي، ڪافي سڄڻن سهڻيون صلاحون به ڏنيون آهن ۽ ڪن رهجي ويل اوڻائين طرف ڌيان ڇڪرايو آهي، ان لاءِ اسان سندن شڪرگذار آهيون. هن شماري ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت ۾ خاص مقالا شايع ڪيا ويا آهن، جن ۾ پهريون مقالو مشهور محقق جي - ايم پانڊي جو لکيل آهي، جنهن جو محترم عطا محمد ڀنڀري سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي، ٻيو مقالو لاڙي محاوري تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پرائمري تعليم ۾ ٻوليءَ جي اهميت بابت مقالو پڻ شايع ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ هن وقت جي اهم ڳالهه يعني اخبارن ۽ رسالن ۾ وڌندڙ ٻوليءَ جي بگاڙ تي پڻ هڪ مضمون شايع ڪيو ويو آهي، جيڪو محترم علي احمد بروهي صاحب جو لکيل آهي. اداري طرفان هن سلسلي ۾ خاص سيمينارن جو اهتمام پڻ ڪيو ويو آهي، هي سلسلو انشاءَ الله جلد شروع ڪيو ويندو ۽ اخبارن، رسالن سان گڏ ٽي وي ۽ ريڊيو ۾ ڪم ڪندڙ عملي کي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال جي سکيا بابت غور ڪيو ويندو.

هي سڀ محنتون تڏهن ڪارگر ٿي سگهن ٿيون، جڏهن سنڌي عالمن ۽ ٻوليءَ جي گهڻگهرن طرفان هر قسم جو سهڪار ڪيو وڃي، تازي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي، اسان کي اميد آهي ته سنڌ جا سڄاڻ ساٿي هن تي غور ڪندا. ۽ اسان سان علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪمن ۾ سهڪار ڪندا رهندا.

——— امين لغاري

سنڌي زبان

(هڪ يادگار تقرير)

” ..... سنڌي هڪ قديم زبان آهي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سر چارلس نيپئر چيو هو تہ زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي، جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽي ۾ بہ سنڌي پڙهائي ويندي هئي ۽ 1958ع تائين اها سرڪاري زبان هئي، جنهن کان پوءِ مارشل لا وارن زباني حڪم جاري ڪري اُن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. سنڌ اسيمبليءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مان نٿو چاهيان تہ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبہ خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن، مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نہ ئي وري سنڌن زبان يا ثقافت کي تباهہ ڪرڻ گهران ٿو ....“

ذوالفقار علي ڀٽو

اسلام آباد ۾ پاڪستان جي
قومي اسيمبليءَ کي خطاب
(15 - جولاءِ 1972ع)

سنڌي ٻولي

"سنڌيءَ کي زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو، حضرت شاهه لطيف جو ڪلام' سنڌيءَ' ۾ آهي. شاهه جي ڪلام کي زنده رکڻ بيحد ضروري آهي. اسان وٽ شاهه جي ڪلام ڪانسواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهه لطيف کي ڇڏي ڏنوسون، ۽ اها اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي ....

"...... مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر ' گوئٽي' کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان. حالانڪ باقي سڀ علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ بہ موجود آهن ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي...

"... عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ ٻيءَ زبان ۾ ان جو ترجمو ايڏو اونهو، جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، پر هن ڪوشش ۾ سراسر ناڪام ويو. ڇاڪاڻ جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي. انهيءَ ڪري، جهڙيءَ طرح قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي...

"...' سنڌي زبان' هڪ موسيقيءَ واري (Musical Language) زبان آهي، ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر، جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

"ٻوليون چند سالن ۾ نہ، پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي: گرامر پوءِ ٺهي ٿو، ٻولي ٻهريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ بہ صديون اڳ جي پيداوار آهي. ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشوونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي، اهي ٻوليون ائين گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وٺندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجود انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس جرمن ٻوليءَ وانگر، سُر ۽ تال تي ايرڻ نہ ڏنائون".

_______ علامہ آءِ. آءِ. قاضي

(روزانہ "عبرت" جي نمائندي کي انٽرويو. 22 - آڪٽوبر، 1967)

جي - ايم پانڊي
عطا محمد ڀنڀرو

موهن جي دڙي مان لڌل ٿامي واري ٽڪين تي لکت

(ابتدائي چند چاڻ)

سرجان مارشل (1931) ۽ مئڪي (1938) Mackay موهن جي دڙي جي کوٽائي دوران ٻين ڪيترين شين کان سواءِ هن قسم جون ڪي شيون پڻ لڌيون جهڙوڪ:- چاڪ- پٿر ۽ مٽيءَ جون پڪل سرون، عاج جون ڏٽيون، ٺڪريون، ٿامي جون ٽڪيون وغيره. جن تي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مذڪوره ٿامي جي ٽڪين مان ڪي چوڪبيون (چورس) ته ڪي چوڪنڊيون آهن. انهن مان اڳئين وڙ واريون ٽڪيون گهٽ ڏسجن ٿيون ۽ سندن ماپ عام طور 2.3 س. م همچورس آهي، انهن چوڪنڊين ٽڪين جي ماپ 3X1.3 س. م کان 3.8X2.5 س. م تائين ڏسڻ ۾ ايندي.

ٿامي جون هي ٽڪيون موهن جي دڙي يا سنڌ سيتا جي ٻين ماڳن مان مليل اهڙين شين کان نراليون آهن جن تي لکت موجود آهي. چاڪاڻ ته ٽڪيءَ جي مهڙ واري پاسي تي ڪا لکت ڏسجي ٿي ۽ پٺئين پاسي ڪنهن ساهواري جي شڪل يا ڪا علامتي نشاني ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٿامي جي هنن ٽڪين جي خاص خوبي اها آهي، ته اهي ٽڪيون اهڙيون آهن، جن جي پٺئين پاسي تصوير جي مٽان به لکت ڏسجي ٿي. چار ٽڪيون وري اهڙيون به آهن، جن جي لکت مٿان به لکت جي هڪ وڏيڪ سٽ نظر اچي ٿي، هڪ ٽڪيءَ جي هڪ پاسي رڳو تصوير آهي ۽ ٻي پاسي ڪابه لکت نظر نه ٿي اچي.

ٽڪين تي لکت چٽيءَ ريت اڪريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا هيٺ گهڙي آهي: هن مان هيءَ حقيقت پڌري ٿي پوي ٿي ته ٿامي جي ٽڪيءَ تي اکرن ٺپڻ واسطي ٿامي جي ٺپي ڪي ڪتب ڪونه آندو ويو هوندو. تنهن ڪري سمجهه ۾ ائين اچي ٿو ته لکت ساڄي کان کابي طرف لکي وئي آهي، جو ته ٺپ مان ائين ئي معلوم ٿئي ٿو. هن موضوع تي جن عالمن ڪم ڪيو آهي (لال 1967- 1966) تن جو به اهوئي خيال آهي، تن لکتن نمبر 9. 67 ۽ 75) کان سواءِ ٻيون سڀ علامتي نشانيون ابتيون ڏسجن ٿيون. مان سمجهان ٿو ته اها لکڻ واري جي غلطي آهي.

کوٽائي ۽ کوجنا ڪندڙ ماهرن، مارشل ۽ مئڪي ٿامي جون اهڙيون ٿيتاليهه ٽڪيون لڌيون. هنٽر Hunter پنهنجي تحقيقي تحرير (1934ع) ۾ ٿامي جي اهڙين چوويهن ٽڪين جو واڌارو ڪيو آهي، انهن مان ڪي مارشل ۽ مئڪي به شامل ڪيون هيون. انهن کان سواءِ آرڪيالاجيڪل سروي آف انڊيا، جي سينٽرل انٽيڪئٽيز ۽ دهلي جي "نيشنل ميوزم" ۾ ان قسم جي ٽڪين جو ڪجهه تعداد موجود آهي، تنهن ڪري ٿامي جي اهڙين ٽڪين جو ڪل جوڙ هڪ سو تيويهه وڃي بيهي ٿو. جن ڪي موجوده تحرير ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

مذڪوره ٿامي جون ٽڪيون ڪهڙي ايراضي يا ڪيتري گهرائيءَ مان هيٺ مليون آهن، تن جا تفصيل ملي ڪونه سگهيا آهن، تنهن ڪري انهن جو ايراضيءَ مطابق وچور ڏيڻ ڏاڍو مشڪل آهي، اهو ٻڌائڻ پڻ ممڪن ڪونه

آهي تہ اهي سلسليوار کھڙن ارتقائي مرحلن مان گذريون آهن. البت جيڪي تصويرون (35.1-35.4) ۾ ڏنيون ويون آهن. جن بابت چئي آهي تہ ڪھڙي ايراضي مان لڌيون ويون آهن، تن کي ايراضيءَ مطابق رکيو ويو آهي.

ٽامي جي ٽڪين جي ايراضيءَ موجب ورهاست

هن هڪ سو ٽيويهن ٽڪين منجهان چاهتر Dk ايراضيءَ مان، چويهہ Vs ايراضيءَ مان، ٽيرهن HR ايراضي مان، چار L ايراضي مان ۽ ست SD ايراضيءَ مان مليون، باقي ٽي اهڙي ايراضيءَ مان لڌيون آهن، جن بابت يقين ڪونہ ٿو ٿيي. اهي سيئي ٽڪيون ايراضيءَ مطابق شڪل 35.1 - 35.4 ۾ ڏنيون ويون آهن پر لکت جي پڇاڙين وارين نشانين ۽ جن ايراضين مان لڌيون ويون. تن کي آڏو رکي ترتيب ڏنيون ويون آهن. ڏسو شڪل 35.5.

ماڻهن يا جانورن جي تصويرن جي سامهون اُبتي لکت

هنٽر پنهنجي مقالي ۾ پنهنجي راءِ هن ريت ظاهر ڪئي آهي تہ ٽامي جي ٽڪين تي موجود جانورن جي تصويرن جي سامهون جيڪا لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تنهن جو تصويرن سان ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ آهي، (هنٽر27-1934) واقعي اها حقيقت آهي تہ ڪن تصويرن جي ٻئي پاسي واري لکت تصويرن سان مل ڪونہ ٿي کائي، توڙي جو ساڳي لکت ٻين ٽڪين تي عام ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر هيءَ حقيقت بہ ڌيان جوڳي آهي تہ اها لکت ڪن خاص ٽڪين جي پٺئين پاسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڏسو شڪل 35.6.

اهڙيءَ ريت هڪ ئي قسم جي جانور جي تصوير جي سامهون بہ مختلف لکٿيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، (ڏسو شڪل 53.3 - 73،35.1 - 70، 15، 14،11، 10، 8، 35.6 ۽ 89، 87 ڪن ٽڪين تي مهر واري پاسي کان ساڳي لکت آهي، پر پٺئين پاسي تصويرون مختلف آهن. ڏسو نمبر 89، 87 ڪن ٽڪين تي مُهر واري پاسي کان ساڳي لکت آهي پر پٺئين پاسي تصويرون مختلف آهن، ڏسو نمبر 79، 13،16، 12 ۽ 80، 27 - 17، 24 - 29، 57 - 50 مُهر واري لکت ۽ پٺئين پاسي واري تصوير ۾ ڪو لهہ لاڳاپو آهي يا نہ، تنهن لاءِ وڌيڪ مطالعي ۽ کوجنا جي ضرورت آهي.

ٽامي جي ٽڪين تي فقط نشانين جي لکت آهي، جن جو انگ هڪ کان ستن تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪي فقط هڪ ئي سٽ ۾ لکيل آهن، جن ٽڪين (6.7.61) تي لکت جون بہ سٽون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. تن تي چٽائي نظر وجهڻ سان پتو پوندو تہ پوئينءَ سٽ جو بعد ۾ واڌارو ڪيو ويو آهي. پر هڪ ٽڪي (نمبر 14) جنهن ۾ جانور جي تصوير مٿان ٻن سٽن ۾ لکت آهي، سا اصلي آهي پر شڪل نمبر 35.4.112. پٺئين پاسي، جانور جي تصوير جي مٿان جيڪا لکت آهي، سا پوءِ جي معلوم ٿئي ٿي. DK ايراضيءَ مان لڌل ٽامي جي ٽڪين تي موجود لکت ۾ پڇاڙيءَ واري نشاني ، ان کان پوءِ ، ۽ ۽ نشانيون ڏسڻ ۾ اينديون (تصوير 35.5) پنجن ٽڪين ۾ پڇاڙيءَ واري نشاني شامل ڪيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اهڙيون نشانيون "A" سلسلي ۾ انهن ٽڪين ۾ آهن جتي پڇاڙي واريون نشانيون ڏنل آهن، تن ٽڪين ۾ نشانيون ابتڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون (ڏسو شڪل 35.1 ۽ 35.3 نمبر 9، 67 ۽ 75) ٻيءَ ٽڪي

(شڪل 3. 35 نمبر 69) ۾ هيءَ نشاني جيڪا عام طور پڇاڙيءَ واري آهي، سا پهريون ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر ائين معلوم ٿئي ٿو تہ جڻ هيءَ نشاني لکت سان لاڳاپيل ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ لکت ۽ نشانيءَ جي وچ تي گهٽي گهاري نظر اچي ٿي، هڪ ٽڪي (شڪل 68 -35.3) ۾ رڳو هڪ نشاني ڏسجي ٿي.

نتيجو

هن مقالي ۾ مون سنڌو لکت واري پرولي سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هونئن تہ بين ڪيترن سڃيت ۽ سُڃاڻ عالمن هن منجهيل مامري تي پنهنجي پنهنجي سوچ ويچار مطابق ٽيڪاٽپڻي ۽ چند ڇاڻ ضرور ڪئي آهي، پر پرجهہ ۽ پروڙ سان جوڳا جتن ڪونہ ڪيا آهن.

هن لکت کي صحيح نموني سان سمجهڻ واسطي، جن شين تي اهڙي لکت اڪريل آهي، تن کي ليتيل ۽ ايپيءَ سنوت ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، بيو انهن جو مطالعو (i) ماحول مطابق ۽ (ii) سلسلي وار ۽ لڳاتار ڪيو وڃي.

منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هن طريقي سان مطالعو ڪيو ويو تہ اهو هن لکت جو بنيادي ۽ اهم مطالعو ثابت ٿيندو. مان هن مامري هيٺ ڪجهہ تفصيل سان بيان ڪري رهيو آهيان، پر جيڪي لکت جون ٽڪيون هٿ آيون آهن تن جي تحقيق ايراضيءَ جي ورهاست مطابق ٿيڻ کپي ۽ اڪريل لکت جي مختلف نمونن کي پاڻ ۾ ڀيٽائي تپاسڻ گهرجي. ان ٽامي جي ٽڪين تي اڪريل لکت کي بين شين تي ٿيل لکت سان ڀيٽائي کوجنا ڪري رهيو آهيان، ان ناتي سان مون کي هيءَ ڳالهہ معلوم ٿي آهي، تہ ٽامي جي ٽڪين تي ٺپيل يا اڪريل لکت ڪنهن بيءَ شيءَ تي ورجايل ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي، پر بين شين تي لکيل اکرن کي سامهون رکي غور سان جاچي ڏسبو تہ منجهن ڪي قدر ساڳيائپ ڏسڻ ۾ ايندي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي، تہ هڪ سيپيتائي ماڳ تان ۽ مختلف ايراضين مان جدا جدا ۽ ساڳي شين تي ٿيل لکت پاڻ ۾ ڀيٽائي، تن جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي، ان کان پوءِ ڏٺو وڃي تہ انهن ۾ ارتقائي تبديلي جو هڪ لڳاتار سلسلو تہ موجود ڪونہ آهي. اهڙيءَ ريت ساڳي ماپ جي مُهرن ۽ ٺپن تي لکيل اکرن جو بہ تقابلي جائزو ورتو وڃي، ان کان پوءِ بين شين تي ٿيل اهڙيءَ لکت کي ڀيٽائي ڏٺو وڃي ۽ ان ڳالهہ تي پڻ ويچاريو وڃي تہ ڇو ڪن ٽامي جي ٽڪين تي ڀنئين پاسي ماڻهن ۽ جانورن جي تصويرن بدران رڳو نشانيون آهن، انهن مان ڪي نشانيون ٺڪر جي ٿانون ۽ مٽيءَ جي پڪل مهرن تي آهن، جيڪي ساڻن هڪ جهڙائي رکن ٿيون. مثال طور: هيءَ نشاني آهي، جيڪا ٽامي جي ٽڪين تي هن ريت  ڏسڻ اچي ٿي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌو لکت جو معيار اوچو ۽ اعليٰ آهي، پر اهو ضروري آهي تہ سيپيتا جي مختلف ماڳن تان لڌل شين تي ٿيل لکتن کي بہ پاڻ ۾ ڀيٽائي ڏٺو وڃي، جنهن مان پتو پوندو تہ مختلف علائقن ۾ لکت جي ناتي سان ڪهڙيون ڦيريون گهيرون ايندڻيون رهيون آهن.

اڳئين صفحي تي ٽڪين جا ٻئي پاسا ڏنا ويا آهن تہ جيئن پڙهندڙن ۽ محققن کي وڌيڪ معلومات ملي ۽ هو مهرن پڙهڻ واري ڳجهڙي ڳجهارت ڳولڻ ۾ دلچسپي وٺن ۽ محنت سان پيچڻي واري ماڳ تي رسن.



موهن جي دڙي مان لڌل ٽامي جي ٽڪين جي لکت

لاڙي محاورو

هڪ جائزو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي هڪ قديم زبان آهي، پنهنجي شروعاتي دؤر کان وٺي مختلف اثرن هيٺ تبديل ٿيندي آئي آهي. اهڙي تبديلي زبان جي سٽاءَ ۽ لفظن جي ذخيري ۾ آئي آهي. زنده ٻولين وانگر سنڌيءَ به ڌارين ٻولين جا سوين لفظ جذب ڪيا آهن. ڪي ٻوليون ڳالهائيندڙن جي گهٽجڻ يا ٻين سببن ڪري آهستي آهستي ختم ٿي وينديون آهن. چارلس هاڪيٽ لکي ٿو ”چٽي ماچا (Chiti macha) هڪ آمريڪن انڊين زبان جا ١٩٣٠ع ۾ فقط ٻه ڳالهائيندڙ ڏٺا ويا. انهن جي مرڻ سان چڻ اُها ٻولي ختم ٿي. نيوگنيءَ جي هر ڳوٺ ۾ اُن ڳوٺ جي ٻولي ڳالهائڻ وارا اُهي ٿي چند سؤ ماڻهو آهن .....!“

اُن جي اُبتڙ زنده زبان وڌي ۽ ويجهي ٿي. منجهس وسعت سان گڏ تبديلي ايندي وڃي ٿي، لساني/لسانياتي جاگرافي زبان جي تبديلين جي باري ۾ هڪ علم آهي، اُن ڪري جيڪا درجه بندي ٿئي ٿي، اُن جو هڪ مخصوص اصطلاح آهي جنهن کي محاورو (Dialect) چئجي ٿو.

زبان ۾ محاورو مفاصلي سبب جنم وٺي ٿو. هڪ ايراضيءَ کان ٻيءَ جي ٻوليءَ ۾ هڪ فطري فرق پيدا ٿئي ٿو. ٻولي ته بنيادي طور ساڳي آهي، پر اُن ۾ ڪي فرق ظاهر ٿين ٿا. ٻوليءَ بابت هي چوڻي اُن ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿي، ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“ اُن کان به هڪ قدم اڳتي تپاس ڪبي ته ڪي ٻه ماڻهو بلڪل هڪ جهڙو ڪونه ٿا ڳالهائين (٢) وري ڪنهن جو ذاتي اُچار (Idiolect) به ڳڻپ ۾ اچي ٿو. زبان جي مختلف محاورن کي نقشي تي ورهائي ڏيکارڻ لاءِ ليڪون (Isoglosses) ڏبيون آهن. (٣)

هر زبان اُچارن جي فرق ۽ وياڪرڻي فرق سبب ڪيترن ئي محاورن ۾ ورهايل هوندي آهي، ڪٿ گهٽ ڪٿ وڌ پر هر زبان ۾ محاورا موجود آهن. دنيا ۾ چند زبانون اهڙيون به آهن، جن ۾ ملڪ جي هڪ ڇيڙي جو رهاڪو ٻئي ڇيڙي جي رهاڪوءَ جي ڳالهايل (ساڳي) ٻولي ڪونه سمجهندو آهي، چيني ٻوليءَ ۾ ايئن آهي اُتر وارو پينسل کي ”چئن پيي“ چوندو ۽ ڏکڻ وارو ”ڪيي“ چوندو لکت ۾ چينيءَ جا سڀ محاورا ساڳيا آهن، صرف ۽ نحو جو به ڪو فرق ڪونهي. فقط تلفظ جو فرق آهي. اسان جي زبان جي محاورن ۾ تلفظ سان گڏ لکت جو به فرق آهي، جئن اُتر ۾ ”پاءُ“ ته لاڙ ۾ ”پا“.

سنڌيءَ جا وڏا محاورا ڇهه آهن، سريلي يا سِري وارو وچولو - لاڙي - ٿري - ڪڇي ۽ لاسي يا ڪوهستاني. سنڌ اڳ اڄوڪي سنڌ کان وڏي هئي. اُن ڪري اڄوڪين سرحدن کان ٻاهر به سنڌي زبان جو ڦهلاءُ ٿيو ۽ گجرات، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ به سنڌي زبان جا محاورا ، جهڙوڪ: ميمڻي، ڪيتراني ۽ ماڇڪو وغيره موجود آهن.

هن مقالي ۾ لاڙ جي محاوري جو جائزو پيش ڪجي ٿو. لاڙ (Lower Sindh)) سنڌ جو اُهو ڏاکڻيون حصو آهي جنهن جي سرحد ڏکڻ ۾ ڪڇ جي رڻ سان ملي ٿي. رابطي جي مدنظر ڪڇ ۽ لاڙ جي وچ ۾ ١٩٤٧ع کانپوءِ پارٽ جي سرحد آهي، ڏکڻ اولهه ۾ سمنڊ آهي، اُن ڪري اُتان ڪا لساني توڙي محاوراتي سرحد به نه آهي. اولهه کان لاسي يا ڪوهستاني محاورو، ڏکڻ کان ڪڇي، اوڀر کان ٿري ۽ اُتر کان وچولو محاورو موجود آهي. هي سڀ محاورا سنڌي زبان جي سونهن آهن، هر محاوري کي پنهنجي خصوصيت حاصل آهي.

اڄ جا حيدرآباد، ٺٽو ۽ بدين ضلعا عام طرح لاڙ ۾ شمار ٿين ٿا. حيدرآباد جو ڏاکڻيون حصو ١٩٧٥ع ۾ بدين ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. ٻوليءَ جي مد نظر ڏسبو ته حيدرآباد جي موجوده ضلعي ۾ به لاڙي ٻوليءَ جا آثار ملندا.

لاڙ ۾ سنڌي زبان جو جيڪو محاورو ڳالهايو وڃي ٿو سو لاڙي سڏجي ٿو. "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" جي چوڻيءَ موجب لاڙيمحاوري ۾ به ڪي ننڍا محاورا (Sub-dialects) موجود آهن. ڪن هنرمندن ۽ ذاتين جي ٻولي به عام محاوري کان مختلف آهي.

لاڙ هڪ ثقافتي ايڪائي به آهي، ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي اُتر، وچولي، ٿر ۽ ٻيلي کان ٻي طرح آهي. هاڻي البت لاڙ جا ماڻهو سکيا ٿيا آهن، نه ته ڪمند جي پوک کان اڳ گذر سفر مشڪل ٿيندو هو.هاڻي پوک، ڪارخانن ۽ گذران جي ٻين وسيلن سبب خوشحالي آئي آهي.

لاڙ جي معنيٰ آهي لڙيل يا "هيناهون پاسو"پيرومل مهرچند "لاٽ" مان "لاڙ" ٿيڻ جو اندازو لڳايو آهي، يعني سنسڪرت / ٽ/ مان /ڙ/ بنجڻ - جئين / لِلاٽ/ مان /نراڙ/ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري (١٥٣٨ - ١٦٢٣ع) ڏکڻ جي معنيٰ ۾ "لاڙ" کي "لاهه" ڪري ڪم آندو آهي.

جي اُتر جي لاهه، سڄڻ سڀ.پرڪٺا،
ري پانجي ڪنٺي، سير ٻري نه باه .

بيت مان ئي معلوم ٿئي ٿو ته اُتر جي اُبتڙ ڏکڻ کي لاهه سڏي ٿو. اهو ئي اسان جو لاڙ آهي.جئين سنڌي زبان سٽاءَ جي مختلف دؤرن مان لنگهي آهي، تيئن لاڙي محاورو به تبديليءَ جي مرحلن مان لنگهيو. لاڙ ۾ ٺٽو، روپاهه، وڳهه ڪوٽ ۽ بدين سياست ۽ ادب جا مرڪز رهيا. هنن ايراضين وڏا وڏا انقلاب ڏٺا. انهن انقلابن لاڙ ۾ جيڪا اٿل پاٿل آندي اُها پنهنجي جاءِ تي هڪ وڏو داستان آهي، پر ٻوليءَ تي جيڪي اثر ٿيا، ٺٽي ۽ بدين ۾ مدرسن جو جار وڇائجي ويو. اڄ وچ ۽ رابطي سبب ئي سنڌي زبان جو اثر ڪڇ تائين هو. ڪڇ ۽ لاڙ جي عالمن جو پاڻ ۾ گهرو رابطو به رهيو.

محاورن جو پاڻ ۾ ڪهڙو ربط ۽ ڪهڙو فرق آهي، اُن سلسلي ۾ لاڙي محاورو پنهنجي سٽاءَ جي مدنظر اهم آهي. معياري محاوري (Standard Dialect) جي ڀيٽ سان اُهي ڳالهيون واضح ٿين ٿيون. بنيادي ڳالهه وينجن (Consonant) جي آهي. لاڙيءَ جا ڪي وينجن معياري محاوري وانگر نه آهن، هن ۾ وسرڳ آواز کي اوسرڳ ڪري اُچارجي ٿو. يعني / گهه/ کي/ گ/ ۽/ ٻ/ کي/ ب/ ڪري اُچارڻ ۽ ايئن گهوڙو بدران "گوڙو" ۽ "ٻت" بدران "بَت" چيو ويندو آهي، سڀ ڌوڪتا (Plosives) وسرڳ لاڙيءَ ۾ اوسرڳ ڪري اُچارجن ٿا. مثال طور : /ٻ/، / ڏ/ ،/ڍ/ ۽/ جهه/ کي/ ب/ ، / د/ ،/ ڌ/ ۽ / ج/ ڪري اُچارجي ٿو، انهن آوازن جا مثال لفظن ۾ هيئن ٻيهندا. ٻلو (بلو) . ڏک (دَک) ڍور (دور) . جهوڪ (جوڪ).

پيرومل مهرچند جي خيال موجب اوسرڳائي داردي ٻولين جي اثر سبب آهي (۴). گسڪيدار اوسرڳ آواز /غ/ ۽/ خ/ لاڙ ۾ /گ/ ۽ /ڪ/ ڪري اُچارجن ٿا. اِها ڳالهه ڪن ٻين محاورن ۾ ۽ ٻڻ اڻ پڙهيل ماڻهن ۾ نظر اچي ٿي. غلام کيِ گلام چوڻ اڪثر سڄي سنڌ ۾ ٻڌجي ٿو.

/ف/ ۽ / ق/ جدا جدا لفظن ۾ پاڻ ۾ بدلجي وڃن ٿا. "فوٽو (Photo) کي "ڦوٽو" ۽ وري "ڦوٽو" (ايلاچي) کي "فوٽو" چوڻ، توڙي "ڦلا" کي "قلا" چوڻ به عام آهي. اڪثر سُر آواز (Vowels) سُسن ٿا. جيئن ڪيائون مان ڪئون، چيائون مان چئون ۽ سڏيائين مان سڏئين بنجي وڃي ٿو. وري اسمن ۾ معياري ۽ اُتر (سري) جي محاوري جي اُبتڙ سُر آواز وڌيل آهن. لاڙ وارا حجم کي حجام ۽ نرڙ کي نِراڙ چوڻ.

لاڙي محاورن ۾ تلفظ جو بگاڙو اڪثر صفت تقليب جي صورت ۾ وٺي ٿو. مثال طور لعنت مان "نالت" ٻڌڻ مان "جدڻ" بنجي وڃي ٿو. پاڙيسري محاورن مان ڪڇيءَ جو اثر نمايان آهي. ڪڇيءَ وانگر لاڙيءَ ۾ به "ايندو" بدران "اچيندو" چون "ڪاڌو آهيم" بدران "ڪاڌم آهي" "لکيو آهيم" بدران "لکم آهي" اچارجي. ڪڇ ۽ لاڙ ۾ ماضيءَ ۾ ماڻهن جي آچ وڃ بلڪ مٽي مائٽي به ٿيندي رهي. ٻنهي محاورن ۾ اڪثر لفظن جا اُچار ساڳيا آهن. مثال طور:

لاڙي ۽ ڪڇي	معنيٰ
ڏڙهو / ڏڙهو/ ڪينهوڙو	بال - ڪينهون
ڳڙڻ، ڳنهڻ	وٺڻ - خريد ڪرڻ
وڃڻ	وڃڻ
سَپ / سِپ	سَپ
مَسيت/ مِسيت	مسجد
لکَ وار ۾	ٿوري دير ۾
ٿَنائو	ٿڃجي پيو
رسائو	رَسيو

(جا منزل جي ماري،سا قادر ڪيچ رسائيِن - شاهه)

ڪوهستان، لس ۽ ٿر جو به ڪجهه اثر لاڙي محاوري تي مليو ٿو، ڇو جو ڏڪار ۾ جبل جا ماڻهو لاڙ ڏي لڏي اچن ٿا ۽ ٿر ۾ پهرين مينهن پوي ته لاڙ جا مالوندا مال ڪاهي ٿر وڃن ٿا. مون پنهنجي ننڍڙي ڪتاب "لاڙ جي لغات" (١٩٧٥ع) ۾ لاڙ جي ٻوليءَ جي شاهوڪاري بابت ڪي مثال ڏنا هئا. موضوع سان نهڪندڙ ڪري هتي اُنهن کي ورجايان ٿو.

سنڌيءَ ۾ "اتيت" اُن ماڻهوءَ کي چئبو آهي جيڪو سُڃو هجي. لاڙ ۾ هي لفظ عام جام ڪم اچي ٿو - اتيت مان مراد سُڃو، ٻڪيو، اڳهاڙو، ورتي وڃي ٿي. ڪنهن کي اولاد نه هجي ته اُن کي "نانگو" چون، قاتل ڪپڙن لٽن ۾ ڪو ماڻهو هجي ته ان کي "اَٻالو" چائن، ڪاڏي پيتي جي طلب کي ۽ اُڃ آهي، پر حُقي ۽ تماڪ جي طلب کي "ٻاڙ" چئجي ڇانهه جو گهڻو شوق ڪنهنکي هجي ته اُن لاءِ چون "ڇانهه جو ٻانڌائي آهي".

اهڙي طرح ڪانيءَ جي لڪڻ جا به ڪئين قسم ۽ نمونا آهن. لاڙي محاوري ۾ لڪڻ جا ڪيترا نالا ۽ صورتون آهن، "تلهڙ" اهڙي وڏي لڪڻ کي چئبو جيڪو ڏِگهو، تازو ڪپيل ۽ لچڪيدار هجي، سُڪل ننڍو لڪڻ "ٻانٺو" سڏبو. چار مان ڪپيل ننڍي ۽ سنهي ٻانٺي کي "چاڪَ" چئبو، وري اَڻ سوئيل ٻانٺي کي ڇانيو چئبو، ڏُڪي کي هڪ پاسي مٿو هجي ته اُن کي "گهوٻاٽو" سڏجي، وڏو ڏُڪو "ڏنبو" سڏبو، ايئن مولڙو، مُهري، اُڪريءَ ۽ نِگهه ۾ مصالحا ڪُٽڻ ۽ اَن ڇڙهڻ لاءِ ڪم اچن. لٺ، ڪڙيالي لٺ، وانجهڻ لٺ، سؤنٽو ڳن به جدا جدا حيثيت جا هٿيار آهن. (۵).

گرامر جي تقسيم موجب ڪن لاڙي لفظن جا آواز هن ريت آهن.

اسم

ياقب (يعقوب)
ماڙو (ماڻهو)
ٻَڪرِي (ٻڪري)
گيٿو (گهيٽو)
آٽاٿو - سانڌاٿو (آچار)

ضمير

آئين (اوهين) توان (توهان) آوان (اوهان) آنجو (اوهان جو) تون جو يا توجو (تُهنجو) مُون جو (مُنهنجو) ڪينجو (ڪنهن جو) پانجو (پنهنجو) جين (جنهن) تين (تنهن) ايڙو (اهڙو) جيڙو (جهڙو).

فعل

ويچ (وچج) ٿيچ (ٿجَ ـ ٿجان) آيان (آهيان) ڪاڏئي (ڪاڏو اٿئي) ماترائڻ (پرچائڻ)

صفت

پلوڙ (سئو ـ پلو) واڇان (ڇَري)

مضارع

چُئان (چوان)

ڪان (ڪانوان)

وِڃان (وڃان)

اهڙي طرح لاڙ ۾ "ڪڏهن" کي "ڪڏين" ۽ "چو" کي "ڪو" چون. شاعر بہ پنهنجي فطري زبان استعمال ڪندا آيا آهن. شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ بہ لاڙي محاورو نمايان ملي ٿو. ٻين شاعرن مخدوم احمد ڀٽي، خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو، سانوڻ فقير، محمد خان ٽالپر، مولوي احمد ملاح، علي مراد چانڊيو، گل محمد سومرو، قاضي عرس، بچايو جوٽيجو، پير بخش فاروقي ۽ ڄام چانڊيو مڃيل شاعر آهن، هنن جو ڪلام لاڙي محاوري جي پوري ترجماني ڪري ٿو، هنن مان الله بچايو جوٽيجو اڃان جيئرو آهي. مخدوم احمد، شاهہ لطيف ۽ خواجہ محمد زمان جا هي چند بيت زبان جي بہ نمائندگي ڪن ٿا.

مخدوم احمد :

سڏ سٽي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن،

ڪوڙي دعوئٰ دوست جي ڪچاڙي ڪي ڪن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي:

ڪلهي ٿاتو ڪنجرو، متو اگهاڙو

منهنجو ڪچاڙو، ڀينر هن ڀنيور ۾.

—

نـــــنديو تان ڪوهہ، وکين آهي وتـــــبرو،

وجيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پهس پکيءَ جئن پوءِ،

اِن ڪُرسندو ڪوءِ، ميو ماٿو نہ ٿئي.

—

ايڪ قصر د ر لک، سهسين ڪٽس ڳـڙکيـون،

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سجڻ سامهون.

—

وجو سپ موٽي، اَئن جي ورن واريون،

ڪانہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريوم ڪوٽي،

ڪديم ڪاچوٽي، وڌم جوڳ جتن سين.

—

مـاڙهو ڏيئي مهٽا، مون کي ڪندا ڪوهہ،

جو چوريءَ ۾ چوه، سا پٽون ٿيندي پير تي.

—

متو آهيـن مـڇ، تـلها تو تونا هٽين،

تو جا پاڻئي اڇ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.

خواجا محمد زمان:

گهوريان هي جهان، هو پڻ گهوري ڇڏيان،

پلڪ پريان سان، جي مون سري جيڏيون.

لاڙ ۾ موجوده وقت ٻوليءَ جي لحاظ ڪان مرتضيٰ ڏاڏاهي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي‍ءَ جو ڪلام پڻ مقبول آهي، مٿن مولوي احمد ملاح جو اثر نمايان آهي.

لاڙي محاوري جي جملن جي سٽاءَ ۽ ڳالهايل ٻوليءَ جا چند مثال پيش ڪجن ٿا:

سليمان ڍير سان گهر پڳو ـ (پهتو).

پڪورا ايڙا ڪارا آهين، مُون جو تہ وات ئي ساڙي ڇڏئون آئين روزانو ڪيئن ٿا کائو؟

پان جي نِينگريءَ جيڙي سياڻي آئون سگڙ ٻي ڪانہ ٿيندي.

آئين تہ وينا ٻئونب ڪريو،

ڪٺاڙي ايڙي نيپي ڏي، جو جيئن وڻ منجھ هٿان پار اُڪري وڃي.

مينگواڙ ڪان جتي ڳنڍيايو بيٺي پير هليو اچان.

هي فقط چند جملا آهن، جيڪي عام طور لاڙي محاوري جي نموني طور لکيا اٿم. آءٌ ١٩٦٧ع کان وٺي لاڙ جا مقامي لفظ گڏ ڪندو آيو آهيان. انهن جي بنياد تي پهرين هڪ مقالو ۽ پوءِ هڪ ڪتاب. لاڙ جي لغات ١٩٧٥ع ۾ ڇپايم. جنهن جو ذڪر مٿي به ڪري آيو آهيان اُن لغات ۾ فقط ڇهه سؤ لفظ هئا، جن جو مرڪز مون کي لاڙ ۾ نظر آيو. هتي لاڙي محاوري کي سمجھڻ لاءِ اُن ذخيري مان نموني طور ڪي لفظ نقل ڪريان ٿو:

الف

اَبڏي = ڪيتو، رسامو، خاص طور پار جو روئڻ ۽ تيسو ڪرڻ، ضد ڪرڻ.

اُپٽڻ = کولڻ، پٽڻ.

آتر ويلا – اُبهرائي – تڪڙ.

اَتيت = جنهن جو ڪير به نه هجي – بکيو– سجو.

آڏو = ڦڏو.

اَڳلو = گدلو (مونث گدلي).

آرو = بني جنهن کي هڪ سال ايئن ڇڏي ڏجي ۽ آبادي نه ڪجي.

اَلي = تونس = گهٽي اُڃ.

اُنهمون = بيحال – تڪل.

اُڪردو = آجو – نويڪلو – اڪثر سَسُون چون: تُنهن کي ته ڪبي آجو آڪردو گهر.

ب

بان = توبهه – خاص طور بيزار ٿي ڪنهن ڪم کان هٿ ڪڍڻ.

بائٽ = خفت – گهٽو شوق.

بَٺ = تپش – ڪاڙهي جو بٺ – گهٽي اُس.

بگا – ڦر جو ڏائڻ وقت ٽٽن کي ڏُوڏاڙڻ، ڪير جي آخري ڦڙن لاءِ.

پڙادو = هُل بغاءو – گوڙ.

بوٽ = تپ، بخار جي ٿوري حرارت.

بَوُنب = رونشا – مزا – الُوليون ڪرڻ.

ٻ

ٻاٻيت = حُبَ.

ٻاٽاڙو = منجهيل، جنهن جي واٽ مان ڪو لفظ نه اُجهي، انٽين جي آئون، ٻوليءَ ٻاٽاڙي ڪئي (شاهه).

ٻَنر = سوئر جو ٻچو.

ٻوڏ = جيءَ جو ضد، جي چوندا هٿا جيءَ، سي ٻوڏ نه چون ٻاجهه سين (حمل).

ٻيڏو = ٻارن جي ڪنگهه.

پ

پاڇاتو = پوءِ يا دير سان – (ضد اڳاتو) – پاڇاتيان پئي، ٿيو اڳاتيان اڳرو (شاهه).

پچند = ڳيچ ڳائڻ وقت ڍولڪ جي خاص وڄت.

پَٽ = پاڙو – قبيلو، آءٌ گدبو آءٌ گولاڙو، آءٌ بي پَٽو آءٌ بي پاڙو (سانوڻ).

پُٺاڏ = پويون حصو – ڍڳي گاڏيءَ جي ٽانٽيءَ جو آخري حصو.

ڀ

ڀُڪا = پرزا پرزا – ڪُنگرا جي ڪوٽن جا، ڀڃي ٿيا ڀُڪا.

ڀُونگلاڙو = منهن تي ڪپڙو ڏيئي اولو ڪرڻ (تيز هوا کان بچڻ لاءِ تيلي ٻارڻ لاءِ)

ت

تاڪ = حرامڙي ۽ چالاڪ رن.

تڪاڪ = اتفاق سان – اوچتو.

ٽ

ٽِٽي = مخول، ڪِلڪو، هلڪڙائي ڪرڻ.

ٽٽپ = تمامُ تڏو (پاڻي)

ٺ

ٺاپرو = مُٺ ڀيڙ ڪرڻ ۽ زور ڏيڻ وارو.

ٺارو = چئلينج، هوڪارو ڏيڻ.

ٺِسنگ = وڏو، زبردست، (اڪثر ڪار وڇان چون).

ٺلڻ = ترڻ.

ٺوٺهر = وڏي جُونءِ.

ٿ

ٿاڏاڙڻ = ماترائڻ، پرچائڻ، نڳارڻ – ضد تان لاهڻ.

ٿر = چورايل چوپايو مال لڪائڻ لاءِ ڳجهي جاءِ.

ڦ

ڦسو = بي همت (ڳار)

ڦڪرو = سَخت پٽ (ضد: پٽڙو)

ڦونگو = رسامو.

گ

گاسو = ڇيهو.

گِدي = ڪُپت.

گوچاني = ڪيسو.

ڳ

ڳَٽ = سانَ ڪَي ڪاٺ ۽ رسي سان ڪنڌ ۾ ٻڌڻ
زيرين ٻيڙئين لوهه ۾، ڳَٽن ڪيس ڳاهه (شاهه)

ڳگَ = تڏو، برف جهڙو.

ڳوڙو = وڏو – اُهو ٻار جنهن لاءِ محسوس ڪجي ته هاڻ ننڍڙو ناهي.

ڪ

ڪاٻاڙڻ = خراب ڪرڻ – ضايع ڪرڻ.

ڪامر ڪوسڙو = حاسد، دل جو ڪوٺو.

ڪُڦيل = ڪَڪ، بيزار.

ڪانڪور ڪرڻ = دٻ ڪڍڻ – گوشمالي ڪرڻ.

ڪُڙو = ناغو – مينهن ڪو وقت (صبح يا شام) ـ نه مڙندڙ هجي ته اُن ناغي کي ڪُڙو چون.

د

دابڙو = ڪپڙن ڌوئڻ وارو تختو، جنهن کي ڏُڪيءَ سان سٽجي.

دَٽ ڪرڻ = مَڪر ڪرڻ – To Pretend

دُوڄ = چوند، ڪنهن ڪيَ ڪا شيءِ پنهنجي پسند سان چوندي ڪڍڻ جي اجازت ڏيڻ – دوڄَ ڇڏڻ

دوڻ = وڻ کي لوڏڻ – سُورَمُ ڏيو دوڻ، آءٌ اڳ آهيان ڪانهلي (شاهه)

ڏ

ڏاپ = بڪواس – گوڙ.

ڏوڪڻ – گهٽو پاڻي پيئڻ.

ڏوراچو = حضور شرم – ڪائڻ ۾ حجاب ڪرڻ وارو.

ڊ

ڊڙڻ = ڏاڍي مار ڏيڻ.

ڊاڍ = هل بغادو.

ڍ

ڍبي = پڪي ڦاسائڻ لاءِ ڏلهي يا ڪاري کي اُبتو ڪريءِ رسيءَ جي ڇڪ تي بيهارڻ.

ڍُرڪائڻ = چئلينج ڪرڻ – هوڪارا – ٺارا ڏيڻ.

ج

جَنب = جنم.

جڊڻ = ڊڄڻ.

چ

چارا = چبارا، اهلون ڪرڻ.

چمرڪو = چهنڊڙي يا گهٽي ماس کي هٽ ۾ وٺي وڏي

چهنڊڙي پائڻ.

ڄ

ڄر = ڄن - پوٽ

ڄل = ٻچيل ٽڪر - صابڻ جي ڄل.

ر

رانٽي = چالاڪ عورت.

ڙ

زر ٽيڻ = ڪاوڙ ۾ تبي ڳاڙهو ٿيڻ.

م

ماند = اگهه.

مٽڻ = لنگهڻ - بدلائڻ.

منگلي = وڏي چوڙي.

منڊو = ڍرو.

ن

نوجڻ = رسيءَ جو ٽڪر جنهن سان مينهن يا ڦي کي ونگجي (ٻيو اُچار جوجڻ) نوٽ : انهيءَ حساب سان هي سنڌيءَ جو هڪڙو ئي لفظ آهي جيڪو ڄ سان شروع ٿئي ٿو.

ل

لڙهو = تازي وڍيل لٺ - ڪاٺي.

لوه = ڳهت - ڪو روزگار جي تنگيءَ ۾ هجي ته به چون : لوهن ۾ آهي.

س

سُپ تارو = ٽج - ٽيٺ - سُپ تارو ڪُوڙ.

سُنٿالو = نرم يا تور ڪان ٿورو وڌيڪ ڏيڻ.

و

وِڇاڻ = بسترو.

وِڪ = زهر.

وِلل = وِٿل.

وينڪڻ = گهڻن مڇرن جو ڪاٺڻ "مڇرن وينگي ڇڏيو."

هه

هٿن تي پاڻي وجهڻ = ڏاڍي مار ڏيڻ.

هوانو = پروگرام، ڪنهن جي اچڻ جو.

جهه

جهاموٽجڻ = وڙهڻ لاءِ ٻڪيل پوڻ.

جهمڻ = وڻ جو بار ڪان جهڪڻ

گهه

گهاري = سنگت ۾ ويڇو - دوري.

گهيڙ = اٽل ارادي وارو مڙس - ڪٽ مست.

ڪ

ڪڙائڻ = ستائي تنگ ڪرڻ.

ڪُونٽرو = نرم.

حوالا:

1. Hockett. charles, F. A. Course in linguistics. Macmillan & Co New york 1958 PP 8-9
2. Jones, D. An outlines of English Phonetics, W Heffer Cambridge 1960, P.II
3. Hockett op Cit PP 473-474 &477.

۴. آڏواڻي، ڀيرو مل مهر چند سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي ادبي بورڊ ۱۹۵۶ع ص ۱۲۷.

۵. عبدالجبار جوڻيجو. لاڙ جي لغات - زيب ادبي مرڪز حيدرآباد. ۱۹۷۵ع ص ۲۲.

ڇپائي هيٺ ڪتاب

۱. سنڌو لکت ۽ ٻولي: ايس - آر راءِ، مترجم عطا محمد ڀنڀرو

۲. سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکت سان لاڳاپو: جي - آر - هنٽر، مترجم عطا محمد ڀنڀرو

۳. سنڌ سڀيتا ۽ سنڌو لکت - ڊبليو - اي فيئرسروس - مترجم عطا محمد ڀنڀرو .

۴. سنڌ جو مهراڻ - ريورٽي - مترجم عطا محمد ڀنڀرو

۵. سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو هيگ - مترجم عطا محمد ڀنڀرو.

۶. سرير جي آتم ڪهاڻي، علي مرتضي ڏاريجو.

۷. سنڌي نصاب - (غير مادري زبان وارن لاءِ) حيدر علي لغاري.

۸. مثالي ٻاراڻو ڪتاب - پروفيسر شيخ محمد فاضل

۸. خطرناڪ ٻلي (ٻاراڻيون ڪهاڻيون) مترجم عطا محمد ڀنڀرو.

۱۰. ٽي دوست - (ٻاراڻيون ڪهاڻيون) مترجم عطا محمد ڀنڀرو.

اخبارن جي ٻولي تي هڪ سرسري نظر

علي احمد بروهي

وڏا تورا! منڙي مالڪ جا، اڄ سنڌ ۾ سياسي سجاڳيءَ جو دور آيو ته ڏسجي، نه فقط اخبارن جي پڙهندڙن ۾ واڌ آئي آهي پر خود اخبارن جي تعداد ۾ پڻ خاص اضافو ٿيو آهي، شيطان جا ڪن ٻوڙا. اڄ سنڌي ٻوليءَ جي روزاني اخبارن جو ڳاڻاٽو وڃي درجن ڏيڍ کي پهتو آهي، وري مزو اهو جو سنڌي اخبارن پنهنجو سڪو به واهه جو ڄمايو آهي ۽ هاڻ سندن لکڻين جو نوٽيس پڻ ورتو ٿو وڃي. اخبارن سان گڏ صحافت جي دائري ۾ پڻ چڱي ڀرتي ٿي آهي، مضمون ۽ مقالا لکندڙن جي قطار ۾ روزبروز نوان نالا ڏسجي رهيا آهن. خاص طور شعر و شاعري ۽ ڪالم نويسيءَ ۾ ته ڪنڪ اچي ڪنا ٿيا آهن. سندن خيال جي اڏام ۽ لکڻين جي رواني ڏسي اکثر ڏندين آڱريون ڏيڻيون ٿيون پون ته هي ماڻڪ موتي ۽ لعل گوهر هيل تائين الاجي ڪٿي ۽ ڪهڙي لڏ ۾ لڪل هئا!

ايتري سياسي سجاڳي ۽ صحافتي سرگرمي هوندي به تعجب هي آهي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ جا سونهن سوڀيا اچڻ گهربي هئي، سا اڃان سوڌو ڏسڻ پسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. ممڪن آهي ته اها ماجرا اڃان اڌ پنڌ ۾ هجي، پر اهڙا ڪي اهڃاڻ ڏسجي نه رهيا آهن، بلڪ ڏنو وڃي ته انهي ڏس ۾ باک ئي نه ڦٽي آهي - جو هيڪ لازمي امر پڻ آهي. ڇاڪاڻ ته اخبارن جي شمار ۾ واڌاري سان صحافين جي صفن ۾ ته برابر گهڻائي آئي آهي، پر صحافت جي معيار يا ٻوليءَ جي ٻنوار ۽ سينگار ۾ ڪا سرسي آيل نه ٿي ڏسجي. جي رنگروٽ ڪم ۾ رنيايا ويا آهن، تن کي علمي لياقت ۽ صلاحيت ته ضرور هوندي، پر ڪين صحافت جو تجربو خير ڪي آهي، نه وري اخبارن جي دفترن ۾ اهڙي ڪنهن تربيت ۽ ترغيب ڏيڻ جو ڪو انتظام ئي آهي، هو غريب لمَ ٽپ تي ڪم اُڪلائيندا ٽا رهن پوءِ ڳالهه ٺهي نه ٺهي، وٺ رينگٽ ڪي. آخر به ته ڪين اخبارن جي خالي ۽ بڪايل ڪالمن جا پيٽ پرڻا آهن، پوءِ اکر نه سهي ته ٺڪر ۽ ٺوبر ئي سهي!

ڏٺو وڃي ته سندن ڏوهه آهي ئي ڪونه. هڪ ته هو اهڙي اٿانگي دور ۾ اچي سهڙيا آهن، جڏهن اڙدو اڙدها جيان مٿان ڦڻ ڪڍيو بيٺي ڦوڪون ڏئي، وري ڪين جي استاد تڪريا سي پاڻ ڏوڪڙ ڏيئي ڀرتي ٿيا هئا. اڳين استادن جي پڙهائي ۽ پڙهائڻ پيٽ پوڄا جي وسيلو هئڻ سان گڏ شيوا ڀڳتي ۽ عبادت پڻ هئي. اڄوڪو استاد خواهه صحافي، ماستري يا صحافت کي ريلوائي ويٽنگ روم جيان استعمال ٿو ڪري، ته جيسين سندس منزل واري ريل اچي سهڙي، تيسين ڪرسيءَ تي ويهي ڪڙيون گرم ڪري، جئن چوڻي آهي ته "ڀڳي سان ئي ڀيڙ، جيسين رتو راس ٿئي"

هن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته صحافت (جرنلزم) کان مراد آهي ئي اهڙو ادب جو تڏي تي ۽ تڙتڪڙ ۾ سرانجام ڏنو وڃي. هونئن به اخبار جي ڄمار آهي ڪهڙي؟ ڪل چار پهر. رات پر پٺاري سورنهن سينگار ڪري ٺهي جڙي ڪنوار ٿي صبح جو پڙهندڙن جي ور چڙهي، ۽ وري شام جي ٽاڻي

رنڙ تي دربدر رلندي رهي، پوءِ ڪي متس ترس آئي ڪيس پڪوڙن ويڙهڻ جي ڪم آڻين، ته ڪي بي رحم وري منجهس پراڻا پادر پارسل ڪن. خود اخبار جي اڏاوت ۽ اوساري پڻ پنجن يا ڇهن ڪلاڪن ۾ مس وڃي راس ٿئي ٿي - باقي وقت جي سيڙپ ٿئي ٿي اخبار جي ڇپائي ۾، ايجنٽن وٽ پهچ ۽ گراهڪن ڏانهن ورڇ ۾. اهوئي ڪارڻ آهي جو اخبار جي رپورٽرن، خاطن يا سب - ايڊيٽرن کي ڳاتي پڳي رفتار تي خبرن جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ گهڙائي ڪرڻي ٿي پوي. ظاهر آهي ته اهڙي وٽ پڪڙ جي صورتحال ۾ سواءِ تجربي ڪار صحافيءَ جي، ٻئي ڪنهن سيڪڙاڻ کي ڪهڙي مجال جو مواد کي ٺاهي جوڙي، ۽ وري ساڳئي وقت ڪيس وارنش سان پالش ڪري ۽ جرڪائي به!

وقت جي ڀيڙ ۽ ڀڄ ڀڄان ۾، اسان جا نوجوان صحافي پوءِ خبرن جو پورائو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اردو اخبارن جي انڌاڌنڌ ترجمن ڪرڻ تي. نج ۽ نيٺ سنڌي لفظ ته وڃي ڪڏ پيا، پر عام فهم اکرن جي به ڇاڻ نه هئڻ ڪري هو ڏڙا ڏڙ اردو اکر استعمال ڪندا ٿا رهن. اهو ئي سبب آهي جو اوهان کي سنڌي اخبارن اندر معطل مثبت، تشخص، مزاحمت، منتشر، محصورين، متاثرين ۽ مداخلت" جهڙا ٿوڙاڻ اکر، عام جام سنڌيءَ جي سيني تي مڱ ڏرينديءَ نظر ايندا!

وڏيڪ ۽ وڏو ويل وري انهن مچايو آهي جي اردو اکر ته استعمال ڪن ٿا "الاجي نه"، پر هنن همراهن وري پنهنجا هٿرادو ۽ جڙتو اکر گهڙڻ تي سنڌرو ٻڌو آهي، جي لفظ نه لغت ۾ آهن ۽ نه وري رواج ۾. اڳ اسان وٽ هڪ اڌ اهڙو داٿو ڪٿو هوندو هيو، جو اکرن تي ڏاڪڻ ٺاهي پوءِ چاڙهيءَ تي چڙهندو هيو، پوءِ ڪو "ڏنڙيل سنڌين" جي سياست ڪندو هيو ته ڪو وري "ڏات ڏڻين" جي آدمشماري ڪرڻ تي ڳٽ ڏيندو هيو. هاڻ ته خير سان ولر وڏو ٿيو آهي ان ڪري اکر به انوکا ايجاد ٿي رهيا آهن.

هن ڏس ۾ جو تازه به تازو لفظ اخبارن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي سو آهي "سٽيل" پوءِ ڪي ٻوڏ جا سٽيل آهن ته ڪي وري برسات جا سٽيل. سٽيل نهايت ڳورو ۽ ڳردار لفظ آهي، جو مارشل لا دور ۾ ايجاد ٿيڻ گهربو هيو،جڏهن مسڪين ماڻهن جي پنين تي ڦٽڪا (ڪوڙا) اگهڙن جيان وسائي سندن چمڙي اديڙي ٿي ويئي، عام فهم اکر "ستايل" آهي جو صدين کان رواج ۾ آهي. ستايلن جي سهائتا سنڌيءَ ۾ عام محاورو آهي، ممڪن آهي ته هاٺوڪي سٽ ڪٽ واري دور ۾ سٽيل لفظ کي وڌيڪ وزن وارو ڄاتو ويو هجي! نوان لفظ جوڙڻ ڪو خراب ڪم ڪونه آهي، بلڪ جن ملڪن جا ماڻهو ترقي پسند هوندا آهن ۽ منجهن علم ادب جو ذوق شوق جام هوندو آهي، اتي هنرمند ڪاريگر ۽ دانشور هنر فن ۽ ادب ۾ نيون نيون ڳالهيون ايجاد ڪندا آهن.

نوان لفظ ايجاد ڪرڻ يا ڌارين اکرن جي استعمال ڪرڻ تي ڪا بندش نه آهي، پر شرط هي آهي ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ جڏهن ڪا کوٽ هجي يا اڻاٺ ته پوءِ سڀ ڪجهه جائز آهي، ڇوندا ڪين آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي.

ٻوليءَ جي هاڻوڪي بگاڙ ۾ جنس جو غلط استعمال سر فهرست آهي. خاص طور جڏهن جملي ۾ ڌارين ٻولين جا اکر ڪتب آندا ٿا وڃن. مثال طور "آپريشن" انگريزي اکر آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڊاڪٽري ويڪٽ، جراحي يا ڪارروائي" جنس جي لحاظ کان هي لفظ مونث طور ڪتب ايندو آهي، پر اڄ ڪلهه هن لفظ کي جنس

مذڪر طور عام استعمال ڪيو ٿو وڃي؟ تہ "آپريشن ٿيندو يا ڪيو ويندو؟" آپريشن هميشه ٿيندي آهي يا ڪئي ويندي آهي، نہ فقط آپريشن پر اهڙا هڙئي انگريزي اکر جن جي پٺ ۾ "شن" لاڳو ٿيل آهي، سي سڀئي جنس مونث ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن، جيئن ٽرانسليشن، ڊڪٽيشن، ڪوآپريشن، سيپريشن وغيره، هي اصول سڄاڻ استادن اڳيئي طئي ڪري ڇڏيا آهن. هن ڏس ۾ فقط هي چوڻ ڪافي نہ آهي تہ لاڙ ۾ اسان وٽ آپريشن ٿيندو آهي، نہ وري هي ڪو مناسب دليل آهي تہ ڊاڪٽري آپريشن ٿيندي آهي، باقي ملٽري آپريشن ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ جو ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ مٿا ٿيندا آهن.

جنس جو دارومدار لفظ جي ذاتي حيثيت ۽ نوعيت تي آهي جيئن: آچر جو چولو - آچر جي قميص - آچر جو بوٽ - آچر جي جُتي - قلم سنو آهي - پينسل سني آهي - چاقون مڏو آهي، ڪاتي تکي آهي - ڪاٺين ڏارڻ جو ڪهاڙو - لام وڍڻ جي ڪهاڙي - خبر ملي آهي - خيال چڱو آهي - اخبار آئي آهي - رسالو شايع نہ ٿيو آهي - صورتحال سني آهي - فرياد داخل ٿيو آهي - اسيمبلي اجلاس اجهان بہ ڏينهن هلندو - اليڪشن ٿيندي، وغيره.

سنڌي ٻوليءَ جا اڪثر لفظ عدد واحد توڙي عدد جمع ٻنهي ۾ هوبهو هڪجهڙا استعمال ڪيا ويندا آهن، جيئن "سوچ، سمجهہ، خيال" وغيره. هن ڏس ۾ اسان جا ڪي اديب اڙدوءَ جي نقش قدم تي هلندي سنڌي اکرن ڪي هرويرو پيچ پئي "جمع" بنائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، سنڌيءَ ۾ "ياد" واحد توڙي جمع آهي، پر اڄ ڪلهہ هن لفظ جي بيڙي سير تي آندي وئي آهي ڪڏهن "يادون" تا لکن تہ ڪڏهن وري "ياديون!" جيڪڏهن ڪين جمع ۾ لکڻ لاءِ لاچاري آهي تہ پوءِ "يادگيريون" چئي سگهن ٿا ۽ نہ يادون! ساڳي ريت سنڌيءَ ۾ "سوچ" جو جمع "سوچون" نہ آهي پر "سوچ" سين جي آهي - اوهان جي سوچ، سڀ جي سوچ يا جڳ جهان جي سوچ! اوهان جڏهن بہ اهڙن خاص لفظن جو جمع ۾ اظهار ڪندا تہ سمورو مامرو ٻي سُري تي پوندو. مثال طور "مائي ڀاڳيءَ اڄ ڪار چاڙهي آهي"، پر جيڪڏهن جمع ۾ بہ اوهين ڪار بجاءِ "ڪاريون" لفظ استعمال ڪندا تہ مونجهارو ٿي پوندو.

هي برابر آهي تہ اڄ ڪلهہ سنڌي ٻولي وارثن هوندي سوندي بہ چوري چني آهي ۽ سانس ڇيڙڇاڙ ڪرڻ تي ڪا جهل پل آهي ئي ڪانہ، جيئن چوٽي آهي تہ انڌي جي جوءِ جو الله واهي آهي! پر تڏهن بہ شڪر الحمد لله جو اجان ڪي آهين جوڳي جوءِ ۾، جن ڪي نہ فقط ڀِڳڻ ٻولي سان هٿوپائي ڪرڻ تي ڪهڪاءُ تو اچي يا ڪين اندر ۾ ڇهنڊڙيون ٿيون پون، پر سندن رت بہ ٿو ٽهڪي. اوهان ڏٺو هوندو تہ ويجهڙائي ۾ ٻن ٽن مضمونن جي ڇپجڻ تي ئي، ايترو اثرائتو رد عمل ٿيو، جو ڪراچيءَ جي سنڌي اخبارن کان اڙدو اکر اٿين اوچتو ئي اوچتو غائب ٿي ويا جيئن گڏهہ جي مٿي تان سڱ. اسان جي پنهنجن اديبن ۽ صحافين ۾ وڏيون اميدون آهن تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي سَترُ، سونهن ۽ صحت جي بيحد حفاظت ڪندا. هوئنئن بہ اسان وٽ پنهنجي سڃاڻپ لاءِ ٻيو رکيو ئي ڇا آهي - سواءِ امڙ ٻوليءَ جي؟ ڪيس ويس وڳا ڀهرائي اڇو اجرو رکڻ بجاءِ جي پاڻ ٻيهي سندس لوئي ليڙون ڪريون تہ اها هڪ ٽرئجڊي ٿيندي!

سنڌي سيکارڻ ۾ ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت

وفا منظور علي چوهاڻ

ڪنهن به عمارت جو بنياد جيترو قدر مضبوط هوندو آهي، ايترو قدر ان بنياد تي اڏاوت ٿيندڙ عمارت به پائيدار هوندي آهي. پر جيڪڏهن بنياد ئي ڪمزور آهي، ته پوءِ انهيءَ ڪمزور بنياد تي ٺهيل عمارت پائيدار ۽ ديرپا ثابت نه ٿيندي. ڪنهن وڻ جي پاڙ پاتال ۾ مضبوط نه آهي ته ٿورڙي هوا جي جهوٽي لڳڻ سان وڻ ئي ختم ٿي ويندو.

اسان جي تعليمي نظام جو مثال به انهيءَ عمارت ۽ وڻ جهڙو آهي ۽ ان نظام جو بنياد وري پرائمري تعليم آهي. سڌريل معاشري جي اوسر ۾ يا تعليمي ترقيءَ ۾ پرائمري تعليم ڪيتري اهم ۽ ڌيان جوڳي هوندي آهي، ان جو اندازو هر پڙهيل لکيل ماڻهو کي بخوبي هوندو. ڪنهن به ملڪ يا قوم جي تعليم ۾ پرائمري نصاب کي تمام وڏي ۽ بنيادي اهميت حاصل آهي. جيڪڏهن اهو هر لحاظ کان مڪمل چٽو ۽ غلطين کان بچيل آهي، ته پوءِ ٻار جي ذهني ۽ تعليمي اوسر به اثرائتي ۽ صحتمند ٿئي ٿي.

پرائمري تعليم جو اڳي ته اهو مقصد هوندو هو ته شاگردن کي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارجي، ان کان بعد ٻي ضروري تعليم ڏني ويندي هئي، جهڙوڪ: حساب، تاريخ، جاگرافي ۽ سائنس وغيره. اها سنڌي تعليم ورنيڪيولر فائينل تائين مڪمل ٿي ويندي هئي. اهڙو شاگرد سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ هڪ ڪارگر فرد ٿي پوندو هو. سنڌ ۾ هن نئين نظامِ تعليم جو جيڪو تجربو ڪيو ويو آهي، ان جي ناڪامي اسان جي اکين جي آڏو آهي. شاگرد ڏهين جماعت پاس ڪري اچن ٿا، مگر انهن کي پنهنجي مادري ٻولي سنڌيءَ جي صحيح صورتخطي به لکڻ ڪانه ٿي اچي. موجوده نصاب ۾ به ڪيترين ئي خاميون آهن، مثلن:

"سنڌي ٻاراڻو ڪتاب." جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشوري جو تيار ڪيل آهي، ان کي انصاف سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو ته ڪهڙي قسم جي سنڌي ٻولي موجوده نسل کي سيکاري وڃي ٿي.

شروعاتي تعليم جيئن ته ٻار جي لاءِ هڪ پيڙهه جي حيثيت رکندي آهي، جڏهن اها تعليم شروع ۾ ئي ناقص رهي ته پوءِ آخر تائين اهو نقص ٻار ۾ رهجيو وڃي. ان سلسلي ۾ اهڙا درسي ڪتاب تيار ڪيا وڃن، جيڪي غلطين کان پاڪ ۽ معياري هجن. مٿين درسي ڪتابن جي اهميت کي ڏسي ڪري، ٻاراڻي ڪتاب کي تيار ڪرڻ لاءِ اڄان به وڌيڪ احتياط جي ضرورت ٿئي ٿي. پرائيمر ٻار جو بيو ڏاڪو آهي، شروعاتي ٽن سالن ۾ ٻار جيڪا تعليم حاصل ڪري ٿو، سا حياتيءَ جي باقي حصي جي ڪنهن به سال ۾ نه ٿو پرائي سگهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو هاڻي تعليم جي ڪريل معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ سرڪاري سطح تي ڪوششون ٿي رهيون آهن. تعليمي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ، تعليمي ماحول کي سازگار بنائڻ سان گڏ درسي ڪتابن تي ڪامل ڌيان ڏيڻ به نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو ان کان سواءِ نتيجا اهي نه نڪري سگهندا، جيڪي اسين چاهيون ٿا.

درسي ڪتابن جي سلسلي ۾ "سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ" جيتوڻيڪ چڱيون ڪوششون ڪري رهيو آهي، پر تڏهن به ڪتابن ۾ ڪافي اهڙيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون، جيڪي معياري درسي ڪتابن ۾ نه هجڻ گهرجن. ڪتابن ۾ غلطيون ته ٿينديون آهن. ڪي گرامر جون غلطيون ته ڪي وري پريس جي ڇپائيءَ جون غلطيون، عام ڪتابن ۾ ته

ڪي غلطيون نظر انداز ڪرڻ جوڳيون بہ هونديون آهن، پر درسي ڪتابن ۾ غلطيون هجن، تہ پوءِ افسوس جهڙي ڳالهہ آهي. خاص ڪري اهڙا درسي ڪتاب جيڪي ننڍڙن ٻالڪن لاءِ وڏي محنت سان تيار ڪيا ويا هجن ۽ جن جي تيار ڪرڻ تي ائين ڏهن اعليٰ تعليمي ماهرن گڏجي محنت ڪئي هجي.

هتي آءٌ فقط پنهنجو هڪ قومي فرض سمجهندي، سنڌي ٻاراڻي ڪتاب ۽ سنڌي پهرين ڪتاب تي ايڊيٽوريل بورڊ جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو ۽ ڪجهہ تجويزون عرض رکان ٿو، ان سان گڏ ڪجهہ غلطين جي طرف بہ ڌيان ڇڪايان ٿو، جيڪي ٻاراڻي ڪتاب جي هر نئين ايڊيشن ۾ ٿينديون رهنديون آهن. "ٻاراڻي ڪتاب" جي شروعات ۾ جيڪا تصويرن واري پٽي ڏني وئي آهي ۽ ان کان پوءِ الف – بي ۽ آوازن جي پٽي ڏنل آهي ۽ بعد ۾ جڏهن استاد ڪتاب جي پنئين صفحي تي ڏنل هدايتن مطابق ٻارن کي سکيا ڏيڻ شروع ڪري ٿو، تہ پهريائين رنگين تختي ۽ پٽي سکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ٻار بيشڪ ڪابہ دقت محسوس نہ ٿا ڪن ۽ هو نسبتاً آسانيءَ سان بلڪل اهڙي طرح الف – بي پڙهن ٿا، جيئن رنگين تختي، مثلاً الف – اڪ، ٻ – بدڪ – ٻ، ٻڪ – پ – پت وغيره.

عام طور سيني اسڪولن ۾ اهائي پٽي پڙهائي ويندي آهي، جيڪا مٿي بيان ڪئي وئي آهي. مگر ڪن ادارن جي اسڪولن ۾ اها پٽي هيٺئين نموني بہ پڙهائي ويندي آهي، مثلن الف – انب، ب – بلا، ٻ – ٻڪري، پ – پولڙو، ت – تارو، ٿ – ٿنڀ ۽ ٽ – ٽنڊڻ وغيره. ان سلسلي ۾ تعليم جي ماهرن کي گذارش تي ڪجي تہ هو پنهنجي وس آهر جيترو ٿي سگهي فوري طور اهو ابهام ختم ڪرڻ جي ڪوشش ونن.

ٻاراڻي ڪتاب جي صفحي نمبر ٦ تي ان الف – بي جي تختي کي الڳ نموني ترتيبوار لکيو ويو آهي. پر هن ۾ عربي واري "لا" کي نظر انداز ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ قرآن شريف جي تعليم بہ پرائمري کان ئي شروع ڪئي وڃي ٿي. قرآن شريف پڙهڻ وقت "لا" جو حرف ٻارن کي غير مانوس لڳي ٿو. جيڪڏهن اڳيئي سکيل هجن ها تہ ائين نہ ٿئي ها.

ڪتاب جي صفحي نمبر ٧ تي "حروف علت" جا آواز اعرابن جي مدد سان سمجهايا ويا آهن، اهي هڪ چارٽ جي صورت ۾ موجود آهن، پر جڏهن استاد آواز واري پٽي سيکارڻ جي شروعات ڪري ٿو تہ هن لاءِ اهو هڪ چئلنج بڻجي پوي ٿو. انهيءَ جا بہ سبب آهن: پهريون تہ آوازن سيکارڻ وقت پٽيءَ ۾ ڪنهن بہ وندر ۽ دلچسپيءَ جهڙي ڳالهہ موجود نہ آهي ۽ ٻيو تہ ٻارن جي ذهن ۾ الف – بي جي رنگين تختيءَ جي مشاهدي جو تصور ويٺل ٿئي ٿو ۽ هو الف کي زير پڙهڻ وقت بہ ائين ئي پڙهن ٿا. الف ـ اڪ – الف زبر اَ، ب. بدڪ ب زير بَ انهيءَ صورتحال جي پيش نظر آواز سيکاريندي استاد کي بہ يا ادائي مهينا لڳي وڃن ٿا. هن تختي جي مدد سان "جزم" جو اعراب بہ آسانيءَ سان ٻارن کي سمجهائي سگهجي ها. پر ان جو سڄي ڪتاب ۾ نالو ۽ نشان بہ ڪونہ آهي. حالانڪ سنڌي ٻولي ۾ اهي ٻئي لفظ ڪثرت سان ايندا آهن. ساڪن حرف جي مٿان جزم جي نشاني ڏجي ها تہ ٻار جلد ئي سمجهي وڃي ها. خاص ڪري اجتماع ساڪنين جي وقت حرفن کي بنا جزم جي چڙهي ڏيڻ مناسب معلوم نہ ٿو ٿئي.

عربي زبان ۾ تہ اجتماع ساڪنين جائز نہ آهي، مگر ٻين اڪثر ٻولين ۾ اهو ٿيندو آهي، مثلا انگريزي، فارسي، اردو ۽ هندي وغيره ۾. سنڌي ٻولي ۾ بہ عربي وانگر گهڻو ڪري لفظ جي پوئين حرف تي زبر، زير يا پيش هوندو آهي. مثلن ڪَٽَ ـ مَٽَ ـ رَڪُ ۽ ڪَڻُ وغيره. مگر ڪڏهن اجتماع

ساڪنين به ٿيندو آهي. مثلن ٽُون، مُون، ڪان ۽ مان وغيره. ان ڪري اهڙن لفظن کي بنا اعراب جي ڇڏي ڏيڻ نئين سيکڙاٽ لاءِ عجب جهڙو آهي. اڳي ته شينهُن ۽ مينهن جهڙن لفظن کي اعراب ڏيئي جزم جي علامت کي وضاحت سان سمجهايو ويندو هو. شد واري علامت به ڪٿي نظر ڪانه ٿي اچي. اڳي ته سچّ ۽ حقّو جهڙن لفظن تي اعراب ڏيئي چڱي طرح سمجهايو ويندو هو. نون غنه جو آواز فقط مبهم لفظن ۾ ڏيکاريو ويو آهي. جيئن شينهُن، مينهن، ٽانگ وغيره. پر انهن جي سيني آوازن مان فقط هڪڙي آواز جي به تختي ڪانه ڏنل آهي. حالانڪ نون غنه جون سنڌي ٻولي ۾ نو پتون آهن. آن، اِن، اُن، اون، آون، اُون، اَين اِين. اهڙي ريت شد جي آواز جون پڻ نو پتون آهن: جزم جون ٽي پتون مطلق اکرن سان ۽ ڇهه پتون حرف علت سان اچن ٿيون. ان سلسلي ۾ نون غنه جي تختي ڏني وڃي ته جيئن ٻار صحيح نموني سان اهي آواز سکي سگهن.

ڪتاب جي صفحي نمبر ۹ تي سبق ۲ آهي. پر ان جي صورتخطي هن طرح آهي: ”سبق ٻيُون“ اڄ تائين ته سنڌ ۾ هن ٻئي نمبر کي ”ٻيو“ لکيو، پڙهيو ۽ ڳالهايو ويندو هو. اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙو لفظ درست آهي، منهنجي خيال ۾ ته ٻيو لفظ صحيح آهي.

صفحي نمبر ۲٦ تي ”سبَقُ اوڻيهُون“ لکيل آهي جنهن جو دراصل اچار اُڻويهون آهي. تنهن ڪري هن ۾ الف جي پٺيان واو ۽ هه جي مٿان پيش ڏيڻ غلط آهي. صفحي ۱۳ ۾ هڪ هنڌ وري پادرن جو جوڙو يا پادر ظاهر ڪري، انهن لاءِ لفظ ”بُوٽَ“ لکيو ويو آهي. اهو هيئن لکيل آهي ته هي بُوٽ آهن. جيڪو تصوير ۾ هڪ بوٽ ڏيکاريو ويو آهي. جمع جي لاءِ به مثال ڏيئي سمجهائجن ها ته بهتر هيو.

صفحي ۱۴ ۾ ڊ - ڊيل جيڪو لفظ ڏنل آهي، اهو ڊيل پکي شاگردن کي ته نهيو پر استاد صاحبن جو به شايد ڏٺل نه آهي. فقط ٻڌندا آهن ته مور جي مادي آهي، جو ته ان ۾ خاص مور سان ايتري مشابهت نه آهي ۽ اهو پکي عام پکي به نه آهي، پر خاص جاين تي هوندو آهي. مثال طور راڻيءَ باغ يا ڪن نمائشن وارن هنڌن تي، ان ڪري ڊ - ڊاک، يا ڊ - ڊڪ وغيره ڏنو وڃي. جيڪو سولائي سان مشاهدي لاءِ ملي سگهي ٿو.

صفحي ۲۸ تي ”وڻ“ ۽ ”ڌڻ“ جا لفظ استعمال ٿيل آهن. جن جو مفهوم شڪلين جي مدد سان سمجهايو ويو آهي. وڻ جي تصوير ته مفهوم جي لحاظ کان صحيح آهي، مگر ڌڻ جي تصوير غلط آهي. ڌڻ ته رڍن ۽ ٻڪرين جو ٿيندو آهي. اتي ڍڳين جي تصوير صحيح نه آهي.

۱. رڍن ۽ ٻڪرين جي گهڻي تعداد کي ”ڌڻ“ چئبو آهي.
۲. ڍڳين جي گهڻي تعداد کي ”ڍاڳ“ چئبو آهي.
۳. مينهن جي گهڻي تعداد کي ”ميهاڳ“ چئبو آهي.
۴. اٺن جي گهڻي تعداد کي ”وڳ“ چئبو آهي.
۵. پکين جي گهڻي تعداد کي ”ولر“ چئبو آهي.

اهڙي طرح مختلف جانورن جي مجموعن جا ٿالا به مختلف ٿيندا آهن. ان طرح ڪتن جي ”لوڌ“ ٿيندي آهي. ان ڪري هر تصوير ان جي مفهوم جي مناسبت سان صحيح طور تي ڏني وڃي ته بهتر ٿيندو.

سبق ۲۵ جي سٽ نمبر ۲ ۾ هڪ جملو ”اَڄ لڳي آهي“، هن ۾ لڳي کي ڪوبه اعراب ڏنل ڪونه آهي. هن ۾ ”لڳي“ جي لام کي زبر ۽ ڳ کي زير ڏيڻ کپندي هئي. سبق ۲٦ ۾ هن سبق ۾ لکيل آهي ته ”طوطا ميوو کاءِ“ تصوير ۾ طوطو ميوو کائي رهيو آهي. جيئن ته ڪتاب ۾ لکيل آهي، طوطا ميوو کاءِ ته جملي مطابق طوطي کي ميوو ڏيندي ڏيکاريو وڃي. صحيح ته ائين ٿو ٿئي ته طوطو ميوو کائي ٿو. سبق ۲۷ ۾ لکيل آهي ته ”ويهه سَفَرَ ڪَرِ“ اڻپورو غلط جملو ڏنو ويو آهي، ڇو ته جيڪو ويهندو ته سفر ڪئين ڪندو؟ هتي ته مورڳو ڪتاب ۾ سفر لکيل آهي.

سبق ۳۲ ۾ "ثمر" لفظ ڏنو ويو آهي جيڪو پڻ ڏاريو آهي، يعني عربي آهي. اهو مٿين درجن لاءِ هئڻ گهربو هو. پهرين درجي ۾ آسان لفظ سولي سنڌي ۾ هئڻ گهرجن. سبق ۳٦ جي منڍ ۾ جيئن تہ تصويرن سميت انبُ،شِينهُن، ٽانگُ ۽ مينهِن لکيل آهي. هيٺ ڪجھہ نوان اچڻ گهرجي تہ بهتر ٿيندو. انهي سبق جي چئن نون لفظن کي ٻن سبقن ۾ ورهايو وڃي ۽ انهن لفظن سان گڏوگڏ انهن جا ٻيا هم آواز لفظ بہ سبق ۾ شامل ڪيا وڃن. مثال جيئن تہ سبق ۳٦ جو پهريون لفظ "انبُ" آهي ۽ انهيءَ جا ٻيا هم آواز لفظ "ڪنبُ" ۽ "ٽنبُ" وغيره ۽ ساڳئي سبق جو ٻيو لفظ شِينهن جا هم آواز لفظ "ڏِينهُن" ۽ "مِينهُن" سبق ۾ شامل ڪرڻ گهرجن، تہ جيئن ٻارن کي آوازن سکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ اهڙي طرح سبق ۳۷ کي بہ ٻن حصن ۾ ورهايو وڃي.

جيئن تہ ڪلهو، جنهن جو صحيح تلفظ اڳوڻن ٻاراڻي ڪتابن ۾ اعرابن جي مدد سان سمجهايل هوندو هو، مثلن ڪاف پيشُ ڪُ لام هہ وَالِهو ڪُلهو، اهڙي طرح مَلهہ، سَنهي سُمُهہ، پَڙُهہ، چَڙُهہ وغيره. باقي ڪالهہ ۽ پوڙهو جهڙا لفظ اجتماع ساڪنين جو سهڻو مثال آهن، انهن جي هِجي هن طرح ٿيندي. پوڙهو جي ٿيندي پو ڙي هہ وا ڙهو پوڙهو وغيره. منهنجي خيال ۾ انهيءَ ڪتاب کي نئين سر مرتب ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ ڪجھہ تجويزون پيش ڪريان ٿو:

۱.جيئن تہ ٻار پنهنجي ڳالهائڻ جي ابتدا، ابا، اما، بابا، ماما وغيره جهڙن لفظن سان ڪندو آهي نہ اکرن ۽ جملن سان، انهيءَ ڪري فطري طريقو بہ اهو آهي تہ مادري ٻوليءَ جي سکيا جي شروعات بہ لفظن سان ڪئي وڃي ۽ انهن سان گڏوگڏ اکرن جي بہ ڄاڻ ڏني وڃي. مثال طور ڪتاب جو پهريون سبق لفظ بابا جي ڄاڻ تي مشتمل هجي. جنهن ۾ لفظ سيکارڻ سان گڏوگڏ لفظ ۾ شامل "ب" ۽ "الف" اکرن جي ڄاڻ ڏني وڃي. يا وري هيئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ پرائيمر جو پهريون سبق الف اکر جي ڄاڻ تي مشتمل هجي. جنهن ۾ اکر "الف" جي سڃاڻپ، الف مٿان مد "آ" ۽ الف مٿان زبر "اَ" جي ڄاڻ هئڻ گهرجي ۽ سبق نمبر ۲ ۾ اکر "د" ۽ "الف" اکرن جي ملڻ سان جيڪي لفظ ٺهن ٿا. مثلاً دادا ۽ ادا تن جي سکيا ڏني وڃي ۽ اهڙي طرح سان شروعات جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن سبقن تائين صرف هڪ هڪ نئين اکر ۽ ان جو گذريل سبقن ۾ سکيل اکرن سان ملي نئين لفظ جي ٺهڻ جي معلومات ڏني وڃي ۽ پوءِ آهستي آهستي ٻن ۽ ٽن نون اکرن کي سبق ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. اهڙي طرح ننڍن ننڍن ۽ آسان جملن جي شروعات ۱۳ يا ۱۴ سبق ۾ ڪري سگهجي ٿي.

۲. ٻاراڻو ڪتاب جلدي جلدي مٽجڻ نہ گهرجي. ان عمل سان تعليم جو معيار سڌرڻ جي بجاءِ ويتر ڪرندو، ڪوشش اها ڪئي وڃي تہ انهن درسي ڪتابن مان اهي غلطيون درست ڪيون وڃن.

۳. پهرين ڪلاس لاءِ الف - بي جي پٽي هڪڙي مقرر ٿيل هجي، ائين نہ ٿئي جو هڪ جاءِ تي ب - بدڪ ۽ ٻي جاءِ تي ب - بلا پڙهيو وڃي.

۴. ماهرن جي ڪاميٽي اهو فيصلو ڪري تہ جيڪڏهن لهہ، مهہ، نهہ، ٺهہ، ڙهہ، اکرن جي صورتخطي ائين آهي تہ پوءِ انهن کي الفابيٽ ۾ شامل ڪيو وڃي،نہ تہ ٻي صورت ۾ انهن اکرن جي صورتخطي تبديل ڪئي وڃي. آخر ۾ نصاب ڪاميٽيءَ جي اختياري وارن کي گذارش آهي تہ جنهن شعبي جو نصاب مرتب ڪرڻو هجي، انهيءَ لاءِ ان خاص شعبي سان تعلق رکندڙ ماهر استادن جون بہ خدمتون حاصل ڪيون وڃن، چاڪاڻ تہ انهن کي خاص شعبي جي درس ۽ تدريس جو تجربو بہ آهي، ان ڪانسواءِ ماحول ۽ شاگرد جي ذهن ڪان ڪنهن حد تائين واقفيت بہ آهي.

سنڌ جي تاريخ جو هڪ ورق

”سنڌ جي انگريز ڪمشنر سر بارٽل فريئر 1851ع کان 1859ع) جي ڏينهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جديد رسم الخط تيار ڪرڻ ۽ سنڌيءَ ڪي ذريعہ تعليم بڻائڻ طرف خاص توجهہ ڏنو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ٿي، سيٺ نائون مل هوتچند (1804ع - 1878ع) پنهنجي ”يادگيرن“ ۾ ڄاڻايو آهي تہ موجوده سنڌي الف ـ ب تيار ڪرڻ جو سهرو مسٽر ايلس (اڳتي هلي سر ٻترو ايلس) جي سر تي آهي، جنهن فريئر جي حڪم مطابق اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو.

1853ع ۾ فريئر هڪ سرڪاري حڪم ذريعي انهن ملازمن لاءِ جن جي مادري زبان سنڌي نہ هئي، ”لازمي سنڌي ٻولي جو امتحان“ پاس ڪرڻ ضروري قرار ڏنو. ساڳئي سال شڪارپور ۾ هڪ سنڌي پرائمري اسڪول برپا ڪيو ويو، جتي نئين رسم الخط ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ ابتدائي تعليم ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويو. فريئر ان ڏس ۾ هڪ وڌيڪ قدم اڳتي کنيو ۽ نئين رسم الخط ۾ پرائمري سنڌي تعليم مڪمل ڪرڻ وارن نوجوانن لاءِ ملازمت يا ثانوي تعليم حاصل ڪرڻ واسطي وظيفي ڏيڻ جو اعلان ڪيائين.

انهيءَ مقصد لاءِ اميدوارن جو تحريري ۽ زباني ڇنا پيڻيءَ جو امتحان هر هڪ تعلقي هيڊ ڪوارٽر ۾ هر ڇهين مهيني منعقد ڪيو ويندو هو ۽ جنهن ۾ پهريان ٽي نمبر ايندڙ اميدوار بالترتيب مناسب سرڪاري ملازمت، پنجن سالن لاءِ ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وظيفو ۽ ستن سالن لاءِ بمبئي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وظيفي ملڻ جا حقدار قرار ڏنا ويندا هئا ....“ (1)

اداري جي ڪتابن جي خريداري بابت عام اطلاع

اداري جا ڪتاب اداري جي مرڪزي آفيس مان خريد ڪندڙن ڪي هيٺين طرح رعايتون ڏنيون وينديون:

(1) استادن ۽ شاگردن کي 20 % سيڪڙو خاص ڇوٽ ڏني ويندي.

(2) ملڪ اندر سرڪاري ڪتب خانن ۽ ادارن کي 15 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي.

(3) ڪتب فروشن يا ٻين اهڙن خريدارن کي 33 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي، جيڪي هڪ جلد جون گهٽ ۾ گهٽ 10 ڪاپيون بروقت خريد ڪندا.

(4) ڏهن هزارن جا ڪتاب خريد ڪرڻ تي 50 % سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.

(5) ڪنهن بہ اداري طرفان گهڻن ڪتابن گهرائڻ تي ڪتاب بئنڪ بلٽي ذريعي موڪليا ويندا، پر جيڪڏهن ڪتابن جو ملهہ گهڻو نہ هوندو تہ، وي- پي ذريعي موڪليا ويندا ۽ وي- پي خرچ خريدار کي ڀرڻو پوندو.

ڪتاب هيٺين پتي تي خريد ڪري سگهجن ٿا:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي

حيدرآباد، سنڌ

---

(1) حبيب الله صديقي جي ڪتاب ”ايڊيوڪيشن ان سنڌ“ ص 169، 180 ۽ 181 تان ورتل

صوبائي اسيمبلي سنڌ نوٽيفڪيشن

ڪراچي ۱۷ - جولاءِ ۱۹۷۲ع

نمبر ص الف س / ق - ب - ۱۳/ ۷۲ - سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) سال ۱۹۷۳ع، جيڪو ۷ - جولاءِ ۱۹۷۲ع تي صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان منظور ڪيو ويو ۽ جنهن جي پڇاڙي سنڌ جي گورنر ۱٦ - جولاءِ ۱۹۹۷۲ع تي ڪئي، تنهن ڪي سنڌ جي صوبائي قانون ساز مجلس جي ايڪٽ جي طور تي ڇاپيو پيو وڃي:

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ۱۹۷۲ع)

سنڌ ايڪٽ نمبر ۲ بابت سال ۱۹۷۲ع

(سنڌ جي گورنر جي بحاليءَ بعد، پهريائين سنڌ جي غير معمولي گزيٽ ۾ تاريخ۱۷ - جولاءِ ۱۹۷۲ع تي ڇپيو)

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪرڻ لاءِ:

هڪ ايڪٽ

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٦۷ جي مهاڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي زبانن جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي ۽ جيئن ته سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون هئي، پر ان کي مارشل لا اختياري وارن جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو هو، ۽ جيئن ته اها صوبي سنڌ جي فطري آرزو ۽ خواهش آهي ته سنڌي ٻولي جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي.

تنهن ڪري هيٺيون قانون ٺاهيو پيو وڃي،

۱. (الف) هن ايڪٽ کي (سنڌي ٻولي جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ [مختصر عنوان، شروعات ۽ حد] ۱۹۷۲ع چيو ويندو.

(ب) اهو هڪدم عمل ۾ ايندو ۽ پوري سنڌ صوبي سان لاڳو ٿيندو.

۲ - هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪوئي ٻيو مطلب نه نڪرندو هجي، هيٺين [تشريح] لفظن جي اهائي معنيٰ سمجهي ويندي، جيڪا هر هڪ لاءِ ڄاڻائي ويئي آهي:

(الف) "اسيمبلي" معنيٰ صوبائي اسيمبلي سنڌ.

(ب) "حڪومت" معنيٰ سنڌ جي حڪومت.

(ج) "حڪومت" جو ڪاتو" معنيٰ حڪومت جو ڪوئي ڪاتو ۽ انهيءَ ۾ ڪوئي خودمختيار ادارو، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي به شامل سمجهيا ويندا.

(د) "ادارو" جي معنيٰ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ڪو ٻيو ادارو.

۳ - سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻوليءَ جي طور تي استعمال [صوبائي ٻولي] ڪيو ويندو.

(الف) اهڙن سيني ادارن ۾، جن ۾ چوٿين کان ٻارهين ڪلاس تائين [سنڌيءَ جي سکيا]، تعليم ڏني پيئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمونن جي حيثيت هوندي.

(ب) لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌيءَ جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجي بدرجي، جيئن مقرر ڪيو وڃي، مٿين درجن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

۵ - سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ثقافتي ترقيءَ لاءِ حڪومت ايڪيڊميون ۽ [سنڌيءَ جو واڌارو] بورڊ ٺاهي سگهي ٿي.

٦ - حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي، آفيسن ۽ سرڪاري [سنڌيءَ جو استعمال] کاتن ۾، جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بدرجي استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي.

٧ - (١) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا ٺاهي [قاعدن ٺاهڻ جو اختيار] سگهي ٿي.

(٢) مٿين عام اختيار کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ، اهڙا قاعدا خاص طرح سان هيٺين مقصدن لاءِ ٺاهي سگهجن ٿا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ کي درجي بدرجي، پڙهائيءَ لاءِ لازمي مضمون جي طور تي رائج ڪرڻ.

(ب) ايڪيڊمين ۽ بورڊن جو ٺاهڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ ڪمن جي وضاحت ڪرڻ.

(ج) آفيسن ۽ سرڪاري کاتن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن وغيره ۾ سنڌي زبان جو درجي بدرجي استعمال.

حڪم

اسپيڪر

صوبائي اسيمبلي سنڌ

جمال الدين ابڙو

سيڪريٽري، صوبائي اسيمبلي سنڌ

حڪومت سنڌ
قانون کاتو
نوٽيفڪيشن

ڪراچي ٢٢ - جولاءِ ١٩٧٢ع

نمبر ايس (ليجس) ١٠٠١(١١) / ٧٢ - سنڌ جي گورنر جو جاري ڪيل هيٺ ڏنل آرڊيننس، عام ڄاڻ لاءِ شايع ڪجي ٿو.

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس ١٩٧٢ع

سنڌ آرڊيننس ٻارهون بابت ١٩٧٢ع

سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا واڌارو ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقرا وضع ڪرڻ لاءِ.

هڪ آرڊيننس

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ٢٦٧ جي مهاڳ فقره (٢) ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قومي ٻولين جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ صوبائي مقننه، قانون جي ذريعي، هڪ قومي ٻوليءَ سان گڏ، هڪ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال لاءِ اپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

۽ جيئن ته اردو هڪ قومي ٻولي آهي، ان کي ڳالهائڻ وارا ڪافي ماڻهو موجود آهن.

۽ جيئن ته بغرض وضاحت ۽ گمانن کي دور ڪرڻ لاءِ اهو ضروري تصور ڪيو پيو وڃي ته سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌاري ۽ استعمال) ايڪٽ ١٩٧٢ع (ايڪٽ

پيو، بابت سال ١٩٧٢ع) جنهن جو جوالو هن بعد مذڪوره ايڪٽ جي طور تي ڏنو ويندو، جي اطلاق جي سلسلي ۾ ڪجهه فقرا وضع ڪيا وڃن.

۽ جيئن تہ هن وقت صوبائي اسيمبلي سنڌ جو اجلاس ڪونہ ٿي رهيو آهي ۽ سنڌ جي گورنر کي انهيءَ ڳالهہ جو اطمينان آهي تہ اهڙيون حالتون موجود آهن جن جي هيٺ هن لاءِ ترت قدم کڻڻ ضروري آهي.

" هاڻي تنهن ڪري انهن اختيارن کي جيڪي ڪيس اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري دستور جي آرٽيڪل ١٣٥جي فقره (١) هيٺ حاصل آهن، استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر هيٺيون آرڊيننس ناهي نافذ ڪري رهيو آهي:

(١) هن آرڊيننس کي سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) [مختصر عنوان، شروعات ۽ حد.] ايڪٽ (اطلاق) آرڊيننس، ١٩٧٢ع چيو ويندو.

(٢) هي سنڌ جي سڄي صوبي سان لاڳو ٿيندو.

(٣) هي هڪدم عمل ۾ ايندو.

٢ - مذڪوره ايڪٽ جي فقرن جي باوجود هن آرڊيننس جي شروعات کان [زبان جي بنياد تي ڪنهن فرق جو نہ هجڻ] ٻارهن سالن جي عرصي تائين.

(الف) ڪنهن بہ شخص سان، جيڪو ٻي صورت ۾ سول نوڪري يا صوبي سنڌ جي معاملن جي بجا آوريءَ سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي تقرر يا ترقيءَ جو اهل هوندو، فقط ان ڪري فرق نہ رکيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪانهي.

(ب) ڪنهن بہ شخص کي، جيڪو هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان هڪدم اڳ، سول نوڪري ڪري رهيو هو يا صوبي سنڌ جي معاملن جي بجا آوريءَ سان متعلق ڪنهن سول آساميءَ تي ڪم ڪري رهيو هو، فقط ان ڪري نوڪريءَ کان ڌار نہ ڪيو ويندو جو هن کي سنڌي يا اردو ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪانهي.

٣- مذڪوره ايڪٽ کي اهڙيءَ ريت عمل ۾ آندو ويندو، جيئن اردوءَ جي [اردوءَ جي خلاف فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ ايڪٽ جو اطلاق] استعمال کي ڪوبہ نقصان نہ پهچي.

مير رسول بخش خان ٽالپر

گورنر سنڌ

ٻي-جي-اين قاضي

سيڪريٽري

قانون کاتو، حڪومت سنڌ

ڪراچي ١٦ - جولاءِ ١٩٧٢ع.

خاص سڏ

سنڌي ٻوليءَ جو هي تحقيقي رسالو نج سنڌي ٻولي تي تحقيق لاءِ شايع ڪيو پيو وڃي. سنڌو لکت شروعاتي دور کان ويندي هن جديد دور تائين، جيڪي منزلون طئہ ڪيون آهن، انهن کي نہ صرف پرکڻ ضروري آهي، پر انهن جي بنياد تي هن شاهوڪار ٻوليءَ کي دنيا جي جديد مواصلاتي ٻولين جي قطار ۾ بيهارڻو آهي، اهو سڀ انهيءَ وقت ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن اسان جا سڄاڻ عالم، اديب ۽ سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ هن سلسلي ۾ سهڪار ڪندا. اداري طرفان سڏ ٿو ڏجي تہ پنهنجا تحقيقي مقالا، مضمون ۽ صلاحون هن اداري ڏانهن موڪليندا.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم، قومي شاهراهہ
حيدرآباد سنڌ
فون: -652457— 650167

تبصرو

سنڌي ٻولي - تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو اپريل - جون 1994ع، شمارو 4. جلد ٻيو

هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن کان اڳ صرف خبرنامو ڇاپيو ويندو هو، ان ۾ تحقيقي مضمون نہ هوندا هئا. هن شماري کان هن پرچي کي تحقيقي رسالي واري حيثيت ڏني وئي آهي جا نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. هن پرچي ۾ ٻہ مضمون سنڌو لکت تي ڏنا ويا آهن، ان مناسبت سان ٽائيٽل پڻ ڏنو ويو آهي، جو نهايت دلڪش ۽ ديده زيب آهي. سنڌولکت ۾ پهريون مضمون سنڌ جي نامور عالم ۽ ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو عنوان آهي " سنڌو تهذيب" جي "سنڌولکت" جي پاچ، بلوچ صاحب جوهيءَ مضمون نهايت ڪارائتو آهي. سنڌو لکت جي حل جي باري ۾ ويچار ڏنل آهن، سنڌو لکت جي پاچ (حل) جي سلسلي ۾ اڳ ۾ ٻين ڪيل Hypethesis مفروضن (هن اکر لاءِ بلوچ صاحب "پانيو" اصطلاح Tens ڪم آندو آهي، جيڪو نهڪي اچي ٿو) جو جائزو پڻ ورتو آهي، مضمون جي آخر ۾ ڪجهہ جونڊ لفظ ڏنا آهن جن جو تعلق فارسي، عربي، پالي، سنسڪرت يا تاريخي دور واري ڪنهن معلوم ٻولي سان آهي ۽ اڳاٽي وقت کان هن مهل تائين رائج آهن، سنڌن خيال آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪي "سنڌولکت" واري قديم سنڌ جي ٻوليءَ جا هجن.

ٻيو مضمون "سنڌي لکت جو اپياس" اراواتام جو لکيل آهي ۽ عطا محمد ڀنڀري صاحب ترجمو ڪيو آهي. اراواتام جنهن جو مڪمل نالو اراواتام مهاديوان آهي ۽ هو مهاديوان جي نالي سان ئي گهڻو مشهور آهي، هن پنهنجو نظريو پيش ڪيو آهي، جنهن موجب سنڌو لکت جو تعلق ڪنهن اهڙي ٻوليءَ سان آهي جا دراوڙي نسل جي هئي، جنهن تي چونڊ هند آريائي ٻولين جا ايڏا اثرات ٿيا جو اُها ٻولي ئي صفحہ هستيءَ تان مٽجي وئي. هاڻ ان ٻوليءَ کي ڳولهڻ لاءِ دراوڙي ۽ هندآريائي ٻوليءَ جي تعلق جي بناوتي اپياس ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو. مضمون تمام طويل آهي، پر آهي دلچسپ، مضمون جي آخري "روزيٽا اسٽون" جو ذڪر ڪيو ويو آهي، روزيٽا اسٽون ڇا آهي؟ ان جي باري ۾ هن ئي پرچي ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي :

"مصر جي فرعوني دور واري لکت جو مطالعو ان لکت واري ٻولي تائين ايستائين، پهچائي نہ سگهيو، جيستائين مخروطي آثارن مان "روسيٽا روهي" نہ لڌي، جنهن تي ساڳي عبارت "فرعوني لکت" سان گڏ هيٺان يوناني لکت ۾ پڻ اڪريل هئي!

روزيٽا اسٽون جنهن کي بلوچ صاحب "روسيٽا روهي" سڏيو آهي، 1799ع ۾ نيپولين جي سپاهين نيل دريا جي مغربي ڪناري وٽ روزيٽا نالي واري جاءِ تان لڌو هو. هن روهيءَ تي فونيشي زبان هيرو غلافي Heiroglyplies رسم الخط ۾ اڪريل هئي. ان سان گڏ Demotic ڊيموٽڪ رسم الخط ۽ يوناني رسم الخط ۾ پڻ ساڳيو متن اڪريل آهي، هن روهيءَ جي ليڻ بعد ئي فونيشي (فرعوني) تحريرون جيڪي هيرو غلافي لکت ۾ هيون پڙهيون ويون / پڙهجي سگهيون "روزيٽا اسٽون" مشهور ۽ معروف پٿر آهي، هن وقت، برٽش ميوزم ۾ رکيل آهي، ان جي باري ۾ ڪتابڙا پڻ برٽش ميوزم پاران ڇپرايل آهن.

ٽيون مضمون "استادن لاءِ هدايتون" مرحوم قادر داد افغان جو اڳ ڪتابڙي جي صورت ۾ هو. شامل آهي، هن مضمون ۾ سنڌي پهرئين درجي جي ٻارن کي پڙهائڻ جو طريقو استادن کي سمجهايو ويو آهي، پڙهائڻ جو هيءُ طريقو حالانڪہ پراڻو ٿي چڪو آهي، پر تہ بہ هن ڪتاب ۾ ڪافي

ڪم جون ڳالهيون قلمبند ڪيل آهن، جيڪي اسانجي پرائمري جي استادن لاءِ بيحد ڪارائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون.

"سنڌي ٻوليءَ جو هي پرچو، ادبي لحاظ کان تمام اهم آهي. ڏنل ٿئي مضمون اعلي درجي جا آهن، هيءَ هڪ يادگار پرچو آهي، ايڊيٽنگ ڏانهن ٿورو ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. مثلاً مهاديوان جو نالو صفحو 4 تي "روٽمر مهاديوان"، صفحي 8 تي اراواٿامر" لکيل آهي، پروف جون به ڪجهه غلطيون آهن، "بااختيار" عرف اٿارٽي جي مخزن مان اسان اها اميد رکون ٿا ته اٿارٽيءَ جا ڪتاب ۽ مخزنون پروف جي غلطين کان پاڪ هوندا.

بهرحال "سنڌي ٻولي" تحقيق جي دنيا ۾ هڪ تمام سٺو اضافو آهي، هن پرچي جي شايع ٿيڻ تي ادارو جس لهڻي .

مانائتي اخبار "هلال پاڪستان" ڪراچيءَ جو ايڊيٽوريل.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جون رٿائون

آچر 12 آگسٽ 1994ع بمطابق 12 ربيع الاول 1415هه شمارو (102)

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ پڌرائيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اٿارٽي سنڌي ۾ انسائيڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ جي رٿا ڪي هٿ ۾ ڪنيو آهي، اداري جي اشاعتي ڪميٽيءَ جي تازي گڏجاڻيءَ ۾ انهي ڪم لاءِ هڪ سيل جوڙڻ جي به منظوري ڏني وئي. انسائيڪلوپيڊيا جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ ان سيل جون ٽي شاخون تجويز ڪيون ويون. ڪميٽيءَ جي فيصلي موجب خيرپور ۾ تنوير عباسي، لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ ۽ ڪراچي ۾ علي احمد بروهي هن ڪم جي نگهباني ڪندا ۽ مختلف عالمن ۽ اديبن کان مواد تيار ڪرائي اداري ڏي موڪليندا.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ، جي اخباري پڌرائيءَ مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته اداري جي اشاعتي ڪميٽيءَ جي تازي گڏجاڻيءَ ۾ ٻين به ڪيترن ئي مفيد رٿائن جي منظوري ڏني وئي، جن ۾ سنڌي ٿو انگريزي، انگريزي ٿو سنڌي ڊڪشنري جا پروجيڪٽ ۽ سائنس پروجيڪٽ به شامل آهن، انهن رٿائن ۾، پڌرائي موجب سنڌو لکت پروجيڪٽ به شامل آهي.

ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ جا مختلف علمي ۽ ادبي ادارا تنقيد جو نشانو بڻيل رهيا آهن ۽ انهن جي باري ۾ اخبارن ۾ ڪافي گرما گرم بحث به ملندا رهيا آهن، انهن بحثن کان هٽي ڪري اسان انهيءَ خيال جا آهيون ته ادارا روز روز نه جڙندا آهن، اهي تمام وڏي اهميت جا حامل هوندا آهن، تنهن ڪري اسان جو به خيال آهي ته علمي ادارن کي ڪلئي نموني ڪم ڪرڻ ڏجي ۽ ان جي هر سٺي عمل جي هڪدم آجيان ڪرڻ کپي، ان ۾ ممڪن حد تائين هٿ ونڊائڻ گهرجي. سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان انسائيڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنرين وارين رٿائن جو اعلان نهايت خوشيءَ جو باعث آهي، دنيا جي سمورين جديد ٻولين جيان سنڌي ٻوليءَ جي به اها تمام وڏي ۽ اولين گهرج آهي ته ان ۾ جديد ۽ مڪمل حوالي جا ڪتاب (Reference) مرتب ڪيا وڃن ۽ انهن کي سخت محنت ۽ ذميواريءَ سان غلطين کان پاڪ نموني شايع ڪيو وڃي، اهڙن ڪتابن کي هيڪر شايع ڪرڻ ڪانپوءِ انهن تي وقت بوقت نظرثاني ٿيڻ گهرجي ته جيئن عام ڄاڻ ۽ ٻوليءَ ۾ وقت سان گڏ ٿيندڙ واڌارن ۽ ڦيرڦار کي انهن ۾ شامل ڪري سگهجي.

جيتري قدر اسان کي معلوم آهي ته اسان وٽ سنڌي ٿو انگلش ۽ انگلش ٿو سنڌي ڊڪشنري ته درڪنار، پر اڃا تائين جامع سنڌي لغات به مڪمل طور شايع نه ٿي

سگهي آهي. سنڌيءَ ۾ هڪ مڪمل جامع انسائيڪلوپيڊيا جي اشاعت بہ اڃا تائين ڄڻ تہ هڪ خواب بڻيل آهي! دنيا ۾ ڄاڻ جو تمام تيزيءَ سان ڦهلاءُ ٿي رهيو آهي ۽ عالمن، دانشورن کان وٺي هڪ عام شاگرد ۽ پڙهيل ماڻهوءَ تائين هر ڪو وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجي عملي ڪمن ڪارين ۾ ڪتب آڻڻ چاهي ٿو انهيءَ قسم جي ضرورت کي فقط هڪ جديد مڪمل ۽ جامع انسائيڪلوپيڊيا پورو ڪري سگهي ٿي.

اسان وٽ ورهاڱي کان اڳ ڪجهہ ڊڪشنريون شايع ٿيون جن مان اي ٽي شهاڻيءَ جي مرتب ڪيل انگلش ٽو سنڌي ۽ سنڌي ٽو انگلش ڊڪشنري چڱي مقبوليت ماڻي، ان کانپوءِ مختلف خانگي پبلشرن بہ وقت بوقت ڪجهہ ڊڪشنريون شايع ڪيون آهن، پر اڃا تائين سنڌي ۾ ڪابہ اهڙي جامع معياري ڊڪشنري شايع نہ ٿي آهي، جيڪا هن جديد زماني جي تقاضائن کي پورو ڪري سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سائنس متعلق پروجيڪٽ بہ ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، جيتوڻيڪ اخبارن ۾ شايع ٿيل اداري جي پڌرائي ۾ هن پروجيڪٽ جي دائري ۽ اهميت جي خبر ڪانہ ٿي پوي پر جيڪڏهن هيءُ پروجيڪٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنس جي اصطلاحن، وصفن ۽ ٻي بنيادي ڄاڻ سان واسطو رکندڙ آهي تہ پوءِ يقينن هيءُ پروجيڪٽ پڻ ڪافي اهميت رکي ٿو ۽ ان تي پڻ نهايت سنجيدگي ۽ ذميواريءَ سان ڪم ٿيڻ کپي.

پڌرائي مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي تہ درسي ڪتابن کي درست ڪرڻ لاءِ سائين محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي.

هن کان اڳ ۾ اها شڪايت عام رهي آهي تہ درسي ڪتابن جو معيار ڏينهون ڏينهن ڪرندو پيو وڃي ۽ انهن ڪتابن جي ٻولي بہ صحيح ناهي، خبر ناهي تہ درسي ڪتابن کي درست ڪرڻ جي ڏس ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۽ درسي ڪتابن جي اشاعت لاءِ ذميوار سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جهڙن ادارن جي وچ ۾ تعاون ۽ رابطي جي صورتحال ڪيئن آهي.

پر اها ڳالهہ بهرحال تمام سٺي آهي تہ باضابطہ طور مڃيو ويو آهي تہ درسي ڪتابن کي "درست ڪرڻ" جي ضرورت آهي، گڏوگڏ اها ڳالهہ پڻ خوشيءَ جو ڪارڻ آهي تہ ان ڪم لاءِ جوڙيل ڪميٽيءَ جي سربراهيءَ لاءِ جويي صاحب جي چونڊ ڪئي وئي آهي، جيڪو اسان جو هڪ برک تعليمي ماهر ۽ زبان جو ڄاڻوآهي، اسان اميد ڪريون ٿا تہ جويي صاحب جي سربراهي ۾ ٺهندڙ ڪميٽي درسي ڪتابن جي ٻولي ۽ مواد کي درست ڪرڻ ۽ ان کي اڄ جي جديد تعليمي تقاضائن سان ٺهڪائي بيهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي.

اسان اميد ڪريون ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا پروجيڪٽ خاص ڪري انسائيڪلوپيڊيا ۽ ڊڪشنريءَ واريون رٿائون، سائنس بابت رٿا ۽ درسي ڪتابن کي درست ڪرڻ واري رٿا ڪامياب ٿينديون ۽ ان مان وڏو لاڀ پيدا ٿيندو. پر اها اميد فقط تڏهن پوري ٿي سگهي ٿي جڏهن سرڪار ٻوٽي ٻيا واسطيدار ادارا اٿارٽي کي هر طرح پاڻيرو بنائڻ ۾ خود مختياري ڏين، ان لاءِ عام ماڻهن، عالمن، دانشورن ۽ غير سرڪاري شعبي جي ٻين واسطيدارن وٽان بہ اداري کي ڀرپور ساٿ ۽ سهڪار مهيا ٿيڻ ضروري آهي، گڏوگڏ اٿارٽيءَ جي چيئرمين، ميمبرن ۽ اسٽاف کي بہ ديانتداري ۽ فرض شناسيءَ سان ان ڏس ۾ اڻ ٿڪ محنت ڪرڻي پوندي.

شاهہ جو رسالو ۽ لغات لطيفي

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ وارو رسالو

سنہ ۱۹۰۰ع ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو، تہ مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط نسخن سان ڀيٽيو. عجب تہ اهو، جو ڪوبہ نسخو منڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين هڪ ٻئي سان ملي نٿو اچي، هڪڙن نسخن ۾ هڪڙا بيت، تہ ٻين ۾ ڪي وچانئي پيا! ٽرمپ صاحب جي رسالي جي ڪنهن بيت ۾ بہ سٽون، تہ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۾ ٽي، بلڪ ڪٿي چار! مرزا صاحب محنت ڪري سيني نسخن وارا بيت هيڪاندا ڪيا، تہ پڙهندڙن کي اهي سڀ آسانيءَ سان هڪڙي ئي هنڌ ملن. انهيءَ مراد سان پاڻ وارو رسالو تيار ڪيائين، جو ۱۹۱۳ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. مطلب تہ انهيءَ ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ تيرهن ورهيہ لڳي ويس، تہ بہ رسالي جي ڇپائيندڙن کان هڪ ٽامي جي پائي بہ ڪانہ ورتائين. هن مان پڙهندڙ سمجهي سگهندا، تہ هن صاحب بنہ لاطمع ٿي، سنڌ جي هيءَ خدمت ڪئي. پنهنجي جوڙيل ڪتاب "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ۾ رسالي جي جدا جدا نسخن جو ذڪر ڪندي، لکيو هئائين تہ "صحيح ۽ سچو نسخو شاهہ جي رسالي جو اجا بہ گهربل آهي. سگهوئي ڪنهن علم واري ڪي دل ۾ خيال پوندو، جو اهڙو ڪتاب ڇاپائي پڌرو ڪندو، تہ پڙهڻ وارا پڙهي، خوش ٿي، دعا خير جي ڪندا". پاڻ پنهنجي پڇنديءَ سارو اها محنت ڪري، دعا خير جي ڪٽي، راهہ رباني وٺي، هليو ويو، پر نالو اڄ تائين پيو ڳائجيس.

پيرومل مهرچند آڏواڻي: ماهوار سنڌو - جون ۱۹۳۸ع

۱. شاهہ جو رسالو، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ۹۳۶، قيمت: ۱۰۰ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ۵۰ روپيا اخباري ڪاغذ.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌي ٻوليءَ جو لاثاني شاعر آهي، سندس ڪلام ۾ اهڙي تہ مٺيا رکيل آهي جو نہ صرف اسان سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن کي ان تي ناز آهي پر دنيا جي اعليٰ ۽ وسيع نظر عالمن ۽ محققن بہ شاهہ جي ڪلام کي "حقيقت جو ڪلام" ڪوٺيو آهي. شاهہ سائين جا هوندي تہ ڪيترائي رسالا هن وقت بہ تيار ٿي رهيا آهن ۽ اڳ بہ تيار ٿيا، پر شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جو رسالو وڏي تحقيق ۽ ڀيٽ ڪان پوءِ مرزا صاحب مرتب ڪري تيار ڪيو هو، جنهن لاءِ ڪاڪي ڀيرومل ماهوار سنڌو جون ۱۹۳۸ع ۾ لکيو آهي تہ "سنہ ۱۹۰۰ ۾ تعليم کاتي وارن رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو تہ مرحوم مرزا قليچ بيگ اهو ٽرمپ صاحب واري رسالي ۽ ٻمبئي ڇاپي واري رسالي ۽ ڪن دستخط رسالن سان ڀيٽيو..... مرزا صاحب کي انهي ڪم ڪرڻ ۽ صحيح پڙهڻين هٿ ڪرڻ ۾ تيرهن ورهيہ لڳي ويا" تيرهن ورهين جي لاڳيتي محنت سان تيار ٿيل مرزا صاحب جو رسالو هن وقت ناياب هو، سواءِ ڪجهہ لائبررين جي اهو عام دستياب نہ هو. ان لاءِ هن اداري طرفان وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاهہ جي هدايتن تي عمل ڪندي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" پاران هن رسالي کي تمام سستي اگهہ تي مارڪيٽ ۾ آندو ويو آهي، جنهن سان نہ صرف عام پڙهندڙ لاڀ پرائيندا، پر هن مهانگي دور ۾ شاگرد بہ هن سستي ۽ سهڻي ڇاپي کي خريد ڪري سگهندا.

۲. لغات لطيفي، شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، صفحا ۳۸۰، قيمت: ۵۰ روپيا اڇو ڪاغذ، ۽ ۲۵ روپيا اخباري ڪاغذ.

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ سنڌي زبان، ادب ۽ سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي سا سون ۾ مڙهائڻ جهڙي آهي. مرزا صاحب هوندي تہ هر موضوع تي ڪتاب لکيا، پر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي سوانح، ڪلام، پيغام ۽ لغات تي جيڪو ڪم ڪيو، سو پڻ مثالي آهي. مرزا صاحب ڀهريون عالم آهي، جنهن شاهہ سائين جي رسالي جي هر هڪ شعر جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي ۽ ان جو نالو "لغات لطيفي" رکيائين. "لغات لطيفي" جا بہ ايڊيشن اڳ ۾ ڇپجي چڪا هئا، پر هينئر اهو ڪتاب اڻ لڀ ٿي ويو هو. "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" طرفان جڏهن شاهہ جي رسالي جي ڇپائي لاءِ سنباها ڪيا ويا تہ، اهو پڻ ضروري سمجهيو ويو تہ مرزا صاحب جي تيار ڪيل "لغات لطيفي" پڻ شايع ڪئي وڃي، اهوئي سبب آهي جو هيءَ لغات ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻي ١٧- آگسٽ ١٩٩٤ع اربع ڏينهن ڊاڪٽر نواز علي شوق جي صدارت هيٺ اداري جي آفيس ۾ ٿي، جنهن ۾ سيد علي مير شاهه صاحب، ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب، محترم علي مرتضيٰ ڌاريجي صاحب ۽ الهه بخش شاهه بخاري صاحب کان سواءِ اداري جي اشاعتي نگران امين لغاري پڻ شرڪت ڪئي.

تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شوق معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي سنڌن ٿورا مڃيا ۽ اداري پاران ڇپيل ڪتابن ۽ هلندڙ ڪم بابت ڄاڻ ڏني. اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر شوق جي ذاتي گذارش تي هند ۽ سنڌ جي عالمن اديبن ويهه مسودا موڪليا هئا، جن ۾ محترم محمد حسين پنهور جو ”آبپاشي جي تاريخ“ رپورٽي جي ڪتاب، ”مهراڻ آف سنڌ“ جو سنڌي ترجمو، هيگ جو مشهور ڪتاب ”سنڌو جو ڇوڙ وارو علائقو“ گنگارام سمراٽ، ڊاڪٽر جيٺلي ۽ ٻين عالمن اديبن جا مسودا ڇپائي لاءِ منظور ڪيا ويا. ان کان علاوه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر مير محمد شاهه، محترم علي احمد بروهي، ڊاڪٽر يعقوب مغل، محترم بدرالدين اڄڻ، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، ڊاڪٽر فهميده حسين، محترم هدايت پريم، ڊاڪٽر محمود علي شاهه، ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي، محترم عطا محمد ڀنڀرو، محترم غلام محمد لاکو، محترم محمد پنهل ڏهر، محترم شمشير الحيدري، محترم سليم خواجا، محترم امام راشدي ۽ ٻين اديبن کي ڪي تحقيقي ۽ ترجمي جا ڪم سونپيا ويا آهن.

ان کان سواءِ اداري پاران پيش ڪيل رٿائن خاص ڪري سنڌي ٻولي انسائيڪلوپيڊيا کي معزز ميمبرن ساراهيو ۽ ان تي جلد ڪم شروع ڪرڻ واسطي هڪ ”سيل“ جوڙڻ جي پڻ منظوري ڏني. ”انسائيڪلوپيڊيا“ جلد مڪمل ڪرڻ واسطي ان سيل جون ٽي شاخون تجويز ڪيون ويون. خيرپور ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي، لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ڪراچي ۾ محترم علي احمد بروهي، هن ڪم جي نگراني ڪندا ۽ مختلف عالمن اديبن کان مواد تيار ڪرائي اداري کي موڪليندا. ان کان سواءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ جلد اهڙيون شاخون کوليون وينديون. هن کان سواءِ مرزا قليچ بيگ پراجيڪٽ، سنڌو لکت پراجيڪٽ، سنڌي - انگريزي ۽ انگريزي - سنڌي ڊڪشنري پراجيڪٽ، سائنس پراجيڪٽ ۽ ٻاراڻي ادب واري پراجيڪٽ جي پڻ منظوري ڏني وئي.

سمورن ميمبرن هن وقت تائين ڪيل اشاعتي ڪم ۽ اداري جي ٻين پروگرامن جهڙوڪ: درسي ڪتابن کي درست ڪرڻ لاءِ محترم ابراهيم جويو صاحب جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽيءَ جو قيام، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي جي ٻوليءَ ۾ سڌاري آڻڻ ۽ مختلف شهرن ۾ سنڌي ٻولي سکيا واري پروگرامن جي واکاڻ ڪئي ۽ هلندڙ ڪم تي اطمينان جو اظهار ڪيو. گڏجاڻي جي پڄاڻي چيئرمين صاحب جي شڪريه سان ٿي.

سڄڻ طرفان موڪليل خط

گل حسن لغاري- گورنمينٽ ڪاليج - ٽنڊو ڄام

السلام عليڪم:

أميد تہ خوش هوندا ۽ شاد هوندا . تازو اوهان جي طرفان "سنڌي ٻولي" (اپريل، مئي، جون ۱۹۹۴ع) جو تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو مليو آهي. "سنڌي ٻولي" خبرنامي کي تحقيقي رسالي جي صورت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ اوهان کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

هن "سنڌي ٻولي" جي تحقيقي رسالي ۾، جيڪو مواد پيش ڪيو ويو آهي، سو تمام اهم ۽ ڪارائتو آهي، خصوصاً سنڌ جي نامور محقق ۽ دانشور جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو سنڌي تهذيب جي "سنڌو لکت" متعلق مقالو آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاڻ بہ هن اداري جي خدمت ڪئي آهي ۽ اڃان تائين سندس تعاون قابل تعريف آهي" سنڌي لکت جو اڀياس" محترم عطا محمد ڀنڀري جو "اراوا تام" جو ترجمو، هڪ معلوماتي ۽ بنيادي مقالو آهي ۽ ڀنڀري صاحب ان جو جيڪو عام فهم سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي،سو بہ تحقيقي ڪم سان دلچسپي رکندڙن لاءِ مفيد ٿيندو.

سيد قادر ڏاد افغان مرحوم جو ڪتابچو، "استادن لاءِ هدايتون" اهڙو هدايت نامو آهي، جنهن سان پرائمري تعليم جي شروعات آسان ۽ جديد طريقي سان ٿي سگهي ٿي. اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي بقا ۽ تعليمي بنياد پرائمري تعليم آهي. اسان کي "تعليمي جهاد" پرائمري کان شروع ڪرڻ گهرجي. استادن لاءِ هدايتن جو اهو ڪتابچو، بي - ٽي - سي ۽ پرائمري جي اُستادن لاءِ لازمي قرار ڏنو وڃي ۽ اهڙي ريت، جيئن افغان مرحوم ڪم ڪيو آهي، اُن تي وڌيڪ توجهہ ڏيئي، انهيءَ کي سڌاريو وڃي. اهو تعليم جو طريقو، محنت طلب ضرور آهي، پر نهايت اثرائتو ۽ پختو آهي.

اوهان جنهن خلوص، سچائي ۽ نيڪ نيتي سان "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جي جوابداري کنئي آهي،ان ۾ الله تعاليٰ اوهان کي ڪامياب ۽ سرخرو بنائيندو ۽ اسان جي سيني اديبن، دانشورن ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ سان چاهہ ۽ محبت رکندڙ صحافين کي ساڃاهہ ۽ هدايت ڏيندو، جيئن اهي بہ هن ڪم ۾ پاڻهن ٻيلي ٿين ۽ اوهان جي همت افزائي ڪن.

جبار "تاثير" سومرو - نصيرآباد - ضلعو لاڙڪاڻو

السلام عليڪم:

اوهان پاران تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو "سنڌي ٻولي" اپريل، مئي، جون، ۱۹۹۴ جو مليو، پڙهي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. هن کان اڳ اخبار "سنڌي ٻولي" باقاعدگيءَ سان سلسلي وار پئي ملندي هئي، پر اڄ ڪتابي صورت ۾ نهايت شاندار ۽ سهڻو رسالو پڙهي خط لکڻ تي مجبور ٿيس.

سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ جيڪو ڪم محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ادا ڪيو،سو تہ تعريف جوڳو آهي،پر هينئر منهنجي نظر ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب تي جيترو بار وڌو ويو آهي،سو ڪلهن تي کڻڻ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. جو تہ شوق صاحب اڳ ئي ٻولي، ثقافت، لطيف سرڪار جي پيغام پهچائڻ ۾ ڪا بہ ڪثر ناهي ڇڏي.

آءٌ ڪيس دل جي گهراين سان مبارڪباد چوان ٿو ۽ ڏٺي در دعاگو آهيان تہ هو هن ڪم ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني ماڻي سگهي. ان کان علاوه ايندڙ ٽن سالن لاءِ چونڊيل سمورن ميمبرن کي پڻ مبارڪون ڏيان ٿو ۽ اميد تي رکجي تہ جيتري بہ تڪليف درپيش اچي، ان کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي مضبوط کان مضبوط تر بڻائڻ ۾ پاڻ پتوڙين.

اعجاز چنا - خيرپور ميرس

السلام عليڪم:

سائين! اڄ جيئن محترم غلام عباس ڀنڀري جي اوطاق تي ويس اتي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو تحقيقي رسالو

"سنڌي ٻولي" پيو هو. جنهن کي ڪٿي ورق ورق ڪري رسالي ۾ ڇپيل مضمونن جو وچور ڏنو ۽ پوءِ سمورا مضمون پڙهيم - ان ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيقي مقالو، سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت به ڏاڍو وڻيو، ڪافي نئين ڄاڻ ملي. محترم عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو ڪيل مقالو سنڌي لکت جو اڀياس، پڻ نظر مان گذريو، جيڪو تحقيقي مواد سان ڀرپور لڳو، جنهن بي انتها متاثر ڪيو. قادر داد افغان مرحوم جو ڪتابڙو پرائمري نصاب کي سڌارڻ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن پرائمري استاد ان مان فائدو وٺن ته مجموعي طور رسالو قابل تعريف آهي.

منير احمد ميرجت

السلام عليڪم :

اپريل - مئي - جون ١٩٩٤ع جو ٽماهي خبرنامو ۽ تحقيقي رسالو پهتو، لک ٿورا قرب، توهان جو ڪم ساراهڻ جوڳو آهي، سچي ٽيم کان اميد ٿي ڪجي ته هو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪندا. توهان تحقيقي رسالي جي وڌاءَ سان هڪ نئون قدم کنيو آهي، شماري جا سڀئي مقالا ۽ قادر داد افغان مرحوم جو ڪتابڙو شايع ڪري معلومات وڌائڻ لاءِ مهرباني.سنڌو لکت تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جيڪي سنڌي جا پراڻا لفظ ڏنا آهن، بلڪل انهن مان ڪجهه لفظ "جتڪي" ٻولي ۾ شامل آهن. مثال طور ؛ ڊؤ، ٽانڊو، ڊنگر، لوڙهو، ٽنجڻ، ڊُڪي، سُٿا، گهتو، ڏاگهه، پنجهو وغيره. ان کان علاوه اسان جي ميرجتڪي ٻولي ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا پراڻا لفظ آهن. لطيف سائين جي رسالي جي جيڪا ٻولي آهي، اهي لفظ تقريبًا ميرجتڪي ۾ شامل آهن ۽ اڄ تائين استعمال ڪيا ويندا آهن. مثال طور؛ پسڻ = ڏسڻ، ٽِڪ = ڳيت، جڃهو = گهٽو، ڏيِن = جلڻ، سُڃا = ٺلها، خالي، ڪوسو = گرم، واءُ = هوا - لهسڻ = سڙي پوڻ، ڏرُ = خوف، پٽي = ٽوڙڻ، اڏ= ٺاهڻ،جوڙڻ، جُل = هلڻُ، رَنڊُ = واٽهڙو وغيره. ان کان علاوه ڪوڙ سارا اهڙا ٺيٺ لفظ ميرجتڪي ۾ موجود آهن. انشاءَ الله وقت مليو ته انهن لفظن کي ضرور ڳولبو.

سنڌي ٻولي کي عملي طرح دفترن ۽ عوام ۾ ڪيئن مقبول بڻائجي ۽ ان کي وري پنهنجي اصلوڪي بين الاقوامي حيثيت ڪيئن ڏيارجي؟ ان لاءِ وڌ ۾ وڌ فنڊز (Funds) گهرجن ۽ تحقيق ڪندڙ خاص ڪري ان طرف ڌيان ڏين. اهو ڪم ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن نه آهي. وڌ ۾ وڌ سنڌي ۾ ڪتاب شايع ڪيا وڃن،صرف ادب ۾ نه پر سائنسي، ثقافتي ۽ تاريخي مطلب ته هر طبقي کي جڏهن ان جو مطلوب معياري ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ملندو ته از خود سنڌي ٻوليءَ جا قارئين وڌندا. اڄ جڏهن بازار ۾ ڪتابن تي نظر وجهون ٿا ته ان ۾ سنڌي ڪتابن جو معيار صرف ادب ۾ وڃي رهيو آهي، باقي شعبن ۾ بلڪل ڪم پڙي آهي. هڪ ادارو ٺاهڻ سان صرف ان ڪم جي شروعات ٿي سگهي ٿي، عروج نه. هر شعبي جي ماڻهن کي انهن جي شعبن بابت لکڻ لاءِ آماده ڪرڻ جو سٺو ۽ بهترين ذريعو اهو آهي ته انهن کي سنڌن ڪيل ڪم جو سٺو معاوضو ڏنو وڃي، ڇو ته اڄڪلهه هن نفسانفسي ۽ ڇڪتاڻ جي دور ۾ چند شخصن کان سواءِ ڪوبه پنهنجي مقصد کان هٽي سوچڻ لاءِ تيار ئي نه آهي، ڪنهن کي به مفاد کان پياري وڌيڪ شيءِ ڪانهي.

غلام رسول سومرو - دادو

السلام عليڪم:

ڊاڪٽر صاحب اوهان جو نالو ته ٻڌل هو،پر اوهان کي پڙهيو به آهي، اوهان کي سامهون ٻڌو به آهي، پائليٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ اوهان جي ڪيل تقرير اڄ به مون کي ياد آهي. اوهان سان ملڻ لاءِ گهڻو ئي دل چوندي آهي،پر وقت جي مجبورين سبب ملي نه سگهيو آهيان. سنڌي ٻوليءَ جي

بااختيار اداري جا جڏهن کان اوهان چيئرمين مقرر ٿيا آهيو
تڏهن کان اوهان تي ڪيترا پيرا تنقيدون پڙهي چڪو آهيان،
پر اوهان تي ڪيل تنقيدن جو جواب مون کي اوهان جي
اداري جي ڪڍيل تحقيقي رسالي مان ئي ملي ويو آهي.
اداري جي اخبار اسان ڏي اڳ ۾ به ايندي رهي آهي، اپريل
مئي، جون وارو پرچو خبرنامو گهٽ، پر تحقيقي رسالو
وڌيڪ آهي. اوهان کي ڪيل ادبي ڪاوشن تي جس هجي.
اميد ته اوهان اداري ۾ روح ڦوڪيندا ۽ تحقيق جي ڪم
کي اوليت ڏيندا.

شيخ نياز محمد "نياز"

السلام عليڪم:

سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد طرفان تازو شايع ٿيل
"سنڌي ٻولي" ٽه ماهي تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو اپريل ،
مئي، جون ١٩٩٤ع محترم نواز علي "شوق" صاحب جن
جي هٿان مليو، رسالو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. هن رسالي ۾
پيش ڪيل مواد وڏي اهميت رکي ٿو، خاص ڪري ڊاڪٽر
نبي بخش خان بلوچ صاحب ۽ عطا محمد ڀنڀري جا پيش
ڪيل مقالا شامل ڪري جاءِ ڏين ٿا، رسالي ۾ سيد قادر داد خان
افغان جو ڏنل ڪتابڙو به معلومات سان مالا مال آهي.
هن ڪتابڙي ۾ اُستادن لاءِ جيڪي هدايتون، سمجهاڻيون،
سيکارڻ جا نمونا مثالن ۽ تصويرن سان پيش ڪيا ويا آهن،
سي تمام ضروري ۽ اهم آهن. اڄ جا اُستاد جيڪڏهن انهن
اصولن تي عمل ڪندي معصوم گلڙن کي پوري شوق ۽
جفاڪشيءَ سان پڙهائيندا ۽ سيکاريندا ته اڳتي هلي اُهي
"اڄ جا ٻار مستقبل جا معمار" پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو نالو
روشن ڪندا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان مختلف ۽ اهم
سنڌي ڪتابن جي اشاعت به هن اداري کي سٺي تقويت
بخشي آهي.اهو چوڻ پڻ مناسب سمجهان ٿو ته سنڌي ٻوليءَ
جو هي بااختيار ادارو سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽
ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جن جي ڪوشش سان چڱي
منزل ماڻي چڪو آهي. دعا آهي ته هيءُ ادارو سنڌي اديبن
۽ ليکڪن جي تعاون سان قائم ۽ دائم رهي ۽ ترقي ڪري (آمين).

حافظ حبيب سنڌي - چوهڙ جمالي

السلام عليڪم:

احوال ته : اوهان صاحب جو اُماڻيل رسالو، سنڌي ٻولي،
پهتو يادگيري لاءِ لک ڪرب، وڏا وڙ. اُميد ته آئينده به اهڙا
ڀال ڀلائيندا رهندا ته ٿورائتو رهندس.

جناب عالي! سڀ کان پهريان اوهان مڙني کي اداري طرفان
رسالو ڪڍڻ تي لک لک واڌايون، ان آس سان دعا آهي
ته ٻاجهارو ٻاجهه ڌڻي اوهان کي سرهو ڪري، آمين ثم آمين.
سائين! ڪتاب اندر جملي مضمون ۽ مقالا ڏاڍا ڪارائتا ۽
لاڀائتا آهن، ان ڪانسواءِ سائين قادر داد افغان جو جوڙيل
سنڌي پرائمر جيڪو خاص اِستادن لاءِ آهي بنهي ڀلوڙ هو.
مون ڪافي ڀهراڙي توڙي شهري استادن جو ان طرف ڌيان
ڇڪايو آهي.

پيارا ! مون مسڪين جي هڪ ادنيٰ طالب علم جي حيثيت
۾ ارداس ۽ تجويز آهي ته، "سنڌي ٻولي" رسالي اندر
جيڪو مواد ڇپجي ٿو اهو پنهنجي ڀاڱي واري حيثيت ۾
ڪتابي صورت ۾ نروار ڪيو وڃي ته جيڪر ڏاڍو سهڻو لڳي ......!

سومرو عبدالجبار "عبد"

السلام عليڪم:

احوال ته اوهان جو تحقيقي رسالو "سنڌي ٻولي" مليو، ان
قدم تي سنڌي لينگويج اٿارٽي جي مڙني سڄڻن کي
مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. رسالي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش
بلوچ جو ليک "سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت"، عطا محمد
ڀنڀري جو ترجمو ڪيل ليک "سنڌي لکت جوارتقا" بهترين
ليک هئا. سيد قادر داد خان افغان جو تعليمي مضمون
"استادن لاءِ هدايتون" پنهنجو مٽ پاڻ هيو.

سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلا اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ ”آءُ ڪنديارو مان پيو اچان“، يا ”آءُ مورو مان پيو اچان.“ شهر جو نالو ڪنڊيارو يا مورو ئي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي ”آءُ ڪنڊياري يا، آءُ موري مان پيو اچان“ چئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا ”ڪلڪتي جا رها هون“کي ”ڪلڪتہ جا رها هون“ لکي رهيا آهن، پر اهو بہ غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لَئي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ ”جوٽيجي“ کي ”جوٽيجہ“ لکڻ، ”پُٺي“ کي ”پٺہ“ لکڻ ۽ ”ذريعي“ کي ”ذريعہ“ لکڻ بہ غلط آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

مهراڻ (٣) ١٩٧١ – سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ۴
جلد - ۴

سنڌي ٻولي

آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1994ع

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد- سنڌ

تحقيقي رسالو
۽ خبرنامو

رجسٽريشن نمبر Sc-326

شمارو - ۴
جلد - ۴

سنڌي ٻولي

آڪٽوبر - نومبر - ڊسمبر 1994ع

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد- سنڌ

سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق بابت واحد معياري مخزن

ٽه ماهي

سنڌي ٻولي

جلد۴ شمارو۴ آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر ۱۹۹۴ع

نگران:

ڊاڪٽر نواز علي "شوق" -چيئرمين

چيف ايڊيٽر:

الهه بخش شاهه بخاري -سيڪريٽري

ايڊيٽر:

امين لغاري (اشاعتي نگران)

ڪاتب:

فيض محمد سڪندري پٽافي (ڪاتب)
محمد ابراهيم ڪنير

ڪمپوزنگ:

حسين احمد ميمڻ

پتو:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم -
نيشنل هاءِ وي حيدرآباد سنڌ .
فون : -652457 -650167

هي رسالو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

قيمت : 10 روپيا

سنڌي ٻولي ۽ تحقيق

گهڻي وقت کان ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي تہ سنڌي زبان ۾ اهڙي مخزن جاري ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ٻوليءَ جيّ تعليم بابت تحقيقي مواد هجي. ان ضرورت کي آڏو رکندي هيءَ مخزن جاري ڪئي وئي آهي، جيڪا هن لحاظ کان منفرد آهي تہ هن ۾ عام رسالن وانگر ڪهاڻيون، شاعريءَ، سياست ۽ فلمي دنيا نظر نہ ايندي.

هيءَ هڪ اهڙو رسالو آهي. جيڪو صرف تحقيقي آهي. هن مخزن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي ڪيل تحقيق کي شايع ڪيو پيو وڃي. سنڌي ٻولي تي اڳ ٿيل تحقيق (لکت جي حوالي سان) گهڻو ڪري انگريزي ۾ آهي. جيڪا سنڌي عالمن توڙي شاگردن ۾ وڌيڪ تحقيق جو بنياد بڻجندي پئي رهي آهي. اسان اهو مواد سنڌي ۾ ڏيئي رهيا آهيون تہ جيئن هن موضوع تي وڌيڪ تحقيق ٿي سگهي. اسان وٽ جتي ٻين علمن تي تحقيق ڪرڻ وارن جي اٿاٿ آهي اُتي سنڌي ٻولي تي تحقيق ڪرڻ وارا محقق آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا، اها حيرت جي ڳالهہ بہ آهي تہ ڏک جي بہ.

سنڌي ٻوليءَ تي جيتري ڌارين تحقيق ڪئي آهي، اُن جي اڌ جيتري بہ شايد اسان نہ ڪري سگهيا آهيون.انسان فاني آهي. اسان جا اهي چند عالم بہ اسان کان هليا ويا تہ پوءِ ٻوليءَ تي لکڻ وارا بہ چار وڃي رهندا.

هن معياري مخزن کي نڪتي نو مهينا اچي ٿيا آهن، پر هن وقت تائين سواءِ چند عالمن جي ٻيو ڪٿان بہ موٽ نہ ملي آهي، جڏهن تہ اداري طرفان هن سلسلي ۾ وقتا فوقتا لکڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. هڪ دفعو وري اسان پنهنجن عالمن، محققن ۽ دانشورن کي عرض ڪريون ٿا تہ هن سهڻي ٻوليءَ تي تحقيق ڪري پنهنجا مضمون لکي موڪلين. ٻوليءَ جي حوالي سان نون سائنسي، سماجي ۽ اقتصادي موضوعن ۽ مختلف اصطلاحن تي ٿيل تحقيق پڻ شايع ڪئي ويندي. ان سان گڏوگڏ نون محققن کي پڻ دعوت ڏيون ٿا تہ اهي پنهنجا مقالا ۽ مضمون اداري ڏانهن ڏياري موڪلين تہ جيئن اهي سڌاري مخزن ۾ شايع ڪيا وڃن.

اسان پنهنجي سڄاڻ عالمن ۽ محققن کان اها اميد ٿا رکون تہ هو هن سلسلي ۾ اسان جا پرجهلائو ٿيندا.

——— امين لغاري

سُبحانك لا عِلمَ لَنا اِلّا ما عَلَّمتَنا اِنّكَ اَنتَ العَليمُ الحَكيمُ

پاڪي تنهن پاتشاهه کي جو مُنزّه مولىٰ هوءِ هميشاهه جو پُڻ هُوندو هميشه
واجب هُوڻ تنهن جو جان ڪتيان ڄاڻاءِ ابتداءِ نهي ازليت جي ڪا نهي نه ڪا
۽ نڪا تهجي ابديت جي ڪا آهي انتها اوّل آخر ٿيڻ سو ظاهر ۽ باطناءِ
هوالاوّل والآخر والظاهر والباطن اي صاحب جي صفتان ۾ جو ٿئي تقدير کي جو مانع مُونرا
بجهڳهري سؤ کي آهي اختيار ثابت آهي سڀني تي قادر جي قضاءِ
ش ري سائنس ناهه جو منجهه الوهيت اصلا باقي بادشاهي هتج هوندي هميشاهه
پيو ٿئين ۽ فاني سڀني جيڪي رب سواءِ مگر گهر ۽ وجه کي سڀني هيشه هوندا
جنهن ۽ عرش ڪرسي ڪي لوح ۽ قلما ي بهشت ۽ دوزخ جهون ستان ٻئي ارواح
كُلُّ مَنْ عَلَيْها فانٍ وَيَبْقى وَجهُ رَبِّكَ ذُوالجَلالِ وَالاِكرام ڪيئي وقت ناهه ٻئي گهيان ڪيترائي
تمام ڪيم سندا ۾ جن ڪياءِ محمد مصطفىٰ صلی اللہ علیہ وسلم ذري رسالتا ۾ آهي جنهن اسلام جو ڪيو آرامنا
خبر ڏناءِ خلق کي مڪي جي مولىٰ تا اپريا ءِ علم سڀ آهي عالم ڪا ۾
سامي جهڙي سڪ پلر ۽ ٿيو ليڊا ڪيئي وڌاءِ ڪفر جي بيخ ڪيا دا
پيو مخلوق ۾ ٻئي لهي رسالتا ما هوءِ ملڪ جه پيري تابع سڀ ٿيا
تا هو مخالف لهسپ ڪفار ذا ناا تا ٿا فضل تنهن ناڻ جي هي آيت مڪي الله
يا اَيُّها النَّبِيُّ اِنّا اَرسَلناكَ شاهِداً وَ مُبَشِّراً وَنَذيراً وَداعِياً اِلَى اللّهِ بِاِذنِهِ وَسِراجاً
مُنيراً ۽ ادڪ لاما ۾ ٿيو امر ٿي ثابت جو ڪياءِ سڀني ڪا ۾ تجهي انه رسول سڀني اوڪاته
نزونه الله واءِ ۾ سو سيکي تمجهاڙ سيج سڀ هئي اتا ۾ جهن تجا منع ڪيا دعا ڪئي
پڇي تنهجا ڳهان اوڻين سڀ لهين ڪنا وَما آتاكُمُ الرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَما نَهاكُمْ عَنْهُ

۽ نڪين سڪرانا جه
پڻ صلوٰة ۽ سلام رسول اتي منجهه آخر اوّلا جهو جاي ناهڪو
۽ پڻ سنجهه صبح رب جي هوءِ نازل ٿئي مٿي ال اصحاب حضرت
سو لها سيم خلق جا جي هادي ڪا صنما ها اڳ نور ۽ ڪريم
۽ دين سڀ ايمان سڀ جي ڪلمو جو ٿه لا اِلٰهَ اِلّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيهِ وَسَلَّم

قد وقع الفراغ من نسخة خزانة الاعظم بيد مؤلفة
شعبان الاعظم يوم الثلثاء وقت ضحى سنه الف ١١٨٢
ومائة و اثنان و ثمانين على صاحبها افضل الصلوٰة و اشرف التسليمات
و اكمل التحيات المخلوقات و عدد الرمل و القطرات
و عدد النجوم و الآيات صلوٰة تدوم الجبات و تبقي
بقاء وجه ربنا
لا حَولَ وَ لا قُوَّةَ اِلّا بِاللّهِ العَلِيِّ العَظيم تمت تمام شد

مخدوم عبدالله نرئي واري جي ڪتاب خزانة الاعظم جي پهرين ۽ آخري صفحي
سنڌي ٻوليءَ جو منظوم آڪاتو ذخيرو

سنڌو لکت جا سياءَ ۽ ڳڻ

جي. وي. اليڪ سيف

عطا محمد ڀنڀرو

روس جي ماهرن سنڌو لکت بابت جيڪا کوجنا ڪئي آهي، ان جو ڪجهہ حصو هڪ ڪتاب The Soviet Deci-pharment of the Indus Script ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. ان ڪتاب ۾ مختلف ماهرن جا 9 مقالا شامل آهن. انهن مان هڪ مقالي جو ترجمو شايع ڪري رهيا آهيون. هن ڪتاب جي خاص خوبي اها آهي تہ سهيڙيندڙن هر هڪ مقالي کان پوءِ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري، ان مقالي بابت پنهنجا قيمتي رايا ڏنا آهن.

(1) قديم سنڌو لکت ۾ اٽڪل ساڍيون چار سو لکتي ايڪايون آهن. انهن مان اهم لکتي ايڪايون اڀيءَ طرز ۾ ڍنگائتي نموني لکيل ڏسڻ ۾ اينديون، جن جو لاڳاپو اڀي محور (Vertical axais) سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. لکتي ايڪائين جو ڪجهہ انگ اهڙي ڍول ڍب جو آهي جو معلوم ٿيندو تہ جڻ چوڏاري گهيرو نڪتل آهي. ڪڏهن وري انهن مان سنهيون ڇهنبون ٻاهر نڪرنديون معلوم ٿينديون. جن لکتن ۾ ڪتب آندل علامتي نشانيون وڏيون ۽ ڇتيون آهن، تن ۾ سونهن سوڀيا سرس ڏسڻ ۾ ايندي. انهن علامتي نشانين جا ڪنارا ڏار ڏار پيا نظر ايندا. سندن ڪندون تکيون آهن، ان کان سواءِ مٿن اضافي جزن جو واڌارو پڻ نظر ايندو.

(2) قديم سنڌو لکت کي ٻن مکيہ پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان هڪ مجلو عام روايتي آهي ۽ ٻيو اڌ اکريءَ تي مشتمل آهي. گهڻين مهرن جو انگ عام روايتي مجلي سان لاڳاپو رکي ٿو. لکت ڏاڍي ڇٽي آهي، انهن جي آکير ۾ ڪنهن قسم جو وڌاءُ نظر ڪونہ ايندو. سونهن ۽ سوڀيا جي ڏس ۾ گهٽي پٽاڙ ڪيل ڪانہ آهي. ڪي لکتون تمام اوچيون آهن. جيڪي لکت ۾ توڙيجوتمام ننڍڙيون ۽ مختصر آهن، پر آهن تمام سهڻيون. جهڙوڪ: ايم. آءِ. نمبر 337 ۽ ايم. ايچ. نمبر 422 ۽ 616 ڪن ڳالهين ۾ اڌ اکري وَرن واري لکت اڻ ڇٽي آهي، علامتي نشانين جي شڪل صورت بگڙيل پئي ڏسبي ۽ سونهن سوڀيا جو نانءُ نشان بہ نظر نہ ايندو.

جهڙوڪ: ايم. ايچ. نمبر 327، 434 ۽ 482.

(3) قديم سنڌو لکت ۾ اهڙين علامتي نشانين جو انگ گهٽو ڏسڻ ۾ ايندو، جن کي مختلف شڪلين ۾ تحرير ڪيو ويو آهي. انهن جي مختلف شڪلين جو پتو هن ريت پيو جو هڪ تہ لڌل هڪ جهڙين علامتي نشانين کي پاڻ ۾ ڀيٽائي ڏٺو ويو. ٻيو تہ ڀيٽايل علامتي نشانين جو پاڻ ۾ سگهارو سنگم پڻ Stable Combination ڏسڻ ۾ آيو.

(4) علامتي نشانين جي بدليل شڪلين جو وڏو انگ علامتن جي صورتي اختلاف، allographas تي مشتمل آهي، يعني انهن جي ڍول ۽ ڍب ۾ بنا ڪنهن اضافي جزي ڏيڻ جي ڦير گهير ڏسڻ ۾ ايندي، جنهن جو مثال علامتي نشاني 87 مهر، ايم. آءِ نمبر 1، 21، 93، 385 ۽ 405 آهي. علامتي نشانين ۾ صورتي اختلاف تڏهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جڏهن انهن جي پيچيده شڪل ۾ ڦير گهير آڻي، ڪين سهنجو ۽ سولو بنايو ويو آهي، يا منجهائڻ سونهن سوڀيا وارا جزا ڪڍيا ويا آهن، جنهن جو مثال علامتي نشاني 22 ايم. آءِ مهر نمبر 121، 424، علامتي نشاني نمبر 220، ايم. آءِ. مهر نمبر 11 ۽ 80 آهي. اهڙين صورتي اختلاف وارين علامتي نشانين جو انگ هڪ سو کان گهٽ ڪونہ ٿيندو. ان ڪري قديم سنڌو لکت جي علامتي نشانين جو ڪل انگ وڃي 350 بيهندو.

(5) الف ـ ب مطابق بنايل قديم سنڌو لکت جي

موجوده فهرست ۾ صورتي اختلاف allographs واريون علامتي نشانيون نجين ۾ آجين independent علامتي نشانين ۾ شمار ڪيون ويون آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو ماڻهو هن فهرست کي ڪتب آڻڻ وقت ڪجهه هبڪي پوئتي پرڪي وڃي ٿو. علامتي نشانين جي صورتي اختلاف ڪان سواءِ به هن فهرست ۾ پيون ڪي اوڻايون پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ڪي علامتي نشانيون مهرن ۾ ته ڏسبيون، پر لئنگڊن Langdon جي ڏنل پنوتري (فهرست) ۾ ڪونه ڏسبيون. ڪٿي هن وري اهڙين علامتي نشانين جو خاڪو هڪ آجي، ۽ انجي علامتي نشاني جيان به ڏنو ويو آهي، جنهن جو مثال علامتي نشاني، 234 ۽ 240 آهي.

هنٽر Hunter جي ڏنل فهرست ۾ علامتي نشانين کي گڏ ڪري مڃلن ۾ ورهايو ويو آهي. ان فهرست ۾ علامتي نشانين جون بدليل شڪليون Variations ۽ اختلافي صورتن واريون علامتي نشانيون allographs پڻ شامل ڪيون ويون آهن. ان ڪان سواءِ جيئن اسان لئنگڊن جي فهرست ۾ ڏسون ٿا، تيئن هتي به اهي علامتي نشانيون مهرن ۾ ته موجود آهن، پر فهرست ۾ شامل نه آهن. ڏسڻ ۾ اهو ايندو ته جيڪي علامتي نشانيون فهرست ۾ موجود آهن، تن کي نئين طرح شمار ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي شروعات دورن ڪان وٺي ڪئي وئي آهي.

(6) جنهن لڳاتار سلسلي ۾ علامتي نشانيون لکيون ويون آهن، پڙهڻ وقت به ان ساڳئي لڳاتار سلسلي کي قائم رکڻ گهرجي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو ته پڙهڻ جي لڳاتار سلسلي ۾ جيڪي ڏکيائيون ۽ مسئلا آڏو ايندا، سي لکڻ واري لڳاتار سلسلي جي ڏکيائين ۽ مسئلن جي برابر ٿي اسان جي آڏو ايندا.

مهرن ۾ پين شين تي گهڻو ڪري اهڙي لکت نظر اچي ٿي، جنهن ۾ علامتي نشانيون ليٽيل سنوت واري هڪ سٽ ۾ لکيل آهن، مهرن ۾ ساهوارن جي تصويرن جي مٿان جيڪا لکت لکي وئي آهي، سا گهڻو ڪري هڪ سٽي آهي، پر ڪا لکت ٻه سٽي به ڏسڻ ۾ ايندي، جهڙوڪ: ايم. آءِ - نمبر 1، 12، 16، 52،99، 101، 135، 139، 209، 237، 247، 253، 278، 302، 321، 329، 340، 341، 355، 389، 396، 550. ايم ايچ نمبر 24، 83، 119، 228، 235، 246، 279، 312، 332، 336، 373، 398، 405، 430، 431، 456، 466، 471، 518، 519، 521، 548، 564، 577، 587، 598، 601، 611، 644، 667، 687، 689، 696. ڏاتوءَ جي پليٽ جدول XCIII -4 نمبر 12، 13، 16 20، ٽن سٽن واري ايم. آءِ. نمبر 63 ۽ 400.

(7) ڪن مهرن تي هڪ سٽي ڊگهي تحرير به ڏسڻ ۾ ايندي. منجهس علامتي نشانين جو جوڙجڪ ايئن ڏسڻ ۾ ايندو جڻ ان تصوير واري جانور جي منڍيءَ ڪان ساڄي طرفان لکت شروع ٿئي ٿي ، جيڪا هلندي وڃي پڇ وٽ ٽوڙ ڪري ٿي. اسان کي هڪ ڳالهه ضرور ڌيان ۾ رکڻي پوندي ته ڪيترين تصنيفن ۾ انهن مهرن ۽ ٺپن جون تصويرون ۽ وري تصويرن جون تصويرون ڇاپيون ويون آهن، پر مهرون ڪونه ڏنيون ويون آهن. ڪاپي پاسي جيڪي علامتي نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي پنهنجي اصلي شڪل ۾ آهن يعني مٿائن ڪو دٻاءُ ڪونه آهي. مثال طور: ايم. آءِ نمبر 100، علامتي نشاني دٻيل ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪا ساڄي طرف آهي. نمبر 233 (منجهس ساڄي پاسي ۾ علامتي نشانيون آهن، جنتي ٿورو دٻاءُ ڏسجي ٿو).نمبر 343 ۾ ساڄي پاسي هڪ علامتي نشاني آهي، جيڪا ايي ورن ۾ لکيل ڏسبي. ايم. ايچ نمبر 68، هن ۾ ٽي علامتي نشانيون ساڄي پاسي ڏسبيون، جيڪي دٻيل ۽ سوڙهيون آهن. نمبر 325. هن ۾ ساڄي پاسي واريون علامتي نشايون ڪجهه دٻيل ۽ سوڙهيون Compressed ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي هڪ ٻئي جي پرسان رکيل آهن. منجهائن ساڄي پاسي واري ٽين علامتي نشاني ڪجهه ننڍي ڏسجي ٿي. نمبر 111. هيءَ هڪ مثالي علامتي نشاني آهي، جيڪا گهڻو ڪري لکت جي هر سٽ ۾ ساڄي پاسي نظر ايندي آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته مهرن ۾ هيءَ علامتي نشاني پنهنجي منفرد حيثيت رکي ٿي. جهڙوڪ: ايم -ايچ 84، 588، 704 ۽ ايچ نمبر 298. جيڪي لکت جون سٽون مهر جي مُهڙ کي پوري ريت والاري وينديون آهن، انهن ۾

علامتي نشاني نمبر 111 به آهي. جيڪا ساڃي پاسي آهي. مُهر ۾ وٺي نه هجڻ ڪري، ان کي اهڙيءَ ريت لکيو ويو آهي جو سندس شڪل ٿي بگڙجي وئي آهي ۽ واڌو جزو به ترڇو ڪري ڏنو ويو آهي. ايم - آءِ 306، ايم - ايڇ 308، 463 ۾ به ائين ڏسبو.

(8) ڪن مهرن ۾ وري اسان کي هيٺين نظر ايندو ته پڇاڙيءَ واريون آخري علامتي نشانيون ساڄيءَ سٽ ۾ لکيل ڏسڻ ۾ ڪونه اينديون ۽ تصوير واري جانور جي پيچ پرسان هيٺ نظر اينديون. ايم - آءِ نمبر 52، علامتي نشاني نمبر 87 جيڪا عام طور تي ساڄي پاسي پڇاڙي ۾ ڏسبي آهي، سا جڳهه نه هجڻ ڪري هيٺ لکي وئي آهي. آخري ٽن علامتي نشانين نمبر 8، 96، 87 ۾ هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو، جيڪو پنهنجي شڪل صورت ۾ لڳاتار آهي. معلوم ٿئي ٿو ته جن مهرن ۾ جتي جڳهه گهٽ هوندي ته اتي لکت جي هڪ سٽ نظر ايندي، جنهن جو مثال ايم - آءِ. نمبر 222، 300، 433، ايم - ايڇ. نمبر 160، 263 وغيره آهي، مهر نمبر ايم - آءِ. 247 ۾ مٿينءَ سٽ جي ساڄي پاسي واري آخري علامتي نشاني (نمبر 118)، پنهنجي اصلي ماپ کان گهٽ ننڍي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ٻي سِٽ هن علامتي نشاني ۽ سندس پويان ايندڙ ٻن علامتي نشانين سان گڏجي ٺهجي ٿي، جيڪا ساڄي کان کاٻي Boustro phedon يعني پيچ کان مُنڍي ڏانهن لکيل ڏسبي ۽ علامتي نشاني نمبر 78 سان ختم ٿيندي نظر ايندي. ٻي مهر ايم - آءِ نمبر 139 ۾ لکيل آخري چار علامتي نشانيون نمبر 237، 119، 48 ۽ 87 گهٽ جڳهه هجڻ ڪري هڪ سٽ ۾ لکيل آهن. تنهن هوندي به علامتي نشاني نمبر 119، جيڪا وڏيڪ ويڪري آهي، سا جڳهه بچائڻ جي خيال کان اڀي لکي وئي آهي. علامتي نشاني 119 جي ناتي سان، ايم - آءِ نمبر 54 ۽ 201 کي 322 سان ۽ ايم ايڇ نمبر 159 ۽ 511 کي نمبر 680 سان ڀيٽائي ڏسندا، اهڙو مثال علامتي نشاني نمبر 30 جو به آهي، جيڪا گهٽ ڪري مهرن جي ساڄي پاسي نظر ايندي آهي، سا يا ته ننڍي ٿيل ڏسبي يا وري هيٺينءَ سٽ ۾ لکيل هوندي آهي (ايم - آءِ نمبر 554 ۽ ايم ايڇ نمبر 373).

ٻنهي حالتن ۾ ٿيئي علامتي نشانيون 30، 124 ۽ 29 175 آهن. جيڪڏهن جڳهه گهٽ هوندي آهي ته علامتي نشانين ۾ ساڳيو سلسلو هڪ سٽ ۾ لکيل نظر ايندو آهي (ايم - آءِ نمبر 387، 534). مهر ايم - ايڇ نمبر 660 ۾ هڪ سٽ وارو مٿن آهي، جيڪو علامتي نشاني نمبر 8، 96، 87 ۽ 30 سان ختم ٿئي ٿو. مهر ايم - ايڇ نمبر 312 ۾ به پڇاڙيءَ واريون ساڳيون علامتي نشانيون آهن. پر علامتي نشاني نمبر 30 کي جڳهه نه هجڻ ڪري ٻي سٽ ۾ لکيو ويو آهي. مهر ايم - آءِ نمبر 341 ۾ علامتي نشاني نمبر 3 کي ٻيءَ سٽ ۾ لکيو ويو آهي. جنهن جو سبب پڻ ساڳيو آهي.

(9) هتي ڏنل حقيقتن مان ماٺهو سولائيءَ سان اهو نتيجو ڪڍي سگهندو ته مهرن تي ٿيل لکت کاٻي کان ساڄي پاسي ۽ ٺپن جي تحرير ساڄي کان کاٻي آهي، يعني اها تصوير واري جانور جي مُنڍيءَ کان پيچ واري طرف ٿيل آهي. جڳهه نه هجڻ جي حالت ۾ ساڄي طرف واريون علامتي نشانيون سوڙهيون لکيل ڏسجن ٿيون، يا وري انهن کي ماڳهن لکيو ٿي ٻيءَ سٽ ۾ ويو آهي. علامتي نشاني جي بگڙيل صورت يا سوڙهي لکت کاٻي پاسي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي، معلوم ائين ٿيندو ته اهي علامتي نشانيون خطاطي جي فن جي اصولن ۽ ضابطن (Calligraphically) موجب ڏاڍي چٽائي سان لکيل آهن. مُهرن ۾ اسان کي ننڍيون ڇهنبون نظر اينديون ۽ خالي جڳهه سٽ جي ساڄي پاسي ڏسبي. ٺپن ۾ وري اها وٿي کاٻي پاسي هوندي آهي، جهڙوڪ: ايم ايڇ نمبر 142، 153، 616، X.4-XCIII نمبر 10، 93. سنڌ سڀيتا جي مهرن جيان خروشتي لکت به کاٻي کان ساڄي آهي. ۽ رهيل خالي وٿي ساڄي پاسي کان ڏسبي آهي (پر ٺپن جي کاٻي طرف نظر ايندي)

(10) اهڙيءَ ريت ڪن خاص ڳالهين کان سواءِ (ڏسو ايم - ايڇ نمبر 8 ، 321، 512، 520 ۽ 651 ڪتابن ۾ مهرن بدران ٺپن جون تصويرون ڇاپيون ويون آهن ۽ مذڪوره ٺپا اسان کي ٽامي، عاج، مٽيءَ ۽ ٻين شين مان ٺهيل نظر ايندا، جن تي لکت ساڄي کان کاٻي طرف ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن ته مهرن تي لکت کاٻي کان ساڄي پاسي ڏني

وجي ٿي.

لکت جي طرف مقرر ڪرڻ ڪان پوءِ محققن ڪي علامتي نشانين جو رخ به معلوم ٿي سگهيو آهي. ان ناتي ڪين اها به ڄاڻ ملي ته اهي علامتي نشانيون ايءُ طرز ۾ لکيل علامتي نشانين سان ميل ڪونه ٿيون کائن. ان سان گڏ عالمن ڪي اها به سٽس پئي ته جيڪڏهن جانور جي تصوير ڏهي ختم ٿي وئي آهي، ته به تحرير جو رخ کهڙي طرف هجڻ گهرجي. لکت جون ٻه علامتي نشانيون (ڏسو ايم-ايچ 10، 224، 118 ۽ 237) پنهنجي اصلي جاءِ تي ۽ ساڳئي وقت درسنيءَ جي تصوير image of mirror ۾ به ملنديون.

(11) ڪڏهن مهر تي لکت جي هڪ سٽي لکت هوندي آهي، جيڪا درسنيءَ واري تصوير تي ٽيل لکت سان ميل ڪانه ڪائي ٿي. (يعني جهڙيءَ ريت مهر تي هوندي آهي، تيئن درسني جي تصوير ۾ ڪانه هوندي آهي) يا ايئن ڪٿي چئجي ته ان لکت جو طرف ساڄي ڪان ڪابي طرف هوندو آهي. مهرن تي تصوير جي بيهڪ اهڙي ريت رکيل هوندي آهي، جو ان جي مُنڍي ساڄي پاسي هوندي آهي، نه ڪِ ڪابي طرف ۽ ٻين مهرن تي به ائين ئي هوندو آهي. ان حالت ۾ لکت جي پڙهڻي به مُنڍيءَ ڪان شروع ڪري پُڇ وٽ ختم ڪبي. (ايم-ايچ نمبر 167، ايم ايچ نمبر 8، 512، 520 ۽ 651)

(12) خاص طور هنن ڳالهين تي ويچارڻو پوندو ته جڏهن تصوير ۾ جانور جو مٿو ته ساڄي طرف آهي، پر لکت جو طرف ڪابي ڪان ساڄي طرف هوندو آهي، اهي خاص قسم جا مثال آهن ۽ اهڙين حالتن ۾ سٽ ڪي پڇ واري پاسي ڪان شروع ڪبو ۽ مُنڍيءَ وٽ ختم ڪبو (ايم-آءِ نمبر 112، 272، 302، 341، 376-ايم ايچ نمبر 279، 745، 644، 663، 684، X نمبر 617).

(13) جيڪي لکتون ٻن يا ٽن سٽن تي مشتمل هونديون آهن ته ٽيپي جي ٻي ۽ ٽين سٽ وري به ساڄي ڪان ڪابي طرف لکيل ڏسبي. پر ايم-آءِ 247 ۾ ائين نه آهي. منجهس ٻي ۽ ٽين سٽ جي لکت جو طريقو ڪابي ڪان ساڄي طرف نظر ايندو.

(14) مهرن ۾جتي ڏيک به موجود هوندو آهي، ته علامتي نشانيون ان مُهر جي مٿاڇري تي ڇانيل هونديون آهن، ڇاڪاڻ ته اتي سٽن جي لاءِ ڪا جڳهه ڪانه هوندي آهي. علامتي نشانين جو سلسلو به ائين قائم هوندو آهي، جهڙيءَ ريت ٻين مُهرن تي هوندو آهي. ۽ انهن جو سنگم به پڪو پختو ۽ سگهارو هوندو آهي. ايم-آءِ نمبر 355 ۾ موجود علامتي نشانين جو سلسلو 30 - 87، 100 87- آهي.

(15) ٿورا مثال اهڙا به ملندا، جن ۾ ڪي اکيليون (جيڪي گهٽو ڪري مهرن جي وچ تي ڏسبيون آهن) نشانيون، ساڳيءَ مهر جي ٻين علامتي نشانين سان جڙيل ڏسبيون، اهي علامتي نشانيون 30، B 128، 219، 233 ۽ 287 آهن.

چند ڇاڻ

(1) اليڪ سيف سندو لکت جي طرف ڏانهن خاص ڌيان ڏنو آهي. ۽ هن نتيجي تي پهتو آهي ته اها ساڄي ڪان ڪابي طرف لکي ويندي هئي. سندس ڪيل نتيجي ۾ بنياد هن ڳالهه تي بيٺل آهي، ته مهرن جي وڏي انگ تي علامتي نشانين جي لکت انهيءَ ترتيب سان ٽيل ڏسجي ٿي. ٻهريائين هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏنو ويو آهي، ته جڏهن علامتي نشانين واري لکيل سٽ، مهر تي پوري وٿي نه ٿي پري سگهي، ته اهڙي ڇڏيل وٿي سٽ جي آخر ۾ هجڻ کپي. سندس خيال آهي ته اهڙي ڇڏيل وٿي مهر تي سٽ جي ڪابي ۽ ٽيپي جي سٽ جي ساڄي پاسي آهي. ٻي ڳالهه ته جڏهن علامتي نشانين جي سٽ لاءِ پوري جڳهه ڪانه هوندي آهي، ته علامتي نشانين جي بگڙيل شڪل سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ هجڻ کپي نه ڪِ سٽ جي شروعات ۾. اهڙيءَ ريت علامتي نشانين جي بگڙيل شڪل يا ننڍي صورت، مهر جي ساڄي ۽ ٽيپي جي-ڪابي طرف آهي. هو خروشتيءَ جو حوالو به ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته، هيءَ لکت ساڄي ڪان ڪابي هوندي هئي. هن ڪتاب جا سهيڙيندڙ به هن ڳالهه تي متفق آهن ته هن لکت جو وڏو حصو ساڄي ڪان ڪابي پاسي پڙهي سگهبو آهي ۽ هندستان جي آرڪيالاجيڪل سروي جي بي. بي. لال سان ٻڻ هن ڳالهه ۾ متفق آهن. جنهن مهرن جي ننهي پاسن تي

موجود لکت جي علامتي نشانين جي مختلف نمونن سان چند چاڻ ڪري اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي، تہ سنڌو لکت ساڄي کان کاٻي طرف لکي ويندي هئي. سنڌو لکت نڪر تي بہ ملي آهي. بي. بي. لال ان حقيقت جي بہ چند چاڻ ڪري تصديق ڪئي آهي تہ ٺڪرين تي موجود اهڙي ڪرچ لکت بہ ساڄي کان کاٻي طرف لکيل آهي.

(2) اليڪ سيف پنهنجي اندازي سان قديم سنڌو - لکت جي علامتي نشانين جو انگ 350 کن ٻڌايو آهي، جيڪا اسان جي نظر ۾ ڪا سٺي ڳالهہ ڪانہ آهي. سندس وڌيڪ چوڻ آهي تہ 100 کن علامتي نشانيون صورتي اختلاف allographs واريون آهن. هو پڪ ڏياريندي ٻڌائي ٿو تہ انهن علامتي نشانين ۾ سونهن ۽ سوبيا وارا جزا جوڙ ڪري يا گهٽائي علامتي نشانين کي سولو ۽ سهنجو بڻائي سگهجي ٿو.

اسان علامتي نشانين جي ڏنل انکل روءِ واري انگ تي اتفاق ڪريون ٿا. پر هن ڳالهہ تي اچرج ضرور ٿئي ٿو، تہ اليڪ سيف اهڙي چاڻ ڪهڙي طريقي سان هٿ ڪئي آهي؟ يا اهڙو فيصلو ڪيئن ڪيو اٿائين تہ علامتي نشانين ۾ جوڙ ڏنل جزو فقط سونهن ۽ سوبيا جي مقصد سان ڏنو ويو آهي. مثال طور اوريا Oriya ۽ ميخي خط اڄا بہ موجود آهي، جنهن ۾ موجود علامتي نشاني تمام ٿوري تبديلي ڪرڻ سان هڪ نئين ۽ مڪمل علامتي نشاني بڻجي پوي ٿي. جيڪڏهن ڪو انهن لکتن کان پوريءَ ريت واقف نہ هوندو ۽ ڪيس ڏسڻ جو هڪ يا بہ ڀيرا موقعو مليو هوندو تہ ڏسڻ شرط چوندو تہ اهي جوڙ ڏنل جزا رڳو سونهن ۽ سوبيا لاءِ ڏنا ويا آهن. مثال طور اوريا جي لکت ۾ هڪ علامتي نشاني ۽ بي آهي، منجهن وٿي ۽ ويڇاندي ٿوري ڏسبي. پر هڪ جو اچار ڪو co ۽ ٻيءَ جو بو bo آهي. تنهن ڪري اليڪ سيف اهو ڪيئن ويساهہ ڪري ٿو تہ اهي علامتن جون بدليل اختلافي صورتون allographs آهن. هيءَ لکت اڄا پڙهي نہ ڪانہ وئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها هڪ پيچيده لکت هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ علامتي نشانين جو اهو صورتي اختلاف، لفظ جي قطعي پڇاڙيءَ وينجن سُر يا گرامر جي ڪنهن ٻئي نڪتي کان علاوه، ڪي مڪمل علامتي نشانيون هجن. بهرحال، اليڪ سيف نہ تہ هن لکت جي چڱيءَ ريت چند چاڻ ڪري پڙهندڙ کي ڀرپور چاڻ ڏني آهي نہ ڪا جدول ڪڍي ان کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نہ وري هن پنهنجي خيال جي پٺڀرائي حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

ساڳيءَ ريت هن لکت جي ٻن مختلف نمونن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ٻي زبانيءَ سان ڪيو اٿائين تہ هڪ عام روايتي لکت ۽ ٻي اڏ اکري لکت آهي. ٻنهي نمونن جي لکت جي وچ ۾ ڪنهن تاريخي ناتي ۾ سچي لاڳاپي ڪي ثابت ڪرڻ ڪا ناممڪن ڳالهہ تہ ڪانہ آهي، پر الاجي ڇو اليڪ سيف هن امڪاني ڳالهہ ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. موجوده صورتحال جي نقطئہ نظر کان جڏهن تہ سڀ شاهديون اڻ چٽيون آهن تہ هتي فيصلو ڪرڻ ضرور ڏکيو ٿي پوندو. اهڙيءَ ريت اليڪ سيف جي هن ڳالهہ تي ويساهہ ڪري ڪونہ ٿو سگهجي تہ اهي ٻئي نمونا لکت جون سهيوڳي طرزون آهن، پر ان کي وڌ ۾ وڌ هڪ امڪاني ڳالهہ سڏي سگهجي ٿو.

ڪتاب سهڙيندڙ هن ڳالهہ ۾ ساڻس سهمت آهن تہ ڪن علامتي-نشانين کي ڪتابن ۾ مڪمل علامتي نشاني سمجهي پڙرو ڪيو ويو آهي. پر حقيقت اها آهي تہ اهي علامتي نشانين جون بدليل شڪليون آهن. ان جو مثال لئنگوڊن جي ڪتاب ۾ علامتي نشاني نمبر 234 ۽ 240 آهي. هنٽر جي ڪتاب ۾ بہ ايڪڙ ٻيڪڙ اهڙيون ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڪيترين مختلف علامتي نشانين کي هو بدليل شڪليون سڏي ويو آهي. ٻنهي ڪتابن ۾ ڪي علامتي نشانيون تہ ماڳهين ليکي ۾ ئي ڪونہ ٿيون (شايد انهن کي قلمبند ئي ڪونہ ڪيو ويو هو. ٿورو عرصو ٿيندو تہ اهي علامتي نشانيون سنڌ سيپتا جي ٻين ٿرڙن تان هٿ لڳيون آهن) هي صاحب هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ۽ مثال ڏئي ڳالهہ ٻڌائي ٿو تہ اهي علامتي نشانين جا هڪ قسم جا پڪا ميلاپ Stable Combination آهن. سندس اهو ويچار تہ اهي علامتي نشانين جا پڪا ميلاپ آهن، سا هڪ حقيقت آهي. پر هو علامتي نشانين جي امڪاني انگ ٻڌائڻ ۾ اهڙن ميلاپن جا احوال اوريڻ کان اڳتي وڌي ڪنهن حقيقت تي ڪونہ ٿو پهچي. هو اسان کي فقط لکت جي طرف بابت پنهنجو ڪڍيل نتيجو ٻڌائي ٿو. سندس ڪڍيل نتيجو ڪن صحيح حقيقتن جي بنياد تي بيٺل آهي، تنهن ڪري سندس اهو ڪارنامو ساراهہ جوڳو آهي. (اسان مٿي ذڪر ڪري آيا

آهيون تہ سندس نتيجي بابت مختلف ثابتين جي پنيرائي حاصل آهي) هن قسم جي پهرئين ڪتاب ۾ هي بهترين مقالن مان هڪ آهي، توڙي جو سندس لکت جو طريقئہ ڪار تمام سنو چئي نہ ٿو سگهجي ۽ نہ وري هن لفظن جي چونڊ ئي چڱي نموني سان ڪئي آهي. ڪٿي وري دستاويز ۽ ثابتين جي ڪوٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پوءِ بہ سندس طريقئہ ڪار چڱيرو آهي، جهڙوڪ : علامتي نشانين جي ڪٿپ ۽ انگ وغيره جيڪڏهن هو لکت جي مختلف نشانين جي ڪارج جي چنڊ ڇاڻ ڪري ها، تہ هي وڏو مقالو وڌيڪ مفيد ثابت ٿئي ها. انهن معمولي اوڻاين جي باوجود هن موضوع تي لکيل سندس هيءُ مقالو هڪ بهترين مقالو چئي سگهجي ٿو.

سنڌو لکت بابت ليڪچر

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌو لکت بابت مقالن ۽ ڪتابن ڇپرائڻ کان علاوه تقريرن جو پروگرام رٿيو ويو آهي. گذريل مهيني محترم محمد عمر چنڊ "سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو" جي عنوان سان زبيده گرلز ڪاليج ۾ ليڪچر ڏنو.

هن ادبي محفل ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪاليج جي استادن کان علاوه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروڊيوسرن ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن، عالمن ۽ محققن شرڪت ڪئي.

محترم محمد عمر چنڊ هن موضوع تي ڀرپور روشني وڌي. سنڌن عالماڻي ليڪچر جي سيني ساراهہ ڪئي، ڪائڻ ڪي سوال پڇيا ويا، جن جا هن عالماڻي انداز ۾ جواب ڏنا. اهو ليڪچر آڊيو وڊيو ڪيسٽن ذريعي محفوظ ڪيو ويو آهي. جيڪو "سنڌي ٻولي" مخزن جي ايندڙ شماري ۾ شايع ڪيو ويندو.

اداري پاران رٿيل پروگرام جو هيءُ پهريون ليڪچر هو. انشاءَ الله جلد ئي هن موضوع تي وڌيڪ ليڪچر ڪرايا ويندا. ان کان پوءِ انهن سيني تقريرن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرايو ويندو.

سنڌي اخبارن جي ٻولي

سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن. مثلا اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ "آءُ ڪنڊيارو مان پيو اچان"، يا "آءُ مورو مان پيو اچان." شهر جو نالو ڪنڊيارو يا مورو ئي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي "آءُ ڪنڊياري يا، آءُ موري مان پيو اچان" چئي، استعمال ڪرڻو آهي. اردو اخبارن وارا "ڪلڪتي جا رها هون"کي "ڪلڪتہ جا رها هون" لکي رهيا آهن، پر اهو بہ غلط آهي.

سنڌي بنيادي طور هڪ لئي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙي ويندي. سنڌيءَ ۾ "جوٽيجي" کي "جوٽيجہ" لکڻ، "ڀُٽي" کي "ڀٽہ" لکڻ ۽ "ذريعي" کي "ذريعہ" لکڻ بہ غلط آهي.

علامہ آءِ. آءِ. قاضي

مهراڻ (3) 1971 - سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو

سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون

هدايت پريم

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾ هڪ ممتاز حيثيت رکي ٿي، ڪيترين ڳالهين ۾ ننڍي کنڊ جي ٻين پينر ٻولين سان ويجهڙائي به رکي ٿي ته ڪيترا اختلاف پڻ رکي ٿي. ڪيترن عالمن سنڌي ٻوليءَ کي آريائي خاندان مان ڄاڻايو آهي، جهڙوڪ اسٽئڪ، ٽرومپ، گريئرسن، ڀيرومل، قليچ بيگ، ڄيٺمل خوبچندائي وغيره، جڏهن ته ڪن سنڌي ٻوليءَ کي دراوڙي اصل نسل مان قرار ڏنو آهي، جهڙوڪ ڊاڪٽر غلام علي الانا. سنڌي ٻوليءَ جون ڪي خاصيتون اهڙيون آهن جي پاڪ وهند جي ٻين ٻولين ۾ ڪونه آهن، اهڙين نرالين خاصيتن جي لساني ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي بيحد گهڻي اهميت آهي، سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿاهون ۽ اعليٰ مقام هئڻ جي دعويٰ لاءِ ڪي دليل ته هئڻ گهرجن. ساڳئي وقت سنڌي ٻولي جي اهڙين خوبين کي ڇٽائيءَ سان نروار ڪرڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن ۽ اسڪالرن جي يڪراءِ پنيرائي به حاصل هئڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن جو عام طور تي ته بيان ٿيندو رهيو آهي. بهرحال هن ڏس ۾ جامع طور تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نرالين خاصيتن کي بيان ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهه جي وضاحت ڪجي ٿي، سا هيءَ ته سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ ڪيترن ڏاهن، عالمن ۽ اسڪالرن سنڌيءَ ۾ پنهنجون لکڻيون پيش ڪيون آهن، ورهاڱي کان اڳ وارن عالمن خاص طور سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف رهيا. جڏهن ته لسانيات جي ڏس ۾ جديد تحقيق جي روشني ۾ گهڻيون ئي ڪاوشون آزاديءَ بعد سنڌ توڙي هند ۾ منظر عام تي آيون آهن، لسانيات جي ڪيتر ۾ سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ يونيورسٽي جا ٻه استاد برطانيا وڃي لسانيات جي جديد علم جي تربيت حاصل ڪري آيا، سي هئا: پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا. هن ٻنهي صاحبن موٽي اچي لسانيات تي ڪتاب لکي پڌرا ڪيا ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات جا اصطلاح گهڙيا، ۽ پنهنجي ڪتابن "علم لسان ۽ سنڌي زبان" ۽ "سنڌي صورتخطي" ۾ آخر ۾ فهرست Glossary طور شامل ڪيا آهن. مذڪوره ٻنهي فهرستن کي غور سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته اهي اصطلاح صحيح معنيٰ ۽ مفهوم جو پورائو ڪن ٿا، ۽ پنهنجي جاءِ تي ٺڙ معلوم ٿين ٿا، جهڙوڪ صوتيو، صرفيو، سُر، وينجن، ڏوڪٽا آواز، چوسٽا آواز، وسرگرائي وغيره. سنڌي گرامر قلمبند ڪرڻ دوران اڳوڻن عالمن عام طور فارسي ۽ عربي اصطلاح ڪم آندا آهن. جهڙوڪ اسم، ضمير، فعل، ظرف، حرف جر وغيره. ۽ Vowel ۽ Consonant لاءِ ترتيبوار حرف علت ۽ حرف صحيح جهڙا اصطلاح ڪم آندا آهن. جن جي جاءِ تي الانا صاحب ۽ جتوئي صاحب "سُر، ۽ وينجن" اصطلاح ڪم آندا آهن، اهڙا ٻيا به ڪيترائي نوان اصطلاح آهن، جيڪي لسانيات جي ڏس ۾ ڪم اچي رهيا آهن. هي اصطلاح نه صرف عربي ۽ فارسي ٻولين مان ورتل سليس ۽ سلوڻن لفظن تي مشتمل آهن، پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي لفظي ذخيري مان پڻ ڪنيا ۽ نج سنڌي اصل وارا اصطلاح به گهڙيا ويا آهن، منهنجي خيال ۾ اهڙن نون اصطلاحن کي پراڻن نج عربي فارسي اصطلاحن جي جاءِ تي ڪم آڻڻ گهرجي، پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا ڪي شيدائي اڃا انهيءَ پراڻي راهِ تي رمندي ڏکيا ۽ عجيب غريب اصطلاح ڪم آڻي رهيا آهن. منهنجي دلي مُراد هيءَ آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ هڪجهڙا اصطلاح ۽ اصطلاحي فقرا رائج هجن ته جيئن پڙهندڙن کي مونجهارو نه ٿئي.

سنڌي ٻوليءَ جون نراليون خاصيتون ته تمام گهڻيون آهن، جن مان ڪن چند خاصيتن جو قدري تفصيلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

(١) سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا اچار آواز آهن جن جي اچار ڪرڻ ۾ هوا کي وات ۾ اندر ڇڪڻو پوي ٿو. انهيءَ ڪري

کين "چوسڻا آواز Implosives نالو ڏنو ويو آهي، اهي آواز آهن ڳ ، ڄ، ڏ، ٻ. سنڌي آوازن جي سرشتي ۾ چوسڻا آواز معنيٰ پريو پارٽ ادا ڪن ٿا.

جيڪڏهن لفظن ۾ انهن جي جاءِ تي سنڌن وينجن آوازن گ، ج، ڊ، د، ب جو استعمال ڪبو ته لفظن جي معنيٰ ڦري ويندي، جيئن ته :

١. ڳارو – گارو، ڳلا – گلا
٢. ٻار – بار، ٻلو – بلو
٣. ڄارو – جارو، ڄام – جام
٤. ڏائي – ڊائي – دائي، ڏري، ڊڙي، دري.

ڀارت جي ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ هي آواز ڪين ملن ٿا (١). چوسڻن آوازن ۾ اچار ڪرڻ وقت نڙگهٽ کي ٿورو هيٺ ڪجي ٿو، آوازي کوپي ۾ خال Vacum پيدا ٿئي ٿو ۽ هوا ٻاهر کان اندر وڃي ٿي. چوسڻن آوازن کي پروفيسر جتوئي، "داخلي ڌماڪيدار" جو نالو ڏنو آهي (٥). سنڌي چوسڻا آواز چار آهن:

چپائون (ٻ)
مورڊني (ڏ)
سخت تارون وارو (ڄ)
نرم تارون وارو (ڳ)

جڏهن ته ڇئن بجاءِ پنج هئڻ گهرجن يعني ته ڏندائون چوسڻو آواز ٻه هئڻ گهرجي جو هن وقت سنڌيءَ جي وينجن سرشتي ۾ موجود آهي، پر هي آواز سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي ۽ پارڪري لهجن ۾ موجود آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته تاريخ جي گذريل دورن ۾ اهو آواز سنڌيءَ ۾ موجود هئو ۽ هاڻ صرف انهن ڏورانهن لهجن ۾ باقيات طور موجود آهي، ان جو خاص سبب ڪڇ ۽ پارڪر جا علائقا صحرائي هجڻ ۽ دور دراز هجڻ سبب منجهن ٻوليءَ جون ڪجهه اصلي ۽ نج خاصيتون برقرار رهيون آهن.

چوسڻا آواز دنيا جي ڪن ٻولين ۾ آهن، خاص ڪري آفريڪي ٻولين ۾ آهن. بين الاقوامي صوتياتي الف بي (IPA يا International Phonetic Alphabet) کي 1989ع ۾ هڪ وار وري سڌاري سنواري تيار ڪيو ويو آهي. ان ۾ دنيا جي ٻولين جا ڌماڪو چوسڻا آواز شامل ڪيا ويا آهن. ٻه آواز چپاوان، ٻه مهار وار، ٻه سخت تارون ٻه نرم تارونءَ وارا ۽ ٻه ڪاڪڙي وارا، جڏهن ته چارٽ ۾ مورڊني آواز (ڏ) ڪونه ڏيکاريو ويوآهي.

(٢) سنڌيءَ ۾ پنج نڪاوان آواز آهن ڱ، ڃ، ڻ، ن، م. سنڌيءَ ۾ اهي پنج ئي آواز معنيٰ پريا آهن ۽ لفظن ۾ ٻن سرن جي وچ ۾ استعمال ٿين ٿا. مثال طور:

(١) ممي – مني – مڻي – مڃي – مڱي.
(٢) مم – من – مڻ – مڃ – مڱ.

سنسڪرت، هندي توڙي ٻين ڪيترين ڀارتيہ ٻولين ۾ ڱ ۽ ڃ آواز ٻن سُرن جي وچ ۾ نہ ملندا آهن (٣). ڱ، ڃ، ڻ آواز لفظن جي شروع ۾ نہ ايندا آهن. سنڌيءَ ۾ نہ صرف نڪاون آوازن جو مڪمل سيٽ آهي پر سنڌيءَ ۾ غنائب Nasalization جو گڻ بہ موجود آهي. سنڌيءَ جي ڏهن سرن يعني اَ، آ، اِ، اِي، اي، آي، او، اُ، اُو ۽ اَو جا جوڙيوال گهڻ سر بہ سُر صوتين جي حيثيت ۾ موجود آهن. اَن، آن، اِن، اِينَ، اين، آين، اون اُن، اُون ۽ آون.

(٣) سنڌي ۾ اسم گهٽو ڪري ڪنهن نہ ڪنهن سُر ۾ پورا ٿين ٿا، انهيءَ ڪري اسمن جي جنس سڃاڻڻ ۾ ڪي قدر هٿي ملي ٿي، "آ" ۾ پورا ٿيندڙ سڀ اسم سنڌيءَ ۾ مونث آهن، جيئن ڪَٽَ، زالَ ، عادتَ، "او"، ۾ پورا ٿيندڙ سڀ اسم مذڪر آهن مثلا. گهوڙو، دلو، ملو، رپيو. آ، اِ، اي ۽ آءِ ۾ پورا ٿيندڙ اسم گهٽو ڪري مونث آهن، جيئن ته دوا، مالا، پٽ، رات، مائي، پاڃي، جئہ، شيءِ، اُ، او ۽ آءُ پڇاڙيءَ وارا اسم گهٽي ڀاڱي مذڪر آهن، جئين تہ مٽُ، سٽُ، ماٺو، ڪدو، پوءُ، ڍءُ (٤).

سنڌي ٻوليءَ جي هيءَ خاصيت بيحد گهڻي اهم آهي ان جي اهميت جي پيش نظر سنڌي ٻوليَءَ تي تحقيق ڪندڙ تقريبا سمورن ماهرن پنهنجا رايا ڏنا آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي:

سنڌجي ماڻهن کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ سنڌي زبان جي هر لفظ جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سر ضرور ايندو آهي. يعني سنڌي زبان جي هر مفرد لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجن

Consonant نہ ايندو آهي پوءِ چاهي اهو وينجن مفرد هجي يا مرڪب (٥)

پوپٽي هيرانندائيءَ جي خيال پٽ سنڌيءَ جو هر ڪو اسم حرف علت جي ڀُچڙي ڪٽي پورو ٿئي ٿو. يعني اسم جي پڇاڙيءَ ۾ آ، اُ، اَ، اِ، يا اُو يا او ضرور ايندو. ائين ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ هڪ قسم جي لچڪ قائم ٿئي ٿي. ڪوبہ اسم "اي" ۾ پڇاڙي نہ ڪندو جي ڪندو تہ سندس حالت فاعلي نہ هوندي (٦).

گريئرسن لکيو آهي

سنڌي ٻوليءَ ۾ هر لفظ لازمي طور سُر تي ختم ٿئي ٿو، ۽ جڏهن هي سر چوٿو سُر هوندو آهي تہ تمام هلڪو هوندو آهي جيڪو ڏاڍي مشڪل سان ٻُڌي سگهبو آهي. اهڙي مختصر سر کي لکڻ لاءِ ٻون ليڪ مٿان ننڍڙو اکر لکي واضح ڪيو آهي. حالانڪ هي سر ڏکيائي سان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا پر پوءِ بہ وڏي اهميت رکن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن لفظ جي معنيٰ کي متاثر ڪري سگهڻ جي قوت رکن ٿا. مثال طور "ڇوڪُر معنيٰ Boy ڇوڪرِ" معنيٰ Girl. انهن ٻنهي لفظن ۾ جيڪو تمام هلڪڙو تفاوت آهي سو يورپي ماڻهو مشڪل سان جهتي سگهي، جڏهن تہ اهو تفاوت سنڌي ماڻهو جهٽ سهي ڪري وٺندا آهن (٧)

سنڌي ٻوليءَ جي هن خاصيت جي باري ۾ ارنيسٽ ٽرومپ پنهنجي گرامر ۾ هن ريت اظهار ڪيو آهي:

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ خاصيت آهي - سا هيءَ تہ سنڌيءَ جو هر اسم، اسم خاص، صفت، ضمير ۽ اسم مصدر وغيره جي آخر ۾ هڪ سر هوندو آهي. هن خاصيت جي ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ٻين پينر ٻولين تي فوقيت حاصل آهي، اهڙي خاصيت جي سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ لچڪ پيدا ٿي آهي ۽ آوازن جي چٽائيءَ کي محفوظ رکيو آهي. هن خاصيت کان ٻيون مقامي ٻوليون وانجهيل آهن (٨).

سنڌي ٻوليءَ جي مذڪوره خاصيت سنڌيءَ جي پاڙيسري ٻولين سرائڪي، پنجابي، بلوچي ۾ بہ نہ آهي، خاص طور سرائڪي ٻولي جيڪا سنڌيءَ کي ويجهي ۾ ويجهي ٻولي آهي، ان ۾ بہ هيءَ خاصيت نہ آهي، ان باري ۾ سرائڪي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر مهر عبدالحق لکي ٿو:

سنڌيءَ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي (جيڪا هندستان جي هڪ ٻن ٻولين ۾ پڻ آهي) تہ ان جو هر لفظ حرف علت (سُر) تي ختم ٿئي ٿو. ملتانيءَ جي هيءَ خاصيت نہ آهي (٩). هن راءِ جي پٺڀرائي سرائڪي ٻوليءَ جي ماهر ڪرسٽوفر شئڪل بہ سرائڪيءَ جي گرامر ۾ ڪئي آهي، سرائڪيءَ ۾ سنڌي دخيل لفظن جو ذڪر ڪندي شئڪل لکي ٿو:

سنڌي ۾ سرائڪي جا صوتياتي سرشتا پاڻ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي رکن ٿا، تنهن ڪري سنڌي، دخيل لفظن کي تمام ٿوري ڦير گهير سان سرائڪيءَ ۾ قبول ڪيو ويو آهي. سنڌي اسم ۽ صفت جي آخر ۾ ايندڙ چو ٿا وچيان سُرَ سرائڪي ڳالهائيندڙ حذف ڪندا آهن، سواءِ سنڌي جي گهري اثر هيٺ آيل سرائڪي ڳالهائيندڙن جي (١٠) يعني تہ سنڌي اثر هيٺ آيل سرائڪي ڳالهائڻ وارا بہ پنهنجن لفظن جي آخر ۾ آيل سر جو اُچار ڪن ٿا.

ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي هن خاصيت لاءِ هڪ عجيب ۽ غريب راءِ جو اظهار ڪيو آهي.

سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار سرحد ڏي چٽيءَ ريت ڪن ٿا ۽ شڪارپوري اهو سُر سان اُچارين ٿا، وچولي طرف ان جو اُچار اهڙو اڻ لکيءَ طرح ڪندا آهن جو ڏاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي ڪين سگهي تہ هر هڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب آهي. لاڙ جا ماڻهو خاص ڪري هندو اهو اُچار اڪثر ڪونہ ڪن .... هن وقت سنڌيءَ ۾ سڀ ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانہ ڪا اعراب آهي ٿي آهي. انهن پڇاڙيءَ وارين اعرابن هيڻر ٿي لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي. لاڙ ۾ انهن جو اچار اڪثر ڪونہ ڪن، اهي گهڻو وقت ڪين جٽينديون جو اکرن جي پڊن تي زور ڏيڻ جي ترتيب Accent System ڦرندي پئي وڃي (١١)

ڀيرو مل صاحب جي راءِ ۾ هن خاصيت لڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي ۽ گهڻو وقت ڪين جٽينديون، اڃا تائين تہ صحيح ثابت ڪونہ ٿيو آهي. آڏواڻي صاحب جي راءِ کي اڌ صديءَ کان مٿي عرصو تہ گذري چڪو آهي، سنڌي ٻوليءَ

جي اسمن جي آخر ۾ ڪو نہ ڪو سُر اچا موجود آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري Sindhi Language Authority پاران ۾ ڪتاب شايع ٿيا آهن، هڪ ڊاڪٽر داد محمد بروهي جو "سبيءَ جي ٻولي" ۽ ٻيو پروفيسر شيخ محمد فاضل جو "ماتيلي اباوڙي جي ٻولي" داد محمد بروهيءَ سبي علائقي ۾ رائج سنڌي جي لهجن - فراڪي ۽ جڳدالي جو اڀياس ڪيو آهي، سندس خيال ۾ هن خطي جي ٻنهي محاورن ۾ آ، اِ، اُ واريون پڇاڙيون هميشہ سيني لفظن مان حذف ڪري لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا (١٢). يعني سنڌي ٻوليءَ ڪي انهن لفظن، جن جي آخر ۾ آ، اِ، اُ وارا سر آهن، سي سبيءَ جي ٻوليءَ ۾ انهن سرن بنا اچاريا ويندا آهن. شيخ محمد فاضل جي راءِ ۾ ماتيلي - اباوڙي جي لهجي ۾ هيءَ خاصيت ناپيد آهي. دراصل شيخ محمد فاضل صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ پورو باب هن سلسلي ۾ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو عنوان آهي "سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخري حرف تي حرڪت وارو اصول" . شيخ محمد فاضل لکي ٿو:

ماتيلي - اباوڙي جي ٻولي ۾ لفظ جو پڇيون اکر هميشہ ساڪن هوندو آهي. اهڙا چند اکر آهن، جن تي انتهائي اڻ لکي اعراب جو گمان ٿئي ٿو، نہ تہ عام طور تي سڀ لفظ ساڪن الاخر آهن. اترادي محاوري وارا ڪَٽَ ڪي ڪٽ، ڇِتِ، ڪي ڇت، لَٽِ ڪي لٽ، پُٽَ ڪي پُٽ ۽ پيرَ ڪي پير ڪري اُچاريندا آهن. مذڪر اسمن ۾ واحد توڙي جمع لاءِ ساڪن الاخر وارو لفظ استعمال ڪندا آهن (١٣).

هن پئرا ۾ مانواري محقق شيخ محمد فاضل صاحب جيڪي فرمايو آهي، ان جو شروع ۾ ئي هڪ تضاد موجود آهي، پهرين جملي ۾ فرمايو اٿن تہ ماتيلي - اباوڙي جي ٻولي ۾ لفظ جو پڇيون اکر هميشہ ساڪن هوندو آهي. اڳتي هلي چون ٿا تہ اهڙا چند اکر آهن جن تي انتهائي اڻ لکي اعراب جو گمان ٿئي ٿو. گريئرسن هن سر (اعراب) hardly audible لکيو آهي. پيرو مل، وچولي لهجي (معياري) جي اهڙي سر کي "اڻ لکو" سڏيو آهي، شيخ صاحب پنهنجي بيان ۾ چيو آهي تہ ڪي ٿورا اکر اهڙا آهن جن ۾ هيءَ سر هڻڻ جو گمان آهي، تہ پوءِ ائين نہ چئي سگهبو تہ ماتيلي - اباوڙي جي ٻوليءَ جي اسمن ۾ پڇيون اکر هميشہ ساڪن هوندو آهي. هميشهہ جو لفظ ڪم آڻي نہ ٿو سگهجي. ٿورن لفظن ۾ ئي سهي، هيءَ سر موجود تہ آهي. اڳتي هلي شيخ محمد فاضل صاحب وڌيڪ لکيو آهي تہ "اترادي محاوري وارا ڪَٽَ کي ڪٽ ۽ ڇِت کي ڇت ...." اترادي محاوري مان مراد اگر سنڌ جو اهو علائقو جنهن ۾ سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، خيرپور ۽ لاڙڪاڻو ضلعو شامل آهن، ان علائقي ۾ رائج ٻولي آهي تہ پوءِ شيخ صاحب جي راءِ درست ڪانهي. اتر سنڌ ۾ هي انهن سمورن ضلعن ۾ رائج اترادي ٻوليءَ جي اسمن جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر آهي. شڪارپور جو مثال ئي وٺجي تہ اُتي تہ لاڏ سان اهڙا سُر اُچاريا وڃن ٿا. شيخ صاحب جي چوڻ موجب تہ مذڪر اسمن جي واحد توڙي جمع لاءِ ساڪن الاخر وارو هڪڙو ئي لفظ استعمال ڪندا آهن، هن بيان کي تسليم نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ سنڌيءَ ۾ مذڪر اسمن جو واحد ۽ جمع ٺاهڻ جو قاعدو هنريت آهي.

واحد	جمع
گهوڙو- گهوڙا	/او/ سر جي جاءِ تي / آ/ سُر ڪم آيو
ڪتو- ڪتا	/او/ سر جي جاءِ تي / آ/ سُر ڪم آيو
ڇوڪرو- ڇوڪرا	/او/ سر جي جاءِ تي / آ/ سُر ڪم آيو
پُٽَ- پٽَ	/ اَ/ سر جي جاءِ تي (آ) سر ڪم آيو
ڪِٽَ- ڪٽَ	/ اَ/ سر جي جاءِ تي (آ) سر ڪم آيو
پَٽَرُ- پَٽَرَ	/ اَ/ سر جي جاءِ تي (آ) سر ڪم آيو

مذڪر اسمن جو جمع گهوڙا، ڪتا، ڇوڪرا جهڙا لفظ اترادي محاوري ۾ ساڪن ڪهڙي طرح ٿي سگهن ٿا. جمع جي قاعدي ۾ /او/ سر / آ / سر ۾ تبديل ٿئي ٿو ۽ / اَ / سر بہ يقيني طور تي / آ / سُر ۾ تبديل ٿيندو. سنڌيءَ ۾ اسمن جي آخري سر جي اهميت ان ڪري وڌيڪ آهي، جو هيءَ سر اسم جي جنس جي نشاندهي ڪري ٿو. يعني هيءَ خصوصيت Gender Maker آهي.

در اصل صورتحال ڪجهہ هن ريت آهي تہ ماتيلي

اباوڙي جي علائقي ۾ ڪيترين ئي قومن پر واري علائقي بهاولپور رياست ۽ ملتان کان اچي آباد ٿيون آهن، جيڪي ماڻهو سرائڪي ڳالهائيندا آهن، تنهن ڪري ماٺيلي – اوباوڙي جي ٻوليءَ تي سرائڪي ٻوليءَ جو اثر پئجي سگهجي ٿو. جيئن ته هيءَ خصوصيت سرائڪيءَ ۾ ڪانه آهي، تنهن ڪري اهي ذاتيون ۽ قومون جيڪي سرائڪي کان متاثر سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿيون، تن جي اُچار ۾ هي آخري "سُر" غائب ٿي ويو آهي. باقي عام طور ٻيا سڀ ماڻهو مذڪوره سُر ڪٿي اڻ لکو ته ڪٿي بلڪل چٽو اچارين ٿا. جهڙي طرح سبي علائقي جي فراڪي ۽ جغدالي محاوري ۾ اسمن جا آخري سُر آ، اِ، ۽ اُ ڪونهن، ان جو سبب ڊاڪٽر داد محمد بروهي، سبي علائقي جي ٻين مقامي ٻولين، جهڙوڪ بروهي، بلوچي، ۽ پشتو ٻولين جو اثر ڄاڻايو آهي (١۴) تهڙي طرح ماٺيلي اباوڙي جي ٻوليءَ تي به سرائڪي ٻوليءَ جو اثر قبول ڪري سگهجي ٿو، پر ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته اترادي محاوري جي سمورن نمونن ۾ مذڪوره "سُر" ڪونه آهي، يا اترادي جا لفظ ساڪن الاخر آهن.

(۴) سنڌي ٻوليءَ جي پدن جي جوڙجڪ Syllable structure به نرالي آهي "پد" ڇاجي چاڪي ٿو؟ ان ڏس ۾ پروفيسر جتوئي صاحب جي رهنمائي اسان لاءِ ڪافي آهي. جتوئي صاحب لکي ٿو:

پد هڪ آوازي لهر آهي، جا بلنديءَ جي طرف ايري ٿي ۽ هيناهينءَ تي لهي ٿي ۽ وري جڏهن بلنديءَ جي طرف ايري ٿي تڏهن ٻيو پد ٺاهي ٿي (١۵).

لفظن کي ڇيد ڪري پدن ۾ ورهائڻ لاءِ لازمي آهي، ته ڪن کان ڪم وٺي ۽ لفظن جي اکري صورت کي نه ڏسجي، آواز جي ڇتائي Sonority ئي آهي جا ڪن صوتين کي ملائي پد بنائي ٿي. سر آواز، وينجن آوازن کان وڌيڪ ڇتا آهن، جو ته ڪين اچارڻ ۾ ڪابه رنڊڪ ڪانه ٿي ٿئي، سُر اڪيلي سر يا وينجن سان ملي پد ٺاهي ٿو، وينجن پنهنجي طور ڪوبه پد ڪونه ٿو ٺاهي، مگر اڳيئن سر سان ملي هڪ پد ٺاهيندو آهي بشرطيڪ ڪائنس پوءِ سُر آواز نه اچي. جتوئي صاحب سنڌي پدن جون ستائون هن ريت ڏنيون آهن:

(نوٽ: س = ڇوٽو سر : س ڊگهو سر، و = وينجن)

١. سَ – ڊگهو سُر – آ، او وغيره.

٢. وس–هڪ وينجن هڪ ڇوٽو سر–ته، ٻه، نه، م.

٣. وسَ – هڪ وينجن هڪ ڊگهو سر – مان، تون، هو.

۴. وسَ س – هڪ وينجن هڪ ڊگهو سر ۽ هڪ ڇوٽو سر – هوءَ، مهاءُ.

۵. ووسَ – ٻه وَينجن ۽ هڪ ڊگهو سر – ٿيو، ڪيا.

٦. ووس و – ٻه وينجن هڪ ڊگهو سر ۽ هڪ وينجن – پريم، فريم، ٿيوم، قياس، ٽرين

٧. وسَ و – هڪ وينجن هڪ ڊگهو سر ۽ هڪ وينجن – ڄام، خان، ڏوم

٨. وس وو – هڪ وينجن هڪ سر ۽ ٻه وينجن – نرس، پرس، هرج.

منهنجي گذارش آهي ته هتي بحث جي ڪافي گنجائش موجود آهي. هڪ پد ۾ ٻه وينجن گڏ اچن ٿا سي ستائون نمبر ٦، ۵ ۽ ٨ ۾ آيل آهن. جن جا مثال آهن: ٿيو، ڪيا، پريم، فريم، ٿيوم، قياس، ٽرين، نرس، پرس، هرج، هنن لفظن ۾ ٿيو، ڪيا ۽ ٿيوم سنڌي ٻوليءَ جا لفظ آهن ٻيا هندي، انگريزي ۽ فارسيءَ جا دخيل Loan Words آهن. پريم ۽ فريم لفظ جڏهن سنڌيءَ ۾ آيا ته اُهي پريمُ ۽ فريمُ بنجي پيا آهن، ۽ هڪپدا نه پر ٻه پدا ٿي پيا آهن. نرس، پرس ۽ هرج به انگريزي ۽ فارسيءَ جا آهن. سنڌيءَ ۾ انهن جا اُچار نرسِ، پرسِ، ۽ هرجُ ڪيا ويندا آهن ۽ ٻه پدا لفظ تصور ڪجن ٿا.

سنڌيءَ ۾ وينجن جهڳٽا Consonant Cluster جو اڀياس دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پد جي شروع ۾ ٻه وينجن گڏ اچڻ جا مثال لڇمڻ خوبچنداڻيءَ به ڏنا آهن.

پيار، ڏياري، جياپو، نيارو، خيال، ويو، هنن مثالن کي شرف الدين اصلاحي هي چئي رَد ڪري ٿو ته "اسان جي خيال ۾ هي مثال مخلوطي "ي" جا آهن، انهن مثالن ۾ "ي" کي مستقل حرف مڃي ڪري ان کي وينجن جهڳٽي Consonant Cluster جو رڪن قرار ڏيڻ صحيح نه آهي." (١٦)

اصل ۾ مٿين مثالن ۾ ”ي“ جو آواز نيم سُر Semi Vowel طور آيو آهي، تنهن ڪري ان آواز کي مڪمل وينجن به ڪوني نه ٿو سگهجي. ”ماٿيلي - اِپاوڙي جي ٻولي“ ڪتاب ۾ شيخ محمد فاضل صاحب Consonant Cluster کي صوتي مجموعا ڪري لکيو آهي. سندس خيال ۾ اترادي محاوري ۾ ۽ ماٿيلي اپاوڙي جي ٻوليءَ ۾ صوتي مجموعن جو تعداد گهٽ آهي. هن نظريه جو بنياد ان مضروضي تي رکيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو اترادي محاورو متحرڪ الاخر زبانن جي زمري ۾ نٿو اچي (١٧).

سنڌيءَ ۾ به وينجن لفظ جي وچ ۾ اچن ٿا، تن جا مثال هن ريت آهن:

هلڪو، ڏرتي، چمڪو، مڪتب، مطلب، هي سمورا ٻه پدا لفظ آهن، جن جا پد هن طرح آهن:

هلڪو /= هل + ڪو/

ڏرتي /= ڏر + تي /

چمڪو /= چم + ڪو/

مڪتب /= مڪ + تب /

مطلب /= مط + لب /

مٿين مثالن ۾ ل، ر، م، ڪ ۽ ط مٿان جزم ڏنل آهي، يعني ساڪن آهن، جن جي پويان ڪوبه سُر ڪونه آهي، اُتي ئي پد جي حد ختم ٿئي ٿي ۽ ٻيو پد به وينجن سان اُتان شروع ٿئي ٿو ۽ سُر تي ختم ٿئي ٿو.

جيئن مثالن جو ٻه پدو هجڻ تي الانا صاحب ۽ جتوئي صاحب سهمت آهن، نه صرف ٻه پدا لفظ هجڻ تي سهمت آهن، پر پد جي اهڙي جوڙجڪ تي پڻ اتفاق ڪن ٿا. (١٨).

پروفيسر جتوئي صاحب لکي ٿو ته سنڌي پدن جي شروعات ۾ ٻه وينجن اچي سگهن ٿا، صرف هن حالت ۾ ته پهرين وينجن کان پوءِ [ي] يا [ر] يا [ڙ] آواز اچي. جهڙوڪ /مڙو/، / ڪاٺياري/ ۽ /پريتم/ ۾ ..... جتوئي صاحب پد جي سٽا لاءِ هڪ اصول پڻ وضع ڪيو آهي، سو هي آهي ته: پدن جي سٽا ۾ ٻولين جي صوتياتي مزاج کي وڏو دخل آهي. ٻين ٻولين کان اُڌارا ورتل لفظ مادري زبان جي مزاج موجب تبديل ٿيندا آهن. (١٩).

انگريزي ٻوليءَ مان ڪيترائي لفظ اسان سنڌيءَ وارن اڌارا ورتا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي پدن جي جوڙجڪ Syllable Structure سنڌيءَ کان بلڪل مختلف آهي، تنهن ڪري انگريزيءَ مان جيڪي به لفظ اسان ورتا، انهن ۾ اڳوات، پويان، يا وچ ۾ سُر ملائي پدن جي جوڙجڪ بلڪل بدلائي ڇڏي آهي. هيٺيان مثال ثابت ڪن ٿا ته سنڌيءَ ۾ ٻن وينجن جو گڏ اچڻ، سواءِ [ي، ر ۽ ڙ] جي، گهٽ ڪري محال آهي:

سنڌي	انگريزي	انگريزي
باڪَسُ	باڪس	Box
گرلسِ	گرلس	Girls
بَلَبُ	بلب	Bulb
ڪَورَٽِ	ڪورٽ	Court
پيپلَسِ	پيپلس	Peoples
اِسڪُولُ	اسڪول	School
اِسٽيشَن	اسٽيشن	Station
اِسٽَانُ	اسٽينڊ	Stand
اِسپَتالَ	هاسپيٽل	Hospital
ڪوٽُ	ڪوٽ	Coat
ڪارڊُ	ڪارڊ	Card
بُڪُ	بُڪ	Book
فِلَمَ	فلم	Film
ڪِريمِ	ڪريم	Cream

(٢٠)

سنڌي ٻولي پنهنجي دامن ۾ سوين هزارين رنگينيون ۽ دلچسپيون سمايون آهن. لفظن جي موتين جا خزانا ڀريل آهن، منجهس ڪيترائي انوکا ۽ انمول اصول ڪارفرما آهن. هن مختصر مضمون ۾ ان جي صرف چئن نرالين خاصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌي ٻولي ٻين سوين خوبين ۽ خصوصيتن سان سينگاريل آهي.

حوالا:

(١) مرليڌر جيتلي - مضمون، ”سنڌي ٻوليءَ جون

خاصيتون" ڪتاب، "سنڌالاجي" 1973ع ص ـ ٢٠

(٢) علي نواز جتوئي - علم لسان ۽ سنڌي زبان 1983ع ص - 60

(٣) مرليڌر جيٽلي - حوالو ساڳيو ڪتاب ص 20 ـ 21.

(۴) مرليڌر جيٽلي - حوالو ساڳيو ڪتاب -ص 21 - 22.

(۵) ڊاڪٽر غلام علي الانا، مضمون "سنڌي ٻوليءَ جو مزاج" ٽه ماهي مهراڻ 1979/2. ص ـ 128.

(٦) پوپٽي هيرا نندائي، پاشا شاسٽر 1962ع ص - 251.

India. (7) Grierson, G.A. Linguistic Survey of Vol VIII Part - I, P.22

(8) Trumpp. E. Grammar of Sindhi Language 1872 P-31.

(٩) ڊاڪٽر مهر عبدالحق - ملتاني زبان اور اسڪا اردو سي تعلق 1967ع ص 282

(10) Shackle, C. The Siraiki Language of Central Pakistan, A reference Grammar. 1976. P-176

(١١) ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ 1966ع. ص - 120 ۽ 280.

(١٢) داد محمد بروهي، سبيءَ جي ٻولي 1992ع. ص-35.

(١٣) شيخ محمد فاضل، ماٿيلي - اپاوڙي جي ٻولي 1993ع ص. 42 - 43.

(١۴) داد محمد بروهي، سبيءَ جي ٻولي 1992ع ص36.

(١۵) علي نواز جتوئي. علم لسان ۽ سنڌي زبان 1983ع. ص - 85

(١٦) شرف الدين اصلاحي. اردو سنڌي ڪي لساني روابط 1987ع ص. 193 فوٽ نوٽ.

(١٧) شيخ محمد فاضل. حوالو ساڳيو ڪتاب ص (45).

(١٨) ڊاڪٽر غلام علي الانا - سنڌي صورتخطي 1993ع. ص 142.

(١٩) پروفيسر علي نواز جتوئي. حوالو ساڳيو ڪتاب - ص 87.

(20) H. Akhund, Inflence of Eughih on Sindhi Language SOAS London Univerity 1989. Mss.

ٺٽي ضلعي مان دريافت ٿيل قديم تحرير جو مُطالعاتي جائزو

حافظ حبيب سنڌي

دنيا جي مُتمدن تهذيبن ۾ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب به پنهنجو الڳ مقام رکي ٿي، ۽ اسان جي محققن، تاريخدانن ۽ آثارِ قديم جي ماهرن اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌوءَ جي تهذيب به دنيا جي مهذب ترين تهذيبن مان هڪ آهي. سنڌ جو جُدا ڪلچر، تهذيب و ثقافت ۽ ٻولي اِهو ٻڌائي ٿو ته هيءَ خطو قديم دور ۾ به هر لحاظ کان مُهذب رهيو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جا آثارِ قديم عالمي ماهرن جي تحقيق بعد "عالمي ورثي" ۾ شُمار ڪيا ويا آهن.

دنيا جي قديم تهذيبن وانگيان سنڌو ماٿريءَ ۾ به مختلف نالن سان ڪيترائي خط (رسم الخط) خط مشهور رهيا. جن تي مختلف نالا رکيل هئا. اهڙيءَ طرح سنڌو ماٿريءَ جي مختلف هنڌن ماڳن ۾ به ڪي تحريري خط مشهور ۽ مروج هئا جن تي نالا به اُنهن هنڌن ماڳن يا اُتي جي مشهور قبيلن جي ڪري رکيل هئا.

دنيا جي مشهور تحريري خطن جو ذڪر ڪندي مرحوم مولائي شيدائي پنهنجي مشهور تصنيف "تاريخ تمدن - سنڌ" ۾ اُنهن خطن جا نالا هن طرح لکيا آهن .
"خط هيرو غليفي ۽ خط ڪَرسيو، خط حميري، عاد قوم جو خط، خط ميخي يا پَيڪاني، قديم عبراني، پوئين عبراني، قديم يوناني، خط فنيقي يا آرامي، آسوڪا جي ڪتبي تان ورتل خط خَروشطي ۽ موهن جي دڙي جو خط وغيره" (1)

دنيا جي انهن 9 قديم خطن ۾ 10 ڏهون خط موهن جي دڙي جو شمار ڪري مرحوم شيدائيءَ لکيو آهي. ليڪن انهيءَ کان سواءِ واديءَ سنڌ ۾ قديم دور اندر الاءِ ڪيترا رسم الخط موجود هئا؟! پر پوئين دور ۾ عَرب سياحن جي سفر نامن ۾ لکتن مان پتو لڳي ٿو ته نائين ۽ ڏهين صدي عيسوي دوران به ڪيترائي رسم الخط مروج هئا، انهن سياحن ۽ ماهرن ۾ سڀ کان پهرين جاحظ (864ع) (2) پوءِ

اصطخري، (951ع) (3) مسعودي (957ع) (4) ابن حوقل (245 هـ ./ 956ع) (5) پوءِ بشاري مقدسي (958ع). (6) ابن نديم (985) (7) ۽ پوءِ البيروني (1017ع کان 1030ع) پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ تذڪرن ۾. ان وقت جي ماڻهن جي حالت ثقافتي ۽ سماجي پهلوئن، وڻج واپار ۽ ٻوليءَ لاءِ مُستعمل رسم الخط جو ذڪر ڪيو آهي. (2) ابن نديم لکي ٿو تہ "سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب مختلف آهن ۽ رسم الخط بہ گھڻائي آهن، هتي جا تقريباً ٻہ سو رسم الخط آهن، سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن، (3) ليڪن جاحظ، ابن نديم ۽ البيرونيءَ جي دور کان پوءِ بہ تقريباً چوڏهن رسم الخط موجود هئا. جن ۾ لوهاڻڪو خط، ڀاٽيا رسم الخط، لاڙائي خط، راجائي خط، ميمڻڪو خط، خواجڪو خط، ڏاڪڻي لهندا، لنڊو يا واڻڪو، ونگائي، خدوادي (خُدا آبادي)، سيوهاڻي، ٺاٺڙڪو، شڪارپوري، ساڪرو ۽ گرمکي، قابل ذڪر آهن. ليڪن تاريخ مان پتو پوي ٿو تہ اڳين زماني ۾ ٿَري طرف 6 ڪن خطَ رائج العمل هئا، انهن ۾ لوهاڻڪو، ڀاٽيا، لاڙائي، راجائي، ميمڻڪو ۽ خواجڪو خط جا نالا ملي سگهيا آهن.

البيرونيءَ پنهنجي سفر نامي ۾ ڏاکڻي سنڌ ۾ ڪاري واري خطي تائين رائج خط کي "مالوشائو" لکيو ۽ هو لکي ٿو تہ ان کي "مارواڙي خط" بہ چئبو آهي، جڏهن تہ "بَهمنوا" (المنصوره) ۾ "سَيَندوَ" رسم الخط جو ذڪر ڪري ٿو، ۽ سچي لاڙ بابت "لاڙي خَطَ" جو رائج هجڻ ثابت ڪري ٿو. علاوه ازين، اِردَ ناگري، ۽ ڀاٽيا خطن کي سنڌ جي ڪن حصن ۾ رائج ڏيکاري ٿو. (4)

سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي صورتخطي" ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن جي راءِ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ "البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب "ڪتاب الهند" ۾ ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020ع - 1030ع واري عرصي ۾ سنڌ اندر رائج هيون. ڀاٽيہ جيلسمير ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن يعني جيلسمير واري سرحد لڳ سنڌ جي ايرنديڻ ڀاڱن ۾ اڌ - اکري ناگري، هلندڙ هئي. انهيءَ مان ڀائنجي ٿو تہ اندازاً موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي ايرنديڻ ڀاڱن ۾ اڌ - اکري ناگري، هلندڙ هئي، سامونڊي ڪناري يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي (غالباً ڪڪرالي پرڳڻي) ۾ مَلقاري رسم الخط رائج هو (5)

مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ سنڌ جي ڏاکڻين حصي ڪاري واري علائقي اندر قديم دور ۾ "مالوشائو خط مُروج هو ۽ وري ٻئي حوالي مان پتو لڳي ٿو تہ ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻين علائقي ۾ "مَلقاري" خط رائج هو. مٿين ٻنهي حوالن مان خبر پوي ٿي تہ موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي خطي ۾ اهي خَطَ ڪنهن سَمي ۾ رائج هئا. ليڪن ڪاري جو جيستائين تعلق آهي تہ اُن لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هن طرف يعني" ڪڪرالي "رياست ۾ ممڪن آهي تہ "مالوشائو" خط قديم دور ۾ رائج هجي، پَرَهتان جي آثارن مان جيڪي سڪا مليا آهن، انهن تي اڪثر ڪري "ديو ناگري" خط ۾ تحرير اُڪريل آهي. البتہ ڪڪرالي رياست جي اُترئين اولهہ ۾ جيڪي حصا اچن ٿا اُهي ٺٽي، ديبل ۽ ڀنڀور کي تقريباً ويجهو لڳن ٿا، اُتي شايد اڳين زماني ۾ مَلقاري يا ٻَلقاري خط مروج هو. جو تہ هُتان (بُرهان پور - لڳ اپلاٽڪي) بہ اسان کي جيڪي سڪا ملن ٿا اُنهن تي عربي يا سُرياني خط وانگيان نامعلوم تحرير اُڀريل آهي. جنهن مان اهو پتو ڪونہ ٿو لڳي تہ اهو خط مَلقاري يا ٻَلقاري هجي......! پَر اڄائي تو لاڪن وزني انهيءَ ڪَنڊن واري سڪي تي عربي يا ان جي هم شڪل زبان ۾ هڪ طرف "ٻَلقہ" ۽ ٻئي پاسي "غل" اُڪريل نظر اچي ٿو. انهيءَ سڪي بابت هڪڙن جو خيال آهي تہ اهو وَٽَ (توراڙو) آهي جو تہ پويان "غل" لکيل آهي ۽ ان مان مراد آهي "غلہ" يعني اَن وغيره، ۽ ٻين جو خيال اهو آهي تہ اِهو توراڙو نہ بَلڪہ سڪو آهي ۽ اُهو بہ بي بي بلقيس جي زماني جو هجي. اها راءِ ان ڪري بہ قائم ڪئي ويئي آهي جو اهو "ٻَلقہ" لفظ بلقيس جو مُخفف آهي، والله اعلم بالصواب.

بهرحال ٻَلقاري خَط واسطي وري ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پنهنجي ڪتاب، سنڌي صورتخطي (ص 83) ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي راءِ ۽ حوالي سان رقم طراز آهي تہ تاريخي اعتبار سان درياءَ (سنڌو دريا) کان اولهہ طرف ميرپور ساڪري واري علائقي ۾ آڳاٽي وقت کان "نگامرا" قوم آباد هئي (۽ اڄ بہ انهن جو وجود آهي) ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جي صورتخطي "نگامري" ڏانهن هجي، ليڪن ڊاڪٽر الانا گهڻي معذرت سان مٿين راءِ سان متفق نہ آهي. بهرڪيف! اهو تہ ثابت ٿي چڪو آهي تہ هن علائقي

(ٺٽي ضلعي اندر) ۾ (2) رسم الخط رائج هئا. ليڪن تاريخي طور اِها ۾ پڪي خبر نہ آهي تہ اُهي رسم الخط ڪهڙي قومن (يا ڪنهن هڪ قوم) جا هئا؟.

هتي ذڪر جڏهن ٺٽي ضلعي ۽ ان جي ڀرپاسي واري علائقن جي ٻوليءَ جو ڪيو ويو آهي، تہ ان لاءِ تاريخ جي ڪتابن اندر ۽ ٻوليءَ جي موضوع سان واسطو رکندڙ ڪتابن ۾ صرف پنهور مان لڌل نڪرين تي اُڪريل تحرير جو پتو پوي ٿو ۽ ليکڪ ان کي "اردنا ناگري"، تحرير سڏين ٿا. انهي اردناگري رسم الخط جي مشابهت بلڪل هندي اکرن سان ملي ٿي. اِنهيءَ تحرير جو نمونو محققن هن طرح پيش ڪيو آهي: " " اهو رسم الخط سنڌ جي ٻين خطن ۾ بہ لڀي ٿو. ليڪن انهيءَ جو زمانو ايترو قديم نہ آهي، پنهور کان سواءِ ٺٽي ضلعي جي، "ترڙيءَ واري مڪان"، مان تازو جيڪو ڪتبو مليو آهي، اُنهيءَ جو انداز تہ ساڳيو قديم تحريرن ۽ خطن وارو آهي پرَ لفظن جي بيهڪ بلڪل نرالي نظر اچي ٿي، اهي آثارَ ۽ ڪتبو پهريون ڀيرو راقم الحروف 15 مئي 1990ع تي ڏٺا جنهن مان اها تحرير حاصل ٿي ۽ ٻيو ڀيرو 2 جولاءِ 1993ع تي ساڳئي تحرير جو باقاعدہ مطالعو ڪيو ويو. گول ڪتبي تي ٽلهن اکرن ۾ اُڪريل انهيءَ تحرير جو اهو ڪتبو، ديهہ ترڙي تپو گجو تعلقو ميرپور ساڪرو ۾ گجو شهر جي ڪاڇيل طرف، مشهور بزرگ ۽ تابعي ربيع بن صبيح (جنهن کي عُرف عام ۾ "شيخ ترابي چوندا آهن) جي قبرستان لڳ، (قديم تاريخي آثار- ترڙيءَ وارو قلعو)، جي آثارن ۾ واقع هڪ هنڌ لڌو ويو آهي. هن ڪتبي ۾ ڪل 12 اکر تحرير ٿيل آهن. انهي جي پٿر تي اُکر بہ اُگر جهڙي ٽلهي آهي.

الف: "ترڙيءَ واري ڪتبي جي تحرير جو نمونو".



ب: "تحرير جو لفظ وار جائزو".

مٿين تحرير جملي (12) لفظن يا اکرن جو لفظ وار جائزو وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن تحرير جو هر اکر دُنيا جي ڪهڙين ڪهڙين تهذيب يافتہ قديم خطن سان مشابهت رکي ٿو ؟ هن تحرير جا لفظ ڪهڙي ڪان سڃي طرف لکيل معلوم ٿين ٿا.

(1) هن قديم تحرير جو پهريون لفظ انگريزي اکر "زيڊ" وانگيان لکيل آهي اِن جي صورت "ح" آهي، هن اکر جهڙو هڪ اکر قديم تحرير تبيتي يا آرامي خَط جي اکر سان مشابهت رکي ٿو ۽ يونانيءَ ۾ بہ ملي ٿو.

(2) هن تحرير جو ٻيو نمبر اکر "Z" آهي. هن جي بہ بظاهر شڪل انگريزي جي "زيڊ" مثل آهي، پرَ هن جهڙو هڪ حرف "قديم عبراني" خَطَ ۾ ٿورڙي مشابهت سان اچي ٿو، جنهن جي شڪل هن طرح ملي سگهي آهي. "y" اِهو اکر وري انگريزي لفظ "واءِ" سان هڪ جهڙائي رکي ٿو.

(3) ترڙيءَ واري ڪتبي جو ٽيون حرف " " آهي اهو دريءَ "خَط حُميري"، جي قديم تحرير ۾ ٿورڙي فرق سان ملي ٿو، جيڪو هن طرح " " آهي هن کي رکو پٺتيءَ وانگيان" ۾ " اَٽيون ڪونهي، هن اکر جي شڪل بہ انگريزي انگ نائين (9) سان همشڪل لڳي ٿي.

(4) ترڙيءَ واري تحرير جي چوٿين نمبر حرف جي شڪل هن طرح آهي، " " هيءَ اکر بہ قديم خَط حُميريءَ ۾ ٿوري تفريق سان ملي ٿو. ليڪن اُن ۾ هن اکر وانگر تہ ڪَندو ٽڪو "ۓ" موجود نہ آهي ۽ اِنهيءَ ٽڪي مان اِهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ غالبا اهو اکر نقطي وارو آهي.

(5) هنِ قديم نامعلوم تحرير جو پنجون نمبر حرف " " آهي انهيءَ طرح جو هڪ اکر قديم خط عبرانيءَ ۾ ملي ٿو ليڪن ان ۾ چئن خانن جي بجاءِ اڍيا يا پاسيرا هن طرح ۾ اکر آيل آهن." "، ان کان سواءِ اهڙي قسم جا بہ اکر گول دائري جي صورت ۾ "قديم يونانيءَ ۾ بہ ملن ٿا "⊗" ۽ " ⊕ " خطن جي تحرير جي هڪ جهڙائي ۽ ترڙيءَ واري ڪتبي جي تحرير جي اکرن جي مشابهت اهو ٻڌائي ٿي تہ قديم دور ۾ ٻين خطن جو جڏهن رواج هو، تڏهن ترڙي واري تحرير جو وجود بہ موجود هو ۽ انهن جملي قديم خطن جو باهم رابطو ۽ اثر بہ معلوم ٿئي ٿو.

(6) هن قديم تحرير جو ڇهون حرف " " آهي ان جي شڪل انگريزي انگ (7) وانگر آهي، پرَ اُتي نموني، هيءَ اکر وري قديم خط "خرو شتي آسوڪا" جي ڪتبي واري تحرير مان هڪ اکر " " سان مماثلت رکي ٿو.

(7) ترڙيءَ واري ڪتبي جي تحرير جو ستون اکر " "

آهي انَ طرح جو هڪ اکر ٿورو پاسيرو " … " قديم "خط هيرو غليفي" ۽ "خط ڪرسيو" ۾ به ملي ٿو. پَرَ انهن جي پڇاڙيءَ ۾ جو نشان يا آڏي ڪانءُ ٿي ملي. ليڪن اِنهيءَ جهڙو هڪ اکر "موهن جي دڙي" واري تحرير ۾ موجود آهي، پَرَ ان کي پاسن کان ميڇيءَ وانگر پَرَ آهن. اِهڙي طرح جا به اکر ملن ٿا … ۽ … يعني هڪ اُبتو ۽ ٻيو سُبتو اکر آيل آهي. اهڙو اکر پانڪي تحرير ۾ به ملي ٿو.

(8) ترڙيءَ واري ڪتبي جو آٺون اکر "…" آهي جي اکر انگريزي حرف "جي" ۽ ڪجهه قدر "ٽِي" (T) سان به هڪ جهڙائي رکي ٿو. انهيءَ اکر جهڙو ٻيو ڪو اکر قديم تهذيبن واري تحرير ۾ ڪونهي. ليڪن سواءِ هڪ قديم خط خروشتي يا آرامي خط" ۾ جيڪو هن طرح " … " آهي ۽ اهو به انگريزي اکر "T" ٽي سان مشابهت رکي ٿو، چو ته انهيءَ اکر کي جيڪڏهن سُبتو ڪبو ته "T" ٽي پوندو.

(9) ترڙيءَ واري ڪتبي جو نائون اکر " / " آهي، جيڪو قديم عبراني خط ۾ پڻ ملي ٿو، ان کان سواءِ پوئين عبراني ۽ قديم يُوناني خط ۾ به اهڙا اکر ملن ٿا.

(10) مذڪوره قديم تحرير جو ڏهون اکر ڏاڍو عجيب و غريب شڪل وارو آهي، جنهنجي صورت هن طرح آهي " … " اِنهيءَ طرح جو ڪوبه اکر مذڪوره سيني قديم تحريرن ۾ ڪونه ٿو ملي. سواءِ جپاني ۽ چيني لکتن جي ۽ اهو ممڪن آهي ته ان طرح جا اکر قديم "هندي زبان" جي تحريرن يا پانڪي خط ۾ ملن، يا اهو به ممڪن هجي ته اِهو اکر قديم سنڌي زبان ۾ هجي يا بگڙيل صورتخطيءَ ۾ هجي.

(11) ترڙيءَ واري ڪتبي جو يارهون اکر " … " ته ڪُنڊي صورت ۾ آهي، هن جهڙو اکر قديم ۽ پوئين عبراني ۾ به ملي ٿو.

(12) ترڙيءَ واري ڪتبي جو آخري ۽ 12 لفظ به ڏهين لفظ وانگيان عجيب و غريب صورت و شڪل وارو آهي. ان جي صورت هن طرح آهي " … " انهيءَ شڪل وارو لفظ قديم خطن مان ڪنهن به هڪ خط ۾ ڪونه ٿو ملي. البته جپاني ۽ چيني ٻولين جي تحريرن ۾ ان سان همشڪل اکر ملن ٿا.

ترڙيءَ واري ڪتبي جي هيءَ قديم تحرير دنيا جي ٻين خطن مثلاً: خط هيرو غليفيءَ ۽ ڪَرسيو- خط حُميري، عاد قوم جو خط، خط ميخي يا پيڪاني، قديم ۽ جديد عبراني، خط فنيقي يا آرامي، آسوڪا جي ڪتبي تان ورتل خط خروشتي ۽ موهن جي دڙي واري خط مان يوناني، قديم ۽ پوئين عبراني، خط حُميري فنيقي، خروشتي، هيروغليفي ۽ موهن جي دڙي مان لڌل تحرير کان سواءِ هن ڪتبي جا ڪي اکر "پانڪي تحرير" سان به ملن ٿا. انهن اکرن جي ٻين تحريرن جيان اها خبر ڪانه پئجي سگهي آهي، ته انهيءَ نامعلوم تحرير جو ڪهڙو لفظ يا اکر موجوده الف- بي ۾ ڪهڙي جڳهه والاري ٿو؟ جيئنءَ موهن جي دڙي واري تحرير بابت کوجنائون ڪيون ويون آهن، تيئن هن نامعلوم تحرير لاءِ به کوجنا ڪئي وڃي، جهڙيءَ طرح مرحوم مولائي شيدائي موهن جي دڙي واري تحرير کي هيرو غليفي خط مان نڪتل ڏيکاري ٿو (6) ۽ ممڪن آهي ته هيءَ تحرير به ڪنهن اهڙي ئي قديم خط مان نڪتل هجي، انهيءَ لاءِ هن مضمون ذريعي سنڌيالوجيءَ جي محققن صاحبن کي التجا آهي ته مهرباني فرمائي هو صاحب هن خط سان ماڻهو کي متعارف ڪرائين، جيئن هن نئين تحرير مان آگاهي حاصل ڪري سگهجي.

حوالا:

1) تاريخ تمدن سنڌ، مصنف مولائي شيدائي 20-21.

2) سنڌي صورتخطي مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 44-45.

3) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 152.

4) سنڌي صورتخطي مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 45 ۽ ايضا بحوالہ لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ غلام علي الانا ص 152.

5) سنڌي صورتخطي مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا ص 46.

5) (بحوالہ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ص 47-85 از ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب).

6) تاريخ تمدن سنڌ مصنف مولائي شيدائي ص 23.

لطيف جي شاعريءَ ۾ ڏٿ جو ذڪر

مانجهي

ٿر سنڌ جو هڪ اهڙو رومانوي لڳاءُ سان ڀرپور علائقو آهي، جتي ڪائنات جي سُونهن جي ديوي سچائيءَ جي وَرِڪا ڪندي آهي، ڪڏهن خوشيءَ مان رقص ڪندي آهي، ته ڪڏهن اداس گيت جُهونگاريندي آهي.

ٿر ڏڪن ۽ سُڪن جو هڪ گڏيل نمونو آهي. اسان جي ذهن تي جڏهن به ٿر جو نالو اچي ٿو ته ڪيترن ئي قصن، ڪهاڻين، محبتن، وصال، وڇوڙن، ماڳن، ڌڻن، ڏٿن، تلائن ۽ تشبيهن جا تاڪا کلي ٿا پون. ٻَرٽي بهارَ کان ويندي خزان تائين جو سفر طئي ڪندي محسوس ٿئي ٿو. اهو سڀ ڪجهه محسوس ٿيندي ئي مارئيءَ جو پُرنور نالو ذهن تي اچي ٿو ۽ انهيءَ جي نجهٽي جو ذڪر ٿيندي ئي ڀهرين ميين عنات رضويءَ جي شاعري ذهن جي اُڀ تي باک ڦٽيءَ جيان اُڀري ٿي ۽ پوءِ لطيف جي شاعريءَ جا ڪرڻا.

لطيف جي شاعريءَ جي سِٽَ سِٽَ مان ٿر جي وٽن، ولين ۽ گلن ڦلن جي سُرهاڻ اٿي ذهن کي واسي ٿي ڇڏي. لطيف سچي ٿر ۽ ٿر جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ، جاگرافيائيءَ حالتن جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو ۽ ويس، وڙاءُ، تراين، ٽڙن، گس، گهيڙن، ٻيٽن، گيٽن، ڏِٽن ۽ ڏٿ جو مشاهدو ڪيو. هونءَ ته هي سُر گهٽن ئي لحاظن سان تمام گهڻو اپياس گهري ٿو، پر هتي منهنجو موضوع فقط ٿر ۾ ٿيندڙ انهيءَ ڏٿ جو ذڪر ڪرڻو آهي، جنهن تي ٿري ماڻهن جو گذر آهي ۽ جن کي لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ سموئي سونهن بخشي. هن سُر ۽ سُر ۾ ڏٿ ۽ انهيءَ جي انتهائي ضرورت کي سمجهڻ لاءِ اڄ کان اٺ سئو سال پوئتي موٽي ماضيءَ جي اونداهين ۾ عنات رضوي يا لطيف جي شاعريءَ جي ڪرڻن جي روشني کڻي گهورڻو پوندو.

ٿر وسندي ئي منجهس سُکَ ۽ سُونهن جي ديويءَ جون جوڀن ڀريون ڇاتيون ٽڙڻ ۽ ٽمڻ لڳنديون آهن. ٿر جيڪو هونءَ ته بَرُ آهي، پر وسندي ئي مَهڪي ۽ ٻهڪي پوندو آهي، پٽن، ڀَرن، ٻوٽن، پٽن ۽ ڌرن ۾ فطرت ڦوهه جوان ٿي سائي شال اوڏي مُرڪندي پاٻوهيندي آهي.

پنوهارن پاٻوهيو، ڪي وسَ واهوندن

وَني ڪانَ پوءِ ٿر سچ ڀچ گلاب تي پوندو آهي ۽ ٿر جون ٻٽون ڪنهن وينگس جي موهيڙن هاٿن ڳلن جهَڙيون ٿي پونديون آهن، ٿر ڪنهن شاعر جي رنگين تصور جهڙو ٿي پوندو آهي ۽ ڪائنات سندس سُونهن سامهون جُهڪي پوندي آهي، سجدا ڪندي آهي. هونءَ ته ٿر ۾ ڪيترائي اهڙا گل ٻوٽا ٿيندا آهن، جيڪي سراپا سُونهن آهن، پَر ڏٿ جو ذڪر ٿيندي ئي محبوب جي ڦوهه جوانيءَ جي انگ انگ جو سواد محسوس ٿيندو آهي.

وني ڪان پوءِ سڄي ٿر ۾ ڪيترائي وڻ، وليون، گاهه، گل، ٻوٽا وغيره اُپرندا آهن جن جا گل، گونچ يا انهن جو ڦل (انَ) ڪاڄ طور ڪتب آڻبو آهي انهيءَ (سيڱي شين) کي ڏٿ چئبو آهي.

آٽين ۽ چاڙهين، ڏُٿ ڏهاٽي سومرا،
سَتا ڪيو سومرا، سائون سُڪائين،
منجهان لنب لطيف چي، چانُر ڪيو چاڙهين.
ٻُلاءُ نه پاڙين، عمر آراڙي سين.

انهيءَ ڏُٿ سان ٿر جي ٻاڙي ٻاڙي ٻهڪي پوندي آهي. انگريز جڏهن ٿر ۾ آيو ته ڪيڏو نه سچ چيو هئائين.

ٿري ماڻهو جي گذر جو وڏو وسيلو ڏُٿ آهي وني ڪانپوءِ گل، ٻوٽا اُپرندي ئي ماٻون، مَرد، ٻار ۽ ٻُڍا ڀَهَري پوندا آهن ۽ پوءِ.

متن ٽپڪ ٽپڪڙا، چڪندڙا اچن،
ڪُڙيون ڪيهه ڀڪليون، پَکهر سر پيرن،
اي وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

ٿر سدا ابر آسري هوندو آهي، ٿورو اَبر جي مُنهن موڙڻ جي ڪري ڏُڪار ڏند ڏيکاريندو آهي، ڌرتي به آرٽي ٿي پوندي آهي، ۽ سندن گذر جو وسيلو چوپايو مال به سندن اکين اڳيان مرڻ لڳندو آهي. ڪوهن جون ڪُکيون سُکي وينديون آهن، ڪو آن ڪٽو به باقي نه بچندو آهي ۽ ڪيڏيون به دلچسپ ڳالهيون ٻارن ۽ ٻڍن جا پيٽ ڀري نه سگهنديون آهن، تڏهن وري سُڪائي رکيل ڏُٿ ئي ٿري انسانَ جو سات ڏيئي سگهندو آهي.

ٿوري ڦوٽَ ڦرار يا رهن سڀرسَت

كٿيءَ ۾ كيهه پكليا، پوٺن اهڙن پت
پهنوارڪي پَٽ، پيهي پيچ ملير ۾.

انهيءَ ذات جو لطيف پنهنجي شاعري ۾ ذكر تمام گهڻن بيتن ۾ ڪري امرتا بخشي آهي. جنهن مان ئي لطيف جي بنهه گهري مطالعي ۽ مشاهدي جي پروڙ پئي ٿي. هتي انهن ذاتن جا نالا ۽ وضاحتون پيش ڪجن ٿيون، جن ڪي لطيف شاعريءَ ۾ ڪتب آندو آهي. (توڙي جو انهن كان سواءِ ٻيا به قسم آهن) انهن ذاتن جو لطيف مادي ضرورت كان ويندي سُونهن جو ذكر پڻ اهڙي نموني ڪيو آهي، جنهن مان انهن جي ضرورت جو پتو پئي ٿو.

ساڳ: ٿر ۾ وڻي كان پوءِ جَهرن جهنگن، پوٺن، پٽن ۽ ڏهرن ۾ ٿيندڙ آهي سمورا گل، ٻوٽا، وَڻ، وَليون ۽ گاهه جن جي پَنن، گونچن، ڦلن يا پاڙن ڪي پاڄيءَ طور ڪتب آڻبو آهي، انهن ڪي ساڳ چئبو آهي. ٿرين وٽ ساڳ جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ٻيون پوكيءَ واريون ڀاڄيون وغيره نه هئڻ جي برابر ٿين. ساڳ تمام گهڻو ذائقيدار ۽ هاضميدار ٿيندا آهن.

لطيف سائينءَ انهن سيني ساڳن جو ذكر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ سُگند ۽ سواد سمايو آهي.

ويندي وطن سامُهين، ملير منهنجو ماڳ
ڏُٿ چُڻيندي ڏيهه ۾، ساڻ سرتين ساڳ
ته مون سئون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ور ڪي.

گولاڙو: گولاڙو هڪ وَل آهي، جيڪا وڻن جي ويجهڙ ۾ ٿيندي آهي ۽ وڻي كان پوءِ آيرندي ئي وڻن تي چڙهي والار ڪندي ويندي آهي. هن ۾ هڪ ڦل جمونءَ كان ٿورو وڏو ٿيندو آهي، جنهن ڪي گول چئبو آهي. گول ڪچي (سائي رنگ) هوندي آهي ته انهيءَ مان ڀاڄي تيار ڪبي آهي ۽ پچي وڃڻ كان پوءِ گول گهري ڳاڙهي رنگ جي ٿيندي آهي ته ميوو ڪري كائبي آهي. هي ميوو (گول) تمام نرم تمام مٺو ۽ تڏو هوندو آهي. نه فقط كائڻ ۾ گول لذيذ ٿيندي آهي، پر پيٽ جي گرمائش به ختم ڪندي آهي. وڻن تي گولاڙي جي والار ۽ منجهس گولن جو منظر ڏاڍو سهڻو هوندو آهي.

لطيف گولاڙي ۽ انهيءَ سان مارو ماڻهن جي وابستگيءَ جو ذكر ڏاڍي سهڻي نموني سان ڪيو آهي.

وَر سي وَطن جائيون، صحرا سَتر جن
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ اباڻن
ويڙهيا گهمن وَلڙين، جهانگي منجهه جهنگن
مُنكي ماروئڙن، سُڄَ ڳَٽائي سيج ۾.

۽ ٻي هنڌ چيو آهي:

گولون گولاڙن جون، جَهي ساڻ جَهتيندي.

يا هيئين بيت ۾ كيڏي نه خلوص ۽ بنهه اَتاهين پنڌڻ جو ذكر ڪندي چوي ٿو:

سَنهي سُئيءَ سبيو مون مارو سين ساهه
ويني ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه
هينئون منهنجو هُت ٿيو، هت مٽي ۽ ماهه
پكن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

ساڏوئي: اها چار (ڪِٻڙ) ٿر ۾ ٿئي ٿي، منجهس مُند موجب مَڪ ۽ پيرون (پنجن مختلف رنگن جا) جام ٿيندا آهن، هي ميوو ڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. ٿري ماڻهو نه فقط مند ۾ كائڻ پر پيرون سُڪائي رکندا آهن، جن کي "ڪوڪڙ"چئبو آهي، جيڪي ڪاڏي جي كوٽ مهل كائبا آهن، تازن پيرن ۽ مَڪَ ڪي رڌي ان مان چاش ٺاهي رکبي آهي، جيڪا ضرورت وقت مناڻ طور پَٽ وغيره ۾ وجهي كائيندا آهن. پيرن جي چاش وارو پَٽ پيٽ جي جيوڙن (ڏَر) كي ختم ڪندو آهي.

لطيف ساڏوهي، ڪِٻڙ، مَڪَ، پيرن ۽ ڪوكڙ جو ذكر مختلف بيتن ۾ ڪيو آهي.

جي ڪرڙ، ڪتا ۽ كاهيون، پال، پَڪا پَڪ
سُرهيون سي سرتيون جي حاضر پاسي حق
ماٺيان شال ملير ۾، مُندائتي مَڪَ
كينكاريان خلق، جا ٿر جائي ٿوهرين

۽ ٻي هنڌ ڪِٻڙ جو ذكر ڪندي چوي ٿو:

ڪارا ڪِٻڙ ڏيهه ۾، ٻيا واريءَ منجهه وَٽاڻ
ساٿين ڪي سيد چي، پريو ڏين پاڻ
عمر اِيَ اُماڻ، ثابت رکج سومرا.

وري ٻي هنڌ لطيف، مارئي جي ساڏوهين واري سڪ هيئن ڏيكاري ٿو:

حقاٿو هُت ٿيو، آئون هت بنديائي،
ساري ساڏوهين ڪي ڪونين ڪومائي،

لڳين لوهہ لطيف چي، ويٺس وساٽي،
مُنڊ ماروءَ جي نہ لهي، ڪپت ڪجاٽي
سَمن سجاٽي، اُتي آهہ اُنَ سِين.

هنن سيني بيتن مان واضح آهي تہ لطيف وٽ هنن شين جي ڪيڏي نہ گهڻي اهميت آهي.

مون سين ماروئڙيون، ڪهڙيءَ ڙيت رُسنديون،
چوليءَ ۾ چيڙهہ پيو، پيہ رَت ڇَيون،
نيٺين نند وهہ ٿي، ساري ساڏوهيون
هتي جي هُيون تہ سُڌ پَين سيل جي.

يا هتي مَڪ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

ماروئن سين ماٽيان شال مُندائتي مڪَ

يا

پَڪا پهنوارن ڏي ميوا، مجر، مَڪ

لطيف جي اک ٿري ماڻهن جي نظر سان ئي انهن شين کي ڏٺو آهي.

چٽڪن اندر چت، سانبيڙا ساڏوهيون،

پي هنڌ مارئي قيد ۾ بہ ڪيئن نہ هنن شين ڪي ساري ٿي:

ساڏوهيون ۽ سرتيون، هيئين منجهہ هُرن

هيئين بيت ۾ لطيف ڪيڏو نہ ٿري ماڻهن جي من ۾ پيهي ستون آنديون آهن:

تن ساڏوهين سَڏَ مران، ڏنگا جنين ڏارَ
پُٽي سانڻ پتار، پائر پيرون چونديان.

هيئين وائيءَ ۾ لطيف پيرن جو ذڪر ڪيئن نہ پرينءَ جي حوالي سان ڪيو آهي.

پيرون چُنديندِيس پرينءَ سين ڪانبو ڪانبي وَٽ
آئون جا ڪرڙ ڪپور نہ مَٽيان

۽ سُڪائي رکيل پيرن "ڪوڪڙ" جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

"ڪوڪڙ" ڪنڊيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪَ پَريندي
ڏيهہ ڏاڏاٽين پڪڙين.

ڪرڙ: - ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ ننڍو وڻ جيڪو وَڻي ڪان پوءِ سائو ٿي ڳاڙها گل جهليندو آهي ۽ ڏاڍو خوبصورت ٿي پوندو آهي، جن جي گلن کي "پُسي" چئبو آهي، جيڪا پَٽَ ۾ رڌي کائبي آهي، سُڪائي بہ رکندا آهن، جن کي پيٽ جي دوا طور بہ ڪتب آڻبو آهي. ڪرڙ جو ڦَل پيرن کان ٿورو وڏو ٿيندو آهي. ڪچو (سائو رنگ) پاچيءَ طور استعمال ڪبو آهي ڳاڙها ٿيڻ کان پوءِ ميوي طور بہ کائجن تہ پَٽَ ۾ بہ رڌي کائبا آهن، سُڪل دوائن ۾ بہ گهڻو ڪم اچن، ڏونرن جو سانڌاڻو (آچار) بہ ٿري ماڻهو ڻامي رکندا آهن، جيڪو نہ فقط لذيذ هوندو آهي، پر سڄو سال خراب بہ نہ ٿيندو آهي، تنهنڪري سارو سال کائبو رهبو آهي.

لطيف ڪرڙ ۽ منجهس ٿيندڙ پُسي ۽ ڏونرن جو ذڪر ڏاڍي رومانوي انداز سان ڪيو آهي:

تن وَهين ويڙهيچن ۾، سدائين سُڪارُ
چُنديو آٿيو چاڙهيون، سندو ڏونري ڏارُ
جن جو ويڙن سين واپارُ، سي ڏوٿي هون نہ ڏُبرا.

۽ لطيف چئي ٿو تہ انهن گلن يا ڏٿ تي کابہ جَهل پَل راڻر (محصول) وغيره نہ هوندو آهي. انهيءَ سُونهن ۽ سَچ جي کابہ قيمت نہ آهي:

نڪا جهل نہ پل، نڪو راڻر ڏيهہ ۾
آٿيو وجهن آهرين روڙيو رَتا گُل
مارو پاڻ آمل، مليرونِ مَرڪٽو

يا

وَليون وڻ ڦلاريا، ڪرڙ پَڪا ڪي ڪي

مارو ماڻهن وٽ ڏٿ جي ٻين کاڌن کان وڌيڪ اهميت آهي، لطيف جي نظر ۾ انهن جو نہ هئڻ يا انهن کان پري هئڻ جيئڻ نہ جيئڻ جهڙو آهي ۽ اهڙي ڪيفيت ۾ ڏونرن جي سار.

نڪي ڏونرا ڏيهہ ۾، نہ سرتيون نہ سير
هڪ ڪوٽين ڪُني آهيان، ٻيا زوراور زنجير
ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان، مارو ساريو مير
هانگامن حمير، منهن جو جيءَ جَڏوڪيو.

۽ وٽس ڪرڙ ڪپور کان وڌيڪ بهتر آهي:

اُنَ نہ مٽيان پَٽَ، آءُ جا ڪرڙ ڪپور نہ مٽيان.

يا

پُسي کائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏن ڏيندي،

۽ ٻي هنڌ چوي ٿو:

ساڪيئن کائي ڪارڪون، جنهن کي ڏونرا ڏيج ڏنائون

لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ فقط انهن وڻن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ ڏٿ ٿئي ٿو، پر انهن ۾ ٿيندڙ گل، پاڙ، ڦل وغيره جا باقاعده نالا ۽ ڏَسَ بہ ڏنا آهن:

ساڻ پلاهُ نہ پاڙيان، سَندي ڏونرن ڏوئي
يا
ٽڏيون وَليون ٽرن ۾، کوڙين کرڙ کرير.
(لطيف)

ڦَرهہ :— (مُرٽ) هڪ قسم جو گاهہ، جنهن ۾ ننڍڙا سَنگ ٿيندا آهن، جن ۾ سائون جيڏو اَن ٿيندو آهي، جيڪو ٿورو ئي کائڻ سان پيٽ جي بُک جلدي اُجهندي آهي. لطيف ڦرهہ جو ذڪر هئين ڪيو آهي:

منهن جو تُور تلن ۾، آئون هت بنڌياٿي
مون ڏاڏاٿي ڏيهہ ۾، ڦرهہ ۽ لاٿي،
ڪنديس رهاٿي، مارُو پاس مليرَ ۾.

لاٿي :— لاٿي جا سَتَ قسم ٿيندا آهن، هڪ قسم (ننڍي لاٿِي) ڀاڄيءَ طور ڪتب ايندو آهي، ٻيو قسم ساڙي انهيءَ مان ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ "ڪار" ٺاهبو آهي، ٽيون قسم (سنهي لاٿي) پيشاب جي بيمارين لاءِ مفيد آهي، جيڪا گهرن ۾ سُڪائي رکبي آهي. چوٿون قسم (ڳج لاٿي) جنهنجا گل ڳاڙها ۽ وٽندڙ هوندا آهن. انهيءَ لاٿي جا گل پيٽ جي سُور لاءِ ڪائبا آهن، ٻيا قسم جانور خاص ڪري اٺ ۽ ڳڏهہ ڪائيندا آهن.

"مون ڏاڏاٿي ڏيهہ ۾، ڦرهہ ۽ لاٿي.

ڳُگُريون :— هن جو ڦل جڏهن ڪچو هوندو آهي تہ ڪائبو آهي، لطيف انهيءَ جو ذڪر هيئين بيت ۾ ڪيو آهي:

ور سي وطن ڄايُون، صحرا سُتر جن
گولاڙا ۽ ڳگريون، اوچڻ اباڻن
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجهہ جهنگن
مُنڪي ماروئڙن، سُڄَ ڳِنڍائي سيجَ ۾.

سَڱَر : هي ميوو ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ ٿيندو آهي، ڪَچيون سنگريون ڀاڄيءَ طور استعمال ڪندا آهن. پچڻ کان پوءِ ٿري ماڻهو سنگر سُڪائي رکندا آهن، پوءِ انهن کي پيهي ان مان ماني پچائي ڪائيندا آهن، سگر جي ماني مٺي ۽ ڏاڍي وٽندڙ هوندي آهي.

لطيف سگر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

پانڌي پريںءَ پهنوار جا، نياپا ني ڪي
ساري ڏيج سرتين، ياد پُنٺي جيڪي
وليون وَڻ ڦلاريا، ڪرڙ پڪا ڪي ڪي
سگر ڪيَن سرتيون، سيئن جيئن سيڪي
زيريون ٻجي جيڪي، ملان ماروئڙن ڪي.

۽ ٻي هنڌ:

سنگر ساهيڙين سين، ساڙيهہ منجهہ سَٽيندي

لطيف ماڻهن جي بنيادي ۽ مادي ضرورتن کي رومانوي احساس مان ڀوڙي ڪڍيو آهي.

سَگر، ساهيڙين سين، ڪاٺونيا ڪاڏائين
يا
ڪاڄ ڪٺيرن سَفرو، سگر ۽ سائون

سائُون: هڪ قسم جو گاهہ جنهن جو قد ٻہ يا ٽي فٽ ٿئي، هن جا پن ٻاجهر کان سنها اٽڪل اَڌ فٽ ڊگها ٿين، هن جي سنگن ۾ آهرِ جي داڻي جيڏو اَنُ ٿئي، جنهن جو ٻَتُ رڌي ڪائبو آهي. مارو ماڻهو سائون جو اَن گڏ ڪري، ڏُڪار جي وقت لاءِ رکي ڇڏيندا آهن. سائون کير ۾ رڌي کائڻ سان معدي جون بيماريون ختم ٿينديون آهن. لطيف سائينءَ سائونءَ جو ذڪر ڏاڍي دلچسپ ۽ جمالياتي انداز سان ڪيو آهي.

سائون سيارچ مکٽي، جيڏيون آڻن جال
يا
سٽا ڪيو سيد چي، سائون سُڪائين

۽ ٻي هنڌ لطيف مارو ماڻهن جي ڪاڌي جي وضاحت هيئن ڪري ٿو:

ڪِهہ مانڌاٽو، مکٽي، قوت جنين سائون

مُکٽي: هي گاهہ مانڌاٽي جهڙو البت قَد ۾ ٿورو ڊگهو ۽ هن جو اَنُ گهري ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي جو ٻاجهر ۾ ملائي اٽو پيهي ماني ڪائبي آهي. هن جي اٽي ۾ چيڙهہ ٿيندو آهي، سَواد ۾ چانورن جهڙو ۽ تمام گهڻو طاقتور هوندو آهي. لطيف مکٽي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

چُرن چُٽڪن ڇت ۾، ڳهارين مٽي گهٽ
کِهہ، مانڌاٽو مکٽي، ڊوئين پاسي ڊِٽَ
پهنوارڪين پڪڙين، وڃي ڪريان وَٽَ
ساٿيهہ سامُهين سَٽ، ڪنديس ٻَچي ڪَڙن کي.

ٻي هنڌ چيو اٿس:

ڪهہ مانڌاٽو مکٽي، قوت جنين سائون،

مانڌاٽو: هي سهڻو گاهہ ڌهرن ۾ ٿيندو آهي، هن کي منڌيڙو ۽ ٻهيرٽو بہ چئبو آهي، سنها ڊگها پن، چوٽيءَ ۾ ڇَهن ڦاڪن وارو سنگ، جن ۾ آڇَسري رنگ جهڙو ان

ٿيندو آهي، جيڪو ڳڌ ڪري رکبو آهي ۽ ٻاجهر سان پيهي، ان مان ماني پچائبي آهي. ڦٽن ڦرڙين لاءِ انتهائي ڪارائتو آهي. لطيف مانڌاڻي جو ذڪر هيئين ريت ڪيو آهي:

پانڌي پرينءَ پهنوار ڪي، چيم تيئن چئيج
سندا سنگت ڏينهڙا، وَرمَ وساريج
ڪوئين ڪُني آهيان، سِکهي ساراهيج
مُٺ مانڌاڻي مُجيج، تہ نيرن نئون ڪريان

لَلر: هن ٻوٽي جا پن مريڙي جي پن کان وڏا ۽ ويڪرا ٿيندا آهن. ٻاجيءَ طور ڪتب آڻبا آهن.

پهنوارن پاٻوهيو، ڪي واهندن وَس
عمر انهين ڏيهہ جا ڏوٿين ڏنم ڏس
وَليون وَڻ ڦلاريا لُلر نڪيو لَسَ
آٿيو وجهن آهرين، سندا ٿُوهن ٿَسَ
ماڙيءَ وهي مَسَ، ملير ويندي مارئي.

مَجر:– ڪنڊيءَ جو ٻور جيڪو چانورن وانگر رڌي کائبو آهي. مَجَر خوشحاليءَ جو اَهڃاڻ سمجهي ويندي آهي، لطيف انهيءَ خوشحاليءَ جو اظهار هيئن ڪري ٿو:

پَڪا پهنوارن ڏي، ميوا، مَجَر مَڪَ
عمر اُت اُڪنديو، حال هماري حَق
لوئي ۽ لَڪ، سمن سپيرين سين.

يا

ميوا، مَجَر، ماکيون، سَٻ ڪا چَکن چَس.

ڪاٺونبا:– ٿر ۾ ٿيندڙ هڪ ننڍي ٻوٽي ۾ ٿيندڙ ميوو، جيڪو ڪٽمٺو ٿيندو آهي، جيڪو خاص ڪري ڪاٺر واري علائقي ۾ جام ٿيندو آهي.

هنَ مُند مارو سنرا، ڊنگر ڊار رَهن
پاٽي پُوج پٽن ۾، پڪي پاند پين،
هن ڳي لوهہ لطيف چئي، هُو ڪاٺر منجهہ ڪلن
ڪاٺونبا کاڄن، مينهن وسندا موٽ تون.

يا

سَگُرَ ساهيڙين سين، ڪاٺونبا کاڌائين.

ڪونڊير:– هن کي پائر ۾ ڪونئير چوندا آهن. هي خاص ڪري وٽن هيٺان ٿيندو آهي، هن جي پن کي ٽڳڙ چئبو آهي جن مان ٻاجي ٺاهي ويندي آهي. هن جي پاڙ ۾ پٽاٽي جيڏي ۽ جهڙي نرم ٻوري رنگ جي ڳنڍ ٿيندي آهي، ٿورو ڪپڙي سان گهبي تہ اڇي رنگ جو ڳپ نڪري ايندو، کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. ڏراڙ لڙيءَ جو موٽندي پاڻ سان ڪجهہ ڪوڊير پنهنجي ٻارن لاءِ ضرور آڻيندا آهن.

لطيف سائين ڪوڊير جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

عمر انهيءَ ڏيهہ جا، ڪونڊير قوت ڪريندي

سيارڇ: هي سهڻو ڳاهہ وَٽي ڪان پوءِ ٻوٽن تي ٿيندو آهي، جنهَن ۾ ڳاڙها گل ٿيندا آهن، هي ڳاهہ جتي ٿيندو آهي، اُتي ڏاڍو سهڻو ڏيک ڏيندو آهي. جڏهن ڪچو هوندو آهي، تہ ان جي ٻاجي ٿيندي آهي. هن جو اَن جوئر يا ٻاجهري سان گڏيَ ان جي اٽي مان ماني پچائبي آهي. سيارڇ مَجر وانگر خوشحاليءَ جو اهڃاڻ آهي. لطيف انهن اهڃاڻن کان بہ ٻليءَ ڀت واقف هو:

هن مند مارو سنرا ڪاٺر ۾ خوشحال
سَائون سيارڇ، مکڻي جيڏيون آڻن جالَ
سَتيءَ جي سيد چي، ڪا ساڙيهہ منجهہ سنيال
لگن تان لطيف چي لوئي لاهہ مَ لال
ٻلو ڪندو ٻال، مينهن وسندا موٽ تون

ڦوڳ:– هن وڻ جو ٿڙ ڳاڙهسرو ٿيندو آهي، وٽي ڪان پوءِ منجهس لاسون ٿين جي سياري ۾ سيءَ پوڻ سان سڙي وڃن ۽ وڻ ٺوڙهو ٿي ويندو آهي، پر سياري لٿي بهارُ ايندي ئي منجهس گونچ ڦٽندا آهن ۽ سائو ٿي پوندو آهي، هن ۾ ٻور ڦلڙين جهڙو ٿيندو آهي، جنهن کي ڦلي يا ڦوڳي چئبو آهي، جيڪا ڪٽمٽي ٿيندي آهي، سا کائبي آهي منجهاسَ ٻاجي بہ ٿئي: لَسيءَ ۾ ڦوڳيسي ۽ جيرو ملائبو آهي، جنهن کي "رائيتو" چئبو آهي. رائيتو هندو ميتالاجيءَ ۾ ڏاڍي اهميت وارو آهي، ڦوڳيسيءَ ۾ اٽو ۽ ڏونرو ملائي ٻاجي تيار ڪبي آهي جنهن کي "راٻڙيو" يا ڪاٽيو چئبو آهي. ڦوڳسي سُڪائي رکبي آهي، جيڪا پوءِ ٻاجي وغيره ۾ ڪتاڻ جو ڪم ڏيندي آهي. لطيف ڦوڳ جو ذڪر هيئينءَ ريت ڪيو آهي.

ڪوهر، ٿوهر، ٿر، جت سانيڪا ۽ سٽيون
چارن اُت چاهہ منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر
ڪٺن لَهندم ڪَرَ، جيئن مارُو پاڻَ اپاريا.

چيڙ: هن وَل کي ٿري "ڪَڙ چيڙيا" چون، ڪچن (جيڪي ڪڙا هوندا آهن) کي اڌ ڪري ڪجهہ دير واريءَ ۾ ڊڪبو آهي، پوءِ ڪڍي صاف ڪري ٻاجي تيار ڪبي آهي يا سانڌاڻو (آچار) ٺاهبو آهي. پچڻ کان پوءِ ڪٽمٺڙا ٿي پوندا آهن. پر ٿري چون ٿا "ڏياريءَ ڏيو ڏٺو، ننڍو وڏو چيڙ مٺو" ۽ سچ پچ پوءِ ڏاڍو مٺو ٿيندو آهي.

چيڙ سُڪائي رکبا آهن. جن کي "ڪوڪلا" چئبو آهي، جن جي سڄو سال ٻاجي کائبي رهبي آهي. چيڙ جو ٿورو مُنهن ڪٽي لوڻ ٻرڪي سُڪائيندا آهن، جن کي

ڪچريون چئبو آهي، اهي ڪيهہ ۾ ٽري چانورن وغيره سان کائبيون آهن. ڇيڙ سان مرچ، لوڻ ۽ جيرو ڪُٽي اُنهيءَ ۾ لسي وجهي ڇَٽڻ ئاهبي آهي، جنهن کي "مرچالو" چئبو آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

ڪوءِ آسُون اُمرڪوٽ، وَرَ جهنگل ۾ جهُوپي
جو اُباٽن اڏيو، ڳُٽن سير ڳُوپي
ويندِيس ويڙهيچن ڏي، لوهَہ پڇي لُوپي
ڇيڙ آءُ چوپي، سڪ لاهيندِيس سومرا.

يا

ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، ٿين سيئي ٿوڪَ

ميها: هن ول جا پَن عام ميهي کان ٿورو ننڍا ٿيندا آهن ۽ هن ڍڳهي ول ۾ ڦل سنڌي صوفن جيڏو ٿيندو. ڪچن ميهَن جي پاچي ئاهبي آهي، ميها جڏهن پچي ويندا آهن، تہ منجهائن ٻج ڪڍي باقي ڪلن سوڏا سُڪائي رکبا آهن، جن کي سڄو سال پاڇيءَ طور استعمال ڪندا آهن، جن کي ٽري "تينڏسيون" چوندا آهن.

هن مُند مارو سَنرا، ساڙيهہ منجهہ سڌير
هن کي لوهہ لطيف چي، ڪوٺين اندر ڪير
ميها منجهہ ملير، مينهن وَسندا موٺ تون.

لطيف وٽ مينهن جي اهميت تہ گهڻي آهي، پر ميها چُونديندڙ ماڻهو بہ بادشاهن کان گهڻو مٿيرا آهن.

جيها جي تيها، مون مارو ميجيا،
مون جيڏيون ملير ۾ چُنديون موڪ ميها،
منهن جي آهہ اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

ڦنگي:- هن کي ڪنيي بہ چئبو آهي، وَني کان پوءِ وارياسي ۾ اڇي رنگ جي قد اڌ فُٽ ڪن، ويڙهيل ڇَتيءَ وانگر اُپي اُپرندي آهي، هن جي پاڇي تمام لذيذ ، ذائقو گوشت جهڙو ٿيندو آهي. طبيب هن مان عرق ڪڍي طاقت جي دوا طور استعمال ڪندا آهن. لطيف سائينءَ ٻين سيني سان گڏ اُنهيءَ جو ذڪر بہ ڏاڍي سهڻي نموني ڪيو آهي:

مُند ٿي منڍل وَجيا، ڪي اوهيڙن اوڪَ
چاچر ٿي چَٽن ۾، مينهون چرن موڪَ
سُرهيون ٿيون سنگهاريون، پُوبون پائن طوق
ميها، ڇيڙ، ڦُونگيون، ٿين سيئي ٿوڪ
لاهڻين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

پپُون: سگريءَ جهڙو ننڍڙو ٻوٽو، جيڪو وٽن جي پاڙن ۾ اُپرندو آهي. پپُون صبح جي پَهر ۾ ڪنمنيون ٿينديون آهن، پر ڏاڙهي تَتي تَمام تيز ڪتيون ٿي وينديون آهن. اهي ٻار ڏاڍي چاهہ سان کائيندا آهن، پپون ٿڏل ۾ پَٽي ٿڏل ۾ ٿي سُڪائي رکبيون آهن ۽ پوءِ سڄو سال آمريءَ جي جاءِ تي ڪم آڻين، هن جو مُربو بہ ٺاهيندا آهن، جنهن کي "ڪاچڙيو" چئبو آهي. لطيف هن ڏٿ جو ذڪر هيٺينءَ ريت ڪيو آهي:

ٿاجا ٿر ٻر جَهل، پپُون پائر وَٽ ۾
سيئي ساريو سومرا، اڇي آب اُجَل
سانبين ڏنم سَلَ، ڏئي مون ڏينهن ٿيا.

ٿُوهر: هڪ ول جنهن ۾ ميهي جهڙا ڦِن ٿيندا آهن، منجهس ڦل ننڍن گدرن جيڏا چٽڪمرا ٿيندا آهن. پچي وڃڻ کان پوءِ هيڊا ٿي ويندا آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ ڏاڍا سهڻا ٿيندا آهن، پر سندن سواد زهر جهڙو ڪڙو هوندو آهي، جيئن چوٺي آهي تہ سُهڻا ٿوهہ بہ پٽن تي پيا آهن. هن مان مٽن پيشابن جي دوا تيار ٿئي ٿي، ان کان علاوه جلندر جي مرض لاءِ مفيد آهن. ڪي حڪيم اهڙي ڪڙي شيءِ جو مُربو بہ ٺاهيندا آهن، جيڪو پيٽ جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. لطيف جو انهن لاءِ هڪ ڏاڍو سهڻو بيت آهي:

صورت گهڻو سهڻا، ٿاٿا سندن ٿوهہ،
ريلو ڏيئي روح، جو کائي سو ڪامي مري.

پر ٿري ماڻهو هن کي بہ کائڻ لاءِ ڪتب آڻيندا آهن. پڪل ٿوهن کي ڳترا ڳترا ڪري واريءَ ۾ ڪجهہ ڏينهن دڪي ڇڏيندا آهن، جڏهن واري انهن جو رس چُوسي وَٺندي آهي، تہ پوءِ انهَن کي ڪڍي، انهن مان ٻج ڌار ڪري ٻن ٽن پاڻين سان ڌوئي سُڪائي جنڊ ۾ پيهي اٽو ڪري ٻاجهر جي اٽي ۾ اڌو اڌ ڪري ماني پچائي کائيندا آهن. لطيف اهڙي شيءِ کي بہ نہ وساريو آهي.

پنهوارن پاٻوهيوڪي واهندن وَسَ
عمر انهين ڏيهہ جا ڏوٿين ڏنم ڏس
وَليون وڻ ڦلاريا، لُلر نڳيو لَسَ
آٿيو وجهن آهرين، سندا ٿوهن ٿَسَ
ميوا مَچر ماڪيون، سَپ ڪا چکن چَس
ماڙيءَ وهي مَسَ، ملير ويندي مارئي

لطيف هر ڏٿ جو ذڪر انهيءَ جي اهميت موجب ڪيو آهي، جنهن شيءِ جي جيتري اهميت آهي، انهيءَ کي اهڙي نموني بيان ڪيو آهي. جيئن، ساڏوهي، ڪرڙ، سائون وغيره جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو اٿس، پر جن جو استعمال گهٽ آهي تہ انهيءَ جو ذڪر بہ گهٽ ڏسڻ ۾ ايندو.

پهرين ڪلاس لاءِ لکيل سنڌي پارائي ڪتاب جي اصلاح بابت چند تجويزون

محمد پنهل ڏهر- ڏهرڪي

پرائمري تعليم، تدريس جي سلسلي ۾ پار لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي، تنهن ڪري پرائمري تعليم جي تدريس دوران استادن کي ٻار جي تدريسي تشڪيل ۾ وڌ کان وڌ ڌيان ڏيڻ گهرجي. جنهن ٻار پرائمري تعليم چڱي طرح حاصل ڪئي، سو بنا خوف خطري ۽ ڊپ ڊاءَ جي مٿين ڪلاسن ۾ هليو ويجي ٿو، ۽ دل لڳائي پنهنجي پڙهائي کي جاري رکي ٿو. جيڪڏهن ڪو ٻار پرائمري تعليم ۾ ڪمزور آهي، صرف استادن يا مائٽن جي مهرباني سان پرائمري پاس ڪري، مٿين ڪلاس ۾ هليو وڃي ٿو ته اهو اڳتي تعليم کي جاري رکي نه سگهندو. پڙهائي ۾ ڪمزور هئڻ سبب پڙهائيءَ ۾ سندس دل نه لڳندي. صرف مائٽن ۽ استادن جي ڊپ کان اسڪول پيو ويندو ۽ آخرڪار هڪ ڏينهن پنهنجي پڙهائي کي اڌ ۾ ڇڏي، وڃي ڪنهن ٻئي ڌنڌي سان لڳندو آهي.

موثر پرائمري تعليم جي تدريس جي سلسلي ۾ استادن جي ڪردار سان گڏ نصاب به اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. نصاب ٻارن جي ذهن ۽ سندن جي نفسيات مطابق هئڻ گهرجي. تنهن ڪري پرائمري جو نصاب ٺاهڻ وقت استادن جي هڪڙي ڪاميٽي تشڪيل ڏني وڃي ۽ ان ڪاميٽي ۾ اهڙن استادن کي شامل ڪيو وڃي، جيڪي پرائمري جي ٻارن کي پڙهائڻ ۾ وسيع تجربو رکندڙ هجن ۽ ٻارن جي نفسيات ۽ ذهن کان چڱيءَ طرح واقف هجن.

پرائمري تعليم کي موثر ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ اولين شرط هي آهي ته پرائمري جو شروعاتي ڪتاب يعني سنڌي پاراڻو ڪتاب، تنهن کي "سنڌي پرائيمر" پڻ سڏيو ويندو هو، سو بلڪل سولو، آسان عام فهم ۽ ننڍڙن ٻارڙن جي نفسيات ۽ ذهن مطابق هجي، ڇاڪاڻ ته ٻارڙن لاءِ هي پڙهائي جو ابتدائي بنيادي مرحلو آهي، اهو ڪتاب ٻار جي سڄي تدريس لاءِ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

هن وقت ابتدائي يا پرائمري تعليم جي شروعات دوران ابهم ۽ ننڍڙن ٻارڙن کي جيڪو "سنڌي پاراڻو ڪتاب" پهرئين ڪلاس لاءِ، پڙهايو وڃي ٿو، سو ٻارڙن جي ذهن ۽ نفسيات مطابق نه لکيو ويو آهي، ان کان سواءِ ان ۾ ڪجهه گهٽتايون ۽ اوڻايون آهن. هن مضمون ۾ اسان انهن گهٽتاين ۽ اوڻاين جي نشاندهي به ڪنداسين ته پنهنجي طرفان انهن گهٽتاين جي سد باب لاءِ چند واڌارا به پيش ڪنداسون ۽ انهن اوڻاين جي اصلاح لاءِ ڪي مشورا پڻ ڏينداسون ته جيئن اڳتي هلي "نصاب ڪاميٽي" موجوده پاراڻي ڪتاب جي انهن گهٽتاين ۽ اوڻاين کي ڌيان ۾ رکي اصلاح ڪري سگهي.

هن وقت اسان جي سامهون "سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو" جو ڇپايل "سنڌي پاراڻو ڪتاب" (پهرئين ڪلاس لاءِ، ڇاپو پيو مئي 1990ع) موجود آهي.

(١) هن پاراڻي ڪتاب جي شروعات ۾ صفحي ٢ کان ٦ تي سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ جي ٻاونجاهه نشانين يا اکرن (الف ب) جي رنگين تصويري تختي ڏنل آهي، اها تختي ٻار کي شروعات ۾ پڙهائي وڃي ٿي. انهي تختي جي پڙهائڻ وقت استاد ٻارن جو ڌيان اکرن ڏانهن گهٽ ۽ تصويرن ڏانهن زياده ڏياري ٿو ته جيئن ٻار دلچسپي سان سبق پڙهن، ڇاڪاڻ ته ننڍڙا ٻار شڪلين يا تصويرن ۾ زياده دلچسپي وٺن ٿا، يعني "الف" کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ استاد ٻار کي "الف" "اک" پڙهائي ٿو ۽ ٻار کي "اک" جي تصوير ڏيکاري ٿو ۽ مذڪوره تختي ۾ ڇاپيل "اک" ۽ تصوير ڏيکاري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو انهي رنگين تختي پڙهڻ بعد ٻارن کي اکرن جي ڄاڻ يا سڃاڻ ته قدري گهٽ هوندي آهي، پر تنهن هوندي به شڪلين ۾ دلچسپي وٺڻ ڪري انهن کي اهي ٻاونجاهه نشانيون يا اکر بلڪل چڱي طرح ياد ۽ ذهن نشين ٿي وڃن ٿا ۽ ٻار ڪتاب ۾ ڏسڻ کانسواءِ اهي ٻاونجاهه اکر هڪدم ٻڌائي وڃن ٿا.

(٢) الف ب جي رنگين تصويري تختي کان پوءِ صفحي ٦ تي سنڌي الف ب جي اکرن يا نشانين جي مڪمل ۽

ترتيبوار هڪ ٻي سادي تختي ڏني ويئي آهي، ته جيئن ٻار الف ب جي انهن ٻاونجاهه نشانين يا اکرن کي چڱي طرح سڃاڻي، ذهن نشين ڪري سگهن ۽ اڳتي هلي انهن نشانين يا اکرن کي سٺي نموني سان لکي سگهن.

(۳) صفحي ۷ تي هڪ ٻي تختي "الف ب جا آواز" ڏني وئي آهي. هُنَ ته ائين گهرجي ها ته "الف ب جا آواز" واري انهي تختي کان اڳ ۾ الف ب جي ٻاونجاهه اکرن يا نشانين جي هڪ ٻي سادي تختي ڏني وڃي ها، جنهن ۾ اهي ٻاونجاهه اکر ترتيبوار نه بلڪ بي ترتيبا لکيا وڃن ها. پوءِ ٻارن کان ئي انهي تختي ذريعي ئي سنڌي جي مختلف نشانين يا اکرن جي سڃاڻپ ڪرائي وڃي ها. ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها. انهي تختي جي سمجهي وڃڻ ۽ پڙهڻ ڪانپوءِ استاد کي بلڪل پڪ ٿي وڃي ها، ته هاڻ ٻار بلڪل چڱي طرح سان ۽ صحيح نموني سان انهن ٻاونجاهه نشانين يا اکرن کي سڃاڻي ۽ پڙهي سگهن ٿا. چاڪاڻ ته اڳ ۾ ٻار صرف پهرئين ڏنل ٻن تختين جي مدد سان انهن ٻاونجاهه نشانين يا اکرن کي چڱي طرح ترتيب جي لحاظ سان پنهنجي ذهانت ۽ حافظي جي بنياد تي ياد ته ڪري سگهيا آهن، مگر انهن ۾ انهن نشانين جي چڱي طرح سان سڃاڻپ جو مادو اجان به قدري گهٽ هوندو آهي. انهي نئين تختي جي شامل ڪرڻ سان ٻارن جي حافظي، سڃاڻپ ۽ دلچسپي جي چڱي طرح خبر پئجي سگهي ٿي، ته ٻارن پڙهائي ۾ هن وقت تائين ڪيتري قدر دلچسپي پئي ورتي آهي ۽ ڪيتري قدر پرايو اٿن. انهي تختي جي ذهن نشين ڪرڻ يا پڙهڻ بعد ٻار انشاءَ الله ٻنا ڪنهن هٻڪ جي اڳتي وڌي سگهن ٿا ۽ لکي پڙهي سگهن ٿا. ٻارن کي صورتخطي لکائڻ مهل به هي تختي استاد جي رهنمائي ڪري سگهي ٿي، اها تختي هن ريت هئڻ گهرجي.

ٻ ڇ ڊ غ ڪ گ و ب جهہ ڏ
ض ک ل ٽ ت ج ڌ س ق
گھ ھ ب ڃ د ش ف م ي ٿ ڄ
ڊ ط ڦ ڳ ء ٺ ح ذ ع ڱ ن
ٿ ڇ ر ظ ا ش خ ڙ ص پ ز

(۴) انهن تختين بعد ٻاونجاهه نشانين يا اکرن جي مختلف شڪلين جون ٽي ٻيون تختيون ٻڻ شامل ڪيون وڃن، ته جيئن ٻار هرهڪ نشاني اکر جي مختلف شڪلين کان واقف ٿي سگهن. مثال طور: انهن کي خبر پوي ته اکر "ب" ڪنهن به لفظ جي شروع ۾ اچي ٿو ته ان جي شڪل ڪهڙي هوندي آهي، اکر "ب" ڪنهن لفظ جي وچ، ۾ اچي ٿو ته انهيءَ جي شڪل ڪهڙي ٿيندي ۽ جيڪڏهن "ب" ڪنهن لفظ جي آخر ۾ اچي ته ان جي شڪل ڪهڙي ٿيندي، اهڙي طرح ٻاونجاهه نشانين ۾ اکرن جون اهي سڀ شڪليون انهن ٽنهي تختين ذريعي ٻاڻ کي سمجهايون ۽ ذهن نشين ڪرايون وڃن ته اڳتي هلي ٻارن کي پڙهڻ ۽ لکڻ وقت انهن نشانين يا اکرن جون مختلف شڪليون سمجهه ۾ اچڻ سبب سڃاڻپ ۽ لکڻ وقت تڪليف محسوس نه ٿيندي.

الف ب جي نشانين جي پهرئين صورت واري تختي:

اب ٻ ٻ ت ٿ ٽ ٺ ث پ
ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ حـ خـ
د ڌ ڊ ڏ ذ ر ڙ ز
سـ شـ صـ ضـ طـ ظـ عـ غـ
فـ ڦـ قـ ڪـ کـ گـ ڳـ گهـ ڱـ لـ مـ
نـ ڻـ و هـ ءَ يـ

الف بي جي وچين صورت واري تختي:

ـاـ ـبـ ـٻـ ـڀـ ـتـ ـٿـ ـٽـ ـٺـ ـثـ ـپـ
ـدـ ـڌـ ـڏـ ـڊـ ـذـ ـرـ ـڙـ ـزـ
ـسـ ـشـ ـصـ ـضـ ـطـ ـظـ ـعـ ـغـ (ـعـ ـغـ)
ـفـ ـڦـ ـقـ ـڪـ ـکـ ـگـ ـڳـ ـگهـ ـڱـ ـلـ
ـمـ ـنـ ـڻـ ـوـ ـهـ
ـءِ ـيـ

الف ب جي نشانين ۾ پهرئين ۽ آخري صورت واري تختي:

ـا ـب ـٻ ـڀ ـت ـٿ ـٽ ـٺ ـث ـپ

ـج ـڄ ـجھ ـڃ ـچ ـڇ ـح ـخ

ـد ـڌ ـڏ ـڊ ـڍ ـذ ـر ـڙ ـز ـس

ـش ـص ـض ـط ـظ ـع ـغ (ـع ـغ)

ـف ـڦ ـق ـڪ ـک ـگ ـڳ ـگھ ـڱ ـل ـم

ـن ـڻ ـو ـھ ـء ـي

نوٽ: استاد کي ياد رکڻ کپي تہ انهن ٻاونجاهہ نشانين سان "ا د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز ۽ و" جي وچين ۽ آخري شڪل هڪجهڙي هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن اکرن يا نشانين جي پٺيان ڪوبہ اکر ڳنڍجي نٿو سگهي. اها ڳالهہ ٻارن کي ذهن نشين ڪرائڻ گهرجي.

(٥) ڪتاب جي صفحي ٧ تي "الف ب جا آواز" جي هي تختي ڏنل آهي:

اَ آ اِ اِي اُ اُو اي اَي او اَو

بَ با بِ بِي بُ بُو بي بَي بو بَو

جَ جا جِ جِي جُ جُو جي جَي جو جَو

جهَ جها جهِ جهِي جهُ جهُو جهي جهَي جهو جهَو

دَ دا دِ دِي دُ دُو دي دَي دو دَو

سَ سا سِ سِي سُ سُو سي سَي سو سَو

لَ لا لِ لِي لُ لُو لي لَي لو لَو

مَ ما مِ مِي مُ مُو مي مَي مو مَو

ءَ ئا ئِ ئِي ئُ ئُو ئي ئَي ئو ئَو

يَ يا يِ يِي يُ يُو يي يَي يو يَو

هن تختي ۾ الف ب جي انهن ٻاونجاهہ نشانين مان صرف ڏهہ اکر يا نشانيون ڏنيون ويون آهن ۽ انهن جا ڏهہ آواز سيکاريا ويا آهن، جيڪي ٻارن لاءِ بلڪل گهٽ آهن. انهي تختي جي پڙهڻ کان پوءِ اگر انهي تختي ۾ ڇاٽايل اکرن جهڙوڪ: "ا ب ج جهہ د س ل م ء ي" کانسواءِ ٻين اکرن جو ڪو آواز ٻارن کان پڇيو ويندو تہ ٻارن کي لازمي مونجهارو ٿيندو. مثال طور: ڪنهن ٻار کي "ڏ" جو ڪو آواز ڪيڻ لاءِ چيو وڃي تہ ٻار مُنجهي پوندو. ٻار جي انهي مُنجهي پوڻ جو ڪارڻ انهي تختي ۾ ٻين ڪيترن اکرن سان گڏ "ڏ" بہ ڏيکاريل نہ آهي، انهي ڪري انهي تختي ۾ نہ آيل اکرن جا آواز جڏهن ڪنهن ٻار کان پڇيا ويندا تہ ٻار لازمي گهٻرائجي ويندا. تنهن ڪري اسان کي گهرجي تہ مذڪوره ڪتاب ۾ انهي هڪ تختي جي جاءِ تي اهڙيون ڏهہ تختيون تاهي شامل ڪريون ۽ انهن ۾ سمورا ٻاونجاهہ اکر يا نشانيون شامل ڪريون، اهي ڏهہ تختيون هيٺ ڏجن ٿيون:

زبر جي آوازن واري تختي:

اَ بَ ٻَ پَ تَ ٽَ ٿَ ٺَ ثَ ڀَ

جَ ڄَ جهَ ڃَ چَ ڇَ حَ خَ

دَ ڌَ ڏَ ڊَ ڍَ ذَ رَ ڙَ زَ سَ شَ صَ ضَ

طَ ظَ عَ غَ فَ ڦَ قَ ڪَ کَ گَ ڳَ گهَ ڱَ

لَ مَ نَ ڻَ وَ هَ ءَ يَ

زير جي آوازن واري تختي:

اِ بِ ٻِ پِ تِ ٽِ ٿِ ٺِ ثِ ڀِ

جِ ڄِ جهِ ڃِ چِ ڇِ حِ خِ

دِ ڌِ ڏِ ڊِ ڍِ ذِ رِ ڙِ زِ سِ شِ صِ ضِ

طِ ظِ عِ غِ فِ ڦِ قِ ڪِ کِ گِ ڳِ گهِ

ڱِ لِ مِ نِ ڻِ وِ هِ ءِ يِ

پيش جي آوازن واري تختي:

اُ بُ ٻُ پُ تُ ٽُ ٿُ ٺُ ثُ ڀُ

جُ ڄُ جهُ ڃُ چُ ڇُ حُ خُ

دُ ڌُ ڏُ ڊُ ڍُ ذُ رُ ڙُ زُ سُ شُ صُ ضُ

طُ ظُ عُ غُ فُ ڦُ قُ ڪُ کُ گُ ڳُ گهُ ڱُ

لُ مُ نُ ڻُ وُ هُ ءُ يُ

نوٽ: زير، زبر ۽ پيش جي تختي سيکارڻ يا پڙهائڻ کان اڳ ۾ استاد ٻارن ٻارن کي ذهن نشين ڪرائڻ گهرجي تہ، زبر هڪ ننڍڙي ليڪ وانگر هوندي آهي، جيڪا هميشہ هر اکر جي مٿان هوندي آهي، زير بہ هڪ ننڍڙي ليڪ وانگر هوندي آهي، مگر اها هميشہ هر اکر جي هيٺان هوندي آهي. اهڙي طرح پيش ننڍڙو "واءُ" (و) وانگر هوندو آهي اهو هميشہ هر اکر جي مٿان هوندو آهي.

آبا جي آوازن واري تختي:

آ ٻا ٻا ڀا تا ٿا ٽا ٺا ثا پا

جا ڄا جها ڃا چا ڇا حا خا

دا ڌا ڊا ڏا ڍا ذا را ڙا زا سا شا صا ضا

طا ظا عا غا فا ڦا قا ڪا کا ڳا گها ڱا

لا ما نا ڻا وا ها ءا يا

نوٽ: هي تختي پڙهائڻ کان اڳ ۾ استاد شاگردن کي ٻڌائي، تہ انهن جي مٿان جيڪا "~" ليڪ آهي اُن کي "مد" چئبو آهي، جنهن جو اُچار "الف" جهڙو هوندو آهي.

اَي ٻَي ٻَي جي آوازن واري تختي:

اَي ٻَي ٻَي ڀَي تَي ٿَي ٽَي ٺَي ثَي پَي

جَي ڄَي جهَي ڃَي چَي ڇَي حَي خَي

دَي ڌَي ڊَي ڏَي ڍَي ذَي رَي ڙَي زَي سَي شَي

صَي ضَي طَي ظَي عَي غَي فَي ڦَي قَي ڪَي کَي گَي

ڳَي گهَي ڱَي لَي مَي نَي ڻَي وَي هَي ءَي يَي

اِي ٻِي جي آوازن واري تختي:

اِي ٻِي ٻِي ڀِي تِي ٿِي ٽِي ٺِي ثِي پِي

جِي ڄِي جهِي ڃِي چِي ڇِي حِي خِي

دِي ڌِي ڊِي ڏِي ڍِي ذِي رِي ڙِي زِي سِي شِي

صِي ضِي طِي ظِي عِي غِي فِي ڦِي قِي ڪِي کِي گِي

ڳِي گهِي ڱِي لِي مِي نِي ڻِي وِي هِي ءِي يِي

اي ٻي جي آوازن واري تختي:

اي ٻي ٻي ڀي تي ٿي ٽي ٺي ثي پي

جي ڄي جهي ڃي چي ڇي حي خي

دي ڌي ڊي ڏي ڍي ذي ري ڙي زي سي شي

صي ضي طي ظي عي غي فِي ڦي قي ڪي کي گي

ڳي گهي ڱي لي مي ني ڻي وي هي ءِ يي

اَو ٻَو جي آوازن واري تختي:

اَو ٻَو ٻَو ڀَو تَو ٿَو ٽَو ٺَو ثَو پَو

جَو ڄَو جهَو ڃَو چَو ڇَو حَو خَو

دَو ڌَو ڊَو ڏَو ڍَو ذَو رَو ڙَو زَو سَو شَو

صَو ضَو طَو ظَو عَو غَو فَو ڦَو قَو ڪَو کَو گَو

ڳَو گهَو ڱَو لَو مَو نَو ڻَو وَو هَو ءَو يَو

او ٻو جي آوازن واري تختي:

او ٻو ٻو ڀو تو ٿو ٽو ٺو ثو پو

جو ڄو جهو ڃو چو ڇو حو خو

دو ڌو ڊو ڏو ڍو ذو رو ڙو زو سو شو

صو ضو طو ظو عو غو فو ڦو قو ڪو کو گو

ڳو گهو ڱو لو مو نو ڻو وو هو ءُو يو

اُو ٻُو جي آوازن واري تختي:

اُو ٻُو ٻُو ڀُو تُو ٿُو ٽُو ٺُو ثُو پُو

جُو ڄُو جهُو ڃُو چُو ڇُو حُو خُو

دُو ڌُو ڊُو ڏُو ڍُو ذُو رُو ڙُو زُو سُو شُو

صُو صُو طُو ظُو عُو غُو فُو ڦُو قُو ڪُو کُو گُو ڳُو

گھُو ڱُو لُو مُو نُو ڻُو وُو هُو ءُو يُو

مذڪوره ڪتاب جي صفحي ٨ کان سبق شروع ٿين ٿا. هن ڪتاب ۾ چاليهه سبق آهن، جيڪي صفحي ٤٧ تي ختم ٿين ٿا.

(٦) سبق ٢١ صفحي ٢٨ تي ، سبق ٢٥ صفحي ٣٢ تي، سبق ٢٨ صفحي ٣٥ تي، سبق ٣٠ صفحي ٣٧ تي ۽ سبق ٣٣ صفحي ٤٠ تي ٻارن کي "نَہ ۽ تہ، سيکارڻ لاءِ هيٺيان جملا لکيا ويا آهن.

1. صابُو وَڻَ نَہ وَڍِ.
2. ٻُچُ تہ سهي.
3. طوطي کي نَہ مارِ
4. طوطي جو پَرُ نَہ پَٽِ
5. ظُلمُ نَہ ڪَرِ
6. باغ جا گُلَ نَہ پَٽِ
7. گَڏَهُ خَچَرَ جيڏو نَہ آهي
8. گَڏَهُ گهوڙي جهڙو نہ آهي
9. حَوضَ ۾ تہ ڍڪا پاڻي پيئَنِ.

انهن جملن ۾ استاد "نَہ" جو اُچار ٻارن کي هن طرح ذهن نشين ڪرائي ٿو "نَ" نُون زبرنَ ۽ "تہ" جو اُچار پڻ هن طرح سيکاري ٿو، "تہ (ت زبر تَ)" اِهو اُچار تہ پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح آهي، پر ٻارن جي ذهن ۾ اچي ٿو تہ "ن ۽ ت" جي هيٺان اها آٽي نہ تہ ڇا جي ڪري ڏني ويئي آهي ۽ ڇو؟ حالانڪہ مٿين ڪلاسن ۾ اها اٽي "الف ۽ ه "جي بدران پڻ استعمال ٿئي وڃي ٿي، جهڙوڪ: "هميشہ کي "هميشه" ڪري لکيو ويندو آهي، انهيءَ "هميشہ" جي آخري اٽي يا نشاني مان مراد "هہ" آهي، "پيسا" کي "پيسہ" ڪري لکيو وڃي ٿو، هتي انهي اٽي مان مراد "الف" آهي، تنهن ڪري نصاب ناهڻ واري ڪاميٽي جي اهلڪارن کي گهرجي تہ انهي شروعاتي ڪتاب ۾ "نَہ تہ" جي بجاءِ سڌي طرح سان "نَ تَ" لکن تہ وڌيڪ سٺو ٿيندو ۽ ٻارن جي ذهن ۾ انهيءَ "نَہ تہ " واري اٽي متعلق خدشا پيدا نہ ٿيندا.

(٧) مذڪوره ڪتاب جي تقريبن سڀني سبقن ۾ جملي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ پوري دم "." (Full stop) ۽ اڌ ۾ "،" (Cama) ڪامان جون نشانيون پڻ ڏنل آهن.

مثال طور :

1. هيءُ ٻَڪُ آهي.
2. ويهُہ، سَفَرُ ڪَرِ.

هتي پڻ ٻارن کي اهي جملا پڙهڻ مهل دل ۾ ٿورو خدشو ضرور ٿيندو آهي تہ انهن لفظن جي پٺيان "." نقطو ڇو ڏنو ويو آهي ۽ انهن لفظن جي وچ ۾ "،" هي نشاني ڇو ڏني وئي آهي ۽ اها ڇا آهي؟ وغيره. تنهن ڪري استادن کي گهرجي تہ اهي نشانيون "Full stop" ۽ "Cama" جتي بہ اچن، تہ اُتي ٻارن کي سمجهائين ۽ چڱي طرح ذهن نشين ڪرائين تہ اهي نشانيون "پوري دم ۽ اڌ دم" جون آهن، انهن کي پڙهبو نہ آهي، مگر اهي جتي بہ اچن ٿيون، اتي ساهي پٽڻ گهرجي. يعني ٿورو ترسي پوءِ اڳتي سبق پڙهڻ گهرجي.

بهتر ائين ٿئي جو نصاب ناهڻ وارا انهي شروعاتي ڪتاب ۾ اهي نشانيون استعمال بہ نہ ڪن، تہ وڌيڪ چڱو ٿيندو ۽ ٻارڙن جي ننڍڙي ذهن ۾ اهڙا اجايا سوال بہ پيدا نہ ٿيندا.

(٨) مذڪوره ڪتاب جي سبق ٣٢ صفحي ٣٩ تي هڪ جملو "پاڻي ڏي، ثوابُ ڪَٽ ! لکيو ويو آهي، يعني هن جملي جي آخر ۾ "عجب جي نشاني (!) ڏني وئي آهي، انهي جملي پڙهڻ مهل پڻ ٻار سوچين ٿا تہ انهن لفظن جي پٺيان اهو "الف ۽ ان جي هيٺان نقطو" ڇو ڏنو ويو آهي "استاد اهو ڇو نٿو پڙهائي؟ وغيره. تنهن ڪري نصاب ڪاميٽي وارن کي گهرجي تہ اهڙيون نشانيون پڻ انهيءَ شروعاتي ڪتاب ۾ استعمال نہ ڪن.

(٩) انهي ڪتاب جي سبق ٣٨ صفحي ٤٥ تي ٻارن کي "۽ ، ۾" جا لفظ پڙهائڻ لاءِ چند جملا لکيا ويا آهن.

1. گِلاسَ ۾ پاڻِي آهي.
2. پيجري ۾ پکي آهي.
3. پيجرو ۽ پکي ڏِسَ.

استاد ٻارن کي "۾" جو اُچار هن ريت پڙهائين ٿا "ميمِ دو زيرين مين" ۽ "۽" جو اُچار وري هن طرح سان پڙهائين ٿا "عين دو زيرين ائين" انهن اُچارن ۾ "دو" اردو ۽ فارسي جو لفظ آهي ۽ اهي ٻه ڪڙيون زيرون" ( ) پڻ عربي ۾ استعمال ٿين ٿيون، تنهن ڪري "۾" ۽ "۽" جا اهي اُچار پڻ ننڍڙن ٻارن جي ذهن کان تمام مٿي ۽ ڳرا آهن. انهي ڪري نصاب ٺاهڻ واري ڪاميٽي جي اختياري وارن کي گهرجي ته "۽" ۽ "۾" وارا اهي اکر ٻه مذڪوره ڪتاب ۾ شامل نه ڪن ۽ "۾" ۽ "۽" لفظ سيکارڻ لاءِ سڌو سنئون "مين" ۽ آئين" ڪتاب ۾ لکن ۽ ٻارن کي پڙهائن ۽ سمجهائين ته"استاد کي وڏيڪ سهوليت ۽ آساني ٿيندي ۽ ٻار به انهن لفظن "۾" ۽ "۽" جي جاءِ "مين" ۽ آئين" کي جلد پڙهي ۽ سمجهي سگهندا، انهن جو اهو آسان سنڌي اُچار انهن جي ذهن ۾ جلدي گهر ڪري ويندو، انهن جي سمجهڻ ۽ پڙهڻ ۾ انهن کي تڪليف ٿيندي.

آخر ۾ مان استاد صاحبان کي عرض ڪندس ته جيئن ته هي ڪتاب بنيادي اهميت رکي ٿو اُن ڪري ان جي ڪامياب پڙهائڻ تي استاد جيترو هوش ۽ جيتري محنت صرف ڪندو، اوترو ان مان ڪيس ۽ شاگردن کي فائدو حاصل ٿيندو. انهي ڪري استادن کي گهرجي ته سال ۾ گهڻو حصو هن ابتدائي ٻاراڻي ڪتاب جي پڙهائي ۾ صرف ڪن ۽ شاگردن تي وڌ کان وڌ ڌيان ڏيئي شروعاتي تعليم کي موثر ڪن.

دَرسي ڪتابن جي درستي

سنڌي ٻوليءَ جي درسي تعليم جي سلسلي ۾ درسي ڪتاب بنيادي اهميت رکن ٿا. پر ڏٺو ويو آهي ته انهن ۾ ڪيتريون ئي غلطيون رهجي وڃن ٿيون. اهڙيون شڪايتون اڪثر اخبارن ۾ ايندڙيون رهيون آهن. تنهنڪري اهو ضروري سمجهيو ويو ته سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو جي سنڌي ڪتابن ۾ ڪتب آيل ٻوليءَ جون غلطيون سڌاريون وڃن، ڇو ته جيڪڏهن ننڍا ٻار ڪچي وهيءَ ۾ ئي غلط ٻولي پڙهندا. ته اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ کي وڏو هاڃو رسندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران هن ڪم لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي آهي، جنهن جو چيئرمين محمد ابراهيم جويو صاحب آهي. ٻيا ميمبر هي آهن: جناب امداد حسيني صاحب، پروفيسر شيخ محمد فاضل صاحب، جناب محمد حسين ڪاشف صاحب ۽ جناب غلام علي چنا صاحب. هن ڪاميٽيءَ ۾ بيورو آف ڪريڪيولم، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ميمبر مقرر ڪيا ويا آهن.

ڪاميٽيءَ جي ماهرن هن وقت تائين سنڌي ٻاراڻو، سنڌي پهريون ۽ سنڌي ٻيو ڪتابن ۾ جيڪي ٻوليءَ جون غلطيون رهجي ويون هيون، سي درست ڪري، درست ٿيل ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشوري جي حوالي ڪيا آهن. اميد ته انهن ڪتابن جو ايندڙ ڇاپو درست ايندو.

شروعاتي ڪلاسن ڪي گرامر پڙهائڻ ۾ تڪليفون

انتظار چلگري

ماهرن جو چوڻ آهي تہ ٻولي آوازن جي علامتن جو هڪ اهڙو سلسلو آهي، جنهن ذريعي هڪ ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان کي پنهنجو مقصد صحيح سمجهائي سگهي ٿو. هر سماجي گروهہ کي پنهنجي پنهنجي ٻولي ٿئي ٿي. ٻولين جي سڌريل ۽ معياري هئڻ جي ٻين نشانين مان هڪ نشاني ان ٻولي کي پنهنجو گرامر هجڻ بہ آهي. گرامر ٻوليءَ جي قاعدن ۽ قانونن کي چئبو آهي. جيڪو اسان کي سيکاري ٿو تہ ٻولي لکجي ڪيئن ۽ ڪيئن لفظ ۽ جملا جوڙجن. سنڌي ٻوليءَ جو دنيا جي قديم ترين ۽ سڌريل ٻولين ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ سنڌي ٻولي کي پنهنجو صرف وَنحو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جوڙڻ واري تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون گرامر هڪ جرمن اسڪالر ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ لکيو. انهيءَ کان پوءِ مختلف عالمن گرامر تي قلم کنيو آهي.

حقيقت ۾ جيتري سنڌي ٻولي شاهوڪار ۽ قديم آهي اوترو گرامر تي ڪم نہ ٿيو آهي. هن مهل تائين اسان وٽ سواءِ هڪ اڌ ليکڪن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جي گرامر جي ڪتابن کان سواءِ ٻيو مواد تمام گهٽ آهي ۽ جي آهي تہ بہ غير معياري ۽ غير مستند يا ان جي تشريح ايتري تہ مبهم ۽ غير واضح ڪئي وئي آهي، جو گرامر هڪ بور ۽ خشڪ مضمون طور سڃاتو وڃي ٿو. جڏهن تہ گرامر هڪ وڻندڙ، دلچسپ ۽ انتهائي معلوماتي مضمون آهي.

سڀ کان پهريائين تہ گرامر جو نصاب يا نصابي ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ پاران تسليم شده صورت ۾ موجود ڪونهي. انهيءَ ڪري هر ليکڪ خود رو گرامر جو نصاب مختلف ڪلاسن لاءِ مختلف نموني طئي ڪيو آهي. ڪنهن ليکڪ اٺ لفظ ڏنا آهن تہ ڪنهن وري لفظن جا قسم ڏنا آهن تہ ڪنهن وري زمان ۽ ان جا قسم ڏنا آهن تہ ڪنهن وري جملن جي قسمن کي گرامر جي نصاب ۾ شامل ڪيو آهي. اهڙي ڪچڙي واري نصاب ۾ خود استاد مونجهاري جو شڪار آهي تہ نصاب ڪيترو مقرر ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان پهريائين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ گرامر جو نصاب طئي ڪري. پرائمري اسڪولن ۾ گرامر جي شروعات "اکر" کان ٿيندي آهي، پر ان اکر جي تشريح ٿيل ئي ناهي. رڳو اکر جي سڃاڻ ڪرائي وئي آهي، يعني "الف - بي" جي ٻاونجاهہ اکرن مان هرهڪ کي اکر چئبو آهي. اها تہ ٿي اکر جي سڃاڻ جڏهن تہ اکر جي تشريح يا وصف اها ٿيڻ گهرجي تہ اهو سادي ۾ سادو يا ننڍي ۾ ننڍو آواز، جيڪو نڙي مان نڪري ان کي اکر چئبو آهي". سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾ جيڪي ڳالهائڻ جا اٺ لفظ ڏنا ويا آهن، انهن مان حرف جر ۽ ظرف جي تشريح ايتري تہ خشڪ، غير واضح ۽ مبهم آهي، جو شاگرد کي انهن ٻنهي لفظن جي تشريح سمجهہ ۾ تمام مشڪل سان ايندي آهي. حرف جر جي تشريح هڪڙي ڪتاب ۾ هيئن ڏنل آهي: "اهو لفظ جيڪو اڳين ۽ پوئين لفظ کي ملائي ۽ جملي جو ٺيڪ مطلب ظاهر ڪري ان کي حرف جر چئبو آهي." ٻئي ڪتاب ۾ وري حرف جر جي تشريح هيئن ٿيل آهي. اهو لفظ جيڪو اسم ۽ ضمير جي پٺيان اچي ۽ جملي جو ٺيڪ مطلب ظاهر ڪري ان کي حرف جر چئبو آهي." هاڻ جيڪڏهن اسان ٻنهي تشريحن تي ويچار ڪنداسين تہ ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق نظر ايندو. پهرين تشريح تہ حرف جملي جي تشريح سان مشابهت رکندڙ آهي. جڏهن ٻئي نمبر تي ڏنل تشريح متعلق هي سوال اڀري ٿو تہ ڇا هر اهو لفظ، جيڪو اسم يا ضمير پٺيان اچي اهو حرف جر ٿي سگهي ٿو؟ اهڙي طرح سان حرف جر جي تشريح نہ فقط مڪمل ۽ واضح ناهي، پر منجهائيندڙ پڻ آهي. جيتري قدر ظرف جو تعلق آهي تہ ان جي پهرين حصي واري تشريح غير واضح آهي، يعني ظرف جو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف سان لڳڻ" ظرف جي تشريح مختلف ڪتابن ۾ هيٺين ريت ڏنل آهي:"اهو لفظ جيڪو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف سان لڳي ۽ ان مان هاڪار، ناڪار، ريت، قدر، وقت ۽ جاءِ جي معنيٰ ڏيکاري". هاڻ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ شاگرد ڪيئن سمجهي تہ ظرف، صفت فعل ۽ ٻئي ظرف سان ڪيئن لڳندو آهي. انهن جي لاڳاپي جو مفهوم پڻ جلدي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ آهي. آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ ظرف جي تشريح هيئن هئڻ گهرجي.

"اهو لفظ جيڪو صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف جي معنيٰ ۾ اضافو ڪري ۽ ان مان جاءِ وقت، ريت، قدر، هاڪار ۽ ناڪار جي معنيٰ نڪري ان کي ظرف چئبو آهي".

مثال نمبر: 1-انب مٺو آهي. انب تمام مٺو آهي.
پهرين جملي ۾ مٺو صفت آهي ۽ ٻئي جملي ۾ تمام ظرف آهي، جيڪو صفت "مٺو" جي معنيٰ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ٿو.

مثال نمبر 2.. گهوڙو ڊوڙي ٿو. گهوڙو تيز ڊوڙي ٿو.
ٻئي جملي ۾ لفظ "تيز" فعل "ڊوڙي ٿو" جي معنيٰ ۾ وڌيڪ اضافو آڻي ان کي واضح ڪري ٿو.

مثال نمبر: 3 - هي رقم ٿوري آهي. هي رقم بلڪل ٿوري آهي.
هن جملي ۾ "بلڪل" ۽ "ٿوري" ٻئي ظرف آهن. هن ۾ هڪ ظرف ٻئي ظرف جي مفهوم کي بلڪل واضح ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته ظرف صفت، فعل ۽ ٻئي ظرف جي معنيٰ يامفهوم ۾ اضافو آڻي ٿو يا وڌيڪ واضح ڪري ٿو.
ظرف جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو مونجهارو به آهي، ته ظرف جو قدر ۽ صفت جو مقدار پاڻ ۾ تمام گهڻي ويجهڙائپ رکن ٿا. انهي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ساڳيا لفظ ظرف به هوندا آهن ته صفت به.
مثلا: هي پيسا ٿورا آهن.
هن جملي ۾ لفظ "ٿورو" انداز يا مقدار به ڏيکاري ٿو ته قدر به ڏيکاري ٿو. انهيءَ ڪري مونجهارو ٿئي ٿو. خاص ڪري جڏهن جملي جي ترڪيب ڪجي ٿي ته ان ۾ اهڙن لفظن کي صفت ڏيکارجي يا ظرف ڏيکارجي.
اڄ به اسان وٽ پهرين ڪلاس ۾ عربي جي تنوين واري هجي توڙي لفظن جي صورتخطي مروج آهي جهڙوڪ: آءَ ۾ تقريبا مٿين لفظن ۾ ترتيبوار به پيش، به زير ۽ به زبر ڏنل آهن، جيڪي سنڌي ٻولي توڙي پارائي ڪتاب جي ڌهن آوازن واري تختي ۾ ڪٿي به آيل ڪونهن، جنهن ڪري ٻار مونجهاري جو شڪار ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري تنوين واري هجي ختم ڪري انهن لفظن جي صورتخطي پڻ سنڌي ٻوليءَ جي آوازن واري پٽي جي روشني ۾ جوڙي وڃي. جيئن سائين جي پهريائين صورتخطي "ساءِ" سان هوندي هئي. هينئر "ئين" سان جوڙي وئي آهي. اهڙي طرح "ءِ" - "ءُ" ۽ ٻين اهڙن لفظن جي شڪل جي تبديلي جو سوچيو وڃي. سنڌي ٻولي ۾ لفظن جي جوڙ يا هجي ۾ حرف ساڪن يا غير متحرڪ اکر جو تصور ڪونهي. جنهن ڪري اهڙن لفظن جي جوڙ ۾ آواز جي ادائگي درست نه ٿي ٿي سگهي. جهڙوڪ "گوشت" يا "دوست". اچا هيڪاندي مشڪل صورتحال تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اهڙن لفظن تي ڪابه اعراب ڪانهي يا پٽن ۽ مرڪب اکرن جو تعارف پڻ شروعاتي ڪلاسن ۾ هڪ مسئلو آهي.
مٿين مختصر بحث جي روشني ۾ مان هيٺيون تجويزون پيش ڪريان ٿو.

1. گرامر جو نصاب بورڊ طرفان درجيوار تيار ڪرايو وڃي.
2. بورڊ اهڙي نصاب جي تياري سان گڏوگڏ درسي ڪتابن وانگر ڇپائيءَ جو ڪم به سرانجام ڏئي.
3. بازاري ۽ غيرمعياري گرامر جي ڪتابچن تي بندش وڌي وڃي.
4. حرف جر ۽ ظرف جي تشريح تي نئين سر غور ڪري وڌيڪ جامع ۽ جاندار وصف جوڙي وڃي.
5. الف - ب جي لپي جي ڪجهه اکرن خاص ڪري مرڪب اکرن جي شڪل تبديل ڪئي وڃي.

اداري جي ڪتابن جي خريداري بابت عام اطلاع

اداري جا ڪتاب اداري جي مرڪزي آفيس مان خريد ڪندڙن کي هيٺين طرح رعايتون ڏنيون وينديون:
(1) استادن ۽ شاگردن کي 20 % سيڪڙو خاص ڇوٽ ڏني ويندي.
(2) ملڪ اندر سرڪاري ڪتب خانن ۽ ادارن کي 15 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي.
(3) ڪتب فروشن يا ٻين اهڙن خريدارن کي 33 % سيڪڙو ڇوٽ ڏني ويندي، جيڪي هڪ جلد جون گهٽ ۾ گهٽ 10 ڪاپيون بروقت خريد ڪندا.
(4) ڏهن هزارن جا ڪتاب خريد ڪرڻ تي 50 % سيڪڙو رعايت ڏني ويندي.
(5) ڪنهن به اداري طرفان گهڻن ڪتابن گهرائڻ تي ڪتاب بئنڪ بلٽي ذريعي موڪليا ويندا، پر جيڪڏهن ڪتابن جو ملهه گهٽ نه هوندو ته، وي- پي ذريعي موڪليا ويندا ۽ وي- پي خرچ خريدار کي ڀرڻو پوندو.

ڪتاب هيٺين پتي تي خريد ڪري سگهجن ٿا:

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد ، سنڌ

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبارون

ڊاڪٽر حيدر لاشاري

ڪنهن به ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، اُن ٻوليءَ جي لکڻ پڙهڻ وسيلي ٿئي ٿي. اڄ جڏهن انسان ڪمپيوٽر دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي، تڏهن ونس ايترو وقت ڪونهي جو هو گل بڪاولي، ليلان چنيسر ۽ روميو جوليٽ جا قصا ۽ داستان ويهي پڙهي يا راتين جون راتيون ويهي پراڻي دور جون يادگيريون ۽ قصا ٻڌي. اڄ جو انسان دنيا جي ڄاڻ اخبار وسيلي حاصل ڪري ٿو. اڌ ڪلاڪ جي مطالعي ۾ هو دنيا جي گولي تان ڦري موٽيو اچي.

اڄ اخباري دنيا عام زندگيءَ جا فاصلا گھٽائي ڇڏيا آهن. اڄ اخبار ذريعي دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل انسان ٻي ڪنڊ جي انسان سان رابطي ۾ آهي. اڄ هو هڪٻئي جا حال احوال سياسي ۽ سماجي تبديليون، معاشي خبرون چارون گهر ويٺي وٺي رهيا آهن. ڄڻ ته اخبارن نئين دور ۾ نئون قلمي توڙي مواصلاتي انقلاب آڻي ڇڏيو آهي.

اخبارون ماڻهن جي روزمره زندگيءَ جي اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهه ٻولهه تي اثر انداز ٿين ٿيون، انهيءَ ۾ وڏائ ڪونهي ته اخبارون عام ماڻهوءَ جي لاءِ سستو سکيا گهر آهن. جتان ماڻهو سياسي، سماجي، اقتصادي، مواصلاتي، اخلاقي، ديني، ثقافتي، تعليمي ۽ طبقاتي تربيت حاصل ڪري ٿو. اخبارن ڪري ماڻهن جي حياتيءَ تي گهرا اثر پون ٿا، جنهن ڪري ماڻهن جي تربيت ان ترتيب سان ٿئي ٿي. هن دور ۾ اٽڪل هر ٻوليءَ ۾ اخبارون شايع ٿين ٿيون ڪي روزانه ته ڪي هفتيوار، ڪي پندره روزه ته ڪي وري ماهوار. اهي وري مختلف موضوعن جون ترجمان هونديون آهن، پر گڏيل طور سڀني جو خيال هوندو آهي ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻ.

مذهبي اخبارن ۾ مذهبي ٻولي استعمال ڪيل هوندي آهي. يعني اُها ٻولي جيڪا اُن مذهب جي مکيه شخصيت جي مادري ٻولي هوندي آهي جهڙوڪ : عرب عربي، هندو هندي، زردشت فارسي، ٻڌلوڪ هندي ۽ سک گرمکي ٻوليءَ ۾ پنهنجو مذهبي پرچار ڪن ٿا، مذهبي اخبارن ۾ مذهبي ٻوليءَ جي استعمال ڪري اُن ٻوليءَ جي عام ڳالهائيندڙ تي ڌاري ٻوليءَ جو اثر ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ پوي ٿو.

ادبي اخبارن ۽ مخزنن ۾ وري ڪڏهن ڪڏهن به چار سال ڪنهن نه ڪنهن ٻوليءَ جو اثر موجود هوندو آهي، ڪڏهن اُن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اديب ڪنهن پرڏيهي ادب کان متاثر ٿيندا ته ان ٻوليءَ جا لفظ، چوڻيون، پهاڪا اصل يا ترجمو ڪري پنهنجي لکڻين ۾ پيا ٽنبيندا. جيئن ڪجهه وقت اڳ سنڌي نوجوان اديبن تي ٻاهريون اثر ويهي ويو هو. هو تخليق ڪار يا شاعر کي ”ڪوي“ چوڻ لڳا، جيڪو لفظ اسان جي سڄي سنڌي سماج ۾ ڪٿي به موجود ڪونهي. هو خواب کي سپنو ڪوڻ لڳا. جيڪو هندي ٻوليءَ مان کنيو ويو آهي، اهڙيءَ ريت هرويرو ڌارين لفظن جي پرمار ٻوليءَ جي صورت بگاڙي ڇڏي ٿي، نتيجي ۾ ٻولي واڌ ويجهه بدران پنهنجي ترقي روڪيو ڇڏي.

جيتوڻيڪ اردو ٻولي پارسي ۽ هندي جو گڏيل ڪچڪول ضرور آهي، پر اردو صحافت انگريزي لفظن بدران پنهنجا نوان لفظ ڏيئي هڪ نئين راهه ضرور ڪڍي ورتي آهي. هو ايڊيٽر کي مدير، يونيورسٽي کي جامعہ، وائيس چانسلر کي شيخ الجامعہ، فارمولي کي ڪليه وغيره چون ٿا،

جنهن ڪري اهي لفظ سنڌن روز مره ڳالهه ٻولهه جو حصو بڻجي وڃن ٿا، پر "ڪوي" لفظ سنڌي ڳالهائيندڙن جي روز مره ڳالهه ٻولهه جو حصو بڻجي نه سگهيو آهي، جو ته اهو لفظ اوپرو آهي ۽ سنڌي سماج ۾ پنهنجي جاءِ والاري نه سگهيو آهي.

اڪثر ڪري ڏسڻ ۾ ائين آيو آهي ته اخبارون پنهنجي تربيتي ڪردار بدران ڪمرشل روپ اختيار ڪنديون آهن، ان ڪري ان ۾ ايڊيٽر ڪان وٺي پيسٽر تائين عملي جو معيار به مقرر نه هوندو آهي، مترجم، خبر يا مضمون جو ترجمو ڪندي وقت ان ٻوليءَ جي لغات سامهون رکي ترجمو ڪرڻ بدران ڏکن هٿڻ کي وڏيڪ ترجيح ڏيندا آهن، جيڪڏهن ڪين Hearing جو ترجمو "شنوائي" ذهن ۾ نه آيو ته "ٻڌڻي" ڪري لکي ڇڏيندا. حالانڪ سنڌي سماج ۾ ڳالهه ٻولهه دوران لفظ شنوائي استعمال ٿيندو آهي. ٻڌڻي جو وجود ئي ڪونهي. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي فعلن جي صورت بگاڙي ٿي وڃي، حالانڪ ٻوليءَ جي مناس ۽ چاش فعل سان لاڳاپيل آهي.

اڄوڪي دؤر ۾ ٻوليءَ جي بقا جون ضامن ان ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ اخبارون آهن، جيڪڏهن اخبارن پنهنجي عملي حيثيت جو اندازو نه لڳايو ۽ ٻوليءَ جي بيهڪ، بناوت، گرامر، خط ۽ اچارن سان هٿ چراند جو سلسلو جاري رکيو ته ٻولي پنهنجي شڪل تبديل ڪري سگهي ٿي، ان لاءِ ضروري آهي ته اخبار کي ان ٻوليءَ جي درسي ڪتابن واري ٻوليءَ جي معيار مطابق شايع ڪرڻ گهرجي. مثال طور سنڌي درسي ڪتاب حيدرآباد جي ٺيٺ ۽ صاف شفاف سنڌيءَ ۾ لکيا ويندا آهن، ته اخبارون به اُن لهجي ۾شايع ٿيڻ گهرجن، جيتوڻيڪ لاڑ ۽ سري توڙي شهري ٻوليءَ جو ڌار ڌار لهجو آهي پر اخبار کي ان جو محتاج نه بڻايو وڃي.

ٻوليءَ جي بگاڙ ۾، اُن ٻولي ڳالهائيندڙ قوم جي مٿان ڌاري ٻوليءَ جي سامراجي حيثيت پڻ متاثر ڪندڙ ڪردار ادا ڪيو آهي. جيئن سنڌ جڏهن مغلن جي هٿ هيٺ هئي ته سنڌ ۾ فارسي منهن ڪڍيو. سنڌ جي دفتري ٻولي فارسي ٿي، ڀاڪو ٿيو ته "فارسي گهوڙي چاڙهسي" پر جڏهن سنڌ جي ساڄهوند دانشور لطيف سرڪار اُن ڳالهه کي رد ڪيو ته:

جي تو پارسي پڙهيو، گولو تو ءِ غلام
اڃيو تان آب گهري، بکيو تان طعام
ايءِ عامن سندو عام، خاصن مان ڪين ٿئي.

سنڌي ادب ۽ ڪلچر ۾ فارسيءَ جو جادوئي ڪيل گهڻو وقت نه هلي سگهيو. يعني ان دور جي دانشور ڌاري ٻوليءَ جي حاڪميت خلاف جهاد ڪيو. انگريزن جي صاحبيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي انگريزي زبان جو اثر ٿيو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي، ان سان گڏ هندي ٻولي ۽ اردو جو اثر پڻ سنڌي ٻوليءَ تي موجود آهي، جنهن ڪري اصل سنڌي لفظ گم ٿي رهيا آهن، سنڌي اخبارن جي روزمره لکجندڙ ٻولي پڻ انهيءَ جي ور چڙهيل آهي.

اخبارن کي پنهنجي قومي حيثيت جو تعين ڪرڻ گهرجي. اخبارون پنهنجو پاڻ کي ٻوليدانن اڳيان جوابدار سمجهن، جيڪڏهن ٻولي زنده رکڻي آهي ته اخبارن کي ٻوليءَ جي آرسي بڻائڻو پوندو ته جيئن مستقبل ۾ اها ٻولي وڌي ويجهي ۽ ترقي ڪري دنيا جي ترقي يافته ٻولين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي.

(هڪ يادگار تقرير)

” ..... سنڌي هڪ قديم زبان آهي، ۽ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن سر چارلس نيپئر چيو هو تہ زبان سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي، جڏهن سنڌ بمبئيءَ سان شامل هئي، تڏهن بمبئي يونيورسٽي ۾ بہ سنڌي پڙهائي ويندي هئي ۽ 1958ع تائين اها سرڪاري زبان هئي، جنهن ڪان پوءِ مارشل لا وارن زباني حڪم جاري ڪري اُن تي بندش وجهي ڇڏي هئي. سنڌ اسيمبليءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ واري منظور ڪيل بل تي عمل ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ مان نٿو چاهيان تہ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿئي. اردوءَ کي ڪوبہ خطرو ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اها برصغير ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، پر سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو ويو هو، ۽ اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن جا جذبات شديد ٿي ويا آهن، مان سنڌ جي عوام جي حقن کي غصب ڪرڻ نٿو چاهيان، ۽ نہ ئي وري سنڌن زبان يا ثقافت کي تباهہ ڪرڻ گهران ٿو ....“

ذوالفقار علي ڀٽو
اسلام آباد ۾ پاڪستان جي
قومي اسيمبليءَ کي خطاب
(15 ـ جولاءِ 1972ع)

سنڌي ٻولي

سنڌي کي زنده رکڻ، انهيءَ ڪري ضروري آهي، جو، حضرت شاهہ لطيف جو ڪلام سنڌي ۾ آهي، شاهہ جي ڪلام کي زنده رکڻ بہ ضروري آهي. اسان وٽ شاهہ جي ڪلام ڪانسواءِ ٻيو آهي ڇا؟ اهو اسان جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام کي اها حيثيت حاصل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ کي ڇڏيو معنيٰ شاهہ لطيف کي ڇڏي ڏنوسون، ۽ اها اسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي ٿيندي ....

”...... مون، جرمن ٻولي رڳو ان ڪري سکي، جيئن جرمن ٻوليءَ جي عظيم ترين شاعر ’ گوئٽي‘ کي سندس زبان ۾ پڙهي ۽ سمجهي سگهان. حالانڪ باقي سڀ علم، جيڪي جرمن ٻوليءَ ۾ آهن، سي انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين ۾ بہ موجود آهن ۽ انهن لاءِ خاص طور تي جرمن ٻولي سکڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هئي...

”... عربي زبان کي رڳو ان ڪري زنده رکڻ ضروري آهي، جو قرآن شريف ان ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف جي ماهيت کي چڱيءَ طرح سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي زبان جو سکڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ ٻيءَ زبان ۾ ان جو ترجمو ايڏو اونهو، جامع ۽ مڪمل نٿو ٿي سگهي. ڪمال پاشا اتاترڪ، قرآن شريف جو ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪرايو، پر هن ڪوشش ۾ سراسر ناڪام ويو. ڇاڪاڻ جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ماهيت ۽ گهرائي ڪانهي، جيڪا قرآن شريف ۾ پنهنجي معراج تي آهي. انهيءَ ڪري، جهڙيءَ طرح

قرآن شريف لاءِ عربي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي ڪلام لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکڻ ضروري آهي...

”...' سنڌي زبان' هڪ موسيقيءَ واري (Musical Language) زبان آهي، ۽ موسيقي، سنڌي ٻوليءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ۽ خوبي آهي. انگريزي ٻولي، انهيءَ خصوصيت کان محروم آهي. انهيءَ ڪري انگريزيءَ جي سڀ کان وڏي شاعر، شيڪسپيئر، جي چند شعرن کي ڳائي نٿو سگهجي. جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب جي ڪلام جي سٽ سٽ کي ڳائي ٿو سگهجي.

”ٻوليون چند سالن ۾ نه، پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي؛ گرامر پوءِ ٺهي ٿو، ٻولي ٻهريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ ٻه صديون اڳ جي پيداوار آهي. ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشو ونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آهي، اهي ٻوليون ائين گهڙيون وينديون هيون، جيئن ڳالهائڻ ۾ وٺندڙ ۽ موسيقيءَ جي سُرن سان هم آهنگ محسوس ٿين. انگريزي ٻولي انهيءَ ڪري موسيقيءَ جي خصوصيت کان محروم رهجي ويئي آهي، جو هزارين سال اڳ، جڏهن موجود انگريزن جا ابا ڏاڏا، جرمنيءَ مان لڏي انگلينڊ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن انهن پنهنجي ٻوليءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس جرمن ٻوليءَ وانگر، سُر- تال تي اپرڻ نه ڏنائون.“

علامه آءِ. آءِ. قاضي

انسائيڪلوپيڊيا بابت گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌ بابت هڪ جامع انسائيڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ واسطي هڪ گڏجاڻي 26 آڪٽوبر 1994ع اربع ڏينهن اداري جي آفيس ۾ ٿي. گڏجاڻيءَ جي صدارت اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي، هن گڏجاڻي ۾ هيٺين ميمبر صاحبن شرڪت ڪئي:

1. ڊاڪٽر نواز علي شوق، چيئرمين
2. ڊاڪٽر تنوير عباسي - ڊائريڪٽر، خيرپور ميرس سيل
3. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي - ڊائريڪٽر، لاڙڪاڻو سيل
4. پروفيسر علي مرتضيٰ ڌاريجو - ڊائريڪٽر سائنس، سيل
5. الهه بخش شاهه بخاري صاحب - سيڪريٽري
6. امين لغاري - اشاعتي نگران

گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي، شاهه سائينءَ جي دعائي بيت سان شروع ٿي. ڊاڪٽر نواز علي شوق معزز مهمانن جي آجيان ڪندي سندن گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ تي ٿورا مڃيا. سڀ کان پهرين ان ڳالهه تي ويچار ڪيو ويو ته جنرل انسائيڪلوپيڊيا تيار ڪئي وڃي يا فقط سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ گهرجي. سڀني معزز ميمبرن جي اها راءِ هئي ته في الحال فقط سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪئي وڃي. ان کان پوءِ جنرل انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ چيئرمين اداري جي محترم ميمبر

۽ خيرپور ميرس سيل جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ کي سندس طرفان سنڌ بابت تيار ڪرايل انسائيڪلوپيڊيا جو خاڪو پڙهڻ جي دعوت ڏني. هن صاحب خيرپور سيل پاران تيار ڪرايل خاڪو پڙهي ٻڌايو. گڏجاڻيءَ ۾ ان ڳالهه تي پڻ ڏک جو اظهار ڪيو ويو تہ انسائيڪلو پيڊيا برٽنيڪا يا ٻين ان قسم جي ڪتابن ۾ سنڌ بابت جيڪو اڳي ٿورو مواد هو، سو ڪڍي ڇڏيو آهي. چيئرمين صاحب کي گهرجي تہ ان بابت انهن کي لکن. ان کان پوءِ انسائيڪلوپيڊيا خاڪي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.

موضوعن جي ترتيب ۽ جوڙجڪ کان پوءِ غور ڪيو ويو تہ مختلف موضوع ماهرن کي ورهائي ڏجن. ان بعد هر هڪ موضوع پڙهي، ان مطابق ماهر چونڊيا ويا، جن کي گذارش ڪئي ويندي تہ هو هن اهم ڪم ۾ هٿ ونڊائين. ماهرن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. جاگرافي: جناب ظفرحسن ۽ جناب مشتاق صاحب
2. وڻ ٻوٽا وغيره: ڊاڪٽرشمس الدين تنيو
3. آرڪيالاجي: جناب ڪليم لاشاري، تاج صحرائي صاحب، ۽ جناب بدر ابڙو. جناب ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب، ڊاڪٽر نيلوفر شيخ کي خط لکندو تہ ڊاڪٽر صاحبہ هن سلسلي ۾ ڪهڙو ڪم پنهنجي حوالي ڪرڻ گهرن ٿيون، تہ پوءِ ٻيو ڪم ٻين ماهرن جي حوالي ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل کان پڻ مدد ورتي ويندي.
4. تاريخ : جناب نياز همايوني، جناب عطا محمد ڀنڀرو، جناب محمد حسين پنهور، جناب غلام محمد لاکو ۽ جناب ممتاز بخاري.
5. سماجيات : محترمہ تنوير جوڻيجو، لعل محمد جسڪاڻي، نجمہ نور ۽ شوڪت نوناري.
6. تعليم: جناب حبيب الله صديقي ۽ غلام حسين رنگريز.
7. جيالاجي: ڊاڪٽر رئيس، سيد عباس علي شاهہ ۽ پروفيسر عبدالرئوف صاحب.
8. ٻولي : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب سراج الحق ميمڻ، جناب محمد ابراهيم جويو، جناب هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر حيدر سنڌي.
9. ادب : (شاهہ- سچل - سامي) محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ ڊاڪٽرتنوير عباسي.
10. ڪلهوڙن جو دور. ڊاڪٽرميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ممتاز بخاري صاحب ۽ قريشي حامد علي خانائي
11. انگريزن جو دور - ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، بشير احمد هيسباڻي ۽ تاج جويو صاحب.
12. موجوده دور: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، انور فگار هڪڙو صاحب، ممتاز بخاري صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو.
13. لوڪ ادب : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ شيخ محمد اسماعيل صاحب
14. ٻاراڻو ادب: ادل سومرو صاحب، مختيار صاحب ملڪ ۽ تاج جويو صاحب
15. مذهبي ادب : مولانا محمد حسين شاهہ سجاولي، ڊاڪٽر محمد اشرف سمون ۽ عبدالرسول قادري صاحب
16. عربي ادب : مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، حافظ ارشد انڍڙ، جناب امين الله علوي، غلام حسين سڄاروي صاحب ۽ غلام مصطفيٰ دادوي صاحب
17. فارسي ادب : ڊاڪٽرگل حسن لغاري ۽ نياز همايوني صاحب
18. انگريزي ادب : امينا خميساڻي صاحبہ، جناب بدرالدين اڄڻ ۽ جناب عبدالقادر منگي.
19. هندي ادب : ولي رام ولڀ صاحب.
20. سرائڪي ادب : جاويد چانڊيو صاحب، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ۽ ڊاڪٽر گل حسن لغاري صاحب
21. گجراتي ۽ ميمڻي ادب : جناب يحيٰ باواڻي.
22. اردو ادب : جناب حمايت علي شاعر، ڊاڪٽر الياس عشقي ۽ محترمہ زهره ڪاظمي.

23. بلوچي ادب: جناب ميٺهون خان سوز بلوچ ۽ سردار علي بنگوار صاحب
24. براهوي ادب: ڊاڪٽر داد محمد بروهي ۽ جوهر بروهي صاحب
25.شاعري: جناب شمشير الحيدري، جناب تاج جويو، جناب تاج بلوچ ۽ جناب عابد مظهر ۽ جناب اياز گل صاحب
26. آڳاٽو ۽ هاڻوڪو نثر : ڊاڪٽر غلام علي الانا، مرزا حبيب الله صاحب، ڊاڪٽر قاضي خادم ۽ قريشي حامد علي خانائي ۽ بشير هيسباڻي صاحب
27. سنڌ ۾ مذهب ۽ مذهبي تحريڪون : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ حافظ ارشد انيڙ.
28. مذهبي خانقاهون : محمد پنهل ڏهر صاحب، خادم عباسي صاحب ۽ عبدالرسول قادري صاحب.
29. سنڌ جا حڪيم : نيازهمايوني صاحب ۽ ڊاڪٽر اديب انقلابي.
30. سنڌ جا ڏاها ۽ چرچائي : علي احمد بروهي صاحب ۽ ڊاڪٽر غلام قادر سومرو.
31. سنڌ جا سگهڙ ۽ لوڪ فنڪار: جناب ممتازمرزا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، شيخ محمد اسماعيل صاحب ۽ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ.
32. سنڌ جا ڪتبا ۽ مخطوطا : جناب خضر نوشاهي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، جناب محمد پنهل ڏهر، جناب بدر ڏامراهه ۽ غلام محمد لاکو صاحب.
33. شڪار : ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد موسيٰ ڪينجهرائي ۽ اسير ملاح صاحب
34. فائين آرٽ : جناب ظفر ڪاظمي، اي - آر ناگوري ۽ جناب ولي محمد ۽ عبدالرسول عباسي صاحب
35. معاشيات : جناب غلام حسين خاصخيلي، عبدالحميد شهيد صاحب، ڊاڪٽر ذوالفقار علي شيرازي، ۽ جناب فيروز الدين احساس.

ترجما

36. عربي : ڊاڪٽر محمد اشرف سمون ۽ مولانا محمد حسين سجاولي.
37. فارسي : نياز همايوني صاحب، ڊاڪٽر گل حسن لغاري ۽ عبدالرسول قادري صاحب.
38. اردو: ڊاڪٽر الياس عشقي ۽ ڪريم بخش خالد صاحب.
39. انگريزي : جناب ظفر حسن،جناب خدا بخش پيو ۽ ولي رام ولڀ صاحب.
40. گرامر : واحد بخش شيخ صاحب، محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ هدايت پريم صاحب.
41. ادبي تاريخون : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.
42. اخبارون: علي احمد بروهي صاحب، جناب عزيز الرحمان بگهيو صاحب.
43. رسالا : ڪريم بخش خالد صاحب، جناب نصرت ابڙو، الله رکيو ٻٽ صاحب ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ.
44. پبلشر ۽ پرنٽر : جناب بدر ڏامراهه ۽ الله رکيو ٻٽ صاحب.
45. تنظيمون (ادبي): ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، تاج جويو صاحب، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ۽ محمد علي مانجهي صاحب.
46. تحريڪون (تاريخي) : ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ۽ غلام محمد لاکو صاحب.
47. فلم ريڊيو، ٽي - وي : جناب عبدالڪريم بلوچ، جناب ممتاز مرزا، جناب مراد علي مرزا، جناب نصير مرزا، جناب مختيار ملڪ، جناب بيدل مسرور ۽ جناب سميع بلوچ صاحب.
48. سوانح عمريون : جناب عابد مظهر ۽ جناب ممتاز بخاري.
49. سفر ناما : الطاف شيخ صاحب.

50. سائنسي ادب : جناب علي مرتضي ڏاريجو صاحب

ڪجهہ موضوع پنهنجي حوالي ڪندو ۽ پيا موضوع ٻين ماهرن جي حوالي ڪندو. جناب ڏاريجو صاحب اها لسٽ اداري کي موڪليندو. تہ پوءِ انهن ماهرن کي اداري پاران خطن ذريعي مواد موڪلڻ جي گذارش ڪئي ويندي.

51. سنڌ جا سڪا: جناب عبدالله ورياهہ صاحب

52. سنڌ جا ڪتب خانا: ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ غلام محمد لاکو صاحب

53. سنڌ جا قديم قبرستان: جناب ڪليم لاشاري، ۽ جناب محمد علي مانجهي ۽ محمد صديق مگيو صاحب.

انگريزي سنڌي- سنڌي انگريزي لغات پراجيڪٽ

هن وقت آفيسن جي واهپي ۽ شاگردن لاءِ ڪابہ معياري انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي لغات دستياب ناهي. اهڙين لغاتن جي تياري اهم ڪم آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ان لاءِ هڪ معياري انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي لغات تيار ڪرڻ جي جامع رٿا جوڙي وئي آهي. هن رٿا هيٺ ٻن سالن ۾ اهي ٻئي لغاتون انشاءَ الله تيار ٿي وينديون.

هن سلسلي ۾ انگريزي- سنڌي لغات جو ڪم محترم عزيز چند جي حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن تہ محترم عطا محمد ڀنڀرو سنڌي- انگريزي لغات تيار ڪرڻ جي پڪ ڏياري آهي. هن اداري جي اهڙين لغاتن جي تياري کان پوءِ جديد ۽ ڪلاسيڪل لفظن کي سمجهڻ ۾ وڏيڪ سولائي ٿيندي.

شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي ورثي

سنڌي ٻوليءَ کي سگهارو بڻائيندڙ عالمن کي ياد رکڻ ۽ سنڌن خدمتن جي مڃتا ڪرڻ سڀني سنڌي ٻولي وارن جو فرض آهي، اهڙن فرض کي قرض سمجهي هن اداري طرفان ڪي اهم قدم کنيا پيا وڃن، شروع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي برک عالم مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن جي ڀيهر اشاعت کي هٿ ۾ کنيو ويو آهي.

هن سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران مرزا صاحب جو مرتب ڪيل شاهہ جو رسالو ۽ لغات لطيفي شايع ڪرايا ويا آهن، ۽ پڻ مرزا صاحب جي هن اداري طرفان شاندار ورسي ملهائي ويندي، ورسي جي موقعي تي شاهہ جي رسالي ۽ لغات لطيفي جي پڌرائي بہ ڪئي ويندي، اميد اٿئون تہ سنڌ جو وڏو وزير سيد عبدالله شاهہ رسالي جي پڌرائي ڪندو.

سنڌي فارسي - فارسي سنڌي لغات پراجيڪٽ

فارسي زبان سنڌ جي سرڪاري زبان رهي آهي ۽ پڻ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن فارسي ۾ لکيو آهي ۽ شاعرن شعر چيا آهن. هن وقت اهڙي سنڌي فارسي لغت موجود ناهي، جنهن ۾ ڪلاسيڪل ۽ جديد لفظ شامل هجن. اهڙي ضرورت کي محسوس ڪندي هن اداري طرفان هڪ رٿا جوڙي وئي آهي جنهن موجب اها لغت اڍائي سالن ۾ تيار ٿيندي. هي اهم ڪم سنڌ جي مشهور عالم ۽ فارسي سنڌي جي محقق ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، اداري جي چيئرمين جي ذاتي گذارش تي پنهنجي ذمي ڪيو آهي.

تبصرو

”سنڌي ٻولي“ تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو
جولاءِ - سيپٽمبر ١٩٩٤ع

هدايت پريم

”سنڌي ٻولي تحقيقي رسالو ۽ خبرنامو“ جي جولاءِ - سيپٽمبر 1994ع واري پرچي ۾ چار مضمون شايع ڪيا ويا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو حال احوال، تبصرو ۽ خط وغيره پڻ ڏنا ويا آهن. سر ورق تي سليٽ ڇاپيل آهي، جنهن تي سنڌي الف - بي لکيل آهي. هيءُ پرچو بہ گذريل پرچي جيان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ لکيل عمده مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل آهي. اداري پاران هيءُ رسالو شايع ڪرڻ تحسين لائق ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي بنيادي مقصدن مان هڪ مقصد هيءُ بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪري ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪيا وڃن.

پرچي ۾ پهريون مضمون جي ايم پانڌي جو آهي. ” موهن جي دڙي مان لڌل ٺامي-واري ٽڪين تي لکت“، جنهن جو ترجمو محترم عطا محمد ڀنڀرو ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌو لکت کي مقبول عام ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون شروع ڪيون آهن، هيءُ مضمون ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. سنڌو لکت ڏانهن سنڌ جي عوام جو ڌيان ڇڪائڻ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ هيءُ اسان جو علمي ذخيرو آهي، پر اها اسان جي بدقسمتي آهي تہ اسين ان کي پڙهي نٿا سگهون. سنڌو لکت جا گهڻي ڪان گهڻا نمونا اڇي رنگ جي مهرن تي اڪريل آهن، پر ڪي ٺامي جي ٽڪين تي پڻ مليا آهن، انهن جي باري ۾ جي ايم پانڌي جو مضمون چڱي معلومات مهيا ڪري ٿو. جناب عطا محمد ڀنڀري صاحب هن مضمون جو ترجمو سٺو ڪيو آهي. ڀنڀري صاحب جون ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. جيئن تہ هيءُ مضمون ابتدائي ڇنڊ ڇاڻ آهي، ٺنهنڪري ٺامي جي ٽڪين تي اڪريل لکتن ۽ تصويرن جي باري ۾ معلومات ڏنل آهي ۽ ڪا بہ تحقيق ڪيل نہ آهي. حالانڪ نتيجا جي سري هيٺ لکيل آهي تہ، هن مقالي ۾ مون سنڌو لکت واري پرولي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هوندئن تہ ٻين ڪيترن سڄيت ۽ سڄاڻ عالمن هن منجهيل مامري تي پنهنجي پنهنجي سوچ ويچار مطابق ٽيڪا ٽپڻي ۽ ڇنڊ ڇاڻ ضرور ڪئي آهي، پر پرجهہ ۽ پروڙ مان جوڳا جتن ڪونہ ڪيا آهن.

هن پرچي ۾ ٻيو مضمون ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جو آهي. ”لاڙي محاورو - هڪ جائزو“. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي مختلف جاگرافيائي لحاظ کان لهجن ۽ محاورن تي ڪتاب شايع ڪرايا پيا وڃن. هن سلسلي ۾ پنج ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن. لاڙي محاورو بہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ نهايت ئي اهم محاورو آهي، ان تي بہ تفصيلي طور ۽ ڪتابي صورت ۾ ڊاڪٽر صاحب کي لکڻ گهرجي ها! مختصر مضمون هن ضرورت جو پورائو ڪونہ ٿو ڪري. ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب جو مضمون مختصر ۽ جامع آهي. لاڙي محاوري جي باري ۾ بنيادي معلومات مهيا ڪري ٿو. جنهن ۾ لاڙي محاوري جي لفظي ذخيري مان نموني طور ڪي لفظ پڻ ڏنا ويا آهن. هنن لفظن مان ڪي چند اهڙا بہ آهن جيڪي اتر سنڌ ۾ بہ رائج آهن، مثلاً: ٻائٽ، ٻان، ٻوڏ، ٻاڇاٽو وغيره.“ ٻوڏ“ لفظ اتر ۾ بلڪل عام جام استعمال ڪيو ويندو آهي.

هن پرچي جو ٽيون مضمون علي احمد بروهيءَ جو آهي ”اخبارن جي ٻوليءَ تي هڪ سرسري نظر“ بروهي صاحب ٻوليءَ جي غلط استعمال ڏانهن جوڳو ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪو بلڪل مناسب آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي گهرجي تہ هن ڏس ۾ جامع ڪم ڪري عام ماڻهن کي ۽ اخبارن ۽ ٻين اشاعتي ادارن جي رهنمائي ڪري.

”سنڌي سيکارڻ ۾ ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت“ عنوان تحت وفا منظور علي چوهاڻ جو مضمون هڪ اعليٰ مضمون آهي. هن صاحب ٻاراڻي ڪتاب جي اهميت تي سٺي روشني وڌي آهي ۽ ڏاڍيون سٺيون صلاحون پڻ ڏنيون آهن. وفا منظور صاحب صفحي ١٧ تي لکيو آهي تہ ”الف - اڪ، ٻ - ٻدڪ، ٻ - ٻڪ واري رنگين تختي پڙهڻ ۾ ٻار بيشڪ ڪا بہ دقت محسوس نہ ٿا ڪن. عام طور سيني اسڪولن ۾ اها پٽي پڙهائي وڃي ٿي، مگر ڪن ادارن جي اسڪولن ۾ اها پٽي هن نموني بہ پڙهائي ويندي آهي. الف - انب، ب - بلا، ٻ - ٻڪري، ڀ - ڀولڙو“. آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ اسڪول ۾ هاڻي الف - انب، ب - بلا ڪونہ ٿو پڙهايو وڃي. نئين الف بي ۾ ڪوشش ڪري اهڙا لفظ چونڊي ڏنا ويا آهن جن کان ننڍڙو ٻار واقف آهي. ب بلا جهڙو ڪو بہ لفظ شامل نہ آهي.

هن پرچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ صوبائي اسيمبلي جو نوٽيفڪيشن ۽ قانون ڪاتي جو نوٽيفڪيشن - خط ۽ اداري جي اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻيءَ جا فيصلا پڻ شامل ڪيا ويا آهن.

اداري جي اشاعتي پروگرام ۾ واڌارو

. هندستان جي زبانن جو جائزو. جان بيمز - مترجم ڊاڪٽر نواز علي شوق صفحا 80، قيمت 15 روپيا.

جان بيمز جو ڪتاب "آئوٽ لائين آف انڊين فلا لاجي" ٻوليءَ جي حوالي سان بهترين ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ هن لسانيات جي عام شاگردن لاءِ هندستان جي ٻولين جي حوالي سان پنهنجو اڀياس پيش ڪيو آهي، هن ڪتاب ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد تي به روشني وڌي وئي آهي. ڪتاب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي ڊاڪٽر نواز علي شوق هي ڪتاب جو سولي سنڌي ۾ ترجمو ڪري هن اداري جي حوالي ڪيو، جيڪو ڇپرايو ويو آهي.

2. رشف الزلال. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي - مترجم عبدالرسول قادري بلوچ، صفحا 84، قيمت 30 روپيا.

اداري جي ترجمن واري رٿا هيٺ، ٻين ٻولين مان ڪارائتا ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻا آهن، هي ڪتاب ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هي ننڍڙو پر قيمتي ڪتاب مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنه 1133هه ۾ لکي پورو ڪيو. فارسي جو هي اهم ڪتاب فقه جي هڪ پيچيده مسئلي جي ڇنڊ ڇاڻ تي لکيو ويو. يعني ته ڏينهن ۽ هر مهيني ۾ موسمي ڦير گهير جي لحاظ سان اڳين نماز (ظهر) جو صحيح وقت پروڙين، هن جو ترجمو عبدالرسول قادري بلوچ ڪيو آهي، جيڪو تمام سولي سنڌي ۾ آهي.

3. سنڌي براهوي ٻولي جو تقابلي جائزو:

ڊاڪٽر داد محمد بروهي صفحا 132، قيمت 50 روپيا:

سنڌي ٻوليءَ جو فروغ هن اداري جو بنيادي مقصد آهي، هن سلسلي ۾ اداري طرفان ڪافي ڪوششون ورتيون ويون آهن، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مطالعي جي اهم رٿا پڻ شامل آهي، هن رٿا جو هڪ سلسلو سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌي ٻوليءَ جا لهجا محفوظ ڪرڻ آهي ۽ ٻي رٿا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين ٻولين سان ڀيٽ ڪئي ويندي. انهي رٿاجو هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي ۽ براهوي ٻولي جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي، ڪتاب جو مصنف ڊاڪٽر داد محمد بروهي ٻنهي ٻولين ۾ مهارت رکي ٿو، جنهن هي ڪم سهڻي نموني ڪيو آهي.

4. خالق جون سائنسي ڪاريگريون. عزيز الله "عزيز" بروهي. صفحا 112، قيمت 20 روپيا.

هر علم جي مرڪزيت خالق حقيقي وٽ ئي آهي. سائنسي دنياوي لحاظ کان هڪ جديد علم آهي. خالق پنهنجو پورو نظام اڳ ئي اهڙن سائنسي بنيادن تي تخليق ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ مصنف ڏاڍي سهڻي نموني انهن سائنسي طريقن ۽ اصولن تي بحث ڪيو آهي. جيڪي هن پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي ذريعي پرکيا آهن، ڪتاب جي اهميت کي ڏسندي اداري طرفان هي ڪتاب شايع ڪرايو ويو آهي.

5. مثالي ٻاراڻو ڪتاب.

پروفيسر شيخ محمد فاضل. صفحا 52، قيمت 15 روپيا.

پرائمري تعليم جو بنياد هڪ سٺي ڪتاب ۽ سٺي استاد سان ئي سگهي ٿو، انهي ذريعي نه صرف ٻارڙن کي دنياوي علم کان متعارف ڪرائي سگهجي ٿو، پر ٻوليءَ جي پڻ بهترين تربيت ڏئي سگهجي ٿي. هي ڪتاب انهي مقصد کي سامهون رکندي تيار ڪيو ويو آهي، جيڪو هن اداري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان
معياري سنڌي ڪتابن لاءِ
هڪ لک ڏهن هزار روپين جا انعام

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان نثر ۽ نظم جي لائق مصنفن کي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت خاطر هڪ لک روپين جا انعام هيٺين وضاحتن مطابق ڏنا ويندا:

١- هر معياري ڪتاب انعام لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو.

٢- ترجيحي طور تي انهن ڪتابن کي انعام لاءِ چونڊيو ويندو، جن ۾:

(الف) علمي، ادبي، تعليمي، لساني، لغوي، نحوي، فني ۽ سائنسي موضوعن تي معياري مواد پيش ڪيل هوندو.

(ب) معياري سنڌي ٻولي استعمال ٿيل هوندي.

٣- ڇهه ڪليل انعام: پهريون پنجويهه هزار روپيا، ٻيو ويهه هزار روپيا، ٽيون پندرهن هزار روپيا ٽي انعام ڏهن ڏهن هزارن جا هوندا.

٤- ٻارن جي ادب سان تعلق رکندڙ ڪتاب لاءِ خاص ٻه انعام ڏهن ڏهن هزار روپين جا هوندا.

٥- مصنفن طرفان پنهنجي ڪتابن جي لاءِ خواهش جو اظهار سادي پني تي صاف نالي ۽ پتي لکڻ سان ٿي سگهندو، ان سان گڏ ڇهه ڪتاب پڻ موڪليا ويندا.

٦- 3 مئي 1995ع تائين آخري طور انعام لاءِ خواهش جو اظهار اداري جي سيڪريٽري کي هيٺ ڏنل پتي تي لکت ۾ ڪري، ڪتاب ڏيئي رسيد وٺي سگهجي ٿي.

- انعامي مقابلي ۾ ڊسمبر 1992ع کان وٺي ڊسمبر 1993ع تائين ۽ جنوري 1993ع کان ڊسمبر 1994ع تائين جا ڇپيل ڪتاب پيش ڪري سگهجن ٿا.

- مٿين رقم هر سال لاءِ الڳ مقرر ڪيل آهي.

- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو مٿين وضاحتن ۾ ڪنهن به وقت ضروري ترميم ڪري سگهي ٿو.

سيڪريٽري
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد سنڌ صوبائي ميوزيم، نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد سنڌ

اٿارٽي طرفان ڇپايل ڪتاب

	ڪتاب جو نالو	ليکڪ جو نالو	صفحا	روپيا
1	ماکوڙي	گل محمد شيخ	37	15/=
2	ڪوريئڙو	گل محمد شيخ	36	15/=
3	ماکيءَ جي مک	گل محمد شيخ	28	15/=
4	سنڌي آوازن جا تبادلا	محمد سومار شيخ	48	15/=
5	سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	200	500/=
6	قواعد القرآن	قاري عبدالرحمان	48	15/=
7	سبي جي ٻولي	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	177	25/=
8	اسان جون اکيون	علي مرتضيٰ ڌاريجو	72	25/=
9	سنڌ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاءُ	ڊاڪٽر قاضي يار محمد	200	25/=
10	ماڇيلي - اباوڙي جي ٻولي	پروفيسر شيخ محمد فاضل	154	25/=
11	مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي	مخدوم ضياءُ الدين	154	30/=
12	حاصل النهج	مخدوم جعفر بوبڪائي مترجم :عبدالرسول قادري	78	20/=
13	شڪارپور جي ٻولي	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	125	28/=
14	جواهر لغات اکيچار	آخوند عبدالرحيم وفا عباسي	800	250/=
15	موٽر گاڏي ۽ انجا پرزا	خير محمد بلوچ	195	80/=
16	سنڌي صورتخطي	ڊاڪٽر غلام علي الانا	158	45/=
17	انڊين ڪانٽريڪٽ ايڪٽ ١٨٧٢ع	------------------	200	200/=
18	مٺي جي مڇي (سنڌ جي مڇي)	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	100	35/=
19	ابوالحسن جي سنڌي	پروفيسر خديجه بلوچ	144	50/=
20	سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو ذخيرو	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	560	120/=
21	هرگنيو	آخوند عبدالرحيم وفا عباسي	190	40/=
22	حياتيات	ڊاڪٽر ڪريم داد پتافي	122	40/=
23	پاراٿا گيت	الحاج رحيم بخش قمر	58	15/=
24	ناني سڦوران	جاويد عباسي	22	10/=
25	سنڌ لئنڊ رونيو ايڪٽ ١٩٦٧ع	عبدالغفار سومرو	178	60/=
26	شاهه جو رسالو	مرزا قليچ بيگ	937	120/=
	شاهه جو رسالو - سادو ڪاغذ	مرزا قليچ بيگ	937	60/=
27	لغات لطيفي	مرزا قليچ بيگ	380	50/=
	لغات لطيفي - سادو ڪاغذ	مرزا قليچ بيگ	380	30/=
28	ٿر جي ٻولي	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم	148	40/=
29	ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي	حافظ حبيب سنڌي	256	50/=
30	ٻوڻن جي واڌ ويجهه	حاجي اسلام الدين مجيداڻو	47	25/=
31	هندستان جي زبانن جو جائزو	جان بيمز : مترجم ڊاڪٽر نواز علي "شوق"	80	15/=
32	رشف الزلال	مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مترجم: عبدالرسول قادري	80	30/=
33	سنڌي براهوي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو	ڊاڪٽر داد محمد بروهي	128	50/=
34	خالق جون سائنسي ڪاريگريون	عزيز الله عزيز بروهي	112	30/=
35	سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکت سان لاڳاپو	جي- آر- هنٽر مترجم عطا محمد ڀنڀرو	344	200/=
36	سنڌ جو مهراڻ	ريورٽي: مترجم عطا محمد ڀنڀرو	672	—
37	سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو	جنرل هيگ: مترجم عطا محمد ڀنڀرو	346	—
38	سنڌو لکت ۽ ٻولي	ايس- آر- راءُ مترجم عطامحمد ڀنڀرو	—	—

ڪتابن جي خريد جو پتو : دڪان نمبر 16، نسيم شاپنگ سينٽر، مک بس اسٽاپ نسيم نگر - قاسم آباد، حيدرآباد

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ٻاڙي، ڪانُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَ نَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَ نَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَ نَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيت، بيت، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“. ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)